# كيمياءِ سعادت

## ڀاڱو پهريون

تاليف

امام محمد غزاليؒ

سنڌيڪار

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

امام محمد غزالي

# ڪيمياءِ سعادت

[پاڱو پهريون]

مترجم

شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

2005ع

ڇاپو پهريون — سال 1981ع — تعداد 2000
ڇاپو ٻيو — جنوري 2005ع — تعداد 1000

[هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

قيمت: ستر روپيا
[Price: Rs. 70-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد
(فون نمبر 633679)
Email Address: sindhiab@yahoo.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو ۾، مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ديباچو

پڙرو هجي تہ ڪتاب ڪيمياءِ سعادت، امام محمد غزالي رح جي ڪتابن مان هڪڙو تمام مشهور پارسي ڪتاب آهي، جنهن جو نہ رڳو اُردوءَ ۾ ترجمو ٿيل آهي، جنهن کي "اڪسير هدايت" چون ٿا، پر ڪنهن ڀاڱي جو هندي ڀاشا ۾ بہ ترجمو ٿيل آهي، جنهن کي "پارس ڀاڳ" چون ٿا ۽ انگريزيءَ ۾ بہ ترجمو ٿيل آهي، جنهن کي "اسلامڪ ٿياسافي" چون ٿا.

هيءُ ڪتاب، اَخلاق ۽ تصوف ۽ ديني اُصولن ۽ حقيقتن جي بيان ۾ بي مثل آهي. سنڌيءَ ۾ اُن جو ترجمو ٿيل نہ هو، تنهنڪري ڪن دوستن جي صلاح ڏيڻ تي، مون اُنهيءَ جو ترجمو ڪيو. سڄو ڪتاب، تمام وڏو ٿي پوي ها، تنهنڪري اُنهيءَ کي ڀاڱن ۾ ترجمو ڪرڻ بهتر سمجهيو ويو. اصل ڪتاب ۾ چار عنوان ۽ چار رُڪن آهن ۽ چئن رُڪنن مان بہ بہ، ظاهر سان تعلق رکن ٿا ۽ بہ باطن سان، تنهنڪري پهرئين ڀاڱي ۾ رڳا عنوان ڏجن ٿا ۽ ٻئي ۽ ٽئين ڀاڱي ۾، پهريان بہ رُڪن ڏجن ٿا ۽ چوٿين ۽ پنجين ڀاڱي ۾، پويان بہ رُڪن ڏيندا سين- انشاءَ الله تعاليٰ.

حيدرآباد سنڌ
نومبر ١٩٠١ع

مرزا قليچ بيگ

# ڇپائيندڙ پاران

اسلامي تعليمات خصوصاً تصوف جي حوالي سان جن چند عظيم عالمن ۽ مُفڪرن دنيا ۾ نالو ڪمايو آهي، تن ۾ امام غزالي رحه جن جو حوالو نهايت ئي احترام سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سندن تحريرن دُنيا جي ڪروڙين اونداهين دلين ۾ اُميد جي روشني پيدا ڪئي ۽ بيشمار ذهنن کي هاڪاري رُخ ۾ هلڻ لاءِ اُتساهيو. مان نٿو سمجهان ته اولهه جي عظيم الشان درسگاهن کان وٺي اوپر جي سحرانگيز خانقاهن تائين ڪا اهڙي ڪُنڊ بچي هوندي، جنهن تائين امام رحه جن جي فڪر پنهنجي روشني نه ڇڏي هجي.

سنڌ جي فخر لائق فرزند شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ تقريباً هڪ سؤ سال اڳ، امام صاحب جي انهيءَ علمي خزاني جي اهميت کي محسوس ڪندي، ويهين صديءَ جي ابتدائي ڏينهن ۾ انهيءَ جو نهايت آسان ۽ دل ڇُهندڙ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن ڪتاب جو پڙهندڙ محسوس ڪري سگهي ٿو ته اصل مصنف جي علمي گوهر لاءِ احترام رکندي، دل ڇُهندڙ اسلوب سان مرزا صاحب ترجمي کي سنڌي ٻوليءَ جون ڪهڙيون خوبصورتيون بخشيون آهن.

"ڪيمياءِ سعادت" جو پهريون ڇاپو 1981ع ۾ شايع ٿيو ۽ پڙهندڙن ۾ تمام مقبول ٿيو. گذريل ڪيترن سالن کان هيءُ ڪتاب بورڊ جي ڪتاب گهر تي موجود نه هو، هاڻي تقريباً 14 سالن جي وقفي کان پوءِ ان کي ٻيهر شايع ڪيو پيو وڃي. اُميد اٿئون ته ڪتاب پڙهندڙن وٽ ساڳي اڳوڻي ڇاپي جيتري پسنديدگي ماڻيندو.

**ڄامشورو، سنڌ**
2 جنوري 2005ع
بمطابق
21 ذوالقعد 1425هجري

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# فهرست


| صفحو | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 1 | 'ڪيمياءِ سعادت' ۽ اُن جو مصنّف | -1 |
| 26 | سوانح حيات امام محمّد غزالي عليه الرحمة | -2 |
| 41 | 'ڪيمياءِ سعادت' عرف ڪيمياءِ ڪرامت ثناءِ باري تعاليٰ- تفصيل ڪتاب جي اَرڪان ۽ اُصولن جون. | -3 |

**عنوان پهريون**

**آغاز ڪتاب جو. مسلمانيءَ جي بيان ۾**

| صفحو | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 47 | فصل پهريون: مسلمانيءَ جا چار عنوان، نفس جي معرفت يا پاڻ ڪي سڃاڻڻ جو بيان- ماڻهوءَ جون، جُدا جُدا صفتُون | -4 |
| 48 | فصل ٻيون: ماڻهوءَ جا جُزا | -5 |
| 49 | فصل ٽيون: دل جي حقيقت جو اَصل بنياد | -6 |
| 50 | فصل چوٿون: دل جي حقيقت | -7 |
| 51 | فصل پنجون: ماڻهوءَ جي جسم جي ضرورت ۽ اُن جا ظاهري ۽ باطني عضوا يا لشڪر | -8 |
| 52 | فصل ڇهون: دل جي لشڪر جو مثال | -9 |
| 52 | فصل ستون: شهوت ۽ ڪاوڙ، بدن ۽ حواسن، عقل ۽ دل جي ضرورت | -10 |
| 54 | فصل اَٺون: دل جا چار اَخلاق | -11 |
| 55 | فصل نائون: نفس جي حَرَڪات ۽ سُڪنات جي سنڀال | -12 |
| 56 | فصل ڏهون: روح، ملائڪن جي اَصل مان آهي | -13 |
| 58 | فصل يارهون: دل جا عجيب عالَم ۽ اسرار | -14 |
| 60 | فصل ٻارهون: ننڊ ۽ موت کان سواءِ، عالَم مَلڪُوت جي احوال معلوم ڪرڻ جا اُپاءَ | -15 |
| 61 | فصل تيرهون: روحاني معرفت، رڳو نبيُن لاءِ نه آهي | -16 |
| 63 | فصل چوڏهون: دل جو شرف، سندس طاقت جي ڪري | -17 |
| 64 | فصل پندرهون: نبوّت جي حقيقت | -18 |
| 66 | فصل سورهون: عِلم، اُنهيءَ رستي ۾ حجاب آهي | -19 |

| نمبر | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| 20- فصل سترهون: | ڪيئن معلوم ٿئي ته ماڻهوءَ جي سعادت، حق تعاليٰ جي معرفت ۾ آهي؟ | 68 |
| 21- فصل ارڙهون: | جسم جا عجائب ۽ غرائب | 70 |
| 22- فصل اوڻيهون: | روح جي اَصل بُزرگيءَ ۽ شرف جي نظر تي، ماڻهوءَ جا فرض | 73 |
| | **عنوان ٻيون** | |
| | **حق سبحانهٗ تعاليٰ جي معرفت بابت** | |
| 23- فصل پهريون: | خدا جي معرفت بابت نفس جي معرفت، خدا جي معرفت جي ڪُنجي آهي. | 75 |
| 24- فصل ٻيون: | حق تعاليٰ جي پاڪائي، نفس جي پاڪائيءَ مان ثابت آهي. | 78 |
| 25- فصل ٽيون: | خدا جي بادشاهيءَ جو مقابلو، ماڻهوءَ جي بادشاهيءَ سان | 80 |
| 26- فصل چوٿون: | خدا تعاليٰ جي بادشاهيءَ جو دستور | 83 |
| 27- فصل پنجون: | ماڻهوءَ جي بادشاهيءَ جي پيٽ، حضرت مَلَڪَ المَوت جي بادشاهيءَ سان | 84 |
| 28- فصل ڇهون: | خلق جي اختلاف جي مشابهت انڌن سان | 86 |
| 29- فصل ستون: | تارن ۽ بُرجن ۽ طبعيتن جو، بادشاهي حڪومت ۾ مثال | 86 |
| 30- فصل اٺون: | 'الله اڪبر' جي معنيٰ، يا خدا جي وڏائي | 88 |
| 31- فصل نائون: | ماڻهوءَ جي سعادت جو وَجَه، بندگيءَ يا عبادت ۾ | 89 |
| 32- فصل ڏهون: | اَهل، اِباحت جو جهل ۽ غلطي | 91 |
| | **عنوان ٽيون** | |
| | **دنيا جي معرفت بابت** | |
| 33- فصل پهريون: | هيءَ دنيا، سفر جي وچين منزل آهي | 97 |
| 34- فصل ٻيون: | هن جهان ۾، ماڻهوءَ کي، ٻن شين جي گهرج | 97 |
| 35- فصل ٽيون: | دنيا ۾، ٽن قسمن جون مشغوليون | 99 |
| 36- فصل چوٿون: | دنيا جي تمثيلات بابت | 100 |

| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 37- فصل پنجون: | دنيا ۾ ڪي شيون آهن، جي دنيا جون نہ آهن | 103 |

## عنوان چوٿون
## آخرت جي معرفت بابت


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| 38- فصل پهريون: | آخرت جي معرفت، نفس جي معرفت تي متعلق آهي | 105 |
| 39- فصل ٻيون: | موت جي معنيٰ | 106 |
| 40- فصل ٽيون: | حيواني ۽ اِنساني روح جي وچ ۾ فرق | 109 |
| 41- فصل چوٿون: | حيواني روح، عالَم، سفليءَ مان آهي | 110 |
| 42- فصل پنجون: | حشر يا وري اُٿڻ جي معنيٰ | 111 |
| 43- فصل ڇهون: | فقيهن ۽ مُتڪلّمين جي ظاهري مذهبن موجب، مختلف رايا | 112 |
| 44- فصل ستون: | قبر جي عذاب جي معنيٰ | 115 |
| 45- فصل اٺون: | قبر جي عذاب جا درجا | 116 |
| 46- فصل نائون: | جُداجُدا مذهبن جا اعتراض | 119 |
| 47- فصل ڏهون: | وڏيڪ اعتراض ۽ رايا، تہ اَسين، قبر جي عذاب کان ڇُٽل آهيون | 121 |
| 48- فصل يارهون: | ڪِن مغرور ۽ احمق ماڻهن جي راءِ، تہ جيڪڏهن قبر جو عذاب اِهوئي آهي، تہ اسين، اُنهيءَ کان ڇُٽل آهيون | 123 |
| 49- فصل ٻارهون: | روحاني دوزخ | 124 |
| 50- فصل تيرهون: | روحاني ۽ جسماني عذاب جي وچ ۾ فرق | 130 |
| 51- فصل چوڏهون: | عالمَن جي ظاهري سمجهاڻي | 131 |
| 52- فصل پندرهون: | ڪن شَڪ رکندڙ ماڻهن جي ناداني ۽ اَحمقائي | 134 |

# ڪيمياءِ سعادت ۽ ان جو مصنف

ڪتاب ڪيمياءِ سعادت جو مصنف "امام غزالي" آهي. اُهو اُنهن تورن مشهور مشرقي علامن ۽ فيلسوفن مان آهي، جن جي قدرداني، يورپ جي جداجدا ملڪن ۾ ٿيل آهي، ۽ جن جا ڪتاب جداجدا ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهن. فلسفي جي تاريخ ۾ يورپ منجهه الغزالي اهڙو مشهور آهي جهڙو بوعلي سينا، جنهن کي "اواسينا" ٿا چون يا "الحسن"، جنهن کي "الهيزن" ٿا چون يا "آلڪندي" يا "فارابي" وغيره.

امام غزاليءَ جو نالو محمد هو ۽ سندس پيءُ جو نالو به اهوئي هو. سن 450هه/1058ع ۾، خراسان جي ضلعي ۾، طوس شهر جي هڪڙي ڳوٺ طبران نالي ۾ ڄائو هو. اوهان کي خبر هوندي ته فردوسي شاعر به اُنهيءَ طوس جو رهاڪو هو. 'غزالي' انهيءَ ڪري ٿا چونس، جو هن جي ڪٽنب جو ڌنڌو اصل ڪان سُٽ ڪَتڻ جو هو. غزاليءَ جو پيءُ، اٽيڙهيل ماڻهو هو. هن مرڻ مهل ٻه پٽ ڇڏيا- احمد ۽ محمد. سندس هڪڙي دوست، هن جي وصيت موجب انهن کي پڙهايو. ٻيئي خيراتي مدد سان پڙهيا. اُبتدائي تعليم ڪانپوءِ تحصيل لاءِ غزالي، جرجان جي مدرسي ۾ ويو، ۽ اتي ڏاڍي محنت ڪري گهڻو علم حاصل ڪيائين ۽ انهن جا نوٽ بن چئن بياضن يا نوٽبڪن ۾ لکيائين. اُهي ڪٽي، هو وطن ڏي موٽيو. رستي ۾ چورن ڦريس. ٻين ٽيڙن سان گڏ نوٽبڪ به ڪٽي ويس. هو لکي ٿو ته ٽيڙن جو هن کي ڪوبه ارمان ڪونه ٿيو؛ مگر نوٽبڪ، جي علم جي جواهرن سان ڀريل هئا، تن جو ڏاڍو ارمان ٿيس. رُلي رُلي، نيٺ انهيءَ چورن جي ٽوليءَ جي سردار وٽ ويو ۽ منٿا مونا هٿي، نوٽبڪ وني خوش ٿي، ڳوٺ آيو، جتي گهڻو سانُ مليس؛ پر اُنهيءَ اتفاق مان، هن عمر لاءِ هيءُ سبق پرايو ته اڳتي ڪابه نئين ڳالهه، نوٽ ڪرڻ جي بدران محنت ڪري، بروقت ياد ڪري ڇڏيندو هو، جنهنڪري ذهن تمام تيز ٿيس. زياده علم جي تحصيل جو شوق ٿيس. اُنهيءَ وقت به مشهور شهر دارالعلوم هئا، يعني يونيورسٽي يا ڪاليجن جا- هڪڙو نيشاپور، جو ويجهو هو ۽ ٻيو بغداد، جو پري هو. هو نيشاپور ۾ وڃي پڙهڻ لڳو ۽ ڏاڍي هوشياري ڏيکاريائين ۽ نالو ڪڍيائين. انهيءَ وقت جو بادشاهه سلطان الپ ارسلان سلجوقي هو. اُهو ڏاڍو تعصبي ماڻهو هو. انهيءَ جي ظلم ۽ تڪليف جي ڪري امام غزالي، اُهو مدرسو ڇڏي، حَرمين ۾ آيو يعني مڪي مديني ۾. اتي به علم جي

ڪري نالو ڪڍيائين ۽ خطيب ۽ مفتي مقرر ٿيو. عالمن کان امام الحرمين جو لقب مليس. انهيءَ وقت کان وٺي هو، امام سڏجڻ لڳو. اگرچ سلجوقي سلطان جي ظلم ۽ تعصب کان نيشاپور مان ڀڄي آيو هو، تڏهن به سلطان جو وزير نظام الملڪ، نهايت علم دوست ۽ بي تعصب ماڻهو هو، سو هن جو مُربي ٿيو. نيشاپور ۾ هڪڙو وڏو نئون مدرسو جاري ڪيائين، جنهن تي پنهنجي نالي جي پٺيان، "نظاميہ" نالو رکيائين. شيخ سعديءَ به گلستان ۾، انهيءَ نظاميہ جو اشارو ڏنو آهي ۽ اُتي به وڃي رهيو هو. اُنهي مدرسي ۾ وزير، امام غزاليءَ کي، نائب مُدرس ڪري رکيو يعني وائيس پرنسپال. پوءِ سگهوئي هن کي گهرائي پنهنجي دربار ۾ رکيائين، جتي عالمن سان بحث مباحثا ۽ مناظرا ڪندو رهيو، جن ۾ ڏاڍي قابليت ڏيکاريائين. نظاميہ ڪاليج جي پرنسپال جي مرڻ ڪري، وزير، هن کي، ان جي جاءِ تي مقرر ڪيو. هو تڏهن 34 ورهين جي عمر جو هو. اُنهيءَ جاءِ لاءِ، وڏا وڏا بزرگ ۽ پيرسن عالم اُميدوار هئا، تنهنڪري، سڀني کي حيرت لڳي ويئي ۽ حسد ٿيڻ لڳين. اتي رهي به هن نالو ڪڍيو ۽ بادشاهن کان عزت ملڻ لڳيس. ملاقات وقت، اُنهن سان گڏ ويهندو هو، بلڪ ملڪي يا پوليٽيڪل ڪمن ۾ به، هن جي صلاح مصلحت وٺڻ ۾ ايندي هئي. هڪڙي ڀيري تہ سلجوقي سلطان جي طرفان وڪيل ٿي، بغداد جي خليفي مستظهربالله ڏي ويو. اتي بغداد ۾ به وعظن ۽ تقريرن ڪرڻ ڪري نالو ڪڍيائين. اُتي گهڻن مذهبن ۽ فرقن جا ماڻهو رهندا هئا ۽ انهن جي وچ ۾ جهيڙا جهڳڙا ٿيندا هئا. اُنهن جي صحبت جو اهو نتيجو ٿيو، جو امام غزالي جو اڳي مذهب جو پابند ۽ تقليدي مسلمان هو، سو هاڻي بدلجي، آزاد خيال ٿي پيو ۽ مذهبي تعصب اصلي ڇڏي ڏنائين. سڀ مذهب سڪڻ لڳو ۽ انهن سان ملڻ جلڻ لڳو. ڪيترا ڏينهن دل ۾ خيال پچائي بيا مذهب ڇڏي، پنهنجي لاءِ تصوف اختيار ڪيائين، جنهن ۾ سڀ مذهب اچي ٿي ويا. تنهنڪري هن کي لاچار ٿيو تہ دنيا ئي خيال ۽ مشغوليون ڇڏي، تارڪ صوفي ٿي، گوشہ نشين ٿئي. بغداد ڇڏي، جهنگ منهن ڪري نڪتو. رَلي ڪُلهي تي ۽ پاٽيءَ جي سانداري ساڻ. ڏاڍيون رياضتون ۽ مجاهدا ڪڍيائين. ساڳئي وقت ۾ ڪتاب بہ پيو لکندو هو. دمشق ۽ بيت المقدس ۽ ٻين شهرن جو سير ڪندو ۽ مماتي اوليائن جون زيارتون ڪندو ۽ جيئرن بزرگن جون ملاقاتون ڪندو وتيو. اُنهيءَ وقت سندس مُربي وزير نظام الملڪ مري ويو هو ۽ اُن جي جاءِ تي ان جو پٽ فخرالملڪ هو، تنهن امام صاحب کي گهرائي، زور ڪري وري نيشاپور جي نظاميہ ڪاليج جو مُدرس يا پرنسپال مقرر ڪيو: فخرالملڪ بہ شهيد ٿيو ۽ هو اها جاءِ ڇڏي، پنهنجي وطن طوس ڏي موٽيو ۽ اُتي گوشہ نشين ٿي رهڻ لڳو ۽ پنهنجي لاءِ هڪڙي خانقاهہ بنائي، درويش ٿي ويهي رهيو، جتي وقت جا بزرگ ۽ امير، بلڪ بادشاهہ بہ سندس ملاقات ۽ صحبت جا خواهان هوندا هئا. هن کي

هن، ڪلام ۽ مذهب جي علم ۾ به فلسفو شامل ڪيو. اڳي حجت دليل جا به رستا هلندڙ هئا. عقلي ۽ نقلي؛ پر هُن، عقلي قائم ڪري، نقلي به انهن ۾ داخل ڪري ڇڏيا. علم تصوف کي هُن هڪڙو باطني علم ٺهرايو ۽ ڏيکاريائين ته تصوف آهي عبادت ۽ پرهيزگاري، جا علم ۽ عمل مان مرڪب ٿيل آهي؛ فرق هيءُ آهي ته شريعت يا مذهب ۾ پهرين علم، پوءِ عمل آهي، پر تصوف ۾ انهي جي برعڪس پهرين عمل، پوءِ علم آهي؛ فقط دل جي صفائيءَ لاءِ تصوف ۾ رياضت ۽ مجاهدو ضروري آهن. اسلامي يا مذهبي عقيدن ۾ هن، هيءُ ڦيرگهير ڪئي ته اڳي، تقليد زور هئي ۽ ماڻهو، اڳوڻن اعتقادن تي اکيون پوري هلندا هئا. پنهنجي آزادي ڪانه هئي، انهيءَ ڪري جدا جدا مذهبن جا جهيڙا جهڳڙا لڳندا آيا ۽ هڪٻئي کي گاريون ڏيندا هئا. امام غزاليءَ، اهي سڀ بند ڪيا تقليد اصل ڇڏي ڏنائين. قرآن ۽ حديث جي حڪمن جون، انهن جي نظر تي سمجهاڻيون ڏنائين. ديني علم يا فقه به دنيوي علمن ۾ داخل ڪيائين.

اهي علمي سڌارا برابر ڪيائين، جنهنڪري هن کي، حجة الاسلام جو لقب مليو، مگر اسلام جي گهڻن فرقن جا علماء، سندس برخلاف ٿيڻ لڳا ۽ مٿس ڪفر جون فتوائون جاري ڪيائون، اگرچ بروقت هُو، انهن جا جواب ڏيندو رهيو، پر پوءِ نيٺ قسم کڻي ڇڏيائين ته اڳتي ڪنهن به مذهبي بحث مباحثي ۾ شامل نه ٿيندس ۽ نه ڪنهن دنيائي حاڪم يا بادشاهه جي سَڏَ تي ويندس ۽ نه سندس سلام ڪندس. پڇاڙيءَ تائين، تارڪ ٿِي، گوشي نشيني اختيار ڪيائين ۽ انهيءَ حالت ۾ مري ويو.

هاڻي اوهان کي سندس ڪتاب ڪيمياءِ سعادت جو مختصر مضمون ٻڌائيندس: هن جي خيال موجب مسلمان اُهو آهي، جو سچو پچو يا ڪامل انسان هجي، سو اُهو هوندو جنهن کي سعادت حاصل هوندي يعني نيڪ بختي يا هميشه جي خوشي، جنهن لاءِ هو پيدا ڪيو ويو آهي ۽ جنهن جي طلب ۾ هن کي هميشه رهڻو آهي. پهرين عالم جمادات پيدا ٿيو، پوءِ عالم نباتات ۽ پوءِ عالم حيوانات، جنهن ۾ انسان به داخل ٿيو، مگر انسان اشرف المخلوقات ٺهرايو ويو ۽ ٻيا سڀ عالَم، هن جي مدد لاءِ آهن ۽ هن جي عمل هيٺ آهن ۽ انهن جي وسيلي هو، پنهنجي مطلب يا مقصد تي رسي ٿو. انهيءَ ڪري مٿس وڏي جوابداري آهي. جي هو پنهنجا فرض ادا نه ڪري ته جانورن کان به گهٽ درجو ٿئيس، جنهن کي اسفل السافلين ٿا چون ۽ جي پوريءَ طرح امر ادا ڪري ۽ ڪامل انسان ٿئي ته ملائڪن کان به درجو مٿي ٿئيس، جنهن کي اعليٰ عليّين ٿا چون. هن جو جسم خاڪي آهي پر هن جو روح رحماني آهي. هڪڙي پاسي هو جانور آهي ۽ جانورن سان شامل آهي. ٻئي پاسي ملائڪن سان يا خدا سان. خدا ازل کان آهي ۽ ابد تائين رهندو؛ پر انسان اَزلي ناهي، پوءِ مخلوق ٿيو، ليڪن ابد تائين رهڻو آهي.

اگرچ هن دنيا ۾ هن جي عمر هاٺي گهٽو گهٽو ته سؤ ورهيه مس آهي، اُنهيءَ جو مقابلو ابدي حياتيءَ سان ڪري نٿو سگهجي. ازل چئجي ٿو شروع يا ابتدا کي ۽ ابد چئجي ٿو انتها کي. بعضي، ازل کي الست به چوندا آهن، جڏهن خدا خلق ۽ عالم پيدا ڪيا. اگرچ امام غزالي، ماڻهوءَ کي شرع جي نظر تي اَبدي سڏي ٿو پر ازلي نه، پر ڪي صوفي، هن کي خدا وانگي ازلي به ۽ ابدي به ٿا ڄاڻن، جو انسان ۾ خود خدا جو جزو يا روح آهي، سو خدا جهڙو هئڻ گهرجي. شاهه ڀٽائي چيو آهي ته:

نڪا ابتدا عبد جي نڪا انتها،
سي، وڃڻ کي ويا، جني سڃاتو سُپرين.

عبد يعني ٻانهو يا بندو، انسان ٿيو: عبادت ٿي بندگي ۽ معبود ٿيو خدا، جنهن جي بندگي ڪجي. بهلول صوفي، ته خدا کان به اڳي هئڻ جي دعوا ٿو ڪري:

چه خوش گفت بهلول فرخنده فال؟ که من از خدا پيش بودم دو سال
من آنروز بودم که اسما نبود زمين هم نبود و خدا هم نبود.

تنهنڪري صوفين جي چوڻ موجب انسان، خدا سان گڏ هو. خدا کي خدا تڏهن چوڻ لڳا جڏهن عالم ۾ مخلوقات پيدا ٿي، تنهن کان اڳ جڻ ته خدا ڪونه هو. وحدت ئي وحدت هئي. جڏهن ڪثرت ٿي تڏهن خدا به پيدا ٿيو. اِهو ٿيو ازل. هاٺي اَبد يا هميشگي، جتي اسين مرڻ کان پوءِ رهندا سين، تنهنجو مثال امام غزاليءَ، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ مزي جهڙو ڏنو آهي. چوي ٿو ته زمين، اَنَ جي انبارن سان ڀرجي ٿي. اَنُ، ٻاجهريءَ کان به سنهو آهي ۽ هڪڙي جهرڪي، اُهو اَن چُڳڻ لڳي ٿي ۽ هزار ورهيه ۾ هڪڙو هڪڙو داڻو چُڳي ٿي. جڏهن سڀ اَنُ چُڳي رهي، تڏهن به اجا اَبد جي عرصي مان ذرڙو مس گهٽ ٿيو." اُنهيءَ جي به نسبت، اسان جي دنيائي عمر جو خيال ڪريو. انهيءَ ڪري دوستو! آخرت جي ڏک ۽ خوشيءَ جي زياده ڳڻتي رکو. هيءَ دنيا ڪجهه ڪين آهي ۽ فاني آهي.

اها شرافت، اها ڪماليت، اها سعادت، اها مسلماني، تڏهن ماڻهوءَ کي هٿ اچي، جڏهن هو پاڻ کي انهيءَ جو لائق ڪري. اُهو ڪهڙو رستو آهي جنهن سان هڪڙو جانور بدلجي ملائڪ ٿي پوي بلڪ ملائڪ کان به مٿي وڃي؟ اِها ڳالهه اهڙي آهي جهڙي ٽامي يا لوهه کي بدلائي سونُ ڪجي. اهو ته ڪيميا جو رستو آهي. اهو نسخو آسان هٿ اچڻ جو ناهي پر نبين، ولين ۽ ٻين ڪاملن کي اچي ٿو ۽ اهي خاص شاگردن کي سيکارين ٿا. اهو آهي پنهنجي نفس تي غالب پوڻ ۽ خراب اخلاق يا جانورن جون خصلتون بدلائي، چڱا اخلاق يا روحاني ۽ نُوراني خصلتون هٿ ڪرڻ. ائين ڪرڻ سان

انسان ڪامل ٿيندو ۽ سعادت حاصل ٿيندي. انهيءَ ڪري امام غزالي، هن ڪتاب جو نالو ڪيمياءِ سعادت رکيو. سعادت ڪلف، تہ هيءُ انهيءَ جي ڪنجي ٿيبي.

هاڻي انهيءَ رستي يا نسخي جا اصول هي آهن تہ پهرين انسان کي گهرجي تہ پاڻ کي سڃاڻي. پاڻ کي سڃاڻڻ کان پوءِ هو، پنهنجي رب کي سڃاڻي سگهندو. پوءِ پنهنجي رهڻ جون جايون سڃاڻي يعني دنيا ۽ آخرت، جن ٻنهي هنڌن تي هن کي خوش رهڻو آهي. اهو چئ تہ هن ڪتاب جو ديباچو آهي يا مُنڍ، جنهن کي ’عنوان‘ سڏيو اٿس. انهيءَ طرح هيءُ سارو ڪتاب ’پهريون پاڱو‘ رڳو عنوانن جو آهي. خود ڪتاب اجا پيو آهي، جو مون ترجمو ڪيو آهي، پر ڇپيو ناهي. اُنهيءَ جا بہ چار وڏا پاڱا آهن، جن مان هرهڪ، هِن پاڱي کان وڏو آهي.

★

# عنوان پهريون

ان موجب، پهرين ضروري ڳالهہ آهي پاڻ کي سڃاڻڻ يعني پنهنجو نفس يا ذات سڃاڻڻ. اها هيءَ سڃاڻپ آهي تہ انسان ڪير آهي، ڪٿان آيو آهي، ڇو آيو آهي، وري ڪيڏي ويندو؟ يعني، انسان جي ذات ۽ صفات معلوم ڪرڻ ۽ انهن جا قسم تہ ڪهڙيون منجهس حيواني صفتون آهن ۽ ڪهڙيون رحماني يا مَلڪُوتي؟ انسان، پاڻ روح آهي جنهن کي دل يا مَن بہ چوندا آهن، پر سندس جسم يا بدن خاڪي آهي. بدن ڄڻ تہ هڪ ملڪ يا شهر يا قلعو آهي، جنهن جو روح، حاڪم يا بادشاهہ آهي. جسم ۽ روح ٻئي مخلوق آهن پر جسم، هيٺئين عالم خلق مان آهي ۽ روح، عالم امر مان. روح بہ ٻہ آهن، هڪڙو حيواني ۽ ٻيو انساني. جسم ابدي ناهي پر روح يعني انساني روح ابدي آهي، اگرچ ٻئي ازلي ناهن، جيئن مٿي چيو ويو. انهيءَ بدن جي ملڪ هلائڻ لاءِ وزير، ڪوتوال، جاسوس وغيره عملدار آهن ۽ اُهي آهن بدن جا جداجدا عضوا ۽ حواس ۽ قوتون جيئن ذهن، حافظو وغيره. انهن جي مدد سان، اها مُلڪراني هلي ٿي. مثلاً غصو ۽ شهوت، بدن جي حفاظت لاءِ ضروري آهن، ليڪن مغلوب هئڻ گهرجن ۽ نہ غالب. انهن شين جي ڪري، جيڪي اخلاق پيدا ٿين ٿا، سي ڪي شيطاني يا خراب آهن ۽ ڪي رحماني يا چڱا. انهن جون بہ جدا جدا خاصيتون آهن. ڪي جهنگلي جانورن جهڙيون ڪي ڪُتن جهڙيون، ڪي سوئرن جهڙيون. هڪڙيون سعادت جو سبب، ٻيون شقاوت جو. هڪڙيون گناهن ۾ داخل تہ ٻيون عبادت ۾. چڱا اخلاق، دل جو نور وڌائين ٿا ۽ خراب، دل کي ڪارو ٿا ڪن. روح، ڄڻ تہ هن دنيا ۾ شڪاري آهي ۽ عضوا سندس هٿيار يا اوزار آهن، جن سان هو، شڪار ڪري ٿو ۽ بدن جي ڪم لاءِ گهربل شيون هٿ ڪري ٿو.

روح يا دل کي وڏو لشڪر حوالي آهي، جنهن جي وسيلي هو، هڪ هنڌ ويٺي، ملڪ جو سير ٿو ڪري ۽ سڀڪا خبر ٿو رکي. ٻُت جا ظاهري حواس پنج چون ٿا، پر دل کي سوين حواس آهن، جي باطني آهن، بلڪہ هڪڙن مان ٻين جو ڪم بہ وٺي ٿي سگهي. انهيءَ بابت هيءُ شعر، ٻڌڻ جهڙو آهي، جو مون پارسيءَ تان ورتو آهي:

دل کي هٿ ۾ هزارين غلام،
ٻاهر اندر اَچن وڃن پيائي.
پاڻ ويٺي اچي بدن اندر،
ٿي وٺي ان کي ئي اڪيلائي.

گــرچـــ ظــاهــر حـــواس آهــن پــنــج،
دل جــا بــاطــن ۾ پــنـج تــيــا بــيــائــي.
روح يــا دل جــا تــيــا اُهــي جــاســـوس،
سُــڌ ڏيــن ســپ تــا ســاڻ چــتــرائــي.
روح ۽ دل آهــي ســـچـــو مـــاڻــهـــو،
مـــاڻــهـــو نــاهــي بــدن هِــي بــالائــي.
روح آهـــي ســـــــوار، وهـــٺُ بــــدن،
تــوَ هلائــيــسِ ســان ســچــيــتــائــي.
دل حـــــواســـن بــنــا ڏســـي ۽ ٻُــڌي،
سُــگــنــهــي، کــائــي پــئــي، هــلــي جــائــي.
ڏس! کــنــن ســان پــئــي شــراب تــي دل،
مــســت تــئــي، جــڏهــن راڳ لَــوَن لائــي.
دل پـــڙهـــي ۽ لـــکـــي اکـــيــن ڏارا،
رکــي خـــيـــالــي حـــواس اهــڙائـــي.
جيئن اکين سان ڪري تو سگهجي زِنا،
تــيــئــن ڪــري دل چــڱــائــي، بــچــڙائــي.
ظــاهــري پـــڻ حـــواس مــــتـــجـــن تـــا،
هــڪــبــيــن جــو تــا ڪــم ڏيــن پــائــي.
هــڪــڙو بــيــڪــار تــئــي جــڏهــن تــو حــواس،
ڪــم ونــڻ ٻــئــي ڪــان ســو، تِــي سَــو ڪــائِــي.
تــو اکــيــن ســان ڏســي جــهــان هــمــيــش،
پــر هــٿــن ســان ڏســي تــو قــاصــائــي.
لــٺ ۽ پــيـــرن ســـــان تـــا ڏســن انــڌا،
تــا ڏســن دل ســان پــنــهــنــجــي مــولائــي.
تــيــئــن ڪــنــن ســان ٻــڌي جــهــان هــمــيــش،
۽ ڏنـــدن ســـــان، رکـــن جــي ٻــوڙائــي.
تـــا اکـــيــن ســـــان ٻــڌي ســـگـــهـــن ٻــوڙا،
دل ســـان پـــڻ انــبــيـــا خـــدا جـــائــي.
تــيــئــن وري جــڳ، زبــان ســان ڳــالــهــاءِ،
اک ســان تِــي عــاشــقــن ســنــدي وائــي.
ڱُــنــگــا هــردم هــٿــن ســان ڳــالــهــائــيــن،
مــاٺ جــهــڙي نــہ ٻــولــي ٻِــي ڪــائــي.

جانِ وارن کي سؤکو تيو پولڻ،
ناهي بيجان کي بہ اوکائي.
سُرمو ڏس! کيئن نہ اک ۾ ڳالهائي،
رنگ منهن جو، اکين جي لالائي.
پڻ چکي ماڻهو ڄپ سان سيکو سواد،
چکي سُورن جو ساءُ سؤدائي.
ذائقو موت جو چکي هرکو،
دل سان چکجي منائي، کوڙائي.
جڳ هلي تو تنگن ۽ پيرن سان،
پر هنئين سان هلڻ تي دانائي.
روح سان عرش تائين تو هلجي،
اهڙي معراج ۾ هئي سولائي.
نَڪ سان سُنگهجي جا بوءِ بد يا چڱي،
ياد ورهن کان پوءِ اچي سائي.
پر کنهين جي بہ بوءِ اَخلاقي،
دل کي رستي، کنن جي پڻ آئي.

ماڻهوءَ جي اصل ذاتي صفت ملڪوتي آهي، بيون صفتون سڀ عارضي ۽ عاريتي يا اُڌاريون آهن. ماڻهوءَ جي مرڻ تي، سندس اخلاقي جوهر، سندس روح سان گڏ، هُن جهان۾ وڃي ٿو، جيئن ملائڪن جو حال آهي، جي فقط جوهر آهن. روح يا دل جي بزرگي ۽ شرافت، علم ۽ قوت جي ڪري آهي. علم ۽ صنعت، ظاهري توڙي باطني حواسن سان معلوم ٿي سگهن ٿا. روح جو، برابر خدا سان يا عالم ارواح سان واسطو رهي ٿو، تنهنڪري انهن کي بہ غيب جي خبر پئجي سگهي ٿي: مگر اها طاقت، دل جي صفائيءَ ۽ پاڪائيءَ تي منحصر آهي. اها طاقت، عام ماڻهن کي بہ حاصل ٿي سگهي ٿي. صاف دل ماڻهوءَ کي، اهڙي خبر، خوابن ۾ پئجي سگهي ٿي، جڏهن جسم نڪمون آهي يا جسماني موت کان پوءِ پوي ٿي. اُنهيءَ جو سبب هيءُ تہ روح يا دل ۾، عالم ارواح يا عالم ملڪوت ڏي هڪڙي دري آهي، جا جسم جي نِستائيءَ يا غير حاضريءَ ڪري کُلي ٿي ۽ اُنهيءَ عالم غيب جي، ماڻهوءَ کي خبر پئجي سگهي ٿي. پر پيغمبر ۽ اولياءَ تہ جاپندي بہ اهڙي طاقت رکي سگهن ٿا. اها طاقت، ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي رياضت ۽ مشقت ۽ دل جي پاڪائيءَ ۽ صفائيءَ جي ڪري حاصل ٿي سگهي ٿي، نہ فقط پيغمبرن کي، بشرطيڪ ڪو محنت ڪري، دل جي ڪَٽ يا ڪَس لاهي ڇڏي ۽ انهيءَ کي آرسيءَ جهڙو صاف رکي. اها ڪَٽ يا ڪَس آهي نفساني خواهشون، حرص، شهوت، حسد، وغيره. انهيءَ مان سمجهڻ گهرجي تہ انبيائن جي معجزن ۽ اوليائن جي

ڪرامتن تي اعتقاد رکڻ گهرجي. انسان جي دل کي اهڙي طاقت آهي، جو مستقل خيال ۽ پڪي يقين ۽ ارادي سان معجزي يا ڪرامت جهڙا ڪم ڪري سگهي. نبوّت ۽ ولايت، انسان جي اعليٰ درجن مان هڪڙو آهي. اهو ظاهري علم جو نتيجو ناهي پر باطني علم جو، جنهن کي علم لدّني يا حقيقي تا چون، جو پاڻهئي قدرتي طرح تو ملوي، نه سکڻ سيکارڻ جي رستي، ظاهري رواجي علم، پاڻ اهڙي علم جي لاءِ روڪ يا حجاب ٿو ٿئي. دل کي هڪڙو حوض يا کوهه سمجهو، جنهن ۾ ٻاهران خراب ڪنو پاڻي وهي اچي پوي ۽ اصل واري اندر جي صاف پاڻيءَ کي ڍڪي خراب ۽ ڪڙو ڪيو ڇڏي. جڏهن انهيءَ ٻاهرئين ڪني پاڻيءَ جا رستا بند ڪبا، تڏهن خود حوض جو هيٺيون پاڻي نڪرندو. تنهنڪري جڏهن دنيائي محسوسات کان دل خالي ٿيندي، تڏهن حجاب لهندو ۽ پوءِ اهڙو ماڻهو، ڪشف ۽ ڪرامت وارو ٿيندو، جيئن ڪن خاص صوفي بزرگن جو حال هو. ماڻهوءَ کي لذت، آرام ۽ خوشي، انهيءَ شئي يا ڪم مان زيادهه ٿي اچي، جنهن لاءِ اهو پاڻ خلقيو ويو آهي. آزمودي سان معلوم ٿيو آهي ته جيئن ڪو ڪم چڱو ۽ نيڪيءَ ۽ احسان جو، تيئن انهيءَ مان لذت ۽ خوشي زيادهه ٿئي ٿي ۽ ازخود طبعي طرح، دل مان پيدا ٿي ٿئي. اها آهي طبيعت يا سياءُ جي لاڙي جي قدرتي نشاني: ۽ خدا جي سچاڻپ ۽ محبت سڀ کان زيادهه خوشي پيدا ڪندڙ آهي، تنهنڪري سمجهڻ گهرجي ته انهيءَ ئي جي لاءِ ماڻهو پيدا ٿيو آهي. انهيءَ ساري بيان مان ظاهر آهي ته انسان، اگرچ خاڪي قالب يا بدن وارو آهي ته به منجهس روح، خدا جي ذات جو آهي. ۽ انهيءَ روح يا دل ۾ نهايت عجيب طاقتون مخفي رکيل آهن. خدا پنهنجي روح مان ذرو ڪڍي، انهيءَ ۾ وڌو ۽ انهيءَ کي پنهنجي نموني يا صورت جو ڪيائين ۽ هن دنيا ۾ رکي، انهيءَ کي پنهنجو خليفو يا وائسراءِ مقرر ڪيائين ۽ سيئي عالم، سندس حوالي ڪيائين. جي آسپاس وارو عالم، عالم اڪبر ٿو سڏجي ته سندس جسم، عالم اصغر آهي. جيڪي هن وڏي عالم ۾ آهي- آسمان، زمين، ملائڪ، بهشت، دوزخ وغيره سي سڀ هن جي جسم ۾ ۽ هن جي دل ۾ موجود آهن. اهي سڀ ڳالهيون، ماڻهو ڪوشش ڪري ڳولي، معلوم ڪري ته سندس ذاتي شرافت ۽ طاقت ڇا ۾ آهي؟ اها آهي پاڻ سڃاڻڻ يا پنهنجي نفس جي معرفت ۽ اها، خدا جي معرفت جي ڪنجي آهي. ساڳئي وقت ۾ هي به ياد ڪري ته ظاهري اسبابن ۽ جسم جي بند يا قيد ڪري هُو، بيحد ضعيف ۽ بي طاقت آهي ۽ تنهنڪري هَٿ ڇڏي، نماڻو ٿي رهي. انسان جي شرافت ۽ جسم يا عالم اصغر جي عجائبات ۽ روح يا دل جي اعليٰ طاقت بابت جيڪو مضمون آهي، سو شاعر اوحديءَ به پنهنجي مثنوي "جام جم" ۾ آندو آهي، جنهن جو پڙ مون، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. هي ٽڪرا، انهيءَ مان آهن:

نہ سڃاڻن تو پاڻ کي آدم!
خيال ڪر، ڏيان ڏئي ڪو هڪڙو دم!
نائب آهين خدا جو هڪڙو عجب،
ڏنو توکي خدا خليفو لقب.
ذات حق جي جو آهين اعظم اِسم،
گنج قُدسيءَ جو پڻ تون آهين طلسم.
جسم تنهنجي جِي جاءِ تي ناسوت،
روح تنهنجي جي جاءِ تي ملڪوت.
تنهنجو قالب خُدائي قُبّو آهہ،
تو ڏِٺو اُن تي خاڪي جُبّو آهہ.
عمدو قدرت جو هڪ نمونو تون،
حق جان بيچون و بيچگونو تون.
تو ۾ اسرار تيا رکيل غيبي،
علم و حڪمت رکين تو لارَيبِي.
بنجِي عالم صغير آئين تون،
پيدا عالم ڪبير مان تئين تون.
مغز تيئِي آسمان، عرش تيئي هوش،
تيئي ملائڪ حواس چڻ منجهہ پوش.
خُلقَ سڀ نيڪ، تيا بهشت ۾ حُور،
پيارُ، همّت، سَخا ڏيَن اُت نُور.
خُلقَ سڀ بُڇڙا تنهنجا تياَ دوزخ،
قهر جي باهہ، قهر جي پڻ يخ.
اک ۾ ڪَنَ، وات مان وهن دريا،
وارَ بُتَ ۾ مَتي جا، تيا ٻيلا.
گُردو، ٻرهل، جگر، جبل آهن،
عُضوا پيا ماتريون رکيل آهن.
اهڙا اسرار ڪئين اندر ٻاهر،
تو ۾ موجود ڪيا ڏٺيءَ يڪسر.
ڪرين همّت جي ۾ متي ڪاهين،
عرش تائين وڃين ۾ موتي اچين.
ليس في جَنّتي بہ پاڻ چوين،
۾ انا الحق جو دَمُ بہ پاڻ هڻين.

ڪڏهن عبد آهين ۽ ڪڏهن معبود،
ڪڏهن اياز آهين ۽ ڪڏهن محمود.

اصل سجدو ڏنل ملائڪ جو،
هاڻي پڻ ثاني آهين تون هڪ جو.

لاهي سڀ ڪم، ڏٺي تيو واندو،
ڪم اُنهيءَ هاڻ آهي توتي رکيو.

ڪرين ڪوشش جي تون ۽ چالاڪي،
نه چڏين ڦاڙي پردو هِي خاڪي.

وجي اندر تون ويهين شاهه سان گڏ،
روح تين نج، وسارين چَمُ ۽ هَڏ.

پانهو سڏجي تون بادشاهه بَنين،
پُٽ چوائي، تون پيءَ جِي جاءِ وٺين.

نفسُ ۽ عقل بئي رکين جي پاڪ،
پوي تنهنجي مَلَڪَ فَلَڪ ۾ هاڪ.

حقَ ڏنا ٿئي اِهي ملائڪ بئي،
مليا سي هِت مدد جي لاءِ اٿئي.

۽ ڏنائين بہ ديوَ توکي پي،
واءُ شهوت جو، باهه ڪاوڙ جي.

تيو شُتر بي مهار تنهنجو تَنُ،
سمجهه آهي مُهارَ، جَتُ تيو مَنُ.

عقل شمع آهي، علم بيداري،
نفس نِنڊ آهي، حِرصُ انڌاري.

دل آهي ڪعبو تو ۾ بيت الله،
تخت رحمان جو اِهوئي آهه.

اها دل باقي [١]، ماس جي فاني،
سڏ نہ فانيءَ کي باقي تون جاني!

باقي دل ۾ رهي خدا جو نور،
فاني دل اهڙي، جهڙو آهي ڪپور.

شل نہ دل تان ذِڪو ڪنهين کي اچي!
جو ڪري اُپ تان، سو ڪڏهن نہ بچي.

---

[١] بقا واري.

دل بنا جان، ڪهڙي ڪم جي آهه؟
جانِ ري جسم، تون قبر ۾ لاهه.
جسم ۽ جان کان جدائي ڪر،
دل تون هٿ آڻِ پوءِ خدائي ڪر.
حقّ جي راهه جو دليل [١] تي دل،
عشق جي باهه جو خليل تي دل.
دل ۾ جيڪي مجي بغير الاهه،
ڪري ماڻهوءَ کي سو سدا گمراهه.

## عنوان پيون

هاڻي، پيو عنوان ٿا ونون. سمجهو تہ اسان پاڻ سڃاڻڻ جو رستو معلوم ڪيو ۽ پنهنجو نفس سڃاتوسين تہ پوءِ، حديث موجب: "مَن عرف نفسه فقد عرف ربه" يعني جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن خدا کي سڃاتو. انهيءَ ڪري، دل کي خدا جي معرفت جي ڪُنجي يا آرسي چيو اٿن. ماڻهو، پنهنجي ذات مان، خدا جي ذات ۽ پنهنجي سفات مان، خدا جي صفات معلوم ڪري ٿو سگهي. جيئن ڪيس بدن جي ملڪ تي اختيار آهي، تيئن خدا کي، سيني عالمن تي آهي. بدن تي، پنهنجي بادشاهيءَ مان، عالمن تي، خدا جي بادشاهي معلوم ڪري. جيڪي سندس دل يا روح ۾ طاقتون آهن- ڪشف و ڪرامت سميت- سي حق جي ذات ۽ قدرت جو هڪڙو ننڍڙو نمونو آهن. سمجهي تہ انهيءَ کان اعليٰ قدرت، حق کي هوندي. ڏسڻ، ٻُڌڻ، دانائي ۽ بينائي، جهڙي ڪيس مليل آهي، اُنهي کان بيحد زيادهہ خدا جي آهي. پنهنجي طاقت ۽ اَندر جا عجائب ڏسي ڄاڻي تہ جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي، سو زيادهہ حڪمت ۽ قدرت وارو هوندو. پنهنجي پاڪائيءَ مان، خدا جي پاڪائي، اعليٰ درجي جي معلوم ڪري ۽ ڄاڻي تہ اُهو، بيچون بيچگون آهي. شڪل، صورت، رنگ وغيره جسماني وصفن ۽ حالتن کان هو، پاڪ ۽ نرالو آهي. جيئن اسان جو ساهہ يا روح، بدن جو شاهہ آهي ۽ اُنهيءَ ۾ مٿي کان پيرن تائين سير ڪري ٿو، تيئن خدا تعاليٰ، عالمن تي حڪمراني ۽ سير ڪري ٿو. جڏهن ماڻهو ڪو ڪم ڪرڻ گهري ٿو، تڏهن پهرين دل ۾ ارادو ڪري ٿو، پوءِ مغز يا دماغ مان حڪم جاري ٿو ٿئي ۽ عضوا چُرن ٿا ۽ رٿيل ڪم ٿئي ٿو. تيئن خدا تعاليٰ بہ جيڪي ڪرڻ گهريو يا گهري ٿو، تنهن لاءِ پهرين ارادو ڪري، پوءِ حڪم ٿو ڪري، تہ هڪدم ٿي پوي ٿو. جيئن قرآن ۾ 'ڪُن فيڪُون' آهي. انهن طاقتن کي چٽائي، آسانيءِ انساني سمجهہ لاءِ عرش، ڪرسي، لوح قلم وغيره جا نالا ڪٽي رکيا اٿن. اِنهيءَ طرح آسمان، زمين ۽ ٻيا سڀ عالم خلقيائين. اُنهن ظاهري يا

[١] سونهو.

باطني قوتن کي، سولائيءَ لاءِ، ملائڪن جو ڪٿي نالو ڏنو اٿن، جن جي وسيلي يا اُپاءُ سان، خدا جي حڪمن جي تعميل ٿي. اِهي سڀ ظاهري اَسباب آهن يعني سبب يا اُپاءُ؛ پر 'مسبّب الاسباب' ، خدا پاڻ آهي. علم نجوم ۽ علم طبعي وارا غلط ٿا ڪن، جو چون ٿا تہ تارن يا وائن يا جبلن وغيره جي اثرن کان، گرمي، سردي ۽ ٻيا هزارين دنيائي نتيجا ٿا نڪرن. حقيقت ڪري، اهي سبب، انهيءَ وڏي مسبب الاسباب جا حڪم ، قانون ۽ ڪم آهن. ماڻهو انڌن وانگي، رڳو ظاهري سبب ٿا ڏسن ۽ پنهنجي پنهنجي سمجهہ جي انداز موجب خيال ٿا ڪن، جيئن انڌن ۽ هاٿيءَ جو قصو مثنويءَ ۾ آهي[۱]. ماڻهن کي گهرجي تہ خدا جي پاڪائي (سبحان الله) ۽ اُنهيءَ جي قدرت ۽ تعريف (الحمدلله) ۽ اُنهيءَ جي وڏائيءَ (الله اڪبر) ۽ اُنهيءَ جي هيڪڙائيءَ (لا الٰہ الاّ الله) جي حقيقت معلوم ڪري، اهي سڀ خدا جون صفتون، پنهنجي سمجهہ ۽ طاقت آهر معلوم ڪري ۽ اُن موجب، ڏڻيءَ جي تعريف ۽ بندگي ڪري. اها خدا جي معرفت، سعادت جو وسيلو آهي. خداجي عبادت ۽ ذڪر يا يادگيريءَ کان، دل ۾ شوق ۽ ذوق پيدا ٿيندو. پر اهڙيءَ سجاڳي لاءِ ماڻهو، محدود عقل ۽ نفس جو زيردست ٿي، پنهنجن خيالن تي تعلق نہ رهي. ضرور آهي تہ جي خدا خاص ۽ تجربيڪار بندن، يعني نبين ۽ ولين جي هدايت ۽ حڪم تي هلي، جنهن کي شريعت يا قاعدو ٿو چئجي. پنهنجن نفساني خيالن تي هلڻ ڪري اڪثر، گمراهہ ٿيڻ جو خطرو آهي. اهوئي سبب آهي جو گهڻا مذهب ۽ گهڻا فرقا ٿي پيا ، نہ تہ سچ هڪڙوئي آهي ۽ حقي مذهب بہ هڪڙوئي آهي. اسان، اُنهن جو نالو، اسلام يا مسلماني نهرايو آهي، جو حضرت ابراهيم پيغمبر جو مقرر ڪيل آهي. انهيءَ ڪري، شريعت جي پابندي ضروري آهي ۽ انهن جي حدن جي نظرداري ڪرڻ گهرجي تہ جيئن گناهن کان بچجي. پنهنجي نفس جي حڪم ۾ رهڻ کان، شرع جي حڪم ۾ رهڻ ۾ ، زيادهہ سلامتي آهي.

ماڻهن جي خواهش ۽ ڪمن جا چار قسم آهن: هڪڙا ، نفس جي چئني پُنيان جي حرام ۽ ناروا ، آهن؛ ٻيا شريعت يا قاعدي جي پُنيان، اهي سڀ حلال ۽ روا آهن ، ۽ ٽيا ، خاطر يا ضمير جي پنيان، جي پڻ روا آهن. انهن سڀني ۾ ماڻهو، ارادو ڪري ٿو؛ پر چوٿان الهامي آهن. جنهن حالت ۾ ماڻهوءَ جو ارادو اصل ڪونهي، خدا جو ارادو آهي. هُو ڏسي، ٻُڌي، ڳالهائي خدا سان ٿو، جو فنا في الله يا واصل بالله جو درجو آهي:

نفس جي لذت ۽ خوشيءَ جو حال،

چئن قسمن جو آهي، ٻُڌ ڏيئي خيال.

---

[۱] جو ڪيمياءِ سعادت جي پهرئين پاڱي ۾ پڻ ڄاڻايل آهي.

هڪ ٿيو حُڪم، ان جي طبع پنيان،
ناهي واقف جو شرع جي حد کان.
آهي مطلق حرام اِيءَ اي ادا!
نفس جي اِيءَ خوشي، ٿي ساري خطا.
ٻيو ٿيو شرع سان خوشيءَ جو حال،
سو مُباحَ آهي ۽ سمورو حلال.
ٽئي ۾ پهچي ٿو حڪم اندر جو،
نفس جو اُن ۾ واسطو نہ رهيو.
پر ارادو ۽ خواهش آهي اجان،
اوليائن جو حال اِيءَ ٿيو عيان.
چوٿين ۾ حڪم ربّ جو آهي،
فضل اُن جو اچي مٿان ڪاهي.
وڃي خواهش، ارادو ٿئي سڀ گُم،
حق جو فعل ۽ ارادو ٿئي محڪم [١].
علم جي حالت آهي ايءَ، تہ ڪمال،
ڪن ٿا حاصل سا انبيا، ابدال.

## عنوان ٽيون

پاڻ کي ۽ خدا کي سڃاڻڻ سان، سعادت حاصل ٿئي ٿي؛ پر سعادت، دنيا جي بہ گھرجي ۽ آخرت جي بہ. انسان جي، يعني انساني روح جي رهڻ جون جايون بہ اُهي بہ آهن، دنيا ۾ ٿورو وقت ۽ آخرت ۾ گهڻو. دنيا جڻ تہ مسافر جي لاءِ مسافرخانو آهي. انهيءَ ڪري دنيا، دين جي رستي وارين منزلن مان، هڪڙي منزل آهي. جڻ تہ وات تي، هڪڙو عمدو شهر يا بازار آهي، جنهن ۾ مسافر، سَمَرُ وَٺي، ساڻ ڪٽي، اڳتي هلي ٿو. سندس منزل مقصود، آخرت يا هُو جهان آهي. ٻنهي منزلن جي وچ ۾، هڪڙو وڏو در آهي، جنهن مان لنگهڻو ٿو پوي. اهو آهي موت. دنيا آهي موت کان اڳي جي حالت ۽ آخرت، پوءِ جي اسان پاڻ کي تہ سڃاتو تہ ڪير آهيون؟ پر سوال آهي تہ هتي ڇو آيا آهيون يا ڇو رکيا ويا آهيون؟ انهيءَ جو جواب اِهو آهي تہ دنيا ۾ رهڻ مان مراد آهي، آخرت جو سَمَرُ ڪٽڻ. حقيقت ڪري، جسم ۽ روح يا دل، ٻنهي جي سنڀال، انهيءَ ڪم لاءِ ضروري آهي. جسم جي غذا آهي کاڌو ۽ دل جي غذا آهي خدا جي معرفت ۽ محبّت، جنهن مان دل خوشي ۽ سعادت حاصل ٿي ٿئي. بدن جي سنڀال بہ، دل جي ئي واسطي ٿي گھرجي، ڇالاءِ جو بدن فاني آهي ۽ دل، باقي آهي. روح يا دل جي لاءِ بدن

---

[١] فنا في الله جو درجو.

اهڙو آهي، جهڙو حج ڪرڻ يا مسافري ڪرڻ واري لاءِ اُٺ يا پيو وهٽ. هاڻي حاجيءَ جي مدعا آهي حج تي پهچڻ. پنڌ کان بچڻ ۽ جلد پهچڻ لاءِ اُٺ گهرجي ته اُٺ کي ڪاڏو ۽ چارو ڏيڻ ضروري آهي. بدن جي لاءِ ڪاڏو ۽ ڪپڙو يا گهرُ يا پناهه جي جاءِ گهرجي. اِهي پوري پُني انداز ۾ گهرجن. سارو وقت، بدن جي پرورش ڪرڻ ۽ دل کي وساري ڇڏڻ، بيعقلي آهي. دل جي غذا آهي خدا جي معرفت، ۽ معرفت جيتري گهڻي هجي اوتري چڱي، ڇالاءِ جو آخرت جو توشو يا سَمَرُ اِهوئي آهي. انهيءَ جي ڳڻتي زياده رکڻ گهرجي. دنيا ۾ جيڪي عالم آهن، يعني جمادات يا معدنيات ۽ نباتات ۽ حيوانات، اهي سڀ، اِنهيءَ لاءِ پيدا ٿيا ته انسان، يعني انساني روح، انهيءَ جي وسيلي ۽ مدد سان ڪاڏو، ڪپڙو ۽ گهرُ موجود ڪن. انهيءَ طرح، دنيا جا ٻيا ڌنڌا ۽ ڪسب پيدا ٿيا ۽ انهن جو، هڪٻين سان واسطو رهيو. انهيءَ واسطي جي ڪري، جدا جدا قسم جي ماڻهن ۾ تڪرار ٿين ٿا. انهن جي فيصلي لاءِ، حڪومت ۽ سياست ۽ انصاف جو انتظام ضروري ٿيو. اهو سڀ دنيائي بندوبست، انسان جي جسم جي حفاظت ۽ سنڀال لاءِ آهي ۽ بدن، روح يا دل جي لاءِ آهي ۽ دل، خدا تعاليٰ جي لاءِ آهي؛ پر عام ماڻهو، خدا کي وساري، بلڪ دل کي به وساري، فقط بدن جي پرورش ۾ مشغول رهن ٿا ۽ دنيائي عيش عشرت ۽ جسماني ۽ نفساني خواهشن ۽ خوشين ۽ عيش عشرتن تي موهجي وڃن ٿا، جيئن جادوءَ جي اثر کان ٿيندو آهي. پر دنيا جتاءُ نٿي ڪري، نيٺ فنا ٿئي ٿي. تنهن ڪانسواءِ بيوفا آهي، مٿس ڪو به ڀروسو ڪونهي ۽ ظالم ۽ خونخوار به آهي. نادانن کي، ظاهري صورت تي، مَڪرن ۽ فريبن سان ڀُلائي ٿي، جيئن ڏائڻين جي نالي چوندا آهن. عمر جو ٿورو عرصو، دنيا ۾ رهڻو ٿو پوي. انهيءَ جي عيش عشرت ۽ لذت جي گهٽائيءَ ڪري، آخرت جي خوشي ۽ سعادت جو نقصان آهي. اسان جي منزل مقصود ته اُها آهي، جتي هميشه رهڻو اَٿئون. هتي، دنيا جي عيشن جي شوق ڪري ماڻهو پڻ، زياده گرفتار ٿيندو وڃي، جيئن مک، ماکيءَ تي ويهڻ ۽ ڇُرَڻ پُرڻ ڪري، زياده ڦاسندي ويندي آهي. دنيا ۾ جڻ ته ماڻهو، مهمان ٿي رهي ٿو ۽ ميزبان جي مهماني کائي پي، روانو ٿيڻ گهرجي؛ پر حياتيءَ جا طعام ۽ ٿانو وغيره کڻي، ٻو جو ڪري هلبو، ته هڪڙو ته جڻ ميزبان جي چوري ٿي ڪجي، ٻيو ته رستي ۾ اَجايو بوجو کڻڻو ٿو پوي. سونُ، رُپو، جواهر وغيره، دنيا جا شيشا ۽ پهڻ آهن؛ يعني جمادات، سي ميڙي رکڻ ۽ کڻڻ، جڻ ته گڏهه جيترو بار، ساڻ کڻڻو ٿيو. اڳيرو هلي، پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته اهي سڀ، نِڪر پتر آهن. سڀ ڪوڙ ۽ ڪَچ آهي. ناحق ڪنيوسين ۽ پاڻ کي تڪليف ڏني سين. نيٺ، وري به رستي ۾ اُڇلائي ڇڏيندا سين. سچ آهي ته دنيا سموري خواب ناهي؛ چڱي به آهي. منجهس گهڻيون چڱيون شيون به آهن؛ پر اهي، دنيا جون ناهن، آخرت جون آهن، جيئن علم ۽ عمل جي ساڻ، هُن جهان ۾ هلن ٿا. اها

خاصيت، عبادت ۽ خدا جي يادگيريءَ ۾ آهي ۽ اهيئي شيون، دنيا ۾ ڪمائتيون آهن. آخرت جي هٿ ڪرڻ جي ڳڻتي رکو. اُها هٿ آئي، تہ دنيا ، پاڻمئي هٿ ايندي؛ پر جي فقط دنيا هٿ آئي تہ ڇا ٿيو؟ آخرت تہ هٿان وئي! انهيءَ لاءِ هڪڙو مزي جهڙو، فارسي شعر جو ترجمو ٻُڌو:

آخــرت ڪـي جـي يـار ڳــولـيـنـديـن،
آخــرت مـلـنـدي تـوکـي، پـڻ دنـيـا .
پـر جـي ڳـولـين فـقـط تُـون دنـيـا ڪـي،
مـلـئـي دنـيـا فـقـط، نـہ پـر عُـقـبيٰ.
آخــرت آهـي هـڪــڙي جـڻ سـائـڻ،
دُنـيـا ٻـانـهي اُنـهيءَ جـو سـمـجـهہ ادا!
ڪٿي سائڻ سان ٿئي جي تُنهنجو نڪاح،
ٻانهي پاڻمئي مِلي ٿي منجهہ ڏاجا .
پـر جـي ٻـانـهـي، نـڪـاح ۾ آٿـين،
ان جـي سـائـڻ سـان آهـي تُـنـهـنـجـو ڇـا؟
ڇـيـو حـديـثـن تـہ ٻـئي آهـن پـيـٽـون،
گـڏ ٻـنـهـي جــو نـڪــاح نـاهـي روا .
چونڊي هٿ ڪر اَدا! تون هـڪـڙي پـيـڻ،
پـوءِ نـهـارڻ ٻـہ ٻـيءَ ڏي آهـي خـطـا .
آخـرت سـمـجـهہ پـنـهـنجـي تُـون مُـوڙي،
لاٻُ اُن جـو تـون سـمـجـهـہ دنـيـا تـا .
پر جي دنيا ڪي پنهنجي موڙي ڪندين،
فـائـدو ڪـونـہ پـائـيـنـديـن اَصـلاً.
هِن سان ٿين حق ڪان دُور، ڪائين عذاب،
هُن سان آخر ڏسين تون حق جو لقا .
پيو بہ سيڪجهہ مليئي اُن سان گڏ،
فَـلَـهُ الـڪُـلّ مَـن لَـهُ الـمـولـيٰ.
اِخـتـيـار آهـي هـاٿـي تـوکـي قـليـچ!
آڻ هٿ هِـيءَ يـا هُـوءَ، وٺـئـي جـيـڪـا .

## عنوان چوٿون

اسان جو مسافر حاجي، جو پهرئين عنوان يا باب ۾ پاڻ کي سُڃاڻي، پنهنجي منزل مقصود يعني حج يا بيت الله جي زيارت لاءِ، هِن دنيا ۾ سَمَر گڏ ڪري نڪتو هو، ۽ معلوم ڪيو هنائين تہ پاڻ، خُدا جو جُزو آهي، جو خاڪي بدن ۾، دنيا جي گندگين

ڪان پاڻ کي پاڪ ۽ صاف ڪري، وري هُن جهان ۾ وڃي، پنهنجي اصل يا ڪُل ساڻ واصل ٿيندو، جيئن قطرو قُلزم ۾، يا ڦُڙو درياهه ۾ پوي، سو هاڻي، موت جي دَرَ مان لنگهي، هُن پاسي ٿو پوي ۽ اُتي جِي، يعني آخرت جي معرفت حاصل ڪرڻ ٿو گهُري. اها آخرت، موت کان پوءِ جي منزل آهي؛ تنهنڪري جيسين ڪو موت جي حقيقت نه سمجهندو تيسين آخرت جي نه سمجهندو ۽ موت جي خبر تڏهن پونديس، جڏهن حياتيءَ جي پونديس. ۽ حياتيءَ جي حقيقت تڏهن پونديس، جڏهن روح جي پونديس ۽ روح جي تڏهن پونديس، جڏهن خود پنهنجي نفس جي پونديس. جيئن مٿي چيو ويو ته روح، سوار آهي ۽ بدن سندس وهٽ آهي؛ رُوح باد شاهه آهي، ته بَدن سندس ملڪ آهي. رُوح کي، خوشيءَ جي به حالت اچي ٿي ۽ رنج ۽ عذاب جي به- پهرينءَ حالت کي بهشت جو نالو ڏنو اٿن ۽ پوئينءَ کي دوزخ جي. عام خلق کي، سندن رواجي ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ لاءِ، جسماني بهشت ۽ جسماني دوزخ بيان ڪيو اٿن، ته هڪڙي ۾ باغ ۽ بستان، کير ۽ ماکيءَ جون نهرون، محل ماڙيون، حورون وغيره عيش عشرت آهن، ته ٻئي ۾ نانگ بلائون، وڇون ۽ باهيون ۽ ٻيا عذاب آهن، جيئن قرآن ۽ حديث ۾ آهي، انهيءَ لاءِ ته عام کي سمجهه ۾ اچي سگهي، جيئن ٻارن کي، مِٺائي ۽ راند جي تماشن جو ٻڌائجي. پر اهو بهشت ۽ دوزخ، جسماني آهي ۽ جسم سان لاڳو آهي. روحاني بهشت ۽ دوزخ، ٻيءَ طرح جو آهي. انهن ٻنهي جو فرق اهڙو آهي، جهڙو جسم ۽ رُوح جو آهي، جنهن جو مٿي بيان ڏنو ويو. انهيءَ ڳالهه تي علمائن جو بحث آهي، پر اسين ڇڏي ڏيون ٿا. موت ڇا آهي، تنهن بابت معلوم هجي ته جيئن مٿي به چيو ويو ته انسان کي به روح آهن- هڪڙو حيواني، جو ٻين جانورن کي به آهي ۽ ٻيو انساني يا مَلَڪي، جو خاص انسان لاءِ آهن. حيواني روح، بدن جي خِلطن مان هڪڙو نڪتل بخار آهي، جو بدن کي چوري هلائي ٿو، جيئن ٻاڦ، انجڻ کي هلائي ٿي. اُها سڀ حواس چوري، تيز ڪري ٿي ۽ بدن کي جُدا جُدا طاقتون ڏئي ٿي. اهو حيواني روح، ڏِيئي يا ٻتيءَ وانگر آهي، جا ڪنهن جاءِ ۾ رکيل هجي. جيئن ٻاڦ، کانئين ۽ اڱرن جي سَڙڻ مان ٿي نڪري، تيئن اُنهيءَ ٻتيءَ جو تيل آهي غذا ۽ کاڌو. جي اُهو نه هوندو ته ٻُتي اُجهامي ويندي. يا ته وري ڏڪ هڻڻ يا ڦوڪي ڏيڻ ڪري اُجهامندي، جيئن ماڻهو، ڏڪ لڳڻ سان مري وڃي ٿو. ٻَتيءَ جي روشنائي يا نور، روح يا دل ۾ رهي ٿو، پر جڏهن دل تي ڪَس يا ڪارنهن چڙهي ٿي، تڏهن انهيءَ ۾ ڪو به اثر پيدا نٿو ٿئي ۽ جسم مري وڃي ٿو. اهو آهي حيواني موت يا حيواني روح جو موت. ٻين جانورن لاءِ، اهوئي هڪڙو موت آهي؛ پر انسان جي ٻن روحن مان به جيڪو حيواني آهي، سو ائين ٿو مري. پر جيڪو اصلي مَلَڪي روح يا انساني روح آهي ۽ جنهن کي دل يا مَنُ ٿا چون، سو هڪڙي غير جسماني، نهايت لطيف شيءِ آهي. سمجهو ته ڏِيو يا ٻَتي، جسم يا بدن

آهي ته اُن جو شعلو، حيواني روح آهي، پر اُن جي روشنائي يا سوجهرو انساني روح آهي، جا ڏيئي ۽ شعلي ٻنهي کان زياده لطيف شيءِ آهي. پر اها روشنائي. جا هڪڙو قدرتي الـٰهي نور آهي، سو اهڙي عجيب قسم جو آهي، جو جسم جي ڏيئي جي اُجهامڻ تي گم نٿو ٿئي. بدن، جڻ ته شمعدان آهي يا روح جي پوشاڪ آهي، جا پراڻي ۽ نِڪمي ٿي پوي ٿي، يا سوار جو وهٽ آهي، جو ٿڪجي، نِستو ٿيو پوي. يا هٿيار آهي، جو مُڏو ۽ نڪمو ٿيو پوي، تنهنڪري ٻي نئين پوشاڪ يا وهٽ يا هٿيار جي ضرورت ٿئي ٿي. اهڙيءَ شيءِ جو نه هئڻ يا گم ٿيڻ، پاڻ بهتر آهي. اهو گم ٿيڻ آهي بدن جو موت. اِنهيءَ ڪري ڪو سوار ڪي جوکو نٿو رسي، اهو صحيح سالم آهي. مرض جي ڪري عضوا، ساٺا ۽ نِستا ٿي پون ٿا، حواس گم ٿي وڃن ٿا ته به بدن سالم تو رهي ۽ برجاءِ آهي. اهو حال آهي انساني روح جو: ۽ انسان، اهو روح آهي نه سندس بُت، جنهن تي هڪڙو نه ٻيو نالو، سُجاڻپ لاءِ ڪنيو رکن. اِهو آهي مثال موت جو. جي ڏيان ڪري ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته جيڪو بدن يا اُن جا عَضوا ننڍپڻ ۾ هئا، اُهي وڏي هوندي ناهن اُهي ساڳيا، ڳري، گسي، گم ٿي وڃن ٿا ۽ ٻيا پيدا ٿا ٿين. جنهنڪري چئبو ته اُهو پهريون بُت، گم ٿي ويو، ٻيو نئون پيدا ٿيو آهي. حيواني روح، عالم سفليءَ مان آهي: پر اصل انساني روح، عالم علويءَ جو رهاڪو آهي. ۽ ملائڪن جي جنس مان آهي. هِن جسماني عالم ۾، فقط آزمودن حاصل ڪرڻ ۽ آخرت جي سَمر ڪٺڻ لاءِ آيل آهي ۽ قرآن موجب، انسان خدا جو جُزو آهي، جيئن ذرو يا ترورو، سج مان نڪتل آهي يا ڦُڙو سمنڊ يا درياهہ مان نڪتل. قرآن ۾ آهي ته انّــالله و انّــاا اليه راجعون ۽ حديث ۾ به آهي ته ڪُل شيءِ يرجع اليٰ اصله. تنهنڪري انسانَ آيو به خدا وٽان آهي ۽ وري به انهيءَ وٽ وڃڻو آهي، جو واصل بالله جو درجو آهي ۽ اُهوئي روح جو اصل مقصد آهي. هاڻي معلوم هجي ته دنيا جي حياتي گذارڻ جي نظر تي روح، ڪي سعيد ٿا ٿين يعني نيڪبخت يا سعادت وارا ۽ ڪي شقي يا بدبخت. جيڪي سعيد آهن، سي قرآن جي حڪم موجب مرن نٿا: اُهي جيئرا آهن. جيئن انبيا، اولياء، شهيد ۽ ٻيا صالح بندا. ۽ قرآن جي حڪم موجب ماڻهو، جهڙيءَ حالت ۾ دنيا ۾ رهيو هوندو، اهڙيءَ حالت ۾ هُن جهان ۾ به هوندو. عالم ته عالم، جاهل ته جاهل، سڄو ته سڄو، انڌو ته انڌو. اِهي سعيد روح، هن دنيا ۾ رهي به عالم روحاني يا غيب جي خبر رکي سگهن ٿا، جيئن مٿي چيو ويو. اُهي جڻ ته مرڻ کان اڳ مرن ٿا ۽ انهيءَ ڪري، اهڙي طاقت حاصل ڪن ٿا. جيڪي روح سعيد ناهن، شقي آهن، يعني بدبخت، سي هُن جهان ۾، يعني قبر کان پوءِ عذاب ڏسن ٿا. اهي عذاب به، ٻن قسمن جا آهن، هڪڙا جسماني ٻيا روحاني. جسماني عذاب روحاني عذابن جي بنسبت خسيس ۽ سولا آهن، پر روحاني عذاب نهايت سخت آهن. جي هن دنيا ۾ نفساني شهوت تي هريل هوندا، جنهن جو واسطو فقط جسم سان آهي، سي هُن جهان ۾، جسم نه هئڻ

جي حالت ۾، ڏاڍا عذاب ڪائيندا، جيئن سخت اُڃ هجي ۽ پاڻي بہ چپن تي رکيل هجي، پر پيئڻ جي طاقت نہ هجي. دنيا جي محبّت وارن جو، اجهو اهو حال آهي! جيئن زياده محبت، تيئن زياده عذاب. دنيا جا تارڪ يا موليٰ جي محبت رکڻ وارا، اهڙن عذابن کان آزاد هوندا. حقيقت ڪري، انهن عذابن جو ٻج، هتي دنيا ۾، روح منجهہ رَچي وڃي ٿو ۽ لڪل ٿو رهي، جو پوءِ روحاني عالم ۾، ظاهر ٿو ٿئي ۽ بلائن ۽ وِڇن ۽ ٻين عذابن جي صورت ٺا وٺن، يعني تيزيءَ ۾، انهن جهڙا ٿا ٿين. جيئن هتي دنيا ۾، خراب ڪمن ڪرڻ ڪري، اندر جا چَڪ يا عذاب، ٻاهر جي چَمبڪن ۽ ڏکن کان زياده سخت ٿا ٿين.

ماڻهو، دل تي يا روحُ، ناهي جسم،
ظاهري، باطني گناهہ جا قسم.
پر ٻنهي لاءِ جوابدار تي دل،
ماڻهو، روح آهي، جسم، آب ۽ گِل.
دل جو تيو جسم کان گناهہ وڏو،
وڻُ نہ اُپري، جي اصل ناهي ٿُڏو.
ڏوهہ آسان تيو ڪرڻ سان دل،
جسم سان آهي نت ڪرڻ مشڪل.
خيال سان پهرين دل گناهہ ڪري،
جنسي عُضون سان پوءِ ڪاهہ ڪري.
شرع جي حد تي گرچہ ظاهر تي،
باطني ڏوهہ تيو اُنهيءَ کان مٿي.
جسم جي هِن جَهان ۾ تي سزا،
روح کائي سزا تو منجهہ عُقبيٰ.
هيءَ سزا، هُن سزا اڳيان ڪجهہ ناهہ،
چٽنگ هيءَ آهي ۽ هُو آهي باهہ.
چٽنگ ڪر تون قبول هت اَي دل!
باهہ هُت تي سَقر جي نار مثل.

بهشت جي لذتن جو بہ اهو حال آهي ۽ اُهي بہ فقط مثالي آهن نہ جنسي. اُهي شيون واپرائڻ ۾ ايندينون. بعضي ماڻهو، خراب خواب ٿا ڏسن، جن ۾ ڏک ۽ عذاب ٿا ڏسن. خواب ڏسندڙ جي لاءِ، اُهي سچا عذاب آهن، پر ٻين جاڳندڙن کي، انهن عذابن جي کا بہ خبر ڪانہ ٿي پوي. انهيءَ طرح روحاني بهشت ۽ روحاني دوزخ جو، ٻين سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. روحاني دوزخ جون ٻا هيون، قسم قسم جون آهن. نفساني

خواهش پوري نہ ٿيڻ جي باھ، حَسَد جي باھ، خواري ۽ بيپرواهيءَ جي باھ، گلا جي باھ، نااُميديءَ جي باھ وغيره. انهن باهين جو، روح يا دل سان واسطو آهي نہ بدن سان. اهي روحاني باهيون، جسماني باھ کان زياده تيز ۽ عذاب ڏيندڙ آهن. تنهنڪري مناسب آهي تہ جيڪي، انبيائن ۽ اوليائن ۽ ٻين ڪامل انسانن، مناسب سمجهاٿي سان سمجهايو آهي، تنهن تي وسهي، اُنهيءَ تي عمل ڪجي تہ اُنهيءَ ۾ سلامتي آهي، يعني شريعت جي حڪمن تي مُنهن ڪوڙو ڪري بہ هلي، پوءِ پلي عقل شاهدي نہ بہ ڏئي. مثلاً: ڪو ماڻهو، هڪ لذيذ کاڌو کڻي، وات ۾ تو وجهي: ٻيو چويس تو تہ منان کائين، انهيءَ ۾ زهر آهي. هاڻي، هُن زهر ڏٺو ڪين آهي: ڪُوڙو گمان هوندو، تہ بہ عقل چوندو تہ منان ڪا خرابي پهچي، تنهنڪري نہ کائجي تہ بهتر آهي. ساڳيءَ طرح، ڪنهن بيمار کي ڪو ڪافر طبيب يا دشمن ڏس ڏئي يا علاج ڏسي يا ڪو تعويذ ڏئي ٿو ۽ انهن جي تعريف ڪري ٿو. بيمار کي اصل ويساھ نہ هوندو، تہ بہ چوندو تہ مَنَ فائدو پهچي بہ وڃي، تنهنڪري اُهو ڪم آڻي ٿو. اُنهيءَ ڪري انبيائن ۽ دانائن جو چيو، سچ ڄاڻي، اُنهيءَ تي عمل ڪجي، خاص آخرت جي نسبت ۾، جنهن جي اڳي ڪابہ خبر ڪانهي ۽ جتي هميشگيءَ تائين رهڻو آهي. جو تہ اهڙي اَڻ ڪُٿَ وقت جي خوشي يا عذاب جي نظر تي، هتي جي ٿوري وقتي خوشي ۽ عذاب، صدقي ڪري ڇڏڻ ۾ زياده سلامتي آهي. پنهنجي عقل ۽ نَفس کان، بزرگن جي صلاح بهتر آهي.

وات جي لاءِ سُونهو آهي ضرور،
تي نہ جهنگل ڏي دوست! تُون راهي.
هادِي درڪار ٿيو هدايت لاءِ،
عقل پنهنجو فقط تي اُونداهي.
قَولُ آهي حديث جو پڻ هيئن،
آهي خُد رائي، اصل گُمراهي.
دينَ جي لاءِ نبي تذهن آيا،
جو خدا پنهنجي سُنّت اِيءَ چاهي.

اِتي، ڪيمياءِ سعادت جا عنوان پورا ٿيا ۽ رُڪن شروع ٿيا، يعني ڪتاب جو ديباچو پورو ٿيو ۽ خود ڪتاب شروع ٿيو، جو چئن پاڱن يا بابن ۾ ورهايل آهي. پهريون عبادات بابت ۽ اُنهيءَ ۾، اسلامي اعتقاد ۽ وضو يا طهارت، نماز، روزه، زڪواة، حج، ظاهري توڙي باطني ۽ تسبيح تهليل، دعائن وغيره جو بيان ڏنو اٿس. ٻيون پاڱو، معاملات بابت، يعني کائڻ پيئڻ يا ادب ۽ نڪاح ۽ مائٽن جا حق، ڪَسب يا واپار، حلال، حرام، حڪومت، دوستي، گوشہ نشيني، صحبت، سفر، راڳ ۽ وَجد، اَمر ۽ نهي جو بيان آهي. ٽيون پاڱو، عُقبات بابت آهي، يعني دين جي رستي ۾،

جيڪي خوف جون جايون ۽ تابي ڪائڻ جا جا اسباب آهن، جيئن ته نفس جي رياضت، خراب اخلاق ڇڏڻ ۽ چڱا وٺڻ، ٻارن جي تعليم، پيرن مريدن جا شرط، شهوت يا نفساني آفتون، زبان جُون آفتون، سچ ۽ ڪوڙ، غيبت، حَسد، ڪاوڙ، حرص، لالچ، سخا ۽ بُخل، ريا، هَٺ، وڏائي، غفلت، گمراهي. اُنهن جي سمجهاڻي ۽ اُنهن جا قسم ۽ علاج. چوٿون پاڱو، منجيات بابت آهي، يعني اُهي ڳالهيون، جن سان نجات يا ڇوٽڪارو يا مُڪتي حاصل ٿي ٿئي. گناهن کان توبهه، صبر، شُڪر، خوف ۽ اُميد، فقيري ۽ پرهيزگاري، نيّت جي سچائي ۽ اخلاص، محاسبو ۽ مراقبو ۽ مجاهده، فڪر ۽ ويچار ڪرڻ، توڪّل، محبت، شوق ۽ رضا. انهن سڀني بابت، مفصل سمجهاڻي ڏنل آهي ۽ اُنهيءَ جا رستا ٻڌايا ويا آهن. ۽ سڀني لاءِ قرآن ۽ حديث جا حڪم، توڙي ٻين بُزرگن جا قول، شاهديءَ طور آندا ويا آهن.

اِهو آهي ساري "ڪيمياءِ سعادت" جو مختصر مضمون.

هن دنيا کي عالَم اسباب چو تا چون. سبب، عام لفظ آهي؛ پر معنيٰ اٿس رسو، جنهن سان کوهه مان، پاڻي ڪڍجي يا وڻ سان ٻَڌي، مٿي چڙهجي وغيره. ٻيءِ معنيٰ اٿس، ڪوبه اُپاءُ يا وسيلو يا ذريعو. اَسباب، جمع آهي جو ۽ مسبّب آهي سبب بنائيندڙ.

مسبب الاسباب بابت، امام غزاليءَ، هڪڙو مَري جهڙو مثال، آڪاٽيءَ وانگر ڏنو آهي، جنهن جو گهٽا ورهيه اڳي، مون سنڌي شعر ۾ ترجمو ڪيو آهي. اُهو اگرچ وڏو آهي، ته به اوهان کي پڙهي ٻُڌايان ٿو:

هڪڙو هو عارف، ونيو ٿي واٽ سو پنهنجي ويو،
هڪ ٽُڪر ڪاغذ جو ڪٿ آيس نظر پَٽ تي پيو.
سو ڪٽي ورتئين ۽ ڪيائين ڏيان سان تنهن ۾ نظر،
تا ڏٺائين اُن اچي ڪاغذ تي ڪي ڪارا اکر.
محو ٿي، آئڻ لڳو دل ۾ حقيقت جو خيال،
فڪر ۽ ارمان کان بيحد پريشان ٿيس حال.
۽ لڳو ڪاغذ سان ڳالهائڻ زبانِ حال سان،
چيائين اي ڪاغذ! هي توتي ظلم ٿيو ڪنهن جي هٿان؟
ڪنهن ڏنا تُنهنجي اَڇي دامن تي ڪارنهن جا ڇِٽا،
چنڊ جهڙو تُنهنجو مُنهن، ڪارو ڪيو ڪنهن اي ادا!
هڪ ته اڳهين ڪاغذيءَ توتي ڪيا بيحد ستم،
پُرزا پُرزا ڪيئين، سَٽيائين ۽ ڪُٽيائين دمبدم.

پوءِ نِئي پاٽيءَ ۾ پوڙيئين توکي ۽ موتي ڪڍيئين،
۽ هٿي پَٽَ تي سُڪايئين، پوءِ وري ويهي وڍيئين.
سَنڌ سَنڌ تنهنجو جدا ڪيئن ۽ وِڪيائين جُو في لاءِ،
ظُلم جي توتي تيا اُن جي هٿان، سي سڀ سَناءِ.
ڪاغذيءَ ڪان پوءِ وري ڪيا ظلم توتي جِلد بند،
ساڙ مان سوُئا هٿي توکي ڪيائين دردمند.
پوءِ شڪنجي ۾ وجهي توکي چيائين هاءِ هاءِ!
۽ سِسي تلوار سان تُنهنجي وڍيائين هاءِ هاءِ!
تڏهن ڏنس ڪاغذ وراٽي، سچ چئي اي نيڪ بخت!
جلد بند ۽ ڪاغذيءَ مون تي اِهي ڪيا ظلم سخت.
پر اِهي تڪليفون ۽ سختيون سَهان جي ڪين مان،
تا وجي پهچان ها آءٌ دربار شاهيءَ ۾ ڪٿان؟
جڏهن تحمّل سان سَنَم سِيڪا مصيبت، تي غريب،
تڏهن مُن ڪي تي باد شاهن جي مشيري مَس نصيب.
ڏوهه ڪونهي ڪاغذيءَ جو ۽ مُجَلِّد جو به ناهه،
ايءَ سياهي تئي، ڪيو جنهن مون ڪي هڙو رُوسياهه.
پُڇ وجي مَسُ ڪان اِهي سڀ مسئلا عاليجناب!
تا اُها مائي ڏئي توکي سنيالي سڀ جواب.
تڏهن بزرگ آيو سِتت، مائي سِياهيءَ وٽ هلي،
چيائين مائي مَسُ! ڏئي جي ڏيءَ، تون پيدا تئين پلي!
نُور جو بنياد تُون، تيو روشنائي تنهنجو نانءُ،
ڪيئن ڪيو ڪاغذ ويچاري کي تو جهڙو ڪارو ڪانءَ؟
چيو سياهيءَ، آءٌ فقيرياٽي هيس گوشه نشين،
تي رهيس ڪُپڙيءَ ۾ راتو ڏينهن باحال حُرين.
تي سيه پوشيءَ ۾ صوفين جان گذاريم صوف تي،
تي سيه روئيءَ ڪري، جڳ کان لڪايم پاڻ کي.
پر قلم، نيزا هٿي مون کي ڪڍي پاهر ڪيو،
بيگنه پَردي مان بي پردي ڪري مون کي وڌو.
مون کي ڪاغذ تي هنيو تنهن، ڏوهه هي سڀ اُن جو آهه،
تون وجي سائين! قلم کان پُڇ، آءٌ آهيان بيگناهه.
تنهن تي اُن عارف، قلم ڏي منهن ڪري چيو اي قلم!

تو سياهيءَ تي ۽ ڪاغذ تي ڪيا چو هي ستم؟
تون شريف آهين، تو صوفياڻي سيه پوشڻ ڪي ڇو؟
بي سبب، بي ڏوهه، تو حُجري منجهان گهلي ڪڍيو؟
مَسُ ڪي بي پردي ڪري، ڪيئي خلق ۾ خوار ۽ خراب،
۽ ڪُيئي ڪاغذ جو منهن ڪارو، ڏنئي تنهن کي عذاب.
چيو قلم استغفرالله! مون نماڻي با نياز،
هوڏي، دريا جي ڪناري تي پڙهي بيٺي نماز.
آيو هڪڙو هٿ، وجهي جهٽ، جنهن ڪٽي مون کي وڍيو،
۽ گهڙي چاقوءَ سان مون کي، ڪيائين نيزي جان تکو.
پوءِ وجهي مون کي ساهيءَ ۾، ڪڍيئين تنهن کي اُتان،
ڏوهه منهنجو ناهي، آئين هٿ کان پُڇو، تا ٿئي عيان؟
تڏهن ڏئي ڏوراپو، هٿ کي تُرت عارف هيئن چيو،
واهه ڙي هٿ واهه! هِن عابد تي تو ڪيئن ظلم ڪيو؟
تو ڪيو ڪيئن هاءِ! هن صحرا نشينءَ سان هي ستم،
ڏسُ ته ناحق يڪقلم تو سَرُ قلم جو ڪيو قلم.
هَٿ بَڌي، هٿ عرض ڪيو سائين! مون کي ڪهڙي مجال؟
آءُ هڏي ۽ ماسُ ۽ چَمُ، ڪيئن ڪريان اهڙا قتال؟
ڏوهه منهنجو ناهي، قُوّت جو آهيان اوزار آءُ،
آئين پُڇو قوّت کان، جنهن جو آهيان تابعدار آءُ.
تڏهن پڇيو قوّت کان اُن عارف، اي قوّت! ڪر بيان،
ڇو هلائي هٿ، ڪرين ٿي تون ضعيفن جو زيانُ؟
چيو ڪلي قوّت، نفعو نقصان منهنجي وس نه آهه،
خودبخود مون ۾ چُرڻ چورڻ جي ڪهڙي دستگاهه؟
ٿيو ارادو مون تي غالب، مون کي تنهن مجبور ڪيو،
عَزم انسانيءَ جي آءُ تابع، اوهين اُن کان پڇو؟
تڏهن چِڏي قُوّت، ارادي کان پُڇڻ ويو نيڪ مرد،
ڇو قلم کي تو رَسايو هٿ ۽ قُوّت ساڻ درد؟
چيو ارادي، آهي نِت منهنجي رهڻ جي جاءِ دل،
آهي نِت منهنجي اُپائڻ ۽ هلائڻ لاءِ دل.
جيڪي ٿي گذري ٿو، تنهن ۾ ڪونهي ڪو منهنجو قصور،
آئين پُڇو دل کان، پوي ٿو جنهن کي نِت پَل پَل ۾ پُور.

تڏهن اچي عارف، چيو دل کي، تہ اي قَلب بَشر!
تون رئيس العُضو، عاليجاهہ ۽ والا گهرَ!
ڪيئن هتان تُنهنجي تين هي پاپ ۽ ظلم ۽ ستم؟
علم، عقل، انصاف تو توکي جڳائي دَم بَدمَ.
چو پکيڙين ظلم جا اسباب دنيا ۾ تمام،
ظُلم جو باني ٿي، هر صورت ستائين خاص عام.
تڏهن چيو دل بيدليءَ مان، اي سليم القلب! سُڻ،
مون ۾ موجود آهي بيشڪ صالحن جو سيکو گُڻ.
قَلب آهيان، پر قَلوبن جو مُقلّب ڪو ٻيو،
هي سڀئي اسباب آهن، پر مسبّب ڪو ٻيو.
ڳالهہ دل جي آهي هي، دل ۾ رهڻ ڏيو تنهن کي اَئين،
هي آهي اسرارُ سُبحاني، لِڪَڻ ڏيو تنهن کي اَئين.
پاڻ پردي ۾ لِڪَل، پُتليون نَچَن سنسار ۾،
آٿي بازيگر وڏي بازي آهي بازار ۾.
رمز اُونهي آهي هيءَ، ڪا جاءِ قيل وقال جي؟
گُهرجَ هِن جي لاءِ "قليچ!" آهي زبان حال جي.

★

# اِمام محمدّ غزالي

امام محمد غزالي، جنهن کي 'حُجة الاسلام' جو لقب مليل آهي سو ساري دنيا ۾ مشهور علاّمو ٿي گذريو آهي، نه فقط مشرقي ملڪن ۾ پر مغربي ملڪن ۾ به، ۽ سندس ڪي ڪتاب، يورپي ٻولين ۾ به ترجمو ٿيل آهن. گهڻن علمن ۾ هن جي راءِ سَنَدَ سمجهيل آهي. انهيءَ جي حياتيءَ جو احوال، خود انگريزي ڪتابن ۾ به موجود آهي. انهيءَ بابت به عربي ڪتاب، مشهور آهن. هڪڙو 'مبين ڪذب المفتري، ۽ ٻيو 'طبقات الشافعيہ' . پهريون علامہ ابن غساڪر دمشقيءَ جو لکيل آهي، جو مشهور مُحدّث آهي؛ ٻيو علاّمہ ابن السڪيءَ جو، جو پڻ مشهور مُحدّث آهي. مولانا شبلي نعمانيءَ به سندس سوانح عمري، اُردوءَ ۾ لکي آهي. پروفيسر گوسٽيءَ جو، جرمن ٻوليءَ ۾ ۽ پروفيسر منڪ جو، فرينچ ٻوليءَ ۾، امام صاحب جو بيان ڏنل آهي، انگريزيءَ ۾، انسائيڪلوپيڊيا ۾ چڱو احوال ڏنل آهي. هتي مون، فقط ڪي ضروري ڳالهيون ڏنيون آهن. اُميد آهي ته سنڌ جي ماڻهن کي، انهن جي پڙهڻ مان خوشي ۽ فائدو حاصل ٿيندو.

امام غزاليءَ جو نالو محمد هو ۽ سندس پيءُ جو نالو محمد بن احمد هو. سندس لقب 'حجة الاسلام' آهي، جنهن سان علمي دنيا ۾ مشهور آهي، هو، سن 450هہ ۾ طابران شهر ۾ ڄائو هو، جو خراسان جي ضلعي طوس ۾ آهي. غزالي، هن ڪري چوندا اٿس، جو هن جي ڪٽنب جو ڌنڌو، سُٽ ڪتڻ جو هو. ڪن جو چوڻ آهي ته غزالي، رهڻ جي جاءِ ڪري نالو پيو آهي؛ پر ائين ناهي، ڇالاءِ جو اهڙو شهر، طوس ۾ ڪونهي. اڳي، سُٽ ڪتڻ يا ٻيو ڪو اهڙو ڌنڌو ڪرڻ، عيب نہ سمجهبو هو. ڪيترائي مشهور اولياءَ ۽ علامہ ۽ بزرگ ڪوري، موچي، حجام ۽ ٻين ڪسبن وارا ٿي گذريا آهن.

امام غزاليءَ جو پيءُ، لکي پڙهي نه ڄاڻندو هو. مرڻ مهل، بہ پُٽ ڇڏيائين. هڪڙو هي محمد (پاڻ) ۽ ٻيو احمد، ۽ انهن جي نسبت ۾، هڪڙي دوست کي وصيت ڪيائين ته اُنهن کي چڱي تعليم ڏياري. اُن موجب، هُن، اُنهن ٻنهي ڇوڪرن کي، هڪڙي خانگي مدرسي ۾ ويهاريو. جيڪا رقم، هنن جي تعليم لاءِ مليل هئي، سا سگهوئي کپي وئي. پوءِ خيراتي مدد سان هنن کي پڙهڻو پيو، جيئن انهن ڏينهن ۾، اڪثر سکر ماڻهو، خانگي مدرسن کي مدد ڪندا هئا. هن جي اُستاد جو نالو احمد بن محمد راذڪاني هو. ابتدائي تعليم وٺڻ ڪانپوءِ هو، جرجان ۾، امام ابونصر اسماعيل

وڌ زياده علم جي تحصيل ڪرڻ لڳو. اتي جيڪي پڙهندو هو، تنهن جا نوٽ، پاڻ وٽ رکندو ويو. اهڙن نوٽبڪن کي 'تعلقات' چوندا هئا. ڪنهن مدت کانپوءِ امام صاحب، پنهنجي وطن ڏي تي آيو ته اتفاق سان، رستي تي اچي چورن ورايس. جيڪي ٽپڙ هئس، سي سڀ ڦري ويس، بلڪ سندس نوٽبڪ به نه ڇڏيائون. هن کي، پنهنجي ٻئي مال جو ايترو ارمان نه ٿيو، جيترو انهن نوٽبڪن جو ٿيو. ويچارو ڊوڙي، اُنهن چورن جي جمعدار يا سردار وٽ ويو ۽ انهن نوٽبڪن لاءِ عرض ڪيائينس. آخر اُهي موٽي مليس ۽ هو ڳوٺ آيو. اُنهيءَ چوريءَ جي اتفاق مان، اهو سبق سکيو ته جيڪي اڳي يادگيريءَ لاءِ نوٽبڪ ۾ لکندو هو، سو بَرزبان ياد ڪري ڇڏيندو هو. اُنهن مسئلن جي ياد ڪرڻ ۾، هن کي ٽي ورهيه لڳي ويا. پوءِ زياده علم جي تحصيل لاءِ، وري ڪنهن پاسي وڃڻ جو ارادو ڪيائين.

اُنهن ڏينهن ۾، به وڏا دارالعلوم هئا، هڪڙو نيشاپور ۾ ۽ ٻيو بغداد ۾. نيشاپور ويجهو هو، تنهنڪري امام صاحب انهيءَ ۾ وڃي ويٺو ۽ اُتي جو مُدرس عبدالملڪ، امام الحرمين هو. نيشاپور واري مدرسي جو نالو 'بيهقيه' هو ۽ بغداد واري جو 'نظاميه'. امام صاحب جي اُستاد به انهيءَ مدرسي ۾ علم جي تحصيل ڪئي هئي، اگرچ ٻيا به اهڙا مدرسا اتي موجود هوندا هئا. اُنهيءَ زماني ۾، الپ ارسلان سلجوقي، بادشاهه هو ۽ اهو اَشعري طريقي وارن جي برخلاف هو، تنهنڪري هن حڪم ڪديو ته اڳتي مسجدن ۾، خطبي پڙهڻ وقت، اَشعري مذهب جي باني ابوالحسن تي لعنت پڙهڻ ۾ اچي. عبدالملڪ، پاڻ اَشعري هو، تنهن کي اها ڳالهه ڏُکي لڳي. لاچار ٿي، حرمين ڏي هليو ويو ۽ اتي وڃي مدرس ۽ مفتي ٿيو ۽ نالو ڪڍيائين، جنهنڪري امام الحرمين جو لقب مليس؛ پر سگهوئي، سلجوقي سلطان جو وزير، نظام الملڪ ٿيو، جو بلڪل بي تعصب ۽ منصف مزاج ماڻهو هو، تنهن اها لعنت بند ڪرائي ۽ نيشاپور ۾ هڪڙو وڏو مدرسو کوليائين، جنهن تي سندس نالي جي پٺيان، 'نظاميه' نالو پيو، جهڙو بغداد ۾ اڳي هو. وزير جي بي تعصبيءَ جو ٻُڌي، امام الحرمين، موٽي نيشاپور جي اُنهيءَ مدرسي ۾ آيو. اتي علميت ۽ فضيلت جي ڪري نالو ڪڍيائين. خود بادشاهه به عزت ڏيندو هوس، اگرچ هڪڙي ٻيري فتويٰ ڏني، عام اشتهار سان بادشاهه جو حڪم به رد ڪري ڇڏيائين.

اُنهيءَ مدرسي جي چئن سَون شاگردن مان امام غزالي، اوّل نمبر ثابت ٿيو ۽ اُنهيءَ کانپوءِ ٻئي درجي ۾، ڪياهراسي ۽ احمد بن محمد خوافي هئا. اهڙي قابليت جي ڪري، امام غزالي، اتي جو نائب مقرر ڪيو ويو، جنهن کي 'معيد' سڏيندا هئا. سن 478هه ۾، امام الحرمين وفات ڪئي. اُنهي ڏينهن، مدرسي جي سيني شاگردن، قلم ۽ مسون ڀڃي ۽ هاري ڇڏيون ۽ مسجد جو منبر به ڀڃي ڇڏيائون ۽ هڪ سال ماتم ڪيائون.

امام الحرمين جي مرڻ کان پوءِ امام غزالي، مدرسو ڇڏي، نظام الملڪ جي دربار ڏي رخ رکيو. اهو وزير، پاڻ صاحب فضل ۽ ڪمال جو هو ۽ بين عالمن ۽ فاضلن جي قدرداني ڪندو هو. امام غزالي به وڏي علميت ۽ فضيلت وارو هو ۽ مدرسي ۾ رهي، گھڻيون تصنيفون به ڪيون هئائين ۽ عالمن جي عزت آبرو ڏسي، علم تي فخر ڪرڻ لڳو هو. خود سندس اُستاد، سندس تعريف ڪندو هو ۽ ڪيس عزت ڏيندو هو. سو جڏهن نظام الملڪ وٽ ويو، تڏهن هن سندس استقبال ڪئي ۽ گھڻو مانُ ڏنائينس. اُنهن ڏينهن ۾، نظام الملڪ جي دربار ۾، گھڻائي عالم ۽ فاضل ايندا هئا ۽ علمي بحث مباحثا ۽ ديني مناظرا هلندا هئا. انهن سڀني ۾ امام صاحب، فتحياب ۽ نامور ثابت ٿيو ۽ سندس ناموس پکڙڻ لڳو. نظام الملڪ، ڪيس بغداد جي نظاميہ مدرسي جو مُدرس مقرر ڪري رکيو. اُنهيءَ وقت، هن جي عمر 34 ورهين جي هئي ۽ اهڙو درجو، اهڙي جوان جي لاءِ عجيب ۽ واجب الفخر هو، ڇالاءِ جو اُنهيءَ عهدي جي لاءِ، مشهور علاما، ڪوشش ڪندڙ هئا ۽ نااُميد رهجي ويا هئا.

مطلب تہ امام صاحب، سن 484ھ ۾، نظاميہ جو مدرس ٿيو. سڀڪوئي نالو ڪڍڻ لڳو: نہ فقط ملڪي ماڻهن ۾، پر وقت جي حاڪمن وٽ، جي اُنهيءَ زماني ۾ ٻہ خاندان هئا. هڪڙا سلجوقي ۽ ٻيا عباسي. ٻنهي جي درٻارين ۾، امام صاحب کي ڏاڍي عزت ملندي هئي.

سن 475ھ ۾، جڏهن مَلِڪ شاھ سلجوقي وفات ڪئي، تڏهن راڻي ترڪان خاتون، اميرن ۽ وزيرن سان صلاح ڪري، سندس پُٽ محمود کي تخت تي ويهاريو، جو ڇئن ورهين جو مس هو. هن، بغداد جي خليفي مقتدر بالله کان هيءَ بہ منظوري گھري، تہ خطبو بہ انهيءَ جي نالي پڙهيو وڃي. ڪم ڪار، ترڪان خاتون ٿي هلايو، تنهنڪري اُنهيءَ جو زور ڏسي، خليفي اِها منظوري ڏني تہ حڪومت ڀلي هوءَ هلائي. پر خطبو ۽ سِڪو، سندس يعني خليفي جي نالي هجي. راڻي، اِنهيءَ ڳالھ تي راضي نٿي ٿي؛ خطبو ۽ سِڪو بہ پنهنجو ضروري ٿي سمجهيائين. اهڙيءَ مشڪلات ۾ راڻيءَ، امام غزاليءَ کي، سفير ڪري خليفي ڏي موڪليو، جنهن ڏاڍيءَ تجويز سان، خليفي کان اِها بہ اجازت ورتي. انهيءَ ڪري راڻي بہ راضي ٿي ۽ ملڪ ۾ جنگ ۽ فساد بہ ٽري ويو، جنهن جو گھڻو امڪان هو.

سن 487ھ ۾، خليفي مقتدر بالله جي مرڻ تي، مستظهر بالله خليفو ٿيو. اُنهيءَ وٽ بہ امام غزاليءَ جو گھڻو مانُ هو. باطنيہ فرقي جي زور ونڌ ڪري امام صاحب، خليفي جي فرمائش موجب، اُنهن جي ردّ ۾ هڪڙو ڪتاب لکيو، جنهن جو نالو خليفي جي نالي پٺيان 'مستظهري' رکيائين. سندس درس هيٺ، ٽي سؤ مدرس ۽ سؤ کن امير ۽ وڏا ماڻهو رهندا هئا، ۽ سندس وعظ ٻُڌڻ لاءِ، هزارين ماڻهو ايندا هئا. اهي سڀ

وعظ. ڪتاب 'مجالس غزاليہ' ۾ داخل آهن ۽ مڙني 183 وعظ آهن.

امام غزالي، اوائل ۾ پنهنجي مذهب جو سخت پابند هوندو هو ۽ ٻين مذهبن ڏي ڪوبہ خيال ڪونہ ڏيندو هو. پر پوءِ، سندس طبيعت جو ميل ڦري ٻيو ٿيو ۽ سڀني ٻين مذهبن، عقيدن ۽ فرقن ڏي خيال ڪرڻ لڳو. سلجوقي بادشاهن جي زماني ۾، ٻين مذهبن جو نالو بہ نيشاپور ۾ ٻڌبو هو؛ پر بغداد ۾، دنيا جي سڀني مذهبن جا ماڻهو موجود هئا، ۽ انهن جا پاڻ ۾ بحث هلندا هئا. اُتي مذهب جي بلڪل آزادي هئي. شيعا، سُني، معتزلي، عيسائي، زنديق، مُلحد، سڀ موجود هئا. انهن جي وچ ۾، خوب مذهبي ۽ علمي لڙايون ٿينديون هيون. تنهنڪري بغداد ۾ اچڻ ڪاپوءِ، امام صاحب جي، اُنهن سڀني سان صحبت ٿيڻ لڳي ۽ اُنهيءَ ڪري، سندس اصلوڪا خيال بدلجڻ لڳا. پاڻ پنهنجي ڪتاب 'منقذمن الضلال' ۾ ٿو لکي تہ "آءٌ هڪڙي هڪڙي باطني، ظاهري، فلسفي، متڪلم ۽ زنديق سان گڏبو هوس ۽ انهن جا خيال معلوم ڪندو هوس. شروع ڪان وٺي، منهجيءَ طبيعت جو لاڙو؛ تحقيقات ڪرڻ ڏي هوندو هو، تنهنڪري درجي بدرجي، مون مان تقليد جي بندش نڪري وئي ۽ ننڍي هوندي جا ٻُڌل ۽ ياد ڪيل اعتقاد؛ بي اثر ٿي ويا، جيئن عيسائي، يهودي ۽ ٻين مذهبن وارا بہ اهڙا موروثي عقيدا رکندا آهن. مون جاتو تہ حقيقي علم اُهو آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ شبهہ نہ هجي. مثلاً اها يقيني ڳالهہ آهي تہ ڏهہ، ٽن ڪان زياده آهن. هاڻي جيڪڏهن ڪو ڪٺي چوي تہ ٽي، ڏهن ڪان زياده آهن، ۽ دعويٰ ڪري تہ جيڪي آءٌ چوان ٿو، سو حق آهي، ڇالاءِ جو آءٌ، حضرت موسيٰ وانگر، لٺ مان نانگ بنائڻ جو معجزو ڪري ٿو سگهان ۽ ڪري ٿو ڏيکاري، تہ بہ آءٌ رڳو ايترو چوندس تہ اهو، حيرت جهڙو ڪم آهي، ليڪن ائين ڪڏهن ڪين جاڻندس تہ ڏهن ڪان ٽي زياده آهن. پوءِ آءٌ ويچار ڪرڻ لڳس تہ مون ۾، يقيني علم ڪيتريقدر آهي؟ معلوم ڪيم تہ فقط 'حسيات' يعني حواسن جي رستي معلوم ڪرڻ جو علم ۽ 'بديهيات' يعني بديهي رستي معلوم ٿيڻ وارو علم آهي؛ پر اُنهن ۾ بہ مون کي، شڪ پوڻ لڳا. ٻن مهينن تائين تہ اهي خيال پڇايم؛ پوءِ فقط ٻين مذهبن جا شڪ رهجي ويا. انهيءَ وقت، چار مکيہ فِرقا، اُتي هوندا هئا. متڪلمين، باطنيہ، فلاسفي ۽ صوفيہ. اُنهن مان هرهڪ جي علمن ۽ عقيدن جي تحقيقات مون شروع ڪئي. علم ڪلام سان لاڳو، سڀئي ڪتاب پڙهيم؛ ليڪن انهن مان مون کي ڪابہ تسلي نہ ٿي، ڇالاءِ جو اُنهن ۾، سڀني مسئلن جو بنياد، تقليد يا قرآن ۽ حديث يا اِجماع تي رکيل آهي ۽ اُهي، اُنهيءَ ماڻهوءَ اڳيان حجت وانگي پيش ڪري نٿا سگهجن، جو بديهيات ڪان سواءِ، ٻيءَ ڪنهن شيءِ جو قائل نہ آهي. فلسفي جو بہ يقيني پاڱو، مذهب سان واسطو نٿو رکي. مذهب سان واسطو، فقط الٰهيات وغيره جو آهي، جو يقيني ناهي. باطنيہ فرقي وارن جي عقيدن

جو مدار، وقت جي امام جي تقليد تي منحصر آهي. پر انهيءَ امام جي حق تي هئڻ يا نه هئڻ بابت، يقين ڪري نٿو سگهجي. باقي رهيو صوفين جو فرقو تصوف وارو. اُنهيءَ لاءِ مون شيخ جُنيد، شِبلي، بايزيد بسطامي ۽ اَبوطالب مڪيءَ جا ڪتاب پڙهيا، پر حقيقت ڪري، اهو هڪڙو علمي فن آهي، نه علم، ۽ عمل جي لاءِ، زهد ۽ رياضت جو ضرور آهي. پنهنجن عملن ۽ مشغولين تي غور ڪيم ته ڏٺم، ته اُنهن ۾ سچائي ڪانه ڪانهي، فقط دنيا پرستي آهي. عزت آبرو، وڏو درجو، نالو ناموس، انهن جي نيت دل ۾ رهندڙ هئي، تنهنڪري منهنجيءَ دل ۾ آيو ته دنيا جا سڀ واسطا ٽوڙي، بغداد مان ڪنهن پاسي هليو وڃان. اِنهن خيالن ڪندي به ڇهه مهينا لنگهي ويا ته نفس، انهن تان دستبردار ٿيڻ قبول نه پئي ڪيو. اِنهن ڳڻتين ۾، منهنجي زبان بند ٿي وئي، درس ڏيڻ جي طاقت نه رهي، هاضمو خراب ٿي ويو ۽ آءٌ بيمار ٿي پيس. طبيبن به علاج ڪرڻ کان هٿ جهليو. آخر لاچار ٿي، سفر ڪرڻ جو پڪو ٺهراءُ ڪيم. جڏهن اِها خبر اُتي جي ڪامورن ۽ عالمن کي پئي، تڏهن اهي، مون کي زور ڪري رهائڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته اسلام کي نقصان پهچائڻ، شرعي رستي جائز ناهي. مطلب ته نيٺ مون، هنن جي ڪابه ڳالهه نه مڃي ۽ شام ڏي اُتي هليس."

488هه ذوالقعد مهيني ۾ امام غزالي، بغداد مان روانو ٿيو، اڳوڻو تجمل، سڀ پٺ تي ڇڏيائين. سادا ڪپڙا ۽ ڪَنِي ڪُلهي تي هيس. رُکي يا ساڳ سان ماني، سندس کاڌو هو. اهڙي حال ۾ هو شام ڏي هليو. دمشق پهچڻ تي هو، رياضت ۽ مجاهدي ۾ مشغول ٿيڻ لڳو. جامع مسجد جي هڪڙي مناري تي چڙهي، ڪوٺڙيءَ جو در بند ڪري، رات ڏينهن مراقبي ۽ ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهڻ لڳو. ٻه ورهيه برابر دمشق ۾ رهيو. رياضت سان گڏ، علمي مشغولي به رکندو آيو. مسجد سان لاڳو، جيڪو مدرسو هو، تنهن ۾ ويهي درس به ڏيندو هو. اگرچ پاڻ چيو اٿس ته اهو عبادت ۽ رياضت جو رستو، تصوف جي ڪتابن پڙهڻ سان سکيس، تڏهن به ڪي مصنف لکن ٿا ته هو، شيخ ابوعلي فارمديءَ جو مريد ٿيو، جو وڏو صوفي بزرگ هو، ۽ جنهن کي نظام الملڪ، نهايت گهڻي عزت ڏيندو هو ۽ دربار ۾ به سندس اڳيان، ادب سان ويهي رهندو هو، ۽ امام الحرمين ۽ ابوالقاسم قشيري، جن جو مٿي اشارو آيو آهي، تن جي اڳيان فقط اُٿي بيهندو هو، تن جو عذر نظام الملڪ هيئن ڏيندو هو ته "هُو، منهنجي اڳيان، منهنجي تعريف تا ڪن، جنهنڪري آءٌ پاڻ زياده مغرور ٿو ٿيان ۽ شيخ، مون کي منهنجا عيب ٻڌائي ٿو ۽ سڌاري ٿو." امڪان آهي ته امام غزالي، طالب العلميءَ جي زماني ۾، انهيءَ شيخ جي بيعت حاصل ڪئي هجي. شيخ ابوعلي فارمديءَ 477هه ۾ طوس ۾ وفات ڪئي، تنهنڪري ضرور امام غزاليءَ انهيءَ کان پوءِ، ساڻس بيعت نه ڪئي هوندي ۽ انهيءَ وقت، هُو ستاويهن ورهين جو هو.

به ورهيه برابر امام صاحب، دمشق ۾ رهيو. هڪڙي ڏينهن، 'امينيه' واري مدرسي ۾ ويو. اُنهيءَ جو مدرس، ڪيس نه سڃاڻندو هو. تنهن درس ڏيندي، تقرير ۾ چيو ته "غزاليءَ، هيئن لکيو آهي." اِهو جملو ٻڌي، امام صاحب کي غيرت آئي. ڄاڻائين ته اِنهيءَ ڪري، مون ۾ غرور ۽ فخر پيدا ٿيو آهي، جو تَرڪ ڪرڻ ضروري آهي. انهيءَ ڪري، انهيءَ ڏينهن ، دمشق ڇڏي نڪتو ۽ بيت المقدس ويو ۽ اتي زيارتون ڪيائين. اتان وري حج ڪرڻ ويو ۽ ڪي ڏينهن، مڪي ۾ رهيو. اُتان وري مصر ۽ اسڪندريه ۾ آيو، جتي ڪي ڏينهن رهي پيو. ارادو ڪيائين ته مراڪش ۾، يوسف بن تاشفين سان ملاقات وڃي ڪري؛ پر انهيءَ وچ ۾، يوسف، وفات ڪئي ۽ هن جو اوڏي وڃڻ نه ٿيو.

انهيءَ طرح، دمشق مان نڪرڻ ڪانپوءِ ڏهن ورهين تائين اما مؒ صاحب، پاڪ جاين جون زيارتون ۽ مشهور بزرگن سان ملاقاتون ڪندو رهيو. ڪڏهن ته جهنگلن ۽ ويرانن ۾ وڃي رهندو هو، جيئن تارڪ درويش ۽ خانه بدوش ڪندا آهن. گودڙي ڪُلهن تي هوندي هيس ۽ سانداري پاڻيءَ جي هٿ ۾. هڪڙي بيابان ۾، هڪڙو شخص گڏيس، جنهن ڪيس وڏي مدرسي ۾ درس ڏيندي ڏٺو هو ۽ سڃاتائينس ۽ پڇيائينس ته هيءَ حالت چڱي يا هوءَ درس واري؟ پاڻ چيائين ته هيءَ چڱي آهي ۽ هوءَ نفس کي مارڻ لاءِ، مون ڇڏي ڏني آهي ۽ هيءُ شعر پڙهيائين:

تَـرڪـت هـوي لـيـلـي و سـعـدي بمـنـزل،
وعـدت الـي مـصـحـوب اول مـنـزل،
فـنـادت لـي الا شـواق مـهـلا فـهـذاه،
مـنـازل مـن تـهـويٰ رويـدک فـانـزل.

اِنهيءَ مٿئين وڏي سفر ۾، جڏهن هُو، بيت المقدس ۾ هو ۽ مقام ابراهيم جي زيارت تي ويو، تڏهن اتي، ٽن ڳالهين جو انجام ڪيائين ته اڳتي، نه ڪنهن بادشاهه جي درٻار ۾ ويندس، نه ڪنهن بادشاهه جو انعام يا عطيه وٺندس ۽ نه ڪنهن سان مناظره ۽ مباحثو ڪندس ۽ پڇاڙيءَ تائين، انهيءَ انجام تي قائم رهيو. حضرت عيسيٰ جي پينگهي وٽ، ابوالحسن بصريءَ جي زيارت وقت ته هن کي، وَجد اچي ويو ۽ ڪيترن بين بزرگن جي روبرو، بصريءَ جا شعر پڙهڻ لڳو.

چون ٿا ته هُن، ڪتاب 'احياء العلوم' عربيءَ ۾ لکيو ۽ دمشق ۾ ته ڪيترن شاگردن کي هن، اُهو پڙهايو به. ڪتاب "قواعد العقائد" به انهيءَ سفر ۾، هن بيت المقدس وارن جي فرمائش تي لکيو. دمشق ۾، سندس شاگردن مان گهڻا، مشهور ٿي گذريا آهن، جيئن ته ابوالحسن علي بن مسلم، جنهن کي پوءِ جمال الاسلام جو لقب مليو. مطلب ته انهيءَ سفر ۾ امام صاحب، جداجدا حالتن ۾ رهيو ۽ گهڻائي رنگ

ورتائين. پاڻ ٿو چوي ته ”حج ڪرڻ کان پوءِ، ٻارن ٻچن جي سِڪ مون کي اهڙي اچي ٿي، جو موٽي وطن آيس، نه ته آءٌ وطن جي نالي کان پري ڀڄندو هوس. پر وطن ۾ مون گوشي نشيني اختيار ڪئي؛ ليڪن زماني جي ضرورتن ۽ گذران جي ڳولا، البت منهنجي دل جي صفائيءَ ۾، ڪدورت پيدا ڪئي ۽ خاطر تسليءَ ۽ دلجمعيءَ جو وقت، ڪو ورلي هٿ ٿي آيو.“

امام غزاليءَ، گوشه نشينيءَ انهيءَ لاءِ اختيار ڪئي ته هن کي، حقيقت معلوم ٿئي. رياضتن ۽ مجاهدن مان، هن جا شڪ شبها گم ٿي ويا؛ ليڪن انهيءَ زماني ۾، فلسفي ۽ عقليات جو، ايتري قدر زور ظاهر ٿيڻ لڳو، جو مذهب کي خطرو هو. اُهو حال ڏسي، هُن پنهنجي راءِ ۽ حالت ڦيرائي ۽ مذهب جي مدد ڪرڻ جو ارادو ڪيائين. اتفاق سان، وقت جي بادشاهه جو به هن کي، حڪم اچي پهتو ته نيشاپور جي مدرسي ”نظاميه“ جو مدرس ٿئي. امام صاحب، اُنهيءَ بابت خيال ڪرڻ لڳو ۽ صوفي دوستن سان صلاح ڪيائين. سڀني چيس ته شايد خدا جي مرضي اِها آهي ۽ هر صديءَ جي شروع ۾، دين جو هڪڙو مُجدد يا تازو ڪندڙ پيدا ٿيندو آهي، سو شايد تون ٿيندين. سن 499هه جو ذوالقعد وارو مهينو هو، جو امام صاحب، اِها ڳاله قبول ڪئي ۽ نيشاپور ۾ اچي، درس تدريس ۾ مشغول ٿيو.

انهيءَ حاڪم جو نالو فخرالملڪ هو، جو نظام الملڪ جو وڏو پٽ هو ۽ خراسان جي بادشاهه، مَلڪ شاهه سلجوقيءَ جي پٽ سنجر جو دوست هو ۽ اُهو پيءُ وانگي، هُن جو دوست ۽ قدرشناس هو. اُهو پاڻ سلطان سنجر جي طرفان، امام صاحب وٽ آيو هو ۽ اِنهيءَ جاءِ جي آڇ ڪئي هئائينس؛ تنهنڪري هن اِهو عهدو قبول ڪيو. ٻئي سال جي شروع ۾ ئي، فخرالملڪ شهيد ٿيو ۽ امام صاحب سنت ئي اُتان نڪري، طوس اچي گوشه نشين ٿيو ۽ گهر جي پاسي ۾، مدرسو ۽ خانقاهه بنائي ويهي رهيو ۽ ديني علم توڙي تصوف جي تعليم ڏيڻ لڳو. ماڻهن ۽ مريدن جي وٽس آمدرفت ٿيڻ لڳي. ڪتاب ’احياء العلوم‘ ۾، امام صاحب اڳئين وقت جي عالمن ۽ مشائخن جي رياڪاري ظاهر ڪئي هئي، تنهنڪري اُهي سندس برخلاف ٿيڻ لڳا ۽ مٿس حسد ڪرڻ لڳا. هن پنهنجي جوانيءَ جي لکيل ڪتاب ’منخول‘ ۾ امام ابوحنيفه تي گهٽي نڪته چيني ڪئي هئي ۽ اُنهيءَ جي نسبت ۾، گهٽ وڌ لفظ ڪم آندا هئائين، ملڪ جا گهڻا عالم ۽ عام ماڻهو، اڪثر حنفي هئا. خود سلطان سنجر به حنفي هو ۽ امام ابوحنيفه جو مقبرو نهرايو هئائين. ڪي مخالف عالم، اِهو ڪتاب کڻي سلطان وٽ آيا ۽ سندس ٻين ڪتابن جا به ڪي پاڱا اُبتا سُبتا ڪري بيان ڪيائون ۽ امام غزاليءَ تي زنديق يا مُلحد هئڻ جي تهمت آندائون. سلطان سنجر، هڪدم، امام صاحب کي پاڻ وٽ گهرايو. هو طوس مان نڪري روانو ٿيو هو. مشهد مقدس تائين آيو. پوءِ پنهنجو

کيل انجام ياد پيس تہ کنهين بہ سلطان جي دربار ۾ نہ ويندس؛ تنهنڪري اُتان، انهيءَ عذر جو خط، فارسيءَ ۾ لکي موڪيائين ۽ اچڻ کان معافي گهريائين. سلطان اهو عذر قبول ڪيو، بلڪ پانئيائين تہ امام صاحب کي پاڻ اچي طوس ۾ ڏسي. انهيءَ ڪري حاسد عالمن کي زياده ڏپ ٿيڻ لڳو. سلطان وٽ هن جي نافرمانيءَ ۽ مغروريءَ جي شڪايت ڪرڻ لڳا، ۽ گذارش ڪيائون تہ هو دربار ۾ ڪٿي نہ اچي؛ پر لشڪرگاهہ يا شهر تائين تہ ضرور اچي، جتي مناظره ۽ مباحثہ جي مجلس قائم ڪرڻ ۾ اچي. تنهن تي سلطان پنهنجي وزير معين الملڪ کي موڪليو تہ امام غزاليءَ کي وڃي وٺي اچي. معين الملڪ امام صاحب کي پهرين لشڪرگاهہ تائين آندو، پوءِ هن کي نڳاري، سلطان جي دربار ۾ آندائين. سلطان سندس اڳيان اُٿي بيٺو ۽ گهڻي تعظيم سان تخت تي وهاريائينس. جڏهن اعتراض جي ڳالهہ ڇُري، تڏهن امام صاحب سلطان کي مخاطب ٿي، هڪڙي عمدي تقرير ڏني، جا جنسي سندس مڪاتبات ۾ موجود آهي. انهيءَ تقرير جي پڇاڙيءَ ۾ هيٺيون چيائين تہ "مون کي هاڻي بہ ڳالهيون عرض ڪرڻيون آهن- هڪڙي هيءَ تہ طوس جي. ماڻهن تي حاڪمن جي ظلم ۽ ڏڪار ۽ سرديءَ جي ڪري، ڏاڍي سختي گذري آهي؛ انهن تي تون رحم ڪر تہ خدا توتي بہ رحم ڪري. افسوس آهي تہ مسلمانن جون گردنون، تڪليف ۽ مصيبت کان پيون ڀڄن ۽ تُنهنجن گهوڙن جون گردنون، سونين هسلين جي بار کان پيون ڀڄن. ٻي هيءَ، تہ ٻارهن مهينن کان آءٌ گوشہ نشين ٿي رهندو اچان. وزير جي زور ڪرڻ تي هتي آيو آهيان، جو هن چيو تہ وقت جو بادشاهہ عادل آهي ۽ سچ جي ڳالهہ خوشيءَ سان ٻُڌندو. منهنجي نسبت ۾، جو چوڻ ۾ اچي ٿو تہ امام ابوحنيفہ تي مون ٽوڪون ڪيون آهن، سو غلط آهي. اُنهيءَ جي نسبت ۾ منهنجو اِهوئي اعتقاد آهي، جو مون پنهنجي ڪتاب 'احياء العلوم' ۾ لکيو آهي. فقه جي علم ۾، آءٌ هن کي هن زماني جو چونڊيل شخص ٿو ڄاڻان."

امام صاحب جي تقرير ٻڌي، سلطان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ "هيءَ تقرير، جي عراق ۽ خراسان جا عالم ٻُڌن ها تہ گهڻو فائدو حاصل ڪن ها. هاڻي، آءٌ حڪم ٿو ڪريان تہ "اُهي سال ۾ هڪڙو ڀيرو ضرور اوهان وٽ حاضر ٿي، فيض حاصل ڪن."
پوءِ امام صاحب موڪلائي پنهنجي وطن ۾ آيو. اُتي بہ مخالفن، جند نہ ڇڏيس. وٽس اچي پڇڻ لڳا تہ "اوهين مذهب ۾ ڪنهن جا مقلد آهيو يا نہ؟ هن جواب ڏنو تہ "هائو، عقليات ۾ عقل جو منقولات ۾ قرآن جو مقلد آهيان. باقي امامن مان، ڪنهن جو بہ مقلد ناهيان." هي ٻُڌي، اُهي مخالف عالم، اُتي ڪڙا ٿيا ۽ هليا ويا. پوءِ بہ امام صاحب جي ڪتابن 'ڪيمياءِ سعادت' ۽ 'مشڪواة الانوار' تي اعتراض لکي، ڏانهس موڪليائون، جن جا هن نهايت عمدا جواب ڏنا، جي سندس 'مڪاتبات' ۾ موجود آهن.

سن 500هه ۾ سلطان محمد بن ملڪ شاهه صدرالدين محمد بن فخرالملڪ کي پنهنجو وڏو وزير ڪيو. انهيءَ کي، بغداد جي مشهور مدرسي 'نظاميه' جي سڌارڻ جو خيال ٿيو، جو امام غزاليءَ جي اُتان وڃڻ کان پوءِ چڱي حال ۾ نه هو. تنهنڪري هُن، امام غزاليءَ کي اُنهيءَ مدرسي جي وري مُدرس ٿيڻ لاءِ خط لکيو ۽ سلطان جي طرفان، ٻوڙي بين عالمن جي طرفان به ڪي خط ڏانهس ويا. طوس، خراسان ۾ هو ۽ سلطان جي هٿ هيٺ هو. انهيءَ هوندي به امام صاحب، بغداد ڏانهن نه اچڻ جو عذر لکيو، جو چيائين ته "هتي به مون وٽ ڏيڍ سؤ ڪن طالبعلم آهن؛ اُنهن کي تڪليف ٿيندي. ٻيو ته اڳي، آءٌ جڏهن بغداد ۾ هوس، تڏهن ٻچڙهو هوس؛ هاڻي ٻار ٻچا اٿم، جي وطن نه ڇڏي سگهندا. ٻيون ته مون مقام ابراهيم ۾ عهد ڪيو آهي ته عالمن سان بحث مباحثو نه ڪندس ۽ بغداد ۾ مباحثو ضرور ٿيندو ۽ مون کي سلطان جي دربار ۾ ضرور وڃڻو پوندو، جنهن جو پڻ مون قسم ڪنيو آهي، ته نه ويندس، ۽ نه آءٌ سرڪاري پڳهار وٺي سگهندس ۽ غير وطن ۾، منهنجي ٻي ڪا به جاگير ڪانه آهي." آخر بغداد ڏي نه ويو.

اُنهيءَ کان پوءِ، اڳي وانگي، گوشي نشين ٿي، مجاهده ۽ رياضت ۾ مشغول رهيو. ساڳئي وقت ۾، حديثن جي تحصيل ۽ تڪميل ڪرڻ لڳو، جو اتفاق سان، حافظ عمر ابن ابوالحسن، طوس ۾ اچي، وٽس مهمان ٿيو، ۽ اُهو علم حديث ۾ يگانو هو. انهيءَ عرصي ۾ ڪي ڪتاب به تصنيف ڪيائين؛ خاص ڪري فقه ۾، جيڪو سندس ڪتاب 'مستصفي' آهي، سو سن 504هه ۾ لکيائين، ۽ ٻئي سال ۾ پاڻ وفات ڪيائين.

امام صاحب جي وفات 14 جمادي الاثاني سن 505هه ۾، طابران جي شهر ۾ ٿي، جتي اصل توّلد ٿيو هو، ۽ دفن به اُتي ئي ٿيو. سندس ڀاءُ احمد غزالي لکي ٿو ته "سومر جي ڏينهن، امام صاحب، صبح جو ننڊ مان اُٿيو ۽ وضو ڪري، نماز پڙهيائين. پوءِ ڪفن گهرائي، اکين تي رکي، چوڻ لڳو ته، "آغا جو حڪم، مٿي ۽ اکين تي آهي." ائين چئي، سنئون ٿي سُمهي پيو ۽ دم ڏنائين. امام صاحب جي وفات جو ٻُڌي، اسلامي دنيا کي، ڏاڍو غم ٿيو. ڪيترن شاعرن مرثيا لکيا.

امام صاحب، پُٽ ڪونه ڇڏيو؛ ڪي ڌيئون هيس، جن مان پيڙهي رهيس. ڇهين پيڙهي شيخ مجدّد الدين، سندس اولاد مان چوڻ ۾ ٿو اچي. باقي سندس شاگرد ته تمام گهڻا هئا ۽ منجهانئن ڪي ته تمام مشهور ۽ نامور ٿي گذريا آهن، جيئن ته محمد بن تومرت ۽ ابوبڪر عربي، جي اندلس جي مشهور علمائن مان آهن. اُنهن کان سواءِ قاضي نصراحمد، ابوالفتح احمد، ابوطاهر، ابوطالب راضي ۽ ٻيا ڪيترائي آهن.

امام غزاليءَ جي عمر 54 ورهيه هئي. ويهن ورهن جي عمر کان وٺي، هن ڪتاب

لکڻ شروع ڪيا. ڏهه يارهن ورهيه، سير ۽ سفر ۾ گذاريائين. درس ۽ تدريس جو شغل، هميشه رهيس. ڪڏهن به ڏيڍ سؤ کان گهٽ شاگرد نه هئس. پري پري کان جيڪي مسئلا ايندا هئس، تن جون فتوائون ۽ جواب به لکندو هو. فقر ۽ تصوّف جي مشغولي انهيءَ کان سواءِ. اُنهيءَ هوندي به، سوين ڪتاب ۽ رسالا لکيائين، جن مان ڪن جا ته گهڻائي جُلد آهن ۽ جداجدا مضمونن تي آهن. اُنهن جو تفصيل طبقات سبڪي، ۽ شرح احيا ۽ ڪشف الظنون ۾ ڏنل آهي. هيٺ اسين مضمون وار سندس ڪتاب ڏيندا سين:

**فقہ بابت:** وسيط، بسيط، وجيز، بيان القولين شافعي، تعليقة في فروع المذهب خلاصة الرسايل، غاية الغور، مجموعه فتاوي.

**اصول فقہ بابت:** تحصين الماخذ، شفاء العليل، منتحل في علم الجدل، منخول، مستصفيٰ، ماخذ في الخلافيات، مفصل الخلاف في اصول القياس.

**منطق بابت:** معيار العلم، مِحَڪ النظر، ميزان العمل (سپني يوروپي ٻولين ۾ ترجمو ٿيل).

**فلسفہ بابت:** مقاصد الفلاسفة (يورپ ۾ موجود).

**علم ڪلام بابت:** تهافة الفلاسفة، منقذ، الجام العوام، اقتصاد، مستظهري، فضائيح الاباحية، حقيقة الرّوح، قسطاس المستقيم، القول الجميل في الرّدّعليٰ غير الانجيل، مواهم الباطنية، تفرقہ بين الاسلام والزندقہ، رسالة القدسية.

**تصوف ۽ اخلاق بابت:** احياء العلو، ڪيمياءِ سعادت (پارسي)، المقصد الاقصيٰ، اخلاق الابرار. جواهر القرآن، جواهر القدس في تحقيق نفس، مشڪواة الانوار، منهاج العابدين، معراج السالڪين، نصيحة الملوڪ (فارسي)، ايّها الولد، بداية الهداية، مشڪواة الانوار في لطائف الاخيار.

**متفرقہ:** املاءَ علي مشڪل الاحياء، اربعين، الاسماء الحسنيٰ، اسرار معاملات الدين، اسرار الانوار الالٰهيہ بالايات المتلوة، النجاة من الاشرار، اسراراتباع السنة، سرار الحروف و الڪلمات، بدايع الصنع، تنبيه الغافلين، تلبيس ابليس، تحصين الماخذ، تحصين الادلة، حجة الحق، السّرالمصون، رتب فيہ آيات. آيات القرآن عليٰ اسلوب غريب، شرح دائرهءِ علي ابن ابي طالب، عقيدة المصباح، عجائب صنع الله، عنقود المختصر، مسئلة الطلاق، غور الدور، الفڪرة و العبرة، فواتح السوُر، الفرق بين الصالح القانون الڪلّي، قانون الرّسول، القربة الي الله، قواعد العقايد، ڪشف علوم الاخرة، المجالس الغزالية، ياقوت التاويل في التفسير (چاليهہ جلد).

مٿئين قريب انهتر مشهور ڪتاب آهن. اُنهن مان چئن ڪتابن جي نسبت ۾ گمان آهي ته سندس ناهن. اُهي هي آهن: منخول، مضنون، النفخ والتوسيہ ۽

سرِّالعالمين. علامہ نودي، حساب ڪري لکيو آهي تہ عمر جي ڏينهن جي نظر تي ڇڻ تہ هر روز سورهن صفحا لکيائين. انهن ڪتابن مان گهڻا، امام صاحب جي حياتيءَ ۾ مشهور ۽ مقبول عام تي چڪا هئا. احياء العلوم تہ خاص طرح لاثاني ڪتاب شمار ڪيل آهي ۽ قرآن کان پوءِ، ٻئي درجي جي عزت حاصل اٿس. سندس تصوف ۽ سلوڪ جي ڪتابن کي ماڻهو، الهامي ڪتاب ڄاڻندا آهن. هن جي ڪتابن جون ڪيترن عالمن، شرحون لکيون آهن. جيئن امام فخرالدين رازيءَ، فخرالدين جيوشانيءَ (جنهن امام غزاليءَ جي هڪ ڪتاب جي سورهن جلدن ۾ شرح لکي آهي ۽ شيخ نجم الدين، سندس هڪ ڪتاب جي شرح سَٺ جلدن ۾ لکي آهي ۽ ڪنهن ٻئي عالم بہ گهڻن جلدن ۾ شرح لکي آهي، جنهن جو نالو 'بحر المحيط' آهي.

امام غزاليءَ جا جيڪي ڪتاب عقليات ۽ فلسفي بابت آهن، تن جي قدرداني، اسلام جي عالمن وٽ گهٽي ڪانهي، بلڪ ڪن جي نسبت ۾ علمائن ڪفر ۽ زنديق جهڙي فتويٰ ڏني آهي، جيئن منخول ۽ مصنون ۽ المنقذ، بلڪ احياء العلوم ۾ بہ ڪي اشارا اهڙا آهن، جن تي هنن کي اعتراض آهي. مگر انهن جي برخلاف، وري اُنهن ئي ڪتابن جي، يورپ جي ماڻهن قدرداني ڪئي ۽ انهن جا ترجما ڪيا ۽ انهن جون شرحون لکيون. مقاصد الفلاسفة، المنقذمن الضلال، تهافت الفلاسفة، ميزان العمل (جو منطق ۾ آهي) ۽ حياء العلوم. اهي سڀ ڪتاب، يورپ جي جداجدا ملڪن ۾ مستعمل ٿيا.

امام صاحب جا سڀ ڪتاب، عربيءَ ۾ آهن. فارسيءَ ۾ فقط ڪيمياءِ سعادت ۽ نصيحة الملوڪ آهن. تنهن کانسواءِ، سندس چيل، گهڻو شعر بہ آهي، جو سلجوقين جي حڪومت ۾، فارسيءَ ۾ ڇپيل هو، ۽ شاعريءَ جو مذاق هو ۽ سندس ڪي رباعيون آهن، جي ابوسعيد ابوالخير ۽ عمر خيام جي رباعين جي تتبعي تي آهن. عمر خيام تہ سندس همعصر هو، بلڪ سلجوقين جي دربار ۾، ٻئي گڏ هوندا هئا. هن جون ڪي رباعين هي آهن:

اي ڪان بقا! در چہ بقائي ڪہ نہء؟
در جائي نہء ڪدام جائي ڪہ نہء!
اي ذات تو از ذات جهت مستغني
آخر تو ڪجائي و ڪجائي ڪہ نہء؟

ايضاً

ڪس را پس، پردهء قضا راه نشد
و از سر قَدَر هيچ ڪس آگاه نشد
هر ڪس ز سر قياس چيزي گفته
معلوم نگشت و قصّہ ڪوتاه نشد.

انهيءَ مضمون تي، فارابيءَ هيئن چيو آهي:

اسرار وجود خام و نا پخته بماند
و آن گوهر بس شريف نا سفته بماند
هر کس ز سر قياس چيزي گفته
و آن نکته که اصل بود، ناگفته بماند.

۽ انهيءَ مضمون تي، شيخ بو علي سينا، هيءَ رباعي چئي:

دل گرچه درين باديه بسيار شتافت
يک موي‌ء ندانست و بسي موي شگافت
اندر دل او هزار خورشيد بتافت
آخر بکمال ذرّه راه نيافت.

غزاليءَ جي بي رباعي:

با جامه نمازي بسر خُم کرديم
و از آب خرابات تيمّم کرديم
شايد که درين ميکدها در يابيم
آن يار که در صومعه ها گُم کرديم.

قطعه

گفتم دلا تو چندين بر خويشتن چه پيچي؟
با يک طبيب مَحرم اين زاد درميان نه
گفتا که هم طبيبي فرموده ست با من
گر مِهر، يار داري، صد مُهر بر زبان نه.

هاڻي اسين، امام غزاليءَ جي ڪتابن ۾ فلسفي، اخلاق وغيره علمن بابت، جيڪا سندس راءِ آهي ۽ اڳوڻن حڪيمن جي مقابلي ۾، جيڪا ڦيرگهير ڪيائين يا نئين طرز وڌائين، تنهن جو مختصر ذڪر ڪنداسين.

**اخلاقي فلسفو** جي نسبت ۾، اڳئي يوناني حڪيمن ارسطو، جالينوس، سقراط ۽ ٻين جي ڪتابن جا ترجما ٿيل هئا ۽ انهن تي شرحون لکيل هيون، ۽ اسلامي حڪيمن، ابونصر فارابي ۽ بوعلي سينا ۽ ابن مسڪويه به پنهنجا ڪتاب لکيا. پر عام ماڻهن جو مَيل، انهيءَ نج فلسفي ڏي نه ٿيو. ماڻهن جو عام ميل، اڪثر مذهبي ڳالهين ڏي هو. امام غزاليءَ تنهنڪري فلسفه ۽ مذهب ملائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اِها راءِ، ڪتاب اُحياء العلوم ۾ ظاهر ڪيائين، جو اخلاقي فلسفي سان ڀريل آهي، ۽ جو پڙهندڙن جي دل ۾، جلد اثر ڪري ٿو. انهيءَ جو سبب، هڪڙو هيءُ هو ته امام صاحب خود، فاضل ۽ زاهد هو، ۽ سندس رياضتن ۽ مجاهدن جي، ماڻهن کي خبر هئي. ٻيو

تہ سندس عبارت، وعظ ۽ نصيحت سان پرپور هئي، ۽ اها سليس ۽ عام فهم هئي. اڳوڻي فلسفي جي عبارت، اڪثر مشڪل هوندي هئي. حجت ۽ دليل بہ آسان ۽ رواجي آندا اٿس. ٽيون جداجدا خيالن ۽ مزاجن وارن ماڻهن جي نظر تي، حقيقت سمجهائي اٿس. چوٿون، سيڪنڊن مضمون جي نسبت ۾، قرآن، حديث ۽ عالمانا قول، شاهد آندا اٿس. پنجون، اخلاق کي اهڙو رنگ ڏنو اٿس، جو پڙهندڙن کي همت اچي ٿي ۽ بين کي ڪمائتا ٿي سگهن ٿا. اهڙين نصيحتن ڪندي، مزي جا مثال ۽ ڳالهيون آنديون اٿس. امام صاحب جو نئون طرز اِهو آهي تہ اخلاق ۾، فلسفو ملائي ڇڏيو اٿس. اخلاقي مرض بيان ڪري، وري انهن جا سبب ۽ علاج ڏنا اٿس. انهن جون ٻئي حدون، يعني افراط ۽ تفريط ڏيکاري، اعتدال جو درجو ٻڌايو اٿس.

**علم ڪلام** ۾، امام غزاليءَ جو درجو اهڙو آهي، جهڙو علم منطق ۾، ارسطاطاليس جو آهي. اڳي علم ڪلام ۾، فلسفو ڪونہ هو: پر امام صاحب، جيئن مذهب ۾ فلسفو ملايو، تيئن علم ڪلام ۾ بہ اُهو ملايائين. اڳي، علم ڪلام جا ٻہ رستا هئا- عقلي ۽ نقلي. امام صاحب نقلي بہ عقليءَ ۾ داخل ڪري ڇڏيو. هن ڪوشش ڪري، اسلامي عقائد کي سچو ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي، ۽ فلسفي وغيره کي باطل ڪري ڏيکاريو اٿس. منطق جي نسبت ۾ امام صاحب، ساڳيوئي رستو ورتو آهي. مثلاً هُن، فلسفي جا هي مسئلا، حُجّتُن سان رد ۽ باطل ڪيا آهن تہ عالَم، ازلي يا اَبدي آهي: خدا، عالَم جو صانع ناهي: خدا جو وجود ثابت ٿي نہ سگهندو، خدا جي توحيد ۽ سندس صفتون، نا ثابت آهن: خدا کي جنس ۽ فصل نہ آهن، خدا جي ذات بسيط ۽ بلا ماهيتہ آهي، جُزيات جي خبر نٿو رکي، يا پنهنجي ذات نٿو ڄاڻي وغيره. امام صاحب اِسلام جا عقيدا، عقلي دليلن سان ثابت ڪيا آهن. اڳوڻي علم ڪلام ۾ هن خاص اُصول ۽ قانون ناهيا، جي هن پنهنجي ڪتاب "التفرقہ بين الاسلام و الزندقہ" ۾ ڏنا آهن. امام صاحب جي علم ڪلام ۾ خاص الٰهيات جو ذڪر آهي ۽ خدا تعاليٰ جي صفتن ۽ نبوّت ۽ معجزي يا ڪرامت (حِسّي، توڙي خيالي، توڙي عقلي)، شرعي سزائون، عذاب، ۽ ثواب، موت کان پوءِ جو حال، روح جي حقيقت، قيامت، بهشت، دوزخ، اُنهن جي خاص سمجهاڻي ڏني اٿس، جا شرعي يا ديني بہ آهي ۽ عقلي بہ آهي.

**علم تصوف**- هن علم ۾ بہ امام غزاليءَ جو اُهوئي درجو آهي، جو ارسطوءَ جو منطق ۾ آهي. هن ڏيکاريو آهي تہ تصوّف، شروع ۾ زهد ۽ عبادت جو نالو هو. اُهو، علم ۽ عمل مان مرڪّب ٿيو آهي. فرق هيءُ آهي تہ شريعت ۾ علم کان پوءِ عمل پيدا ٿو ٿئي ۽ تصوف ۾، انهيءَ برعڪس، عمل کان پوءِ علم پيدا ٿو ٿئي. مجاهدو ۽ رياضت، ضروري آهي ۽ اُنهن جي لاءِ، دل جي صفائي ضروري آهي. تصوّف هڪڙي

قسم جو باطني علم آهي، مگر انهيءَ جا نتيجا يعني مقامات عجيب غريب آهن.

**اسلامي عقائد وغيره جي تجديد ۽ اصلاح**- اڳي، مذهب، خواهه حڪمت، خواهه عقليات، خواهه بين ڳالهين ۾، تقليد يا اعتقاد جي پابندي عام هئي. آزادي ڪانه هئي، جا امام صاحب وِڌي. معتزله، باطنيه، اشعريه، ماتريديه، حَنبليه ۽ ڪيترائي ٻيا مذهبي فرقا هئا، جن جا پاڻ ۾ اختلاف هئا، ۽ انهيءَ جي ڪري، سندن وچ ۾، جهيڙا جهڳڙا ٿيندا هئا. جداجدا اسلامي ملڪ، جداجدا مذهب رکندا هئا. امام صاحب اصل تقليد ڇڏي ڏني. ديني عقيدن جي نسبت ۾ پهرين اُهي خاص عقيدا ٻڌايا هئائين، جن تي ڪفر ۽ ايمان يا اسلام جو مدار آهي. جن ڳالهين ڪري، هڪڙا فرقا، ٻين کي ڪافر سڏيندا هئا، تن جي غلطي ظاهر ڪيائين. قرآن ۽ حديث جي حڪمن جي تاويل يا سمجهاڻيءَ جا اُصول سمجهايائين. انهيءَ اِصلاح جو اثر اِهو ٿيو، جو مذهبي جهيڙا بند ٿيڻ لڳا، ۽ سڀ فرقا تعصب ڇڏي، هڪٻئي جا همدرد ٿيا. مناظري ۽ مباحثي ۾ به اڳي ماڻهو هڪٻين سان سخت ڪلامي ۽ بدزباني ڪندا هئا. امام صاحب، اُنهيءَ ۾ به سڌارو ڪيو ۽ اُنهيءَ جي خرابي، احياء العلوم ۾ ڏيکاريائين. مذهبي ڳالهين ۾ اڳي، عقلي دليل ڪم آڻيندا هئا؛ پر امام صاحب ڏيکاريو، ته عقلي ۽ نقلي، گڏ ڪم اچي سگهن ٿا، جيئن احياء العلوم ۽ ٻين ڪتابن ۾، انهيءَ جو ذڪر ڪيو اٿس. مذهبي ڳالهين ۾، جيئن ته عذاب ۽ ثواب ۽ قيامت وغيره ۾، جسمانيت جو غلبو هوندو هو؛ پر امام صاحب، جسمانيت جي اندران، روحانيت جي ضرورت ۽ حقيقت ڏيکاري ۽ چڱن ٻڇڙن ڪمن يا نتيجن جي جوابداري، سڀ انسان تي رکيائين ۽ گهڻين ديني ڳالهين جي حقيقي يا روحاني معنيٰ ظاهر ڪيائين ۽ نه جسماني، جيئن بهشت، دوزخ، حور، قصور وغيره.

تعليم جي ڪم ۾ به امام صاحب، گهڻي اصلاح ڪئي. اڳي عقلي ۽ صنعتي علم، جيئن ته طب وغيره، مدرسن جي درس ۾ داخل نه هئا، يا ته وري عقلي علم، جيئن منطق، رياضي وغيره ڏي ايترو زيادهه ڌيان ڏيڻ ۾ آيو، جو ديني علم وسري ٿي ويو. امام صاحب، اُهي سڀ علم گڏي ڇڏيا ۽ پوري حد جي اندر، اُنهن سڀني جي ضرورت ڏيکاريائين. ساڳيءَ طرح، فِقه يا ديني علم به، دنيوي علمن ۾ داخل ڪيائين، ۽ شرعي علمن جو غلط استعمال بند ڪيائين، ۽ فقهي مناظري کان گوشو ڪيائين ۽ ثابت ڪري ڏيکاريائين ته ڪهڙن علمن جو سکڻ فرض عين آهي، ۽ ڪهڙن جو فرض ڪفايه يا ڪهڙي علم جو پاڳو فرض عين ۽ پاڳو فرض ڪفايه آهي. جيئن طب ۽ حساب وغيره فرض ڪفايه آهي. انهيءَ طرح منطق ۽ فلسفو به، ديني تعليمي نصاب ۾ داخل ٿي ويا. ساڳيءَ طرح، اَخلاقي ۽ مُلڪي ڪمن ۾ به امام صاحب سڌارو ڪيو. عالمن ۽ جاهلن جا عيب ۽ حاڪمن جا ظلم ظاهر ڪيائين ۽ ڊپ کان سواءِ

وعظن، تقريرن ۽ تحريرن جي وسيلي، انهن کي نصيحتون ڏنائين، جيئن بني اُميہ ۽ عباسي خليفن جي وقت ۾، طاؤس يماني ۽ سفيان ثوري ۽ ابوحازم ڪندا هئا. امام صاحب، بادشاهن جي لاءِ بہ هدايت نامہ يا نصيحت نامہ لکيا. اُنهن سڀني جو اثر سڀڪوئي ظاهر ٿيڻ لڳو ۽ بهتر عالم، بهتر حاڪم، وزير ۽ بادشاهہ ٿيڻ لڳا.

امام غزاليءَ تي، انهيءَ وقت جي مُلڪي ۽ قومي حالتن جو گهڻو اثر پيو هو، تنهنڪري هُن، اُهي سڌارا ڪرڻ چاهيا. ويهن ورهين کان وٺي، پنجاهہ ورهين جي عمر تائين، جداجدا مُلڪ گهُميو ۽ جداجدا قومن، مذهبن، علمن ۽ فرقن وارن ماڻهن سان گڏيو. بغداد جهڙي عظيم شهر ۾ رهڻ ڪري، هن کي اِهو چڱو موقعو مليو. سندس طبيعت تہ اڳئي، سڀڪا ڳالهہ جانچي ڏسڻ ۽ تحقيقات ڪرڻ ڏي مائل هئي. بحث مباحثہ ڪري، پاڻ عيب ۽ اعتراض معلوم ڪيائين، جنهنڪري هن کي سُڌارو ڪرڻ آسان ٿيو.

امام صاحب جي سڌاري جو اثر، عام طرح علم، فلسفي ۽ علم ڪلام تي ٿيو، جو خود يورپ وارا بہ اُنهيءَ کي قبول ڪرڻ لڳا: شعر ۽ شاعريءَ تي بہ امام صاحب جو اهو اثر ٿيو تہ قصيدا ۽ ٻيو خوشامد جو شعر، جو اڳي عام هو، سو گهٽجڻ لڳو ۽ اخلاقي ۽ وعظي مضمونن تي شعر لکجڻ لڳو ۽ عبارت بہ سليس ڪم ۾ اچڻ لڳي ۽ تصوّف جو مادو بہ منجهس زياده ٿيڻ لڳو.

پڇاڙيءَ ۾ ايترو لکڻ ضروري آهي تہ اگرچ امام غزاليءَ، پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي علميت، قابليت ۽ لياقت جي ڪري نالو ڪڍيو، جو حجة الاسلام جو لقب مليس، جو اڄاتائين هلندو اچي، تڏهن بہ سندس حياتيءَ ۾، توڙي ڪانئس پوءِ، مخالفت بہ سندس برخلاف گهڻي هئي. تقليد کان آزاد ٿيڻ، اُنهيءَ مخالفت جو هڪڙو وڏو سبب هو. سڀني فرقن جا علماءَ، سندس برخلاف ٿيڻ لڳا ۽ سندس برخلاف، بادشاهن وٽ، پُڪارون ڪيائون. سندس مخالف عالمن مان مکيہ هِي هئا: ابن العربي، قاضي عياض، طرطوشي، ابن الصلاح، ابن جوزي، ابن تيميہ، ابن قيم، مازري، يوسف دمشقي ۽ ٻيا. اُنهن، امام صاحب جي ڪتابن تي نڪتہ چيني ڪئي آهي ۽ اعتراض آندا آهن ۽ سندس برخلاف، رايا ڏنا آهن. نموني لاءِ، هڪ مثال ڏجي ٿو: سندس نسبت ۾، ابوالوليد طرطوشي، هيئن لکي ٿو: "مون غزاليءَ کي ڏٺو آهي. بيشڪ هو ذهين، فاضل ۽ فن جو واقف آهي. گهڻي مدت تائين، درس تدريس ۾ مشغول رهيو. پر نيٺ، ٻيو سڀ ڇڏي، وڃي صوفين سان گڏيو ۽ فلسفي خيال ۽ منصور حلاج جون پروليون نئين مذهب ۾ گڏيائين ۽ فقيهن ۽ متڪلمين جي نسبت ۾، گهٽ وڌ چوڻ لڳو. تصوّف ۾، پورو ماهر نہ هو، تنهنڪري احياء العلوم لکڻ وقت، وڃي ڪنڌ پر ڪِريو ۽ اُنهيءَ ڪتاب ۾ موضوع حديثون زور ڪري وڌائين."

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# ڪيمياءِ سعادت- ڪيمياءِ ڪرامت

## ثناءِ باري تعاليٰ

بي حساب شڪرانو، آسمان جي تارن ۽ مينهن جي ڦڙن ۽ وڻن جي پنن ۽ ريگستان جي واريءَ جي ذرن ۽ زمين ۽ آسمان جيترو، اُنهيءَ خُدا کي جُڳائي، جنهن جي صفت يگانگي يا هيڪڙائي آهي ۽ جنهن جي خاصيت، بُزرگي، وڏائي ۽ چڱائي آهي. اُنهيءَ جي جلال جي ۽ ڪمال جي، ڪنهن بہ بندي کي خبر ڪانهي ۽ اُنهيءَ جي معرفت جي حقيقت ۾، اُنهيءَ کان سواءِ، ڪنهن کي بہ واٽ ڪانهي، بلڪ اُنهيءَ جي معرفت جي، حقيقت ۾، پنهنجي عاجزيءَ جو اِقرار ڪرڻ، صدّيقن جي معرفت جي حَد آهي ۽ اُنهيءَ جي حمد ۽ ثنا ۾، پنهنجي تقصير جو قبولدار ٿيڻ، ملائڪن ۽ پيغمبرن جي تعريف جي اِنتها آهي. اُن جي جلال جي ڀرئين چمڪاتَ ۾ حيران ٿي وڃڻ، عقلمندن جي عقل جي غايَت آهي ۽ اُن جي جمال جي نزديڪي ڳولڻ ۾ مُتحير ٿي وڃڻ، سالڪن ۽ مُريدن جي نهايت آهي. اُن جي اصل معرفت جي اُميد ڇڏي ڏيڻ، پنهنجو ساهہ ڇڏي ڏيڻ آهي، ۽ اُن جي معرفت ۾، ڪماليت جي دعويٰ ڪرڻ، تَشبيه ۽ تَمثيل جو خيال ڪرڻ آهي. اُن جي ذات جي جمال جو نظارو، سڀني اکين کي حيرت ۾ وجهندڙ آهي، ۽ اُن جي عجيب غريب صنعتن ڏسڻ کان ضروري معرفت سڀ عقلن جو نتيجو آهي. ڪوبہ ماڻهو اهڙو نہ هوندو، جو اُن جي ذات جي وڏائيءَ ۾، اِهو خيال ڪري تہ اُها ڪهڙي آهي ۽ ڪيئن آهي؟ ۽ ڪابہ دل اهڙي نہ هوندي، جا اُن جي عجيب صنعتن کان هڪڙو لحظو غافل رهي، تہ هُن جي هستي ڇا سان آهي ۽ ڪنهن سان آهي؟ جيئن تہ نيٺ معلوم ڪري تہ سڀڪا شيءِ، اُنهيءَ جي قدرت جي نشاني آهي ۽ اُنهيءَ جي وڏائيءَ جي روشنائي آهي ۽ سڀ عجائب ۽ غرائب اُنهيءَ جي حڪمت آهي ۽ اُنهيءَ جي جمال جو پَرتَو آهي ۽ جيڪي آهي، سو اُنهيءَ کان آهي ۽ سڀ ڪجهہ اُنهيءَ جي مدد سان آهي، بلڪ سڀڪجهہ اُهو پاڻ آهي، جو ڪنهن بہ شيءِ کي، اُن جي هستيءَ کان سواءِ، حقيقت ۾ ڪا هستي ڪانهي، بلڪ سڀني جي هستي، اُنهيءَ جي هستيءَ جي نُور جو پَرتَو آهي.

تنهن کان پوءِ، درود لامحدود محمّد مصطفيٰ ﷺ تي جُڳائي، جو سڀني

پيغمبرن جو سردار آهي ۽ سڀني ايماندار جو رهنما ۽ رهبر آهي ۽ ربوبيت جي اسرار جو امانتدار ۽ چونڊيل حضرت پروردگار جو آهي ۽ سندس يارن ۽ اهلبيت تي جُڳائي، جن مان هرهڪ، اُمّت جو پيشوا ۽ شريعت جي رستي ڏيکارڻ وارو آهي.

تنهن کان پوءِ ڄاڻڻ گهرجي تہ خُدا تعاليٰ ماڻهوءَ کي راند ۽ چرچي بازيءَ لاءِ پيدا نہ ڪيو آهي؛ پر اُن جو ڪم توڙي خطرو وڏو آهي، ڇالاءِ، جو جيتوڻيڪ هو اَزلي ناهي تہ اَبدي تہ بيشڪ آهي، يعني جيڪڏهن هميشه کان ناهي تہ هميشه تائين تہ ضرور آهي ۽ جيتوڻيڪ هن جو بدن مٽيءَ جو خسيس ۽ ناچيز آهي، تڏهن بہ هُن جي روح جي حقيقت ربّاني ۽ عزيز آهي. اگرچ هن جو اصل شروع کان چُرندڙ ۽ ڦاڙيندڙ جانورن ۽ شيطانن جي صفتن سان ملي، اُنهي ميل سان پَريل آهي، تہ بہ جڏهن، مشقت جي بوتي ۾ رکجي ٿو، تڏهن اُنهيءَ آميزش ۽ آلايش کان پاڪ ٿي، درگاهہ الاهيءَ جي نزديڪ پهچڻ جي لائق بنجي ٿو ۽ 'اَسفَل السّافِلِينَ' کان، 'اَعليٰ عِلِّيِين' تائين، يعني تمام هيٺانهين درجي کان، تمام مٿانهين درجي تائين سڀ هيٺانهيون مٿانهيون، اُن جو ڪم آهن. اُنهيءَ جو اَسفل السّافلين اهو آهي تہ چرند ۽ درند شياطين جي درجي ۾ ڪِري، شهوت ۽ غُصي جي ڦندي ۾ ڦاسي؛ ۽ اُنهيءَ جو اعليٰ عِلِّيِين اِهو آهي، تہ ملائڪن جي درجي تي پهچي ۽ شهوت ۽ غُصي جي هٿن مان ڇوٽڪارو لهي؛ يعني اِهي ٻئي، هُن جا قيدي ٿين ۽ هُو، اُنهن جو بادشاهہ بنجي. جڏهن اهو مرتبو بادشاهيءَ جو، انهن کي حاصل ٿئي ٿو، تڏهن هُو، جناب الاهيءَ جي بندگيءَ جو لائق ٿئي ٿو ۽ اها بندگيءَ جي لياقت ۽ قابليت، ملائڪن جي صفت آهي ۽ آدميءَ جو ڪمال مرتبو آهي. جڏهن حضرت الاهيءَ جي جمال جي محبت جي لذت، هن کي حاصل ٿئي ٿي، تڏهن اُن جي ديدار کان هڪڙو دم بہ هن کي صبر نٿو اچي. اُنهيءَ جمال لازوال جو ديدار، هن جي لاءِ، بهشت ٿي ٿو پوي ۽ اک ۽ پيٽ ۽ فرج جي شهوت جي حصي جو بهشت آهي. اُهو انهيءَ جي اڳيان ناچيز ٿيو پوي ۽ ڪي بہ ڪين آهي. شروع خلقت ۾ جڏهن ماڻهوءَ جو اصل ناقص ۽ ناچيز آهي، تڏهن اُنهيءَ کي نقصان کان، ڪمال جي درجي تي پهچائڻ ممڪن نہ آهي، سواءِ مشقت ۽ علاج ڪرڻ جي، جهڙيءَ طرح اُها ڪيميا، جا ٽامي ۽ پتل کي پاڪ ۽ صاف ڪري، سونُ ڪيو ٿي ڇڏي، سا تمام مشڪل ۽ ڪمياب آهي ۽ سڀڪو اُن کي نٿو ڄاڻي يا سُڃاڻي، تهڙيءَ طرح هيءَ ڪيميا بہ، جا ماڻهوءَ جي اصل کي حيوانن جي ڪَسُ ۽ ڪثافت کان ملائڪن جي صفائيءَ ۽ نفاست تائين پهچائي ٿي، جنهنڪري هُن کي، سعادت ابدي حاصل ٿئي ٿي، سا بہ مشڪل آهي ۽ اُنهيءَ جي، سڀڪنهن کي خبر ڪانهي. هن ڪتاب بنائڻ مان اُنهيءَ ڪيميا جي جُزن بيان ڪرڻ جو مدّعا آهي، جا حقيقت ڪري سعادت جي اَبدي ڪيميا آهي، تنهنڪري هن ڪتاب جو نالو، اسان "ڪيمياءِ سعادت" رکيو آهي. ڪيميا

جو نالو، هن ڪتاب تي تمام مناسب ٿو اچي ۽ چالاڪ جو ٽامي ۽ سونَ ۾ پيلائيءَ (پيلاڻ) ۽ ڳوڙائيءَ (ڳوڙاڻ) کان سواءِ ٻيو ڪو فرق ڪونهي ۽ اُنهيءَ ڪيميا سان، دنيا ۾ دولتمند ٿيڻ ڪانسواءِ، ٻيو ڪي بہ ڪين آهي. چوپاين جانورن جون عادتون ۽ ملائڪن جي صفتن ۾، زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. هن ڪيميا جو نتيجو، سعادت ابدي، جنهن جي عرصي يا مدّت جي حد يا پُڄاڻي ڪانهي ۽ ڪنهن بہ ڪَسُ يا ميل کي اُن جي نعمتن جي صفائيءَ ۾ دخل ڪونهي. حقيقت ڪري، هيءُ ڪتاب، ڪيميا آهي. اُنهي کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ شيءِ کي ڪيميا چوڻ بيجا ۽ اجايو آهي.

## تفصيل، ڪتاب جي آرڪان ۽ اُصولن جو

اي عزيز! جاڻ تہ جهڙيءَ طرح سونَ واري ڪيميا، سيڪنهن ٻُڍيءَ زال جي پُڳنيءَ ۾، ماڻهن کي هٿ نٿي اچي، پر وڏن ماڻهن يا بادشاهن جي خزاني ۾ لڀي ٿي، تهڙيءَ طرح، سعادت اَبديءَ واري ڪيميا بہ، سيڪنهن هنڌ مِلڻ جي ناهي: فقط خدائي خزاني ۾ لڀي سگهي ٿي. ۽ خداوند ڪريم جو خزانو، آسمان ۾، ملائڪن جي ذات آهي، ۽ زمين ۾، اَنبيائن جي دل آهي. جيڪو ماڻهو اِها ڪيميا نبوّت جي درگاهہ کان سواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ ڳوليندو، سو رستو گُم ڪندو ۽ نيٺ نااُميد ۽ پشيمان ٿيندو ۽ خيال خام کان سواءِ ٻيو ڪي بہ ڪين اُنهيءَ کي حاصل ٿيندو. قيامت ۾ انهن جي مفلسي، ظاهر ٿي پوندي ۽ ساريءَ خلق کي انهن جي ڪوٽي پئسي جي خبر پوندي ۽ اُنهن جي اُونڌي سمجهہ پڌري ٿي پوندي:

”فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَاءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيدٌ“ (يعني هاڻي اسان توتان تُنهنجو پَردو ڪنيو ۽ اَڄ تُنهنجي نظر تيز آهي). اَرحم الرّاحمين جي وڏين رحمتن مان هڪڙي رحمت اِها آهي تہ هڪ لک چوويهہ هزار پيغمبر صلواة الله عليهم اَجمعين، دنيا ۾ خدا پاڪ موڪليا، انهيءَ لاءِ تہ هِن ڪيميا جو نسخو، خلق کي سيکارين ۽ دل جي نقد کي مجاهدي ۽ مشقّت جي ٻوٽي ۾ رکڻ سَمجهائين ۽ ٻُڌائين تہ بُرا اَخلاق، جن ڪري دل مَري ۽ ڪَسيل ٿئي ٿي، سي ڪيئن پاسي ڪجن ۽ چڱا اَوصاف، ڪيئن دل ۾ موجود ڪجن؟ انهيءَ ڪري، حق تعاليٰ، پاڪائيءَ ۽ بادشاهيءَ سان جهڙيءَ طرح پنهنجي تعريف ڪئي، تهڙيءَ طرح نبين کي موڪلڻ تي بہ پنهنجي توصيف ڪئي ۽ مخلوق تي، پنهنجو احسان ڏيکاريو ۽ فرمايائين تہ:

يُسَبِّحُ لِلَّهِ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ الْمَلِكِ الْقُدُّوسِ الْعَزِيزِ الْحَكِيمِ هُوَ الَّذِي بَعَثَ فِي الْأُمِّيِّينَ رَسُولاً مِنْهُمْ يَتْلُو عَلَيْهِمْ آيَاتِهِ وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ وَإِنْ كَانُوا مِنْ قَبْلُ لَفِي ضَلَالٍ مُبِينٍ.

مُبينِ" (يعني، الله جي پاڪائي بيان تو ڪري، جيڪي آسمان ۽ زمين ۾ آهي. اُهو باد شاهه پاڪ، زبردست ۽ حڪمت وارو آهي. اهوئي آهي جنهن اَڻ پڙهيلن مان هڪڙو رسول اُتاريو، اُنهن ئي منجهان جو وَٽن پڙهي ٿو الله جون آيتون ۽ کين پاڪ ڪري ٿو ۽ اُنهن کي ٻڌائي ٿو ۽ سيکاري ٿو ڪتاب ۽ حڪمت ۽ بيشڪ، اُنهيءَ کان اڳي هئا، اُهي گمراهيءَ ۾).

هِتي "يُزڪيهمر" جي معنيٰ هيءَ آهي تہ بُرا اَخلاق جي جانورن جون صفتون آهن، اُنهن کان رسول ڇڏائي ٿو ۽ "يُعلمُهُمُ الڪتٰب والحڪمة" مان، هيءَ مراد آهي تہ ملائڪن جون صفتون، اُنهن کي سيکارين. هن ڪيميا مان، هيءُ مطلب آهي تہ نقصان جون ڳالهيون، جي نہ گُهرجن، تن کان ماڻهو پاڪ ۽ آجو رهي ۽ ڪمال جي صفتن سان سينگاريل رهي. سڀني ڪيميائن ۾ وڏي ڪيميا هيءَ آهي تہ دنيا کان ماڻهو منهن ڦيرائي، خدا ڏي مُنهن ڪري، جهڙيءَ طرح اڳي، رسول ﷺ کي، حق تعاليٰ تعليم ڏني: "وَاذْكُرُ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ إِلَيْهِ تَبْتِيلاً" (يعني ياد ڪر نالو پنهنجي رب جو ۽ سڀ کان پاڻ کي ڇڏائي، اُن ڏانهن لاڙو رک).

هِتي، "تَبتِيلاً" جي معنيٰ هيءَ آهي تہ سڀ کان تعلّق ۽ رستو ٽوڙ ۽ پاڻ کي، سَجوئي پنهنجي معبود جي حوالي ڪر. اِهو، هِن ڪيميا جو مُجمّل بيان آهي. مُفصل بيان تمام ڊگهو آهي؛ ليڪن چئن شينُ جي معرفت يا واقفيت، اُن جو عنوان يا مُنڍ آهي ۽ چئن معاملن جي سُڃاڻپ، اُن جا ارڪان يا ٿنيا آهن ۽ هرهڪ رُڪن جا ڏهہ اَصل يا پايا آهن:

پهريون عنوان هيءُ آهي تہ ماڻهو، پاڻ کي سڃاڻي. ٻيون عنوان هيءُ آهي تہ حق تعاليٰ کي سُڃاڻي. ٽيون عنوان هيءُ آهي تہ دنيا جي حقيقت سُڃاڻي. چوٿون عنوان هيءُ آهي تہ آخرت جي حقيقت کي سُڃاڻي. اِنهن چئن شين جو ڄاڻڻ يا سُڃاڻڻ، حقيقت ڪري مسلماني جو عنوان يا مُنڍ آهي.

مسلماني معاملات جا چار رُڪن آهن- ٻہ ظاهر سان تعلّق رکن ٿا ۽ ٻہ باطن سان. جي ظاهر سان تعلق رکن ٿا، سي هي آهن- پهريون رُڪن، خدا جي حُڪمن جو بجا آڻڻ؛ اُنهن کي 'عبادت' چون ٿا. ٻيو رُڪن، ماڻهوءَ جو چُرڻ ۽ ويهڻ ۽ دنيا جي گذران ۾ انهن کي نگاهہ ۾ رکڻ؛ انهن کي 'معاملات' چون ٿا. ۽ ٻہ رُڪن، جي باطن سان تعلق رکن ٿا، سي هي آهن: پهريون رُڪن، دل کي خراب اَخلاقن کان پاڪ ڪرڻ، جيئن تہ ڪاوڙ، حسد، بخيلي، هٺ ۽ وڏائي وغيره. اُنهن اَخلاقن کي 'مهلڪات'

(يعني هلاڪ ڪندڙ يا ماري وجهندڙ) ۽ دين جي رستي جا 'عقبات' يعني، نهايت مشڪل ۽ دشوار جايون يا راهون چون ٿا. ٻيو رُڪن دل کي چڱن اَخلاقن سان سينگارڻ (جهڙوڪ صبر، شڪر محبت، اُميد ۽ توڪل). اُنهن اَخلاقن کي 'مُنجيات' چون ٿا.

پهريون رُڪن جنهن ۾ عبادت جو بيان آهي، انهي ۾ ڏهه اَصل آهن. اَصل پهرين، اَهلسنت جي اعتقاد بابت: اصل ٻيون، علم جي طلب بابت: اَصل ٽيون، طهارت بابت: اَصل چوٿون، نماز بابت: اَصل پنجون، زڪوات بابت: اَصل ڇهون روزي بابت: اَصل انون، قرآن جي تلاوت بابت: اَصل نائون، فِڪر ۽ تسبيح بابت ۽ اَصل ڏهون، وظيفن جي ترتيب بابت آهي.

ٻيون رُڪن جنهن ۾ معاملات جو بيان آهي، تنهن ۾ به ڏهه اَصل آهن. اَصل پهريون، طعام کائڻ جي اَدبن بابت: اَصل ٻيون، نڪاح جي اَدبن بابت: اصل ٽيون، واپار ۽ ڌنڌي جي اَدبن بابت: اَصل چوٿون، حلال جي طلب ڪرڻ بابت: اَصل پنجون، صحبت جي اَدبن بابت: اَصل ڇهون، گوشه نشينيءَ جي اَدبن بابت: اَصل ستون، سفر جي اَدبن بابت: اَصل اٺون، سماع يعني راڳ ۽ وجد يعني حال جي اَدبن بابت: اَصل نائون، امر معروف ۽ نهي مُنڪرجي اَدبن بابت: ۽ اَصل ڏهون، رعيّت پروريءَ ۽ حڪومت بابت.

ٽيون رُڪن، جو 'مهلڪات' جي بيان ۾ آهي، تنهن ۾ به ڏهه اَصل آهن- اَصل پهريون، نفس جي رياضت بابت اَصل ٻيو، پيٽ ۽ فرج جي شهوت ۽ علاج بابت: اَصل ٽيون، ڳالهائڻ جي مرض ۽ زبان جي آفتن جي علاج بابت: اَصل چوٿون: غصي ۽ حسد ۽ ريس جي علاج بابت: اَصل پنجون، دنيا جي محبت جي علاج بابت: اضل ڇهون، مال جي محبت جي علاج بابت: اَصل ستون، عزت ۽ وڏائيءَ جي خواهش جي علاج بابت: اَصل اٺون، ريا يا ڏيک ۽ نفاق جي علاج بابت: اَصل نائون، تڪبّر جي علاج بابت ۽ اَصل ڏهون، غرور ۽ غفلت جي علاج بابت.

چوٿون رڪن، جو 'مُنجيات' جي بيان ۾ آهي، اُنهيءَ ۾ به ڏهه اصل آهن. اصل پهريون، توبه بابت: اصل ٻيون، شُڪر ۽ صبر بابت: اصل ٽيون، خوف ۽ اُميد بابت: اصل چوٿون، درويشيءَ ۽ زُهد بابت: اَصل پنجون، نيت ۽ اخلاص ۽ سچائيءَ بابت: اَصل ڇهون، مُراقبه ۽ مُحاسبه بابت: اَصل ستون، تفڪر بابت: اَصل اٺون، توحيد ۽ توڪل بابت: اَصل نائون، سچي محبت ۽ عشق الـهيءَ بابت، ۽ اَصل ڏهون، موت جي يادگيريءَ ۽ موت جي حالت بابت.

”ڪيمياءِ سعادت“ جي ارڪان ۽ اصول جو تفصيل اِهو آهي، جو مٿي ڏنو ويو. اَسين هن ڪتاب ۾، انهن چئن عنوانن ۽ چاليهن اَصلن جو، چِٽائيءَ سان بيان ڏينداسين، ۽ قلم کي مُشڪل عبارت ۽ باريڪ مضمون کان روڪينداسين، انهيءَ لاءِ ته هيءُ ڪتاب عام جي فهم جهڙو ٿئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي زياده تحقيق ۽ تدقيق جي خوشي هوندي، ته هن ڪانسواءِ، ٻيا عربي ڪتاب مطالع ڪري، جيئن ته احياء العلوم يا جواهر القرآن يا ٻيا ڪتاب، جي اِنهيءَ علم ۾ آهن. هن ڪتاب ۾ان مطلب فقط عام ماڻهن کي سمجهائڻ جو آهي ۽ هن ڪري، جو ماڻهن خواهش ڪئي ته اِهو علم، فارسي عبارت ۾ لکيو وڃي ته آسانيءَ سان اسان جي سمجهه ۾ اچي. ڌڻي خداوند ڪريم، اُنهن جي تونڙي منهنجي نيت پاڪ ۽ صفا رکي ۽ رِيا ۽ تڪلف کان پري رکي ۽ پنهنجيءَ رحمت جو خاص اُميدوار ڪري ۽ ثواب جو دروازو کولي ۽ سندس توفيق، مددگار رهي ۽ جيڪي زبان تي اچي، اُن تي عمل ڪجي، ڇالاءِ جو جنهن ڳالهه ۾ عمل ڪونهي، اُها اجائي آهي- چوڻ ۽ عمل نه ڪرڻ، قيامت ۾ وبال ۽ زيان جو سبب آهي. نَعُوذ باالله مِنهَا.

★

# آغاز ڪتاب جو، مسلمانيءَ جي عنوان جي بيان ۾

## فصل پهريون

مسلماني جا چار عنوان آهن پهرئين عنوان ۾، نفس جي معرفت يا پاڻ کي سڃاڻڻ جو بيان آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ۽ يقين سان مڃڻ گهرجي ته پاڻ کي سڃاڻڻ حق تعاليٰ جي معرفت يا سڃاڻپ جي ڪُنجي آهي. انهيءَ ڪري چيو اٿن ته:

"مَن عَرَفَ نَفسَه فَقَد عَرَفَ رَبّه"

(يعني، جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن بيشڪ، پنهنجي ربّ کي سڃاتو.)

۽ انهيءَ ڪري، حق تعاليٰ فرمايو آهي:

"سَنُرِيهِمْ آيَاتِنَا فِي الآفَاقِ وَفِي اَنفُسِهِمْ حَتَّى يَتَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُ الْحَقُّ" (يعني، اَسين سگهوئي ڏيکاريندا سون هُنن کي پنهنجون نشانيون مُلڪن ۾ ۽ خود سندن نفس يا ذات ۾، انهيءَ لاءِ ته هُنن کي معلوم ٿئي ته تحقيق، هُو حق آهي).

حقيقت ڪري، پاڻ کان زياده ويجهي، توکي ٻي ڪا به شيءِ ڪانهي. جي تون پاڻ کي نه سڃاڻندين، ته ٻئي کي ڪيئن سڃاڻندين؟ اڪثر تون چوندين، ته آءٌ پاڻ کي ته سڃاڻان ٿو؛ پر اها، غلط ڳالهه ٿو ڪرين. اهڙي سڃاڻپ، خدا جي معرفت جي ڪُنجي ٿي نٿي سگهي، ڇالاءِ جو، اِئين ته جانور به پاڻ کي سڃاڻي ٿو، ڇالاءِ جو تون رڳو پنهنجي اِنهيءَ مٿي، وات، هَٿَ، پير، ظاهري گوشت ۽ کَلَ کان وڌيڪ، ٻيو ڇا ٿو سڃاڻين؟ ۽ پنهنجي باطن يا اندر جو حال، رڳو ايترو ٿو ڄاڻين، ته جڏهن بُک لڳيئي ٿي، تڏهن ماني کائين ٿو، ۽ جڏهن ڇرچا ڪرين ٿو تڏهن ڪنهن سان وڙهين ٿو. جڏهن شهوت ڪٿيئي ٿي، تڏهن شادي ڪرين ٿو. اِنهيءَ ڳالهه ۾ ته سڀ جانور تو جهڙا آهن. توکي پنهنجي باطني حقيقت ڳولڻ گهرجي ته تون ڪير آهين، ڪٿان آيو آهين، وري ڪيڏانهن ويندين ۽ هتي ڇو آيو آهين ۽ خدا توکي ڪهڙي ڪم لاءِ پيدا ڪيو آهي؟ تنهنجي سعادت يا نيڪ بختي ڪهڙي ڪم ۾ آهي ۽ تُنهنجي بدبختي ڪهڙي ڪم ۾ آهي؟ جيڪي صفتون تو ۾ موجود آهن، تن مان ڪي چَرند ۽ دَرند جانورن جون آهن؛ ڪي شيطانن جون آهن ۽ ڪي ملائڪن جون. اُنهن مان تون ڪهڙو آهين؛ تُنهنجي اصل حقيقت ڇا آهي ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون صفتون تو ۾ اُڌاريون آهن؟ جيستائين توکي انهن

ڳالهين جي خبر نہ پوندي، تيستائين تون پنهنجي سعادت ڳولي نہ سگهندين. اُنهن مان هرهڪ جي غذا يعني قُوت الڳ آهي ۽ انهن جي سعادت الڳ آهي- کائڻ، پيئڻ، سُمهڻ، تلهو ۽ زور پريو ٿيڻ، چوپاين جانورن جي غذا ۽ انهن جي سعادت آهي. جيڪڏهن تون بہ چوپايو جانور آهين تہ بيشڪ رات ڏينهن ڪوشش ڪر تہ تُنهنجي پيٽ ۽ شهوت جو ڪم پورو ٿئي، مارڻ، ڪُٽڻ ۽ ڪاوڙ ڏيکارڻ، ڦاڙيندڙ ۽ جهنگلي جانورن جي غذا ۽ سعادت آهي. شر ۽ فِتنا فساد اُٿارڻ ۽ حيلا ۽ مڪر ڪرڻ، شيطانن جي غذا آهي. جي تون بہ اُنهن مان آهين، تہ انهن جي ڪمن ۾ مشغول رهہ تہ توکي آرام اچي ۽ پنهنجي سعادت توکي هٿ اچي. ۽ خدا جو جمال ڏسڻ، ملائڪن جي غذا ۽ سعادت آهي ۽ غصي توڙي چوپاين ۽ ڦاڙيندڙ جانورن جي صفتن جو اُن ۾ دخل ڪونهي. جي تون ملائڪن جي ذات مان آهين، تہ پنهنجي اصل ۽ ذات موجب ڪوشش ڪر، تہ جناب الـلـهيءَ کي سڃاڻين ۽ سندس جماليٰ جي ديدار جو رستو لهين ۽ پاڻ کي شهوت ۽ غضي کان ڇڏائين ۽ اِنهيءَ ڳالهہ جي ايستائين تلاش ڪرين، جيستائين توکي معلوم ٿي وڃي تہ خدا، جانورن جون صفتون تو ۾ ڇو پيدا ڪيون آهن؟ انهيءَ لاءِ پيدا ڪيون آهن، تہ تون اُنهن کي پنهنجو قيدي ڪرين ۽ جيڪو سو توکي پيش آهي تنهن ۾ هنن کي پنهنجو تابع ڪرين ۽ هڪڙي کي سواريءَ جي ڪم آڻين ۽ ٻئي کي پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿيار بڻائين ۽ جيڪي ٿورا ڏينهن تون انهيءَ منزل تي رهيل آهين، اُنهن کي تون پنهنجي ڪم ۾ آڻين ۽ انهن جي مدد سان سعادت جو ٻِجُ، تنهنجي هٿ لڳي ۽ اُنهن کي پنهنجن پيرن هيٺ آڻين ۽ اُنهن تي چڙهي، پنهنجيءَ سعادت جي منزل ڏانهن روانو ٿين. انهيءَ منزل يا مڪان کي خاص ماڻهو، حضرت الاهيءَ يا خدا جو حضور سڏين ٿا ۽ عام ماڻهو انهن کي جنّت يا بهشت چون ٿا ۽ اهي سڀ ڳالهيون توکي معلوم ڪرڻيون آهن، انهن لاءِ تہ توکي هڪجهڙ پنهنجيءَ معرفت يا سڃاڻپ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي. جنهن ايترو نہ ڄاتو، سو نيٺ شرمندو ٿيندو ۽ دين جي حقيقت کان راهہ بَدَر ٿيندو:

## فصل ٻيون

جيڪڏهن تون پانئين تہ پاڻ کي سُڃاڻين، تہ هيءَ ڳالهہ ڄاڻڻ، توکي ضروري آهي، تہ خدا تعاليٰ توکي ٻن شين مان پيدا ڪيو آهي- هڪڙو ظاهري قالب، جنهن کي بدن چون ٿا. ۽ جنهن کي ظاهري اک سان ڏسي سگهجي ٿو. اُن جي باطني معنيٰ، جنهن کي نفس يا دل يا جان چون ٿا. ۽ جنهن کي، باطني اک سان ڏسي ۽ سُڃاڻي سگهجي ٿو: ۽ ظاهري اک سان، ڏسي نٿو سگهجي: ۽ اُنهن جي حقيقت، باطن جي معنيٰ آهي ۽ اُنهيءَ معنيٰ کانسواءِ، ٻيون جيڪي شيون آهن، سي اُن جون تابع آهن، ۽ اُن جون خدمتگار يا لشڪر آهن. اسين اُنهيءَ حقيقت کي دل سَڏينداسين ۽ جڏهن دل

جو ذڪر ڪندا سين، تڏهن توکي سمجهڻ گهرجي تہ دل مان اسان جو مطلب اِهائي انساني حقيقت آهي ۽ اُنهيءَ حقيقت کي ڪڏهن روح چوندا آهن ۽ ڪڏهن نفس. دل مان مُراد، اُنهيءَ گوشت جي ٽُڪر يا عضوي جي نہ آهي، جو سيني ۾، کَٻي پاسي رکيل آهي. اُها تہ ڪي بہ ڪين آهي، جو جانورن ۽ مُردن کي بہ اهڙي دل آهي. اُها دل، جا انساني حقيقت آهي، تنهن کيِ ظاهري اک سان ڏسي نٿو سگهجي. جا شيءِ، ظاهري اک سان ڏسي تي سگهجي، سا هِن عالَم جي آهي، جنهن کي 'عالَم شهادت' چون ٿا. اُنهيءَ دل جي حقيقت، اُنهيءَ عالَم مان نہ آهي. برابر اُها، هِن عالَم ۾، مسافر وانگي آئي آهي ۽ اُها ظاهري دل يا گوشت جو ٽُڪر، اُنهيءَ باطني دل جي سواري يا هٿيار آهي ۽ بدن جا سڀ عضوا، اُن جو لشڪر آهن ۽ اُها، ساري بدن جو بادشاهہ يا آفيسر آهي. خدا جي معرفت ۽ اُن جي جمال بي مثال جو شاهد پاسيدار، اُنهيءَ دل جي صفت آهي ۽ اُنهيءَ تي عبادت جي تاڪيد آهي؛ اُنهيءَ سان خطاب آهي ۽ اُنهيءَ تي ثواب ۽ عَذاب آهي. اَصلي سعادت ۽ شقاوت، يعني نيڪ بختي ۽ بدبختي، اُنهيءَ جي لاءِ آهي. انهن سيني ڳالهين ۾ بدن، اُن جو تابع آهي. اُنهيءَ جي حقيقت ۽ صفتن کي سُڃاڻڻ، خدا تعاليٰ جي معرفت جي ڪُنجي آهي. اهڙي ڪوشش ڪر؛ تہ تون ان کي سڃاڻين، جو اُهو هڪڙو عمدو گوهر آهي ۽ ملائڪن جي گوهر جي جنس مان آهي، جنهن جي اصلي کاڻ، درگاهہ اُلوهيت جي آهي ۽ اُهو اُتان آيو آهي ۽ وري اوڏاهين ويندو، ۽ هِتي رڳو پرديسيءَ يا مسافر وانگي آهي، جو واپار ۽ پوک جي لاءِ هِتي آيو آهي. واپار ۽ پوک جي معنيٰ، اڳتي بيان ڪرڻ ۾ ايندي ۽ اُتي، چڱيءَ طرح معلوم ٿيندي. انشاء الله تعاليٰ.

## فصل ٽيون

جاڻ تہ جيستائين تون دل جي هستي نہ سُڃاڻندين تيستين، اُن جي حقيقت ڪيئن سڃاڻندين؟ پهرين هستي سُڃاڻ، پوءِ حقيقت جاڻ؛ پوءِ دل جو لشڪر معلوم ڪر تہ ڇا آهي؟ پوءِ اها ڳالهہ سمجهہ تہ دل جو، اُنهيءَ لشڪر سان ڪهڙو علاقو آهي؟ پوءِ انهيءَ جي صفت سُڃاڻ، تہ حق تعاليٰ جي معرفت، اُن مان ڪهڙي طرح حاصل ٿئي ٿي، ۽ اُنهيءَ معرفت مان ماڻهو، پنهنجيءَ سعادت کي ڪهڙيءَ طرح ٿو پهچي؟ اِنهن مان، هرهڪ جو بيان اڳتي ايندو. هاڻي، دل جي هستي تہ ظاهر آهي، جو پنهنجي هستيءَ ۾ تہ ماڻهوءَ کي، ڪوبہ شڪ ڪونهي ۽ اُن جي هستي، سندس ظاهري قالب يا بدن تي مُنحصر نہ آهي؛ ڇالاءِ جو هيءُ بدن، مُردي جي مثال آهي ۽ اُن ۾ جان نہ آهي ۽ دل مان، اسان جو مطلب، روح جي حقيقت آهي. جڏهن روح نہ رهيو، تڏهن بدن، مُردي جي مثال آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو، پنهنجون اکيون پُوري ۽ پنهنجي جسم کي، ۽ زمين ۽ آسمان، جنهن کي اکين سان ڏسي سگهجي ٿو، سو وِساريندو، تہ بہ پنهنجي هستيءَ

جي ضرور خبر پونديس ۽ جيتوڻيڪ پنهنجي جسم ۽ زمين آسمان کان بيخبر هوندو، تڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي، ضرور ڄاڻندو هوندو ۽ جيڪو انهيءَ اَمر ۾، چڱيءَ طرح غور ڪندو، تہ آخرت جي حقيقت بہ ڪجهہ معلوم ڪري سگهندو، ۽ ايتري خبر پونديس تہ جڏهن سندس بدن ڪَسي وينندا، تڏهن سندس قائم رهڻ ۽ فنا نہ ٿيڻ روا آهي.

## فصل چوٿون

دل جي حقيقت ڇا آهي، اُن جي خاص صفت ڪهڙي آهي، اُن جي بيان ڪرڻ جي شريعت، موڪل نہ ڏني آهي. اِنهيءَ ڪري رسول ﷺ، اُنهيءَ جي شرح نہ ڏني ۽ حق تعاليٰ وٽان، فقط هيءُ آيت آئي:

"وَيَسْأَلُونَكَ عَنِ الرُّوحِ قُلِ الرُّوحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّي" (يعني، توکان پُڇن ٿا روح بابت، تون چئُو تہ روح، پنهنجي پروردگار جي حڪم سان آهي).

انهيءَ کان زيادهہ چوڻ جي اجازت نہ هئي:

"اَلاَ لَهُ الْخَلْقُ وَالاَمْرُ" (يعني، خبردار رهہ! اُنهيءَ جو ڪم آهي جوڙڻ ۽ حُڪم ڪرڻ).

خلق جو عالَم جدا آهي ۽ اَمر جو عالَم جدا آهي، جنهن شيءِ ۾ ماپ ۽ مقدار ۽ اَنداز جي جاءِ آهي، اُنهيءَ کي خلق جو عالَم چون ٿا: ڇالاءِ جو لُغت ۾، 'خلق' جي معنيٰ آهي اندازو ڪرڻ ۽ ماڻهوءَ جي لاءِ اندازو ڪونهي، تنهنڪري، اُها تقسيم جوڳي ناهي، جيڪڏهن تقسيم جوڳي هُجي ها تہ اُنهيءَ ۾، ڪنهن شيءِ جو جهل يا اَڻ ڄاڻائي ۽ ڪنهن شيءِ جو علم يا واقفيت هئڻ درست هجي ها ۽ ساڳئي وقت اُها، اُنهيءَ جي عالَم بہ هُجي ها ۽ اهي ٻئي ڳالهيون محال آهن، ۽ روح، جيتوڻيڪ تقسيم جوڳو نہ آهي، ۽ مقدار يا اندازَ جو اُن ۾ دخل ڪونهي، تڏهن بہ مخلوق آهي ۽ پيدا ٿيل آهي، ۽ ٻيءَ معنيٰ جي لحاظ تي، عالَم اَمر مان آهي، عالَم خلق مان نہ آهي، ڇالاءِ جو عالَم اَمر مان اُنهن شين جي مراد آهي، جنهن ۾ ماپ ۽ انداز کي دخل نہ هُجي. جي ماڻهو، روح کي قديم سمجهن ٿا، سي غلط ٿا سمجهن ۽ جن، روح کي عرض سمجهيو آهي، تن بہ غلط سمجهيو آهي. ڇالاءِ جو عرض، اُها خاصيت آهي، جا پاڻ قائم ناهي، ٻئي تي معلق آهي ۽ ٻئي جي تابع آهي ۽ ساهہ، ماڻهوءَ جو اصل آهي، بدن انهيءَ جو تابع آهي. تڏهن روح کي، عرض ڪيئن چئي سگهبو؟ ۽ جن، روح کي جسم چيو آهي، اُنهن بہ برابر نہ سمجهيو آهي، ڇالاءِ جو جسم، تقسيم جوڳو آهي، يعني ٽُڪر ٽُڪر ٿي سگهي ٿو ۽ روح، ٽُڪرا ٿي نٿو سگهي. هڪڙي ٻي بہ شيءِ آهي، جنهن کي دل چوندا آهن ۽ اُها ٽُڪرا بہ ٿي سگهندي آهي ۽ جانورن ۾ بہ هوندي آهي، يعني دل: پر جنهن کي اسين روح چئون ٿا، سو خدا تعاليٰ جي معرفت جي جاءِ آهي. جانورن کي، اُهو روح نہ ٿيندو. اُهو نہ جسم آهي نہ عرض، بلڪ ملائڪن جي جوهر جي جنس مان، هڪڙو جوهر آهي. اُنهيءَ جي حقيقت ڄاڻڻ مشڪل آهي ۽ اُنهيءَ جي مفصل بيان ڏيڻ

جي موڪل ڪانهي ۽ دين جي رستي تي هلڻ لاءِ پهريائين، اُنهيءَ جي سُڃاڻڻ جو ضرور ڪونهي، هن ڪري، جو پهرين، دين جي رستي ۾ محنت ۽ رياضت گهرجي. جڏهن ڪو ماڻهو، سچي پچي رياضت ڪندو، تڏهن اُهس سُڃاڻپ، هن کي خودبخود حاصل ٿي ويندي. اُها سُڃاڻپ يا معرفت، اُنهيءَ هدايت منجهان آهي، جنهن بابت حق تعاليٰ هن آيت ۾ فرمايو آهي:

"وَالَّذِينَ جَاهَدُوا فِينَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا" (يعني، جن محنت ڪئي آسان لاءِ، اَسين اُنهن کي، پنهنجون واٽون ڏيکاريندا سين.)

جنهن پوري رياضت نہ ڪئي هوندي، تنهن سان، روح جي حقيقت ڪرڻ درست ناهي پر مجاهدي ۽ رياضت کان اڳي، دل جو لشڪر، معلوم ڪرڻ گهرجي. جنهن کي لشڪر جي خبر نہ هوندي، سو جهاد ڪيئن ڪندو؟

## فصل پنجون

ڄاڻڻ گهرجي تہ بدن، دل جي بادشاهي آهي، ۽ اُنهيءَ بادشاهيءَ ۾، دل جو مختلف لشڪر رکيل آهي:

"وَمَا يَعْلَمُ جُنُودَ رَبِّكَ إِلاَّ هُوَ" (يعني، تُنهنجي پروردگار جي لشڪرن جي، ڪنهن کي بہ خبر ڪانهي، سواءِ هُن جي).

هن آيت ۾، اُنهيءَ لشڪر ڏي اشارو آهي، دل کي آخرت جي لاءِ پيدا ڪيو اٿس ۽ اُنهيءَ جو ڪم آهي سعادت ڳولڻ. اُها سعادت، خدا تعاليٰ جي معرفت يا سُڃاڻپ تي تعلّق آهي ۽ صانع جي معرفت، سندس صنعت گري يا مصنوعات مان حاصل ٿئي ٿي ۽ سڄو عالم، مصنوعات سان ڀريو پيو آهي ۽ عالم جي عجائبات جي معرفت، ظاهري ۽ باطني حواسن جي وسيلي، دل کي حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ حواسن جو قائم رهڻ، بدن تي منحصر آهي. معرفت، دل جو شڪار آهي ۽ حواس، اُنهيءَ شڪار ڦاسائڻ جا ڦندا آهن ۽ بدن، سندس چڙهيءَ جو وهٽ آهي جنهن تي دل، اهي ڦندا بہ کنيو وتي؛ تنهنڪري دل کي، بدن يا جسم جو ضرور آهي. ۽ بدن، پاڻي، مٽي، گرمي ۽ آلاڻ ملائڻ سان جڙيو آهي، تنهنڪري ڪم طاقت آهي ۽ باطن ۾ بُک ۽ ظاهر ۾ باهہ ۽ پاڻيءَ، اُن جا دشمن آهن ۽ ڦاڙيندڙ جانورن مان، اُن کي وڏو خوف آهي، تنهنڪري کائڻ پيئڻ جي اُن کي گهرج ٿي ۽ ٻن لشڪرن جي اُن کي ضرورت ٿي- هڪڙو ظاهري لشڪر، جيئن تہ هٿ، پير، وات، ڏند، معدو يا پيٽ، ۽ ٻيو باطني لشڪر، جيئن تہ بُک ۽ اُڃ. ظاهري دشمن کان بچڻ لاءِ بہ دل کي بہ لشڪر ضرور آهن. هٿ، پير ۽ هٿيار تہ ظاهري لشڪر آهي ۽ غصو يا ڪاوڙ ۽ شهوت يا خواهش، باطني لشڪر آهي ۽ سواءِ ڏسڻ جي، ڪا شيءِ گهرڻ، يا ڪو دشمن ٽارڻ، مُمڪن نہ هو، تنهنڪري ظاهري حواسن جي ضرورت ٿي. ڏسڻ، ٻُڌڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇُهڻ جون قوتون، ظاهري پنج حواس آهن ۽ خيال، تفڪر، حفظ، توهم ۽ تفڪر جون قوتون، دماغ ۾ آهن ۽ اُهي باطني پنج حواس آهن.

هرهڪ قوت جا خاص ڪم مقرر آهن. هڪڙيءَ قوت ۾ خلل پوڻ سان، ماڻهوءَ جي دين ۽ دُنيا جي ڪم ۾ خلل پوي ٿو. اهي سڀ ظاهري توڙي باطني لشڪر، دل جي هٿ ۾ آهن ۽ دل، سڀني جي بادشاهه آهي. زبان، هٿ، پير، اک، خيال يا فڪر ڪرڻ جي قوت، سڀ دل جي حڪم سان ڪم ڪن ٿا ۽ سڀني کي خدا، خوشيءَ سان دل جو تابع ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ ته بدن جي حفاظت ڪن ته دل، پنهنجو سَمر سنڀالي ڪٺي ۽ پنهنجو شڪار پڪڙي ۽ آخرت جي سوداگري پوري ڪري ۽ پنهنجيءَ سعادت جو ٻج ڇٽي ۽ اهو لشڪر، دل جي اهڙي فرمانبرداري ڪري ٿو، جهڙي ملائڪ، خدا تعاليٰ جي فرمانبرداري، خوشيءَ سان ڪن ٿا ۽ اُن جي حُڪم جي برخلاف، ڪوبه ڪم نٿا ڪن.

## فصل ڇهون

دل جي لشڪر جو تفصيل ڏگهو آهي. اَصل مطلب، توکي هڪڙي مثال مان معلوم ٿي ويندو. اِهو مثال هيءُ آهي ته بدن، گويا هڪڙو شهر آهي ۽ هٿ ۽ پير، ڪاسبي آهن ۽ شهوت يا خواهش، انهيءَ شهر جو عملدار يا عامل آهي. غصو، ڪوتوال آهي. دل، بادشاهه آهي ۽ عقل، وزير آهي. بادشاهه کي، حڪومت جي انتظام لاءِ، اُنهن سڀني جو احتياج آهي؛ ليڪن شهوت، جا عامل آهي، سا ڪُوڙي ۽ زيادتي ڪرڻ واري آهي. جيڪي وزير عقل ٿو چوي، اُنهيءَ جي برخلاف، هو ڳالهائي ٿي ۽ هميشه اهائي مرضي اٿس، ته بادشاهيءَ ۾ جيترو به مال آهي، اُهو سڀ، دل جي بهاني وٺي، هٿ ڪري ۽ غصو، جو ڪوتوال آهي، سو نهايت شرير، شوخ ۽ تيز آهي. ماري وجهڻ، ڦٽي ڇڏڻ، اُن کي پسند ٿو اچي. جهڙيءَ طرح شهر جو بادشاهه، سڀني ڳالهين بابت، پنهنجي وزير سان صلاح مشورت ڪري ٿو ۽ ڪوڙي طمعي عملدار کي گوشمالي ڏئي ٿو. وزير جي چوڻ جي برخلاف، اُنهيءَ جي ڳالهه نٿو مڃي ۽ ڪوتوال کي، اُنهيءَ جي مٿان مقرر ڪري ٿو ته اُنهي کي، زيادتي ڪرڻ کان روڪي ۽ خود ڪوتوال کي، دٻ ۾ رکي ٿو. ته جيئن، سلطنت ۾ انتظام پورو رهي. انهيءَ طرح، دل جو بادشاهه به جيڪڏهن، عقل جي وزير جي مشورت سان ڪم ڪندو ايندو ۽ شهوت ۽ غصي کي روڪي ناهي، عقل جو مطيع ڪيو ايندو ۽ عقل کي، اُنهن جو فرمانبردار نه بنائيندو، ته بدن جي سلطنت جو انتظام پورو رهندو ۽ پاڻ، سعادت جي واٽ وٺي، ڪنهن به روڪ ڪانسواءِ، وڃي الاهي حضور ۾ پهچندو؛ پر جي عقل کي غصو ۽ شهوت قيد ڪندو، ته بدن جو مُلڪ، خراب ٿيندو ۽ دل جو بادشاهه، بدبخت ٿي، خوار، خراب ۽ هلاڪ ٿيندو.

## فصل ستون

هيءَ جيڪي مٿي بيان ٿيو، تنهن مان توکي معلوم ٿيو هوندو، ته شهوت ۽ غُصي کي، کائڻ، پيئڻ ۽ بدن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ خدا پيدا ڪيو آهي، تنهنڪري اِهي ٻئي، بدن جا خدمتگار آهن؛ کاڌو ۽ پاڻي، بدن جو چارو آهي ۽ بدن، وهٽ وانگي، بار کڻڻ لاءِ پيدا ڪيو اٿس ۽ بدن، حواسن جو خادم آهي ۽ حواسن کي، عقل جي

جاسوسيءَ لاءِ پيدا ڪيو اٿس تہ اُنهن جي مدد سان، خدا جون عجيب عجيب صفتون سُڃاڻي. تنهنڪري حواس، عقل جا خادم چئبا ۽ عقل کي وري دل جي لاءِ پيدا ڪيو اٿس تہ دل، ڏيئو يا بتي بڻجي ۽ اُنهيءَ جي سوجهري ۾، درگاهہ الاهي، دل کي نظر اچي، ڇالاءِ جو اُهوئي نظارو، دل جو بهشت آهي: تنهنڪري عقل، دل جو خادم آهي ۽ دل کي جمال الاهيءَ جي نظاري لاءِ پيدا ڪيو اٿس. جڏهن دل، انهيءَ ديدار ۾ مشغول ٿي، تڏهن چئبو تہ بندو، خدا جي درگاهہ جو پورو خادم بنيو ۽ حق تعاليٰ، جو فرمايو آهي:

”وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالإِنسَ إِلاَّ لِيَعْبُدُون“ (يعني، مون جو پيدا ڪيو آهي جن ۽ انسان، سو رڳو پنهنجيءَ عبادت لاءِ).

اُن جي اهائي معنيٰ آهي ۽ دل کي پيدا ڪري، اُنهيءَ کي مُلڪ ۽ لشڪر ۽ بدن جي سواري، انهيءَ لاءِ ڏني اٿس، تہ عالَم خاڪيءَ مان اعليٰ عليين، يعني عالم بالا جو سير ڪري. جيڪڏهن ڪو انهيءَ نعمت جو حق ادا ڪرڻ ۽ انهيءَ بندگيءَ جو شرط بجا آڻڻ گهُرندو، تہ اُنهيءَ کي گهُرجي، تہ بادشاهن وانگي، سلطنت جي مسند تي ويهي ۽ خدا جي درگاهہ کي پنهنجو مقصود ۽ قبلو بنائي ۽ آخرت کي پنهنجو وطن ۽ رهڻ جي جاءِ ٺهرائي ۽ دنيا کي سفر جي منزل، ۽ بدن کي سواريءَ جو وهٽ ۽ هٿن، پيرن کي خدمتگار ۽ عقل کي وزير ۽ شهوت کي مال جو نگهبان ۽ غُصي کي ڪوتوال ۽ حواسن کي جاسوس بنائي، هرهڪ کي پنهنجي پنهنجي ڪم تي مقرر ڪري، تہ انهي پاسي جي خبر آڻيندا رهن ۽ خيال جي قوت، جا دماغ ۾ اڳئين پاسي آهي، اُنهيءَ کي اَخبار جي هَرڪارن جو افسر بنائي، انهيءَ لاءِ تہ سڀ جاسوس، اَخبار جا پرچا وٽس آڻين ۽ حافظي جي قوت، جا دماغ جي هيٺئين پاسي رکيل آهي، اُنهيءَ کي، اَخبار جي دفتر جو محافظ يا نگهبان ڪري، سا اخبار جا پرچا، اُنهيءَ افسر کان وٺي، سنڀالي رکي ۽ وقت تي، عقل جي وزير وٽ گذارش ڪري ۽ وزير، اُنهن سڀني شين موافق، جيترو ٿي سگهيس اوترو، ملڪ جو انتظام پورو رکي ۽ بادشاهہ جي سفر جي تدبير ڪندو رهي ۽ عقل جو وزير بہ جيڪڏهن ڏسي تہ لشڪر مان ڪو، مثلاً شهوت يا غُصو وغيره، بادشاهہ کان ڦري وڃي ٿو يا تابعداريءَ کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو ۽ ڦُرمار ڪرڻ گهُري ٿو، تہ اُنهيءَ جو بندوبست ڪري ۽ اُنهيءَ سان جهاد ڪري تہ هو، وري سنئين رستي تي اَچي: پر اُنهن جي اَصل ماري وجهڻ جو ارادو نہ ڪري، ڇالاءِ جو انهن کان سواءِ، بادشاهي پوريءَ طرح هلي نہ سگهندي، بلڪ اهڙِ تجويز ڪري، تہ انهن کي، پنهنجي حڪم ۾ آڻي، انهيءَ لاءِ تہ جو سفر، اڃڻ وارو آهي، انهيءَ ۾ هو، سندس يار ۽ مددگار رهن ۽ دشمن نہ ٿي پون، سنگتي ٿين ۽ چور ڌاڙيوال نہ ٿين، جڏهن ائين ڪيائين، تڏهن نيڪ بخت ٿيو ۽ نعمت جو حق ادا ڪيائين ۽ اُنهيءَ خدمت جي عيوض ۾، سَرفرازيءَ جي خلعت، وقت تي حاصل ڪندو. پر جي اُن جي برخلاف هلت ڪيائين تہ باغي ۽

ڏاڙيوال ٿي، د شمنن سان وجي گڏيو، تہ نمڪ حرام ۽ بدبخت ٿيو ۽ اُنهيءَ بداعماليءَ جي سخت سزا پائيندو.

## فصل ائون

ڄاڻڻ گهرجي تہ ماڻهوءَ جي اندر ۾ جيڪي لشڪر آهن، تن سڀني سان هن جو هڪڙو علاقو آهي ۽ سڀ ڪنهن لشڪر جي ڪري، ماڻهوءَ ۾ هڪڙي صفت يا عادت پيدا ٿئي ٿي. اُنهن اَخلاقن مان ڪي خراب آهن، جي ماڻهوءَ کي تباهہ ٿا ڪن ۽ ڪي چڱا آهن، جي هن کي سعادت جي درجي تي پهچائين ٿا ۽ هن کي وڏي مرتبي وارو ڪن ٿا. اهي اَخلاق، اگرچ گهڻا آهن، ليڪن سڀ چئن قسمن جا آهن- چوپاين جا اَخلاق، ڦاڙيندڙ جهنگلي جانورن جا اخلاق، شيطانن جا اخلاق ۽ ملائڪن جا اخلاق. ماڻهوءَ ۾ لالچ ۽ شهوت رهي ٿي، تنهنڪري هُو، چوپاين وارا ڪم ڪري ٿو. مثلاً کائڻ ۽ جَمعَ ڪرڻ لاءِ مري ٿو. هن ۾ ڪاوڙ ۽ غصو آهي، تنهنڪري هو ڪُتي، شينهن ۽ بگهڙ وارا ڪم ڪري ٿو. مثلاً مارڻ يا ماري وجهڻ يا گارگند ڪرڻ يا جهيڙي ڪرڻ لاءِ تيار رهي ٿو ۽ ماڻهوءَ ۾ حيلي ۽ مَڪر ڪرڻ ۽ خلق ۾ فساد وجهڻ جو ميل رهي ٿو. هُو، ملائڪن جا ڪم ڪري ٿو. جيئن تہ علم کي پسند ڪرڻ، خراب ڪمن کان پاسو ڪرڻ، خلق جو خير گهُرڻ ۽ ذليل ڪمن کان بچڻ ۽ عزت وارو رهڻ، سڀ ڪم ۾ حق سُجاڻي، خوش ٿيڻ ۽ جهل ۽ ناداني‌ءَ کي عيب ڄاڻڻ. حقيقت ڪري، ماڻهوءَ جي سرشت ۾، چار شيون موجود آهن- چِتِ ڪُتائي، سُوئر پُڻو، شيطاني ۽ ملائڪي، ڇالاءِ جو ڪُتو، پنهنجي شڪل يا هٿن پيرن ۽ ڪَل جي ڪري، ڪو خراب ناهي، پر عادتن جي ڪري خراب آهي، جو ماڻهن سان وڙهي ٿو؛ ۽ سوئر بہ پنهنجي صورت جي ڪري، ڪو خراب ناهي، پر هن ڪري، تہ هُو خراب ۽ پليد شيون پسند ڪري ٿو. ڪُتي ۽ سوئر جي روح جي بہ اهائي حقيقت آهي ۽ ماڻهوءَ ۾ بہ اهي ڳالهيون موجود آهن. ساڳيءَ طرح، شيطانيءَ ۽ ملائڪيءَ جي بہ معنيٰ آهي ۽ ماڻهوءَ کي حڪم ٿيل آهي تہ عقل جو نور، جو ملائڪن جي نور ۽ اثر مان آهي، تَنهنجي اُپاءَ سان، شيطان جا مَڪر ۽ حيلا معلوم ڪري، تہ جيئن خوار ۽ خراب نہ ٿئي ۽ شيطان، ساڻس مَڪر نہ ڪري سگهي، جهڙيءَ طرح، رسول ڪريم ﷺ فرمايو آهي: "ليڪن، خدا مون کي، اُنهيءَ تي فتح ڏني آهي ۽ اُهو منهنجو مغلوب آهي ۽ مون کي بُڇڙائيءَ جو حڪم نٿو ڏئي سگهي." ماڻهوءَ کي، هيءُ بہ حڪم ٿيل آهي، تہ لالچ ۽ شهوت جي سوئر، ۽ ڪاوڙ جي ڪُتي کي، اَدب ۾ رکي ۽ عقل جو زيردست ڪري، تہ اُنهيءَ جي حڪم سان هُو، اُٿن ۽ ويهن. جيڪو ماڻهو ائين ڪندو، تنهن کي چڱا اخلاق حاصل ٿيندا، جي سعادت جو ٻج آهن؛ ۽ جي اُن جي برخلاف ڪندو ۽ پاڻ، اُنهن جو خدمتگار ۽ زيردست بنبو، تہ خراب اخلاق، منجهس جاڳندي يا خواب ۾، سندس حال جو مثال

كيس ڏيكاريندا، تہ هو، پاڻ كي ڏسندو تہ هڪڙي سوئر يا ڪُتي يا شيطان جي اڳيان، هَٿ ٻڌيو بيٺو آهي. جيڪو ماڻهو، ڪنهن مسلمان کي، ڪنهن ڪافر جي قبضي ۾ آڻي، تہ اُهو ڪافر، انهيءَ مسلمان جو، جيڪو حال ڪندو، سو معلوم آهي. ۽ جيڪڏهن ملائڪ کي، ڪُتي يا سوئر يا شيطان جي حوالي ڪٽي ڪجي، تہ اُنهيءَ ملائڪ جو حال، هُن مسلمان کان بہ خراب ٿيندو. جيڪڏهن ماڻهو، انصاف ڪن ۽ سوچين، تہ رات ڏينهن هُو، نفس جي خواهش جا فرمانبردار آهن ۽ حقيقت ۾ هُنن جو حال اهو آهي تہ جيتوڻيڪ، ظاهر ۾ هُو، ماڻهن جهڙا آهن، ليڪن قيامت ۾، اهو راز کُلندو ۽ سندن ظاهر بہ باطن جي صورت جهڙو ٿيندو. جن تي شهوت ۽ لالچ غالب آهي، اُهي سوئر جي صورت ۾ ڏسبا ۽ جن تي ڪاوڙ غالب آهي، اُهي بگهڙ جي صورت وٺندا، هيءُ، انهيءَ ڪري آهي، جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو، بگهڙ کي خواب ۾ ڏسندو آهي، تہ انهيءَ جو تعبير نجس ۽ پليد آدمي ڪبو آهي. ڇالاءِ جو ننڊ، موت جو نمونو آهي. ننڊ جي ڪري، هِن عالم کان، جو ماڻهو، پَري وڃو ٿو پوي، سو انهيءَ جي صورت، سندس سيرت جي تابع ٿيو پوي ۽ سڀ ڪجهہ ڏسڻ ۾ ٿو اچي، جهڙو سندس باطن آهي. هيءُ هڪڙو وڏو اسرار آهي، جنهن جو بيان، هن ڪتاب ۾ ڏئي نٿو سگهجي.

## فصل نائون

جڏهن معلوم ٿيو تہ باطن ۾، هي هي حڪم ڏيڻ وارا آهن، تڏهن پنهنجو ڪم ڪار، چُرڻ پُرڻ، ڏسن تہ اُنهن چئن مان، ڪنهن جي زيردستيءَ ۾ آهي ۽ يقين ڄاڻ تہ جيڪي بہ تون ڪندين، تنهن مان دل ۾ هڪڙي صفت پيدا ٿي، قائم رهندي ۽ هُن جهان ۾، تو سان گڏ هلندي. اُنهن صفتن کي اَخلاق سڏين ٿا ۽ سڀ اَخلاق، اُنهن چئن حڪم ڪرڻ وارن مان پيدا ٿين ٿا. يعني جيڪڏهن ماڻهو، شهوت جي سوئر جو مطيع ٿيندو تہ پليدي: بيحيائي، لالچ، خوشامد، حسد ۽ ٻين جي بُرائيءَ تي خوش ٿيڻ، اهي صفتون، پيدا ٿين ٿيون. پر جي انهيءَ سوئر تي غالب اُچبو ۽ ان کي پنهنجي وس رکبو تہ قناعت، حيا، شرم، دانائي، پارسائي، بي طمعي ۽ غريبيءَ جي صفت ظاهر ٿيندي. جيڪڏهن تون ڪاوڙ جي ڪُتي جي اطاعت ڪندين، تہ بي ڊپو هجڻ، ناپاڪي، ٻٽاڪ، هٺ، وڏائي، پنهنجي عزت گهرڻ، افسوس ڪرڻ ۽ ٻئي کي گهٽ ڄاڻڻ، ماڻهن سان وڙهڻ، اُهي عادتون تو ۾ پونديون ۽ جي انهيءَ ڪُتي کي ادب ۾ رکندين، تہ صبر، بُردباري ۽ معافي ڏيڻ، قائم مزاجي، بهادري، تحمل، عزّت، بزرگيءَ جون صفتون، تو ۾ ظاهر ٿينديون. جيڪڏهن تون اُنهيءَ شيطان جو مطيع ٿيندين، جنهن جو ڪم آهي، انهيءَ سوئر ۽ ڪُتي کي نڳاري، دلير ڪرڻ ۽ مڪر سيکارڻ، تہ ٺڳي، دغابازي، خيانت، جعلسازي ۽ مڪر جون عادتون تو ۾ ظاهر ٿينديون. پر جي تون ان کي مغلوب ڪري، هن جي فريب ۾ نہ ايندين ۽ عقل جي لشڪر جي مدد ڪندين تہ دانائي، معرفت، علم، حڪمت، صلاحيت، خوش خُلقي ۽ بزرگيءَ جون صفتون، تو ۾ پيدا ٿينديون. اهي

وصفون، جي توساڻ رهنديون، سي تُنهنجون، نيڪيءَ جون نشانيون ٿينديون ۽ تنهنجي سعادت يا نيڪ بختيءَ جو ٻج ٿينديون. جن ڪمن مان بُرا اَخلاق پيدا ٿين ٿا، اُنهن کي گناهه چوندا آهن ۽ جن مان چڱا اَخلاق نڪرن ٿا، تن کي عبادت چوندا آهن. ماڻهو، جيڪي ڪري ٿو، سو مٿي ڏيکاريل ٻن حالتن کان خالص ناهي. دل، گويا هڪڙي صاف آرسي آهي ۽ خراب اَخلاق، دونهون يا ڪارنهن آهي، جا (ڪارنهن)، جڏهن دل تائين پهچي ٿي، تڏهن ان کي ڪارو ڪري ٿي وجهي، جنهنڪري قيامت جي ڏينهن، جناب الاهيءَ جي ديدار کان محروم رهي ٿي ۽ نيڪ اَخلاق، گويا نور آهن، جي جڏهن دل ۾ اچن ٿا، تڏهن ان کي، ڪارنهن ۽ گناهه کان صاف ڪن ٿا. انهيءَ ڪري رسول ڪريم ﷺ فرمايو آهي:

"اَتبعِ السّيئَۃَ الحَسنۃ تمحها" (يعني، سڀ ڪنهن بديءَ جي پُٺيان نيڪي ڪر، جو نيڪي، بديءَ کي ڊاهي ٿي ڇڏي).

قيامت جي ڏينهن، ماڻهوءَ جي دل هوندي، جا قيامت جي ميدان (بيابان) ۾، يا روشن هوندي يا ڪاري.

"فَلاَيَنجُوا إلاَّ مَنْ اَتَـى اللّـهَ بِقَـلْبٍ سَلِيمٍ" (يعني، ڪوبه نجات نه پائيندو، سواءِ اُنهيءَ شخص جي، جو الله جي اڳيان، اهڙي دل آڻيندو، جا گناهه کان بچيل هوندي).

ماڻهوءَ جي دل، خلقت جي شروعات کان، لوهه جهڙي آهي، جنهن مان روشن آرسي جُڙندي آهي ۽ سارو جهان، اُنهيءَ ۾ پيو ڏسبو آهي، بشرطيڪ اُنهيءَ جي پُوري سنڀال ٿيندي ايندي، نه ته ان کي ڪٽ لڳي ويندي ۽ انهيءَ مان آرسي جُڙي نه سگهندي. حق تعاليٰ فرمايو آهي:

"كَلاَّ بَلْ رَانَ عَلَى قُلُوبِهِمْ مَا كَانُوا يَكْسِبُونَ" (يعني، هرگز نه، پر اُنهن جي دلين تي ڪٽ چڙهي ويئي آهي، جيڪي ڪمايو اٿن تنهن کان).

## فصل ڏهون

هاڻي، شايد تون چوندين، ته ماڻهوءَ ۾، چوپاين ۽ جهنگلي جانورن ۽ شيطانن جون صفتون آهن، تڏهن اسان کي ڪيئن خبر پوي، ته ملائڪي يا ملائڪپڻ، اُن جي اصلي يا ذاتي صفت آهي ۽ ٻيون سڀ صفتون، عارضي يا عاريتي آهن ۽ ڪهڙيءَ طرح معلوم ٿئي ته ماڻهو، ملائڪن جي اَخلاقن حاصل ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي، نه ٻين صفتن جي لاءِ؟ تنهن جو جواب ٻُڌ، ته توکي خبر پوي، ته ماڻهو، چوپاين ۽ جهنگلي جانورن کان زيادهه شريف ۽ ڪامل آهي. خدا، هرڪنهن شيءِ کي ڪماليت ڏني آهي ۽ اُهائي، اُن جو نهايت وڏو درجو آهي ۽ اُنهيءَ لاءِ، ان کي پيدا ڪيو اٿس. اُنهيءَ جو مثال هيءُ آهي ته گهوڙو، گڏهه کان زياده شريف يا عزت وارو آهي، ڇالاءِ جو گڏهه، بار کڻڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي ۽ گهوڙو، جنگ ۽ جهاد ۾ ڊوڙائڻ لاءِ، اِنهيءَ لاءِ ته چڙهيءَ ڪانپوءِ، ان کي

جيئن دل چوي، تيئن هلائجي، پر اُهو گڏهه وانگي، بار کڻڻ جي بہ طاقت رکي ٿو، تنهنڪري اُنهيءَ کي، گڏهه کان زياده شرف ۽ ڪمال مليو آهي. جيڪڏهن هُو، پنهنجي ڪمال کان عاجز ٿيندو، تہ هُن کي، گڏهه وانگي لَڏيندا ۽ اُهوئي درجو ملندس، جنهن ۾ هُن جي خرابي ۽ نقصان آهي. انهيءَ طرح، ڪي ماڻهو سمجهندا آهن تہ آدمي، کائڻ ۽ پيئڻ، سمهڻ ۽ جماع ڪرڻ جي لاءِ پيدا ٿيا آهن ۽ پنهنجي عمر، اِنهن ڪَمن ۾ وڃائيندا آهن، ۽ ڪي ڄاڻندا آهن تہ آدمي، ٻين شين جي جيتڻ ۽ زير ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيا آهن، جيئن تہ عَرب، تُرڪ ۽ ڪُرد. اِهي ٻئي خيال غلط آهن، ڇالاءِ جو کائڻ، پيئڻ ۽ جماع ڪرڻ، شهوت يا خواهش کان ٿا ٿين ۽ اها خواهش، جانورن کي بہ ٿئي ٿي، بلڪ اُنَ جو کاڌو يا جهرڪيءَ جو جماع، ماڻهوءَ جي کاڌي ۽ جماع کان زياده آهي، تڏهن ماڻهو، اُنهن کان وڌو ۽ بهتر ڇو چئبو آهي؟ ۽ ٻئي کي جيتڻ ۽ ماري مڃائڻ، غُصي ۽ ڪاوڙ جي ڪري ٿو ٿئي ۽ غصو، تہ جهنگلي جانورن ۾ بہ آهي. تنهنڪري، جيڪي جانورن کي مليو آهي، سو ماڻهوءَ کي بہ مليو آهي: پر اُنهن کانسواءِ، ماڻهوءَ کي ڪمال بہ عنايت ٿيو آهي. اِهو ڪمال، عقل آهي، جنهن جي ڪري ماڻهو، خدا کي سُڃاڻي ٿو ۽ سندس عجيب غريب صنعتون ڄاڻي ٿو. اُنهيءَ عقل جي ڪري ماڻهو، شهوت ۽ غُصي کان پاڻ کي ڇڏائي ٿو. اِهائي صفت، ملائڪن جي آهي ۽ انهيءَ جي ڪري ماڻهو، سڀني جانورن تي غالب آهي ۽ اِهوئي سڀ، توڙي ٻيو، جيڪي رُوءِ زمين تي آهي، سو ماڻهوءَ جو مطيع آهي، جهڙيءَ طرح خدا تعاليٰ فرمايو آهي:

وَسَخَّرَ لَكُمْ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الأَرْضِ جَمِيعًا (يعني، ان مطيع ڪيو اوهان لاءِ، جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي)

ماڻهوءَ جي حقيقت اِهائي صفت آهي، جنهن مان هن کي، ڪمال حاصل ٿو ٿئي ۽ ٻيون صفتون، رڳيون عارضي ۽ عاريتي آهن ۽ ماڻهوءَ جي ڪمال جي لاءِ پيدا ٿيون آهن. تنهنڪري جڏهن ماڻهو مري ٿو، تڏهن نہ شهوت يا ڪا خواهش رهي ٿي ۽ نہ غُصو يا ڪاووڙ: يا هڪڙو جوهر رهي ٿو، جو ملائڪن وانگي، خدا جي معرفت سان سينگاريل آهي ۽ جو ضرور، ماڻهوءَ سان رفيق ٿي رهي ٿو ۽ اِهو ساڳيو جوهر، ملائڪن سان بہ رفيق ٿي رهي ٿو ۽ پوءِ اُهي هميشه، خدا جي درگاهہ ۾ رهن ٿا:

”فِي مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيكٍ مُقْتَدِرٍ“ (يعني، سچائيءَ جي هنڌ ويهن ٿا، اُنهيءَ بادشاهہ جي اڳيان، جنهن جو سڀ تي قبضو آهي).

يا ماڻهوءَ سان هڪڙي شيءِ اَنڌي ۽ اُونڌي رهي ٿي. اَنڌي يا ڪاري هِن ڪري آهي، تہ گناهن جي سبب، اُن ۾ ڪَٽ ۽ ڪارنهن لڳي وئي آهي ۽ اُونڌي هن ڪري آهي، تہ ڪاوڙ جي ڪري، اُن کي آرام ايندو هو. ڪاوڙ ۽ غُصو تہ هتي ئي رهيو: پر اُن جي دل جو مُنهن، هِن جهان جي طرف رهندو، ڇالاءِ جو سندس خواهش ۽ مُراد ئي هتي آهي ۽

هيءُ جهان، هُن جهان کان هيٺ آهي: تنهنڪري جڏهن هُن جهان ۾ هوندو، تڏهن سندس سر، هيٺ ۽ اُونڌو هوندو:

"وَلَوْ تَرَى إِذِ الْمُجْرِمُونَ نَاكِسُوا رُءُوسِهِمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ" (يعني، جڏهن تون ڏسندين، تڏهن گنهگارن ۽ منڪرن، پنهنجي رب جي اڳيان، ڪنڌَ اُونڌا ڪيو پيا هوندا).

انهيءَ آيت جي بہ اهائي معنيٰ آهي ۽ جيڪو اهڙو هوندو، سو شيطان سان گڏ، 'سجّين' ۾ ويندو ۽ 'سجّين' جي معنيٰ، سيڪنهن کي معلوم آهي. اُنهيءَ ڪري حق تعاليٰ فرمايو تہ:

"وَمَا أَدْرَاكَ مَا سِجِّينٌ" (يعني، توکي ڇا خبر"سِجِّين" تہ ڇا آهي؟)

## فصل ٻارهون

دل جي عالمن جي عجائبات جي انتهائي ڪانهي ۽ دل جي بزرگي ۽ شرافت، انهيءَ ڪري آهي، تہ اُها سڀني کان نرالي آهي. گهڻن ماڻهن کي، انهيءَ جي خبر ڪانهي. دل جي بزرگي، ٻن شين جي ڪري آهي- هڪڙي، علم جي ڪري، ۽ ٻي، قُدرت جي ڪري. علم جي ڪري، بزرگيءَ جا بہ قسم آهن- هڪڙي کي ساري خلق معلوم ڪري سگهي ٿي ۽ ٻي، تمام مخفي ۽ عمدي آهي، جنهن کي ڪوبہ سُڃاڻي نٿو سگهي. جا بزرگي ظاهر آهي، سا سڀني علمن ۽ صنعتن جي سُڃاڻپ جي قوّت آهي ۽ اُنهيءَ قوّت جي ڪري دل، سڀني صنعتن کي سڃاڻي ٿي ۽ جيڪي ڪتابن ۾ آهي، اُهو پڙهي، معلوم ڪري ٿي، جيئن تہ هندسہ، حساب، طب، نجوم، علم شريعت. جيتوڻيڪ دل، اهڙي شيءِ آهي، جو ٽڪرا ٿي نٿي سگهي، تڏهن بہ سڀ علم، منجهس سمائجي وڃن ٿا: بلڪ اُن ۾ سارو عالم اِيئن آهي، جيئن ميدان ۾ هڪڙو ذرو. هڪڙي لحظي ۾، هو، زمين کان آسمان تائين، ۽ مشرق کان مغرب تائين، پنهنجي خيال ۽ حرڪت سان اُڏامي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ پاڻ زمين تي آهي، تڏهن بہ آسمان ماپي ٿي ۽ سڀني تارن جي ماپ وٺي، معلوم ڪري سگهي ٿي، تہ هو، هيترن ڪي هيترن گزن جي پنڌ تي آهن ۽ مڇيءَ کي، سمنڊ جي تري مان، تجويز سان ٻاهر ڪڍي ٿي ۽ پکيءَ کي، هوا مان، زمين تي ڪيرائي وجهي ٿي ۽ هاٿيءَ، اُٺ ۽ گهوڙي جهڙن زور وارن جانورن کي، پنهنجي تابع ڪري وجهي ٿي ۽ جهان ۾، جيڪي عجيب غريب علم آهن، اُهي سڀ سندس شغل ۽ ڌنڌا آهن. اِهي سڀ، دل کي، پنجن حواسن جي وسيلي حاصل ٿين ٿا. اُنهيءَ مان ظاهر آهي، تہ سڀني حواسن جو، دل ڏي رستو آهي ۽ وڏي عجب جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ، جيئن عالم محسوسات يعني عالم جسمانيءَ جي لاءِ پنج حواس، دل جا پنج دروازا آهن، تيئن عالم مَلڪُوت يعني عالم روحانيءَ جي لاءِ، دل ۾ هڪڙي دري کُليل آهي. گهڻا ماڻهو، رڳو عالم جسمانيءَ کي، حواسن سان

معلوم ڪرڻ جوڳو سمجهندا آهن ۽ رڳو ظاهري حواسن کي، علم جو رستو ڄاڻندا آهن: مگر حقيقت ڪري، اُهو ڪي ڪين آهي. دل جون دريون، جي علمن جي پاسي کُليون رهن ٿيون، تن بابت ٻه دليل آهن- هڪڙو خواب يا سپنو، جنهن ۾ سُمهڻ ڪري، ظاهري حواس بند ٿي وڃن ٿا ۽ دل جي دري، کُليل رهي ٿي ۽ عالَم ارواح ۽ لوح محفوظ ۾، غَيب جون ڳالهيون نظر اچن ٿيون. جيڪي آئيندي ٿيڻو آهي، اُهو ڏيکائي ڏئي ٿو. يا تہ بلڪل صاف طرح ڏسجي ٿو يا تہ مثال ۾ معلوم ٿئي ٿو. جيڪي مثال ۾ نظر اچي ٿو، تنهن جي تعبير جي ضرورت ٿئي ٿي. ظاهر آهي، تہ جيڪو جاڳندو رهي ٿو، ماڻهو، انهيءَ کي، معرفت جو زياده مستحق ڄاڻندا آهن، جيتوڻيڪ ڏسن ٿا تہ جاڳندي، حواسن سان، غيب جي خبر نٿي پوي ۽ خواب جي حقيقت جو تفصيل، هن ڪتاب ۾ بيان ڪرڻ مشڪل آهي: ليڪن مختصر هيترو ڄاڻڻ گهرجي تہ دل، آرسيءَ وانگر آهي، ۽ لوح محفوظ، اُنهيءَ آرسيءَ وانگي آهي، جنهن ۾ سڀ موجودات جون تصويرون موجود آهن ۽ صاف آرسيءَ کي، جڏهن ڪنهن تصوير واري آرسيءَ جي سامهون جهليندا آهن، تڏهن اُنهيءَ ۾، اُهي سڀ تصويرون ڏسڻ ۾ ايندليون آهن. ساڳيءَ طرح، جڏهن دل، آرسيءَ وانگي صاف هوندي ۽ محسوسات کان مقابلو پيدا ڪري ٿي، تڏهن لوح محفوظ ۾، جي سڀ موجودات جون تصويرون موجود آهن، سي دل ۾ صاف نظر ايندليون: پر جيسين دل، ظاهري محسوسات سان مشغول رهندي، تيسين عالَم روحانيءَ سان، سندس مناسبت نہ ٿيندي. خواب ۾، جڏهن دل، محسوسات کان بلڪل فارغ ٿئي ٿي، تڏهن خواه مخواه، عالَم روحانيءَ کي ڏسي ٿي: ليڪن خواب ۾ حواس، نِڪما ٿين ٿا: رڳو خيال، باقي رهي ٿو. تنهنڪري، مثال ۾، خيال نظر ٿو اچي ۽ صاف احوال نٿو کُلي. جڏهن ماڻهو، مري وڃي ٿو، تڏهن نڪي حواس باقي رهن ٿا، نڪي خيال: تنهنڪري انهيءَ وقت، ڪابہ اَٽڪ ڪانہ ٿي رهي. سڀ صفائي ٿئي ٿي. اُنهيءَ محل، اُن کي چون ٿا تہ:

"فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَاءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيدٌ" (يعني، هاڻي اسان ڪولي ڇڏي توتان تنهنجي اَنڌائي. اَڄ، تنهنجي نظر تيز آهي).

۽ هُو جواب ڏيندو تہ:

"رَبَّنَا اَبْصَرْنَا وَسَمِعْنَا فَارْجِعْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا إِنَّا مُوقِنُونَ" (يعني، اَي رب اسان جا! اَسان ڏٺو ۽ اسان ٻُڌو. هاڻي، اسان کي موٽائي موڪل، تہ اَسين چڱا ڪم ڪريون. هاڻي، اسان کي يقين آيو).

عالَم مَلڪُوت جي پاسي، دل جي دريءَ هئڻ جو ٻيو دليل هيءُ آهي تہ ڪوبہ ماڻهو اهڙو ڪونهي، جنهن جي دل ۾، چڱا خيال ۽ نيڪ خطرا، الهام وانگي نہ ايندا هجن. اُهي، حواسن جي وسيلي نٿا اچن، بلڪ خود دل جي اندر، پاڻهي پيدا ٿين ٿا ۽ ماڻهوءَ

كي خبر نٿي پوي تہ اهي خطرا، ڪٿان ٿا اچن. مٿئين بيان مان هيترو معلوم ٿيو، تہ سڀ علم، محسوسات جي وسيلي نٿو حاصل ٿئي ۽ دل، هن ظاهري عالَم مان ناهي؛ پر عالَم روحانيءَ مان آهي ۽ حواس، جي هِن عالَم لاءِ پيدا ٿيا آهن، سي خواه مخواه، هُن عالَم جي ڏسڻ ۾ اَٽڪ پيدا ڪن ٿا ۽ جيسين، هِن عالَم مان فارغ نہ ٿيندا، تيسين، هُن عالَم جو رستو نہ لهندا.

## فصل ٻارهون

اهڙو گمان نہ ڪرڻ گهرجي تہ عالَم روحانيءَ ۾، جا دل جي دري آهي، سا سمهڻ ۽ مرڻ کان سواءِ نٿي کُلي. ائين ناهي؛ پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو، جاڳندي، رياضت ۽ محنت ڪندو ۽ دل کي شهوت ۽ غُصي جي هٿان ڇڏائيندو ۽ خراب اَخلاقن کان پاڪ رکندو ۽ اڪيلي جاءِ ۾ ويهي، اکيون بند ۽ حواس بيڪار ڪندو ۽ دل کي عالَم روحانيءَ سان، اُنهيءَ حد تائين مناسبت ڏيندو، جو هميشه دل سان، نہ زبان سان "الله الله" چوندو رهندو، بلڪہ پاڻ کان، توڙي ساري جهان کان بي خبر ٿيندو ۽ خدا کان سواءِ، ٻئي ڪنهن جي خبر نہ رکندو تہ جاڳندي بہ، هُن جي دل جي دري کُليل رهندي ۽ جيڪي ماڻهو، خُواب ۾ ڏسندا، سو هُو جاڳندي ڏسندو. ملائڪن جا ارواح، چڱين صُورتن ۾، هُن تي ظاهر ٿيندا. پيغمبرن کي ڏسڻ لڳندو ۽ انهن کان گهڻو فائدو ۽ مدد حاصل ڪندو. زمين ۽ آسمان جي ملڪوت يا بادشاهي، هن کي نظر ايندي. جنهن ماڻهوءَ تي اِهو رستو کُليو، سو عجيب غريب تماشا ۽ وڏا وڏا ڪم ڏسندو، جن جي تعريف، امڪان کان ٻاهر آهي. رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ:

"زُوِيَت لي الارض فاريتُ مَشَارِقَهَا وَ مَغَارِبَهَا" (يعني، زمين، مون کي ڏيکاري ويئي. پوءِ مون ڏٺو، اُن جي مشرقن ۽ مغربن کي).

۽ جيڪي حق تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

"وَكَذَٰلِكَ نُرِي إِبْرَاهِيمَ مَلَكُوتَ السَّمَاوَاتِ وَالأَرْض" (يعني، انهيءَ طرح، ڏيکاري، اَسان ابراهيم کي، آسمان ۽ زمين جي بادشاهي).

سو سڀ اِنهيءَ حال ۾ آهي. سڀني نبين جو علم بہ انهيءَ طرح جو هوندو هو، سو سڀڪنهن سان تعلّق نہ رکندو هو ۽ سڀ جو مُنڍ، رياضت ۽ مجاهدو هو. جيئن حق تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

"وَتَبَتَّلْ إِلَيْهِ تَبْتِيلاً" (يعني، سڀ شيءِ کان تعلق جو رشتو ٽوڙ ۽ پاڻ کي سڄوئي خدا جي وس ڇڏي ڏي ۽ دنيا جي تدبير ۾ مشغول نہ ٿي، ڇالاءِ جو خدا، سڀ ڪم، پاڻهي پورو ٿو ڪري).

"رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ لاَ إِلَهَ إِلاَّ هُوَ فَاتَّخِذْهُ وَكِيلاً" (يعني، رب مشرق ۽ مغرب جو، اُنهيءَ کان سواءِ، ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي).

اُنهيءَ کي پنهنجو ڪارساز ڪري وٺ. جڏهن خدا کي، تو پنهنجو وڪيل يا ڪارساز بنايو، تڏهن تون پاڻ بي پرواهه، ۽ خلق کان جدا رهه.

"وَاصبر عليٰ مايَقُولُونَ وَاَهجرهُم هَجراًجميلاً" (يعني، جيڪي هُو چون ٿا تنهن تي صبر ڪر ۽ هُنن کي ڇڏي ڏي، جيئن ڇڏڻ گهرجي).

هيءَ سڀ، رياضت ۽ مشقّت جي تعليم آهي، اِنهيءَ لاءِ ته خلق جي دشمني ۽ دنيا جي خواهشن ۽ محسوسات جي مشغوليءَ کان، دل صاف رهي. پڙهڻ سان، هيءَ حالت حاصل ڪرڻ، عالمن جو طريقو آهي. اِهو به وڏو ڪم آهي؛ ليڪن نبوّت جو رستو، اَنبيائن ۽ اوليائن جي علم جي بنسبت، جو بعضي ماڻهن کي، سيکارڻ کان سواءِ، رب العزت جي درگاهه کان حاصل ٿئي ٿو، سو نندو ۽ ويجهو آهي. گهڻن ماڻهن کي، اُنهيءَ رستي جي سنئين ۽ درست هجڻ جي خبر، آزمودي ۽ عقلي دليل سان پوندي آهي. جيڪڏهن توکي ذوق کان اِهو حال حاصل نه ٿئي ۽ سکڻ سان به معلوم نه ٿئي ۽ عقلي دليل سان به هٿ نه اچي، ته مَنَ اِيترو ٿئي ته اُنهن ڳالهين تي ايمان آڻين، ۽ تصديق ڪرين ته ٿنهي درجن کان نااُميد ته نه ٿيِن ۽ ڪافر ته نه بنجين. اِهي ڳالهيون، دل جي عالَم جي عجائبات مان آهن ۽ اُنهن مان، ماڻهوءَ جي دل جي بزرگي معلوم ٿئي ٿي.

## فصل ٽيرهون

اِهو گمان نه ڪرڻ گهرجي ته هي ڳالهيون، خاص پيغمبرن جي لاءِ آهن، ڇالاءِ جو سڀني ماڻهن جي ذات، اصل خلقت ۾ اُن جي لائق آهي. جهڙيءَ طرح ڪو به لوهه اهڙو ڪونهي، جو اَصل خلقت ۾، اهڙي لياقت نه رکندو هجي، جنهن مان آرسي نه ٺهي سگهي ۽ اُنهيءَ آرسيءَ ۾، عالَم جي صورت نظر اچي. مگر جڏهن اُن کي ڪَٽ لڳي يا اُن جي اَصل ۾ ڳنڍ پوي ته ان کي خراب ڪري رکي، تڏهن سو اُها لياقت گم ٿي وڃي ٿي. دل جو به اهڙو ئي حال آهي. جيڪڏهن دنيا جو حرص ۽ شهوت ۽ گناهه اُن تي پڪڙجي، جمي وڃي ٿو، ته دل ڪَٽيل ٿيو پوي ٿي ۽ اُها لياقت، اُن ۾ نٿي رهي، جيئن حديث ۾ آهي:

"وَاصْبِرْ عَلَى مَا يَقُولُونَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيلاً" (يعني، جيڪي هـُو چون ٿا تنهن تي صبر ڪر ۽ هـُنن کي ڇڏي ڏي، جيئن ڇڏڻ گهرجي).

ماءُ پيءُ، اُن کي يهودي ڪَن ٿا يا نُصراني ڪَن ٿا يا مَجُوسي ڪن ٿا).

۽ سيني ۾ اِنهيءَ لياقت موجود هئڻ جي خبر، خدا به ڏني آهي:

"اَلَسْتُ بِرَبِّـكُمْ قَـالُوا بَـلَى" (يعني، نه آهيان ڇا آءٌ رب اوهان جو؟ هـُنن چيو "هائو").

جهڙيءَ طرح ڪو چوي ته جنهن عقلمند کان پُڇي ته به، هڪ کان زيادهه ناهن ڇا؟ ته جواب ڏيندا ته هائو، زيادهه آهن، جيتوڻيڪ ڪنهن به عقلمند ماڻهوءَ، نه ڪَنن سان ٻُڌو

هجي ۽ نه زبان سان چيو هجي؛ پر اُنهيءَ جواب جي سچائي، سيني جي دل ۾ معلوم هوندي. جھڙيءَ طرح ڪه سيني ماڻهن جي خلقت آهي؛ تھڙيءَ طرح، خدا جي معرفت به، سيني ماڻهن جي خلقت آهي. جيئن ته حق تعاليٰ فرمايو آهي ته:

"وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَنْ خَلَقَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ للّٰهُ" (يعني، جيڪڏهن تون اُنهن کان پڇندين ته ڪنهن هُنن کي پيدا ڪيو هو؟ هُو بيشڪ چوندا ته "الله").

۽ فرمايو اٿس ته:

"فِطْرَةَ اللّٰهِ الَّتِي فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا" (يعني، خدا جي جوڙ اِهائي آهي، جنهن تي ماڻهن کي پيدا ڪيو اٿس).

۽ دليل، عقل ۽ تجربي مان معلوم ٿيو ته هي، پيغمبرن لاءِ مخصوص نه آهي، ڇالاءِ جو پيغمبرُ پڻ ماڻهو آهي.

"قُلْ اِنَّمَا اَنَا بَشَرٌ مِثْلُكُمْ" (يعني، چئو تون، ته آءٌ به اوهان جھڙو ماڻهو آهيان).

پر جنهن شخص تي اِهو رستو کُليو آهي، جيڪڏهن خلق جي جُملہ چڱائي اُن کي ڏيکارين ۽ جيڪي اُن کي ڏيکاريو اٿن، تنهن تي هلڻ جي هن کي ڪوٺ (دعوت) ڏين، تنهن کي شريعت چون ٿا ۽ سيني ماڻهن ۾ نبيءَ کي، پيغمبر چون ٿا ۽ سندس ڪَمن کي معجزو يا ڪرامت چون ٿا، ۽ جيڪو، خلق جي دعوت ۾ مشغول نه ٿئي، اُن کي ولي ٿا چون، ۽ اُن جي ڪَمن کي ڪرامتون ٿا چون ۽ واجب نه آهي ته جنهن به شخص جي اهڙي حالت (ظاهر) ٿئي ٿي، سو خلق جي سُڌاري ۾ مشغول ٿئي، بلڪ حق تعاليٰ جي قدرت ۾ آهي ته هن کي، (خلق جي) سُڌاري ۾ مشغول نه ڪري (رکي)، ڇالاءِ جو هيءُ اُهو وقت هو، جنهن وقت شريعت تازي هوندي ۽ خلق کي هدايت ڪرڻ جي حاجت (ضرورت) نه هوندي، يا انهيءَ سبب ڪري، جو خلق جي هدايت جا شرط ٻيا هوندا، جي اُنهيءَ وليءَ ۾ موجود نه ليندا هوندا. تنهنڪري توکي جُڳائي، ته پنهنجو ايمان، اَوليائن جي ولايت ۽ ڪرامت تي درست رکين ۽ ايترو يقين سان ڄاڻين، ته پھرين هيءُ ڪم، مجاهدي (محنت) سان تعلق تو رکي ۽ اُن ۾، اجتهاد (محنت ڪرڻ) جو دخل رهي ٿو؛ ليڪن ائين نه آهي ته جو پوکي ٿو، سو لُڻي ٿو؛ جو هلي ٿو، سو منزل تي پهچي ٿو ۽ جو ڳولي ٿو، سو لهي ٿو. ليڪن، هَر اُهو ڪم، جو نهايت پيارو (عزّت وارو) هوندو، اُنهيءَ جا شرط به گھڻا هوندا ۽ اُنهي جو حاصل ڪرڻ به نهايت مشڪل هوندو ۽ معرفت جي مقام ۾، ماڻهوءَ جي درجن مان تمام وڏو (شريف) درجو آهي ۽ سواءِ مجاهدي (ڪوشش) ۽ مرشد ڪامل جي، اُنهيءَ جي ڳولا ڪرڻ به نٿي اَچي ۽ جي اِهي ٻئي موجود به ٿين، ته به جيسين، خدا جي مدد ۽ توفيق نه هوندي، ۽ اَزل ۾،

اُنهيءَ شخص جي لاءِ، اِها سعادت، حُڪم تيل نہ هوندي، تيسين، اُنهيءَ مُراد کي نہ پهچندو. ظاهري علم ۾، اِمامت يا مهنداريءَ جي لاءِ درجو حاصل ڪرڻ، توڙي ٻيا ڪَم بہ اَهڙائي آهن.

## فصل چوڏهون

ماڻهو اَصل ۾، جنهن کي 'دل' چون ٿا، سا معرفت جي راهہ ۾ تو سُجاتي (توکي، متئين باب مان معلوم ٿي). هاڻي، توکي ڄاڻڻ گهرجي تہ قادر يا طاقتمند هئڻ ڪري بہ، هُن جي عظمت ۽ بُزرگي آهي. اِها، ملائڪن جي خاصيَّت آهي ۽ ٻين حيوانن کي، اُها بزرگي، خاص مليل نہ آهي. دل جي قدرت هيءَ آهي، تہ جيئن جِسمن جو عالَم، ملائڪن جو تابعدار آهي، جڏهن اُهي مناسب ڄاڻن ٿا ۽ خَلق کي اِحتياج وارو سمجهن ٿا، تڏهن خدا جي حُڪم سان، مينهن وَسائين ٿا، ۽ بهار جي موسم ۾، هوا لڳائين ٿا، ۽ رحم يا پيٽ ۾، جاندارن جي صورت، ۽ زمين ۾، وڻ ٻوٽي جي شڪل بنائين ٿا ۽ سَنوارين ٿا. سيڪنهن ڪَم تي، ملائڪن جي جنس مقرر آهي. ماڻهوءَ جي دل پڻ، ملائڪن جي جوهر جي جنس منجهان آهي ۽ پڻ، اُن کي قدرت ڏني ويئي آهي، تہ عالَم جي جسمن مان ڪي، اُن جا تابعدار آهن ۽ اُن جو بدن، سيڪنهن جو خاص عالَم آهي، ڇالاءِ جو اسان کي معلوم آهي تہ دل، آڱُر ۾ نہ آهي ۽ نڪي، علم توڙي اِرادو، آڱُر ۾ آهي. جڏهن دل، حڪم ڪري ٿي، تڏهن آڱُر، دل جي حُڪم تي، ڇُري پُري ٿي، ۽ جڏهن دل ۾، ڪاوڙ جي صورت ظاهر ٿئي ٿي، تڏهن ساري جسم مان، پگهر نڪري ٿو، ۽ اِهو مينهن آهي. ۽ دل ۾، جڏهن شَهوت جي صورت پيدا ٿئي ٿي، تڏهن (اَندر ۾) هوا پيدا ٿئي ٿي ۽ اُها (هوا)، شهوت جي آلت (هٿيار) ڏانهن هليو ٿي وڃي؛ ۽ جڏهن دل ۾، کائڻ جو خيال اچي ٿو، تڏهن زبان جي هينان، جا قوت رکيل آهي، سا جاڳي ٿي ۽ پاڻي نڪري ٿو، اِنهيءَ لاءِ تہ کاڌي کي اهڙو آلو ۽ نرم ڪري، جو ڳهي وڃي. اِها ڳالهہ تہ ظاهر آهي تہ دل جو حڪم، بدن ۾ جاري آهي ۽ بدن، دل جو تابعدار آهي. ليڪن هيترو ڄاڻڻ گهرجي تہ اِهو ممڪن آهي تہ ڪي ڪي دليون، جي زياده بزرگ ۽ طاقت واريون آهن ۽ ملائڪن جي اَصل سان زياده مُشابهت ٿيون رکن، سي بدن کان سواءِ، ٻين جسمن تي بہ قابض آهن. مثلاً اهڙي دل جي هيبت، جيڪڏهن شينهن تي پوندي تہ هو، عاجز ۽ مطيع ٿي پوندو. جيڪڏهن اُها، ڪنهن بيمار ڏانهن خيال رکندي ۽ همَّت ٻَڌندي، تہ هُو چڱو ڀلو ٿي پوندو. جيڪڏهن ڪنهن تندرست ڏانهن همَّت ٻَڌندي، تہ بيمار ٿي پوندو؛ جيڪڏهن گهُرندين تہ ڪو ماڻهو مون وٽ اچي، تہ هُن ماڻهوءَ جي دل بہ اُنهيءَ دم، هُن ڏانهن وڃڻ جو خيال ڪندي. جڏهن همَّت ٻَڌندين، تہ مينهن وَسي، تہ وَسڻ لڳندو. هي سڀ ڳالهيون، عقلي دليلن سان ثابت آهن ۽ تجربي سان معلوم آهن. جنهن کي نظر لڳڻ ۽ جادو چون ٿا، سي هن ئي

قسم مان آهن. سيني شين ۾، ماڻهوءَ جي نفس جو دَخل آهي. مثلاً، جو نفس، حسد ڪري ٿو، سو جيڪڏهن ڪنهن وهٽ کي ڏِسي، ريس ۽ حسد کان، اُن جي مرڻ جو خيال ڪندو، تہ اُهو وهٽ، هڪدم مري پوندو. جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي:

"اَلعَينُ تُدخِلُ الرّجُلَ القَبرَ وَالجَملاَ القَدُرَ" (يعني، بَد يا بُڇڙي نظر، ماڻهوءَ کي قبر ۾ پهچائي ٿي ۽ اُٺ کي ديڳ ۾ وجهي ٿي).

دل ۾ جيڪي قدرتون ۽ طاقتون آهن، اُنهن مان هيءَ هڪڙي عجيب قدرت آهي. اهڙي خاصيّت، جيڪڏهن پيغمبرن کان ظاهر ٿئي، تہ اُهو معجزو آهي؛ ۽ جيڪڏهن ڪنهن اولياءَ کان ظاهر ٿئي، تہ ڪرامت آهي. جيڪڏهن اَهڙي خاصيّت وارو ماڻهو، نيڪ ڪمن ۾ رهي ٿو، تہ اُنهيءَ کي جادوگر چون ٿا. جادو، توڙي ڪرامت، سڀ، آدميءَ جي قُدرت جي خاصيّت آهي ۽ اُنهن ۾ وڏو فرق آهي. هن ڪتاب ۾، اُنهيءَ فرق جي بيان جي جاءِ ڪانهي.

## فصل پندرهون

هيءُ جيڪي بيان ٿيو، سو جيسين ڪنہ ڄاڻندو، تيسين نبوّت جي حقيقت، پوريءَ طرح معلوم ڪري نہ سگهندو. مگر چوڻ ۽ ٻُڌڻ سان، ٿوري گهڻي خبر پونديس: ڇالاءِ جو نبوّت ۽ ولايت، ماڻهوءَ جي دل جي وڏن درجن مان، هڪڙو درجو آهي ۽ اُنهيءَ درجي مان، ٽي خاصيتون حاصل ٿين ٿيون- هڪڙي هيءَ تہ عام ماڻهن تي جو حال، خواب ۾ کُلي ٿو، سو اُنهيءَ درجي واري تي، جاڳندي کُلي ٿو. ٻيو هيءُ، تہ عام جو نفس، فقط سندس بدن تي اثر ڪري ٿو ۽ اُنهيءَ درجي واري ماڻهوءَ جو نفس، بدن کان ٻاهر وارين شين تي بہ اهڙو اثر ڪري ٿو، جنهن مان خلق کي فائدو رسي ٿو، نقصان نٿو رسي. ٽيون هيءُ تہ عام ماڻهن کي جو علم سکڻ يا پڙهڻ سان اَچي ٿو، سو اُنهيءَ درجي واري کي، سواءِ سکڻ جي، پاڻهي پنهنجيءَ دل مان اَچي ٿو. اِها ڳالهہ ممڪن آهي، تہ جو شخص موچارو تيز عقل ۽ صاف دل ٿئي ٿو، تنهن کي سواءِ سکڻ جي، ڪي علم، دل ۾ اچي ويندا آهن. تنهنڪري هيءَ ڳالهہ بہ جائز ۽ ممڪن آهي تہ جو شخص، تمام تيز عقل ۽ نهايت صاف دل هوندو، تنهن کي سڀ يا گهڻا علم پاڻهي اچي ويندا. اهڙي علم کي ' علم لَدُني' چوندا آهن. جيئن حق تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

"وَعَلَّمْنَاهُ مِنْ لَدُنَّا عِلْمًا" (يعني، ۽ اسان پاڻ هن کي، هڪڙو علم سيکاريو).

جنهن ماڻهو ۾، اِهي ٽيئي خاصيّتون هونديون، سو وڏن پيغمبرن يا اوليائن مان هوندو ۽ اُنهن مان جنهن ۾ ڪا هڪڙي خاصيّت هوندي، اُنهن کي بہ اِهو درجو حاصل آهي؛ مگر هِڪ ٻين ۾ وڏو فرق آهي؛ هن ڪري تہ ڪنهن کي، ڪنهن خاصيّت مان ٿورو مايو

حاصل ٿو ٿئي تہ ڪنهن کي گهٽ ۾ رسول ڪريم ﷺ کي، انهيءَ ڪري ڪمال هو، جو هن کي، اِنهن ٽنهي خاصيتن ۾ ڪماليت حاصل هُئي. جڏهن خدا تعاليٰ جي مرضي ٿي، تہ خلق تي، حضرت جي نبوّت جو حال ظاهر ڪري، اِنهيءَ لاءِ تہ سڀ سندس پيروي ڪن ۽ پنهنجيءَ سعادت جو رستو معلوم ڪن، تڏهن اُنهن ٽنهي خاصيتن مان هرهڪ جو حصو، هرڪنهن ماڻهوءَ کي عنايت ڪيائين. هڪڙي جي خواب ۾ ڏيکائي ڏنائين؛ ٻئي سان، خلق جي سمجهہ، سنئين ڪري ڏنائين ۽ ٽئين سان، ماڻهن جي دلين کي، علم سان درست ڪري ڇڏيائين. اِهو ممڪن ناهي تہ ماڻهو، اُهڙيءَ شيءِ تي ايمان آڻي، جنهن جي جنس، اُن جي دل ۾ موجود نہ هجي، هن لاءِ تہ جنهن شيءِ جو اَصل، ماڻهوءَ ۾ نہ هوندو، اُنهيءَ جي صورت، هُن کي بلڪل سمجهہ ۾ ئي نہ ايندي. تنهنڪري خدائي حقيقت "ڪماحقّہ" ، ڪوئي سُڃاڻي نہ سگهندو، سواءِ خدا جي. اِنهيءَ جو بيان ڊگهو آهي ۽ اهو، اسان دليلن سان، پنهنجي ڪتاب "معاني اَسماء الله" ۾ ڏنو آهي. مطلب هيءَ آهي تہ اسين هن ڳالهہ کي روا رکون ٿا ، تہ اَنبيائن ۽ اوليائن لاءِ، اِنهن ٽنهي خاصيتن کان سواءِ، ٻيون خاصيتون بہ آهن، جن جي ڪابہ نشاني، اسان ۾ ڪانهي؛ تنهنڪري اسان کي، اُنهن جي خبر نٿي پوي. جهڙيءَ طرح، اسين چئون ٿا تہ خدا کي، خدا کان سواءِ، ڪوبہ پوريءَ طرح نہ ڄاڻندو، تهڙيءَ طرح، اسين بہ چئون ٿا تہ رسول کي بہ، رسول کان سواءِ، ٻيو ڪوبہ پوريءَ طرح نہ سڃاڻندو، يا اُهو، جو اُنهيءَ کان بہ مرتبي ۾ زياده هوندو. تنهنڪري، ماڻهن ۾، پيغمبر جو قدر، پيغمبر ئي ڄاڻي ٿو. اسان کي، اُنهيءَ کان وڌيڪ ڪابہ خبر ڪانهي، ڇالاءِ جو جيڪڏهن ماڻهو، اسان کي چون تہ هڪڙو شخص ڪِري پوي ٿو ۽ ڄُرڻ ۽ ڇُهڻ کان سواءِ پيو رهي ٿو؛ نڪي ڏسي ٿو، نڪي ٻُڌي ٿو، نڪي اِها خبر ٿي پويس تہ سياڻي ڇا ٿيندو ۽ جڏهن ڏسي ۽ ٻُڌي سگهي ٿو، تڏهن اِنهيءَ حال جي بہ خبر نٿي پويس تہ جيڪڏهن اسان کي ننڊ نہ ايندي هُجي، تہ جيڪر ماڻهن جي اِنهيءَ چوڻ تي اسان کي بلڪل باور نہ اچي، ڇا لاءِ جو جيڪي ماڻهوءَ نہ ڏٺو آهي، تنهن تي ويساهہ آڻي نٿو سگهي. انهيءَ ڪري حق تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

"بَلْ كَذَّبُوا بِمَا لَمْ يُحِيطُوا بِعِلْمِهِ وَلَمَّا يَأْتِهِمْ تَأْوِيلُهُ" (يعني، جيڪڏهن نٿا سمجهن، تنهن کي ڪُوڙ ڄاڻن ٿا، هاڻي هُنن کي، اُنهيءَ جي حقيقت، سمجهہ ۾ نٿي اچي).

"وَإِذْ لَمْ يَهْتَدُوا بِهِ فَسَيَقُولُونَ هَذَا إِفْكٌ قَدِيمٌ" (يعني، جڏهن، اُن جي ڏيکارڻ سان، رستي تي نہ ايندا، تڏهن چوندا تہ هيءُ، اڳوڻي وقت جو ڪُوڙ آهي.)

اِنهيءَ ڳالهہ جو تعجب نہ ڪر، تہ اَنبيائن ۽ اوليائن ۾، اُهڙي ڪا صفت رهي ٿي، جنهن

جي ٻنهي ڪنهن کي بہ خبر ڪانهي ۽ انهن کي، اُنهيءَ صفت جي ڪري، تمام عمديون لذتون ۽ حالتون حاصل ٿين ٿيون، ڇالاءِ جو تون ڏسين ٿو، تہ جنهن کي شعر جو ذوق ناهي، تنهن کي، راڳ مان بہ لذت نہ ٿي اچي. جي ڪو اُنهيءَ بي ذوق ماڻهوءَ کي، شعر جي معنيٰ سمجهائي، تہ هُو بلڪل سمجهي نہ سگهندو، جو هُن کي شعر جي ڪا بہ خبر ڪانهي. ساڳيءَ طرح انڌو، رنگ ۽ ديدار جي لذت جي معنيٰ سمجهي نہ سگهندو. خدا جي قدرت تي، توکي ڪو بہ تعجب نہ لڳڻ کپي: جو نبوّت جي درجي کان هُو، ڪنهن قسم جي سمجهہ پيدا ڪري ۽ اُنهيءَ کان اڳي، ڪنهن کي اُن جي ڪا نہ هُجي.

## فصل سورهون

مٿي جيڪو بيان ٿيو، تنهن مان آدميءَ جي بزرگيءَ جو اَصل، توکي معلوم ٿيو ۽ هيءُ بہ معلوم ٿيو تہ صوفين جو ڪهڙو رستو آهي؟ هيءُ جو تو ٻُڌو هوندو تہ صوفي چون ٿا تہ علم، اِنهيءَ رستي ۾ اَٽڪ آهي ۽ تون اها ڳالهہ نہ مڃيندو هوندين، سو تون اُنهيءَ کان انڪار نہ ڪر. صوفين جو اهو چوڻ برحق آهي، ڇالاءِ جو جيڪڏهن تون، محسوسات ۽ محسوسات جي علم ۾ مشغول رهندين تہ اُهو شغل، اُنهيءَ حال جو حجاب يا پردو ٿيندو. دل، هڪڙي حوض جي مثال آهي ۽ حواس، گويا پنج نهرون آهن، جن مان، حوض ۾ پاڻي اَچي ٿو. جيڪڏهن تنهنجي مرضي هُجي تہ حوض جي تري مان صاف پاڻي نڪري، تہ اُنهيءَ جي تجويز هيءَ آهي تہ ٻاهران آيل پاڻي، جو حوض ۾ آهي، سو ۽ جيڪا ڪِني گپَ، اُنهيءَ پاڻيءَ جي تَري ۾ گڏ ٿي آهي، سا اَصل ڪڍي ڇڏ ۽ سڀئي نهرون، بند ڪري ڇڏ تہ حُوض ۾، ٻاهر جو پاڻي نہ اَچي. پوءِ حوض جي تَري کي کوٽ، تہ صاف پاڻي، اُن جي اندران نڪري. جيسين حوض، ٻاهران، پاڻيءَ سان ڀريل رهندو، تيسين ممڪن ناهي، تہ اُن جي تَري مان، پاڻي نِڪري سگهي. ساڳيءَ طرح، جيسين دل، ٻاهرئين علم کان خالي نہ ٿيندي، تيسين اُهو علم، جو دل جي اندر پيدا ٿئي ٿو، سو اُتي نہ ايندو. عالِم، جيڪڏهن سکيل علم کان پاڻ کي خالي ڪندو، ۽ اُن سان مشغول نہ رهندو تہ البتہ، جنهن علم کان پاڻ کي خالي ڪيو اٿس، سو سندس حجاب يا پَردو نہ ٿيندو، ۽ امڪان آهي تہ اُنهيءَ عالم کي، ڪشف حاصل ٿئي. انهيءَ طرح، جي ڪو شخص، محسوسات جي خيالن کان، پنهنجي دل خالي ڪندو تہ اُهي خيال، هُن جا حجاب نہ ٿيندا. حجاب جو سبب هيءُ آهي تہ مثلاً، جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ اهل سنت جا اعتقاد سکيا ۽ گفتگوءَ ۽ مُباحثي جي لاءِ، جيئن وٽيس، تيئن اُن جا دليل بہ ياد ڪيائين، اهو اعتقاد ڪري، تہ هن علم کان سواءِ، ٻيو ڪو بہ علم ڪونهي، تہ پوءِ جڏهن هُن جي دل ۾ ڪي ايندو، تڏهن انين ئي چوندو تہ جيڪي آءٌ سکيو آهيان، هيءُ اُن جي برخلاف آهي: پر جيڪي اُن جي برخلاف آهي، اُهو باطل

آهي. اُهڙي ماڻهوءَ کي، ڪمن جي حقيقت معلوم هئڻ ممڪن ناهي، هن لاءِ تہ جو اعتقاد ، ماڻهن کي سيکارين ٿا ، اُهو حقيقت جو نمونو آهي. اَصل حقيقت ۽ پوري معرفت اُها آهي، تہ حقيقتون، نمونې مان، ائين نڪري ظاهر ٿين ٿيون، جيئن هڏيءَ مان مکڻُ. ڇاڻڻ گهرجي تہ جو عالم ، اعتقاد جي مدد جي لاءِ، وڙهڻ جو طريقو سکي ٿو، اُنهيءَ تي ڪا بہ حقيقت نہ کُلندي. جڏهن هُن سمجهيو، تہ سڀ علم آءُ ٿو ڄاڻان، تڏهن اُها سمجهہ، اُن جو حجاب ٿئي ٿي ۽ اها سمجهہ، اُنهيءَ تي پاڻ غالب ٿئي ٿي، جن ٿوروئي علم سکيو هوندو؛ تنهنڪري اهڙا ماڻهو، اُنهيءَ درجي کان محروم ۽ محجوب رهندا ۽ جيڪو عالم ، اُنهيءَ سمجهہ کي دُور ڪندو، اُنهيءَ جو علم ، حجاب يا اٽڪ نہ ٿيندو؛ بلڪہ اُهو ڪشف، اُنهيءَ کي حاصل ٿيندو ۽ اُنهيءَ جو درجو، ڪامل ٿيندو ۽ انهيءَ جو رستو، انهيءَ شخص جي رستي کان زياده بيخوف ۽ سنئون ٿيندو، جنهن جو قدم ، علم تي ، شروع کان مضبوط نہ هوندو ۽ شايد ڪجهہ مدت تائين، باطل خيال ۾ ڦاٿل رهندو ۽ ٿورو شُبهو بہ هن جي لاءِ اٽڪ ٿي پوندو. عالم ، اهڙي خطري کان، بي دهشت ٿئي ٿو. جيڪڏهن تون ڪنهن صاحبِ ڪشف کان ٻُڌين، تہ علم اٽڪ آهي، تہ گهُرجي تہ اُنهيءَ جي معنيٰ سمجهين ۽ انڪار نہ ڪرين. ليڪن غيرمُباح کي مباح ٺهرائڻ وارا نفس پرور بي بَهري ماڻهو، جي هِن زماني ۾ نڪتا آهن، تن کي تہ اهڙو حال، اصل حاصل ناهي. صوفين جون بنايل واهيات کي ڳالهيون سکيا آهن ۽ اُنهن ماڻهن جو اهو دستور ٿي رهيو آهي، تہ سارو ڏينهن، پاڻ کي پيا ڌوئين ۽ لُنگ، گودڙيءَ ۽ جا نماز سان پاڻ کي سينگاري، علم ۽ علمائن جي نِندا ۽ شڪايت ڪندا وتن. اُهي ماڻهو، قتل ڪرڻ جي لائق آهن، هن لاءِ جو اُهي ماڻهن جا شيطان، خُدا ۽ رسول جا دشمن آهن؛ ڇالاءِ جو خدا ۽ رسول، علم ۽ عالمن جي تعريف ڪئي آهي ۽ ساري عالم کي، علم ڏي سڏيو آهي. هي بدبخت، جڏهن حالت جا صاحب بہ نہ آهن ۽ علم بہ حاصل نہ ڪيو اٿن تڏهن اها ڳالهہ، يعني علم ۽ علمائن کي اُجايو سڃايو ڳالهائڻ، هنن کي ڪيئن واجب آهي؟ انهن بدبختن جو مثال، اُنهيءَ شخص جهڙو آهي، جنهن ٻُڌو هُجي تہ ڪيميا ، سونَ کان بهتر آهي، ڇالاءِ جو اُنهيءَ جي وسيلي، بيحد سونُ هٿ اچي ٿو ۽ جڏهن سونَ جو خزانو، سندس اڳيان رکجي، تڏهن اُنهيءَ کي هٿ نہ لائي ۽ چوي تہ سونُ، ڪهڙي ڪم جو آهي؟ ڪيميا گهُرجي، جا سونَ جو بنياد آهي ۽ سونُ نہ وٺي ۽ ڪيميا ، هن اصل ڏٺي بہ نہ هجي ۽ نہ اُن کي ڄاڻندو هُجي. اُهڙو شخص، هميشه بدبخت ۽ سُڃو ۽ بُکيو رهي ٿو ۽ اِنهيءَ ڳالهہ جي خوشيءَ ۾ ماپي نٿو تہ مون پاڻ، هيئن چيو تہ ڪيميا ، سونَ کان بهتر آهي ۽ وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري ٿو. اُنبيائن ۽ اوليائن جو ڪشف، ڪيميا وانگي آهي ۽ عالمن جو علم ، سونَ جي مثال آهي ۽ ڪيميا جي مالڪ کي، سونَ جي مالڪ تي هر طرح جي فوقيت آهي. ليڪن

هتي هڪڙو ٻيو نُڪتو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ، رڳي ايتري ڪيميا هجي، جنهن سان سونَ جي سؤ دينارن کان زياده، هُو حاصل ڪري نہ سگهي، تہ اهڙي شخص کي، اُنهيءَ شخص تي فضيلت ڪانهي، جنهن وٽ سونَ جا هزار دينار موجود هجن ۽ جهڙيءَ طرح، ڪيميا جا ڪتاب ۽ اُن جي ڳالهہ ٻولهہ ۽ اُن جي ڳولا گهڻي آهي ۽ هِن زماني ۾، اُن جي حقيقت ڪَمياب آهي ۽ گهڻا ڳولڻ وارا نڳجن ٿا. تهڙيءَ طرح، صوفين جو بہ حال آهي. اَصل صوفي پُٺو، اُنهن ماڻهن ۾ ڪونهي؛ جي آهي، تہ بہ ٿورو ۽ اُنهن جو، ڪمال کي پهچڻ مشڪل آهي. تنهنڪري چاڻڻ گهرجي تہ جنهن کي، صوفين جو ٿورڙي حال نمودار هوندو، تنهن کي سيڪنهن عالم تي فضيلت ناهي، ڇالاءِ جو انهن مان گهڻن کي شروع ۾، ٿورو ڪشف ٿئي ٿو. پوءِ اُنهيءَ درجي کان ڪري ٿا پون ۽ ڪماليت کي نٿا پهچن؛ ۽ ڪي اهڙا ٿا ٿين، جو اُنهن تي سودا ۽ خام خيال، غالب ٿو ٿئي؛ پر اصل بنياد ڪونہ اٿن ۽ هُو اُنهيءَ کي حق ۽ پڪو ڪم سمجهن ٿا؛ پر حقيقت ائين نہ آهي ۽ جهڙيءَ طرح، خواب ۾، اصل ۽ واهيات خيال ٻئي ڏسجن ٿا، تهڙيءَ طرح هن حال ۾ بہ ٿئي ٿو، بلڪ عالمن تي، اُنهيءَ صوفيءَ کي فضيلت آهي، جو اُنهيءَ حال ۾، اهڙو ڪامل ٿيو هجي، جو جيڪو علم، دين سان علاقو رکي ٿو ۽ ٻين کي سکڻ سان حاصل ٿو ٿئي، سو اُهو صوفي، سواءِ سکڻ جي ڄاڻي ٿو. اهڙي حالت، تمام ڪَمياب ۽ نادر آهي؛ تنهنڪري مناسب آهي تہ تصوّف جي اصل واٽ تي ۽ صوفين جي بُزرگيءَ تي، تون ايمان آڻين ۽ هِن زماني جي صوفين ڪري، اُنهن سچن پچن اصلي صوفين کان بد اعتقاد نہ ٿين. اُنهن مان جيڪو، علم ۽ عالمن جي گلا ڪري ٿو، اُنهيءَ کي تون ڄاڻ تہ تون، دانائيءَ کان ٻي اِئين ڪَرين ٿو.

## فصل سترهون

شايد تون چوندين، تہ ڪهڙيءَ طرح معلوم ٿئي، تہ ماڻهوءَ جي سعادت، خدا تعاليٰ جي معرفت ۾ آهي؟ سڀ شيءِ جي سعادت، اُنهيءَ ڪم ۾ ٿئي ٿي، جنهن ۾ انهيءَ کي لذت ۽ آرام اَچي ٿو. سيڪنهن شيءِ کي لذت، اُنهيءَ ڪم ۾ اَچي ٿي، جنهن کي اُن جي دل، گهٽو گهُري ٿي ۽ دل، گهٽو اُنهيءَ ڪم کي گهري ٿي، جنهن جي واسطي، اُها شيءِ، پاڻ پيدا ٿي آهي. جهڙيءَ طرح، شهوت جي لذّت، اُنهيءَ ۾ آهي، تہ آدميءَ جي خواهش پوري ٿئي، ۽ غُصي جي لذّت، اُنهيءَ ۾ آهي، تہ دشمن کان وير ونجي، ۽ اک جي لذّت، اُنهيءَ ۾ آهي، تہ چڱيون شڪليون ڏسجن؛ ڪَن جي لذّت، چڱن آوازن ٻُڌڻ ۾ آهي ۽ دل جي لذّت، اُنهيءَ شيءِ ۾ آهي، جا ان جي خاصيّت آهي ۽ جنهن جي لاءِ خدا، اُن کي خلقيو آهي. اُها شيءِ آهي ڪمن جي حقيقت سُڃاڻڻ جو هميشه دل جي اها خاصيّت آهي؛ ليڪن شهوت ۽ غصي، ۽ پنجن حواسن سان محسوسات جي سُڃاڻپ، چوپائي کي بہ حاصل آهي ۽ ڪَن جي اَصل حقيقت جي

معرفت يا سُڃاڻپ، دل جي خاصيّت آهي. تنهنڪري ماڻهو، جا شيءِ نئين ڄاڻي، تَنهنجي معلوم ڪرڻ لاءِ هُن کي، خواهش رهي ٿي ۽ اُنهيءَ کي گهڻو گهري ٿو، ۽ جيڪا شيءِ ڄاڻي ٿو، تَنهن تي خوش ٿئي ٿو ۽ فخر ڪري ٿو. جيڪڏهن اُها شيءِ خراب آهي، مثلاً، جي شطرنج سکڻ جو فڪر آهي، ۽ جيڪو اُها راند ڄاڻي ٿو، تَنهن کي جي چئجي، تہ تون، هن کي نہ سيکار، تہ هن کي صبر اچڻ مشڪل آهي ۽ اُنهيءَ خوشيءَ کان، تہ آءٌ هڪڙي عجيب راند ڄاڻان ٿو، هُن جي دل گهُري ٿي، تہ پنهنجو فخر ظاهر ڪري. هاڻي جڏهن توکي اِها ڳالهہ معلوم ٿي تہ دل جي لذّت، ڪَمن جي ڄاڻڻ ۾ آهي، تڏهن هيءُ بہ ڄاڻ تہ جيتري گهٽي، ڪنهن چڱي ۽ عمدي شيءِ جي معرفت هوندي، اوتري خوشي گهٽي ٿيندي. اُنهيءَ طرح معلوم شيءِ، جيتري گهٽي چڱي هوندي، اوترو انهيءَ جو علم يا ڄاڻڻ بہ چڱو هوندو ۽ اُنهيءَ ۾ لذّت بہ اوتري گهٽي هوندي. خدا تعالىٰ، سڀني شين کان اَشرف آهي، ڇالاءِ جو سڀني شين کي، اُنهيءَ جي ڪري شرف حاصل آهي. هُو ساري عالَم جو بادشاهہ آهي ۽ ساري عالَم جا عجائبات، اُنهيءَ جي صنعت جون نشانيون آهن: تنهنڪري، ٻي ڪابہ معرفت، اُنهيءَ جي معرفت کان زيادهہ شريف ۽ لذّت واري نہ هوندي، ۽ حضرت ربوبيّت جي ديدار کان بهتر، ٻيو ڪوبہ ديدار نہ آهي، ۽ دل جي طبيعت، هميشه اُن جي ديدار کي گهري ٿي، هِن ڪري، جو سڀ شيءِ جي طبيعت، اُنهيءَ خاصيّت کي گهري ٿي، جنهن جي لاءِ، اُن کي خدا خلقيو آهي. جيڪڏهن ڪا دل اهڙي هُجي، جنهن مان اُنهيءَ معرفت جي خواهش نڪري، گم ٿي وڃي تہ اُها دل، اُنهيءَ بيمار جي مثال آهي، جنهن جي اِشتها يا کائڻ جي خواهش، گم ٿي وڃي ۽ مانيءَ کان، هن کي مِٽي زيادهہ وڻي. جيڪڏهن اُنهيءَ بيمار جو علاج نہ ڪبو ۽ اِشتها وري پيدا نہ ٿينديس ۽ مِٽي کائڻ جو شوق نہ ويندُس، تہ اُهو بيمار، دُنيا ۾ تمام ڪم نصيب ٿيندو ۽ مري ويندو. جنهن ماڻهوءَ جي دل ۾، خدا جي معرفت کان زياده، ٻين شين جو شوق آهي، سو بہ بيمار آهي ۽ هُن جهان ۾، بدبخت ۽ تباهہ ٿيندو. سڀ خواهشون ۽ محسوسات جون لذّتون، ماڻهوءَ جي بدن سان علاقو رکن ٿيون. مرڻ ڪري، اُهي سڀ گُم ٿي وڃن ٿيون ۽ اُنهن خواهشن جي ڪري، جا محنت هُن ڪنئين آهي، اُها بہ ضايع ٿيندي ۽ خدا جي معرفت جي لذّت جو، دل سان واسطو آهي. اُها مرڻ ڪري، ڪانڻ گهٽي ٿيندي، ڇالاءِ جو دل، مرڻ جي ناهي: ۽ معرفت، اِئين ئي قائم ۽ برقرار رهندي، بلڪہ دل، زياده روشن ٿيندي ۽ ٻين شين جي خواهش مان، جيتري تڪليف ٿئي ٿي، اوتري زياده لذّت، اُنهيءَ مان ٿيندي. اُنهيءَ جو مفصّل بيان، اسين، محبت جي اَصل ۾ ڏينداسين، جو هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو.

## فصل ارڙهون

ماڻهوءَ جي گوهر يا اصل جو حال، جيڪو ڏنو ويو آهي، اوتروئي هن ڪتاب ۾ ڪفايت ڪري ٿو. جيڪو پائنين، تہ زياده تفصيل معلوم ڪري، سو ڪتاب "عجائب القلوب" ڏسي، جنهن ۾ اسان اهو لکيو آهي؛ پر اُنهن ٻنهي ڪتابن مان بہ ماڻهوءَ کي، پُوري خودشناسي يا پنهنجي نفس جي سُڃاڻپ حاصل نٿي ٿي سگهي، ڇالاءِ جو دل ماڻهوءَ جو هڪڙو رُڪن آهي ۽ دل جي سڀني صفتن مان ڪن صفتن جو اهو بيان آهي. ماڻهوءَ جو ٻيو رُڪن بدن آهي ۽ اُن جي پيدا ڪرڻ ۾ بہ گهڻائي عجائبات آهن. آدميءَ جي سيڪنهن ظاهري، توڙي سيڪنهن باطني عُضوي ۾، عجيب ڳالهيون ۽ عمديون حمتون آهن ۽ آدميءَ جي بدن ۾، ڪئين هزار رڳون ۽ نَسُون ۽ هَڏيون آهن، جن مان هرهڪ جي صورت ۽ صفت، علحده آهي ۽ هرهڪ جُدا مطلب لاءِ آهي. تون اُنهن سڀني کان بيخبر آهين. رڳو ايتري خبر اٿئي، تہ هَٿَ وٺڻ لاءِ، پير هلڻ لاءِ، زبان ڳالهائڻ لاءِ آهي ۽ هرهڪ جدا مطلب لاءِ آهي. ليڪن تون هيءَ ڳالهہ تہ چاڻ تہ خدا اک کي، ڏهن پردن مان جوڙيو آهي. اُهي ڏهہ ئي پردا، هڪٻئي کان مختلف آهن. اُنهن مان جيڪڏهن هڪڙوئي گهٽ هجي تہ جيڪر ماڻهوءَ جي ڏسڻ ۾ خلل پنجي وجي ۽ توکي هيتري بہ خبر ناهي تہ هڪڙو هڪڙو پردو، ڪهڙي ڪم لاءِ آهي ۽ ڏسڻ ۾ ماڻهو، اُنهن جو محتاج آهي. ۽ اک جو مقدار جيترو آهي، اوترو ظاهر آهي ۽ اُن جو تفصيل گهڻن ڪتابن ۾ ماڻهن لکيو آهي. جي توکي اک جي پردن جي ڪيفيت معلوم نہ آهي، تہ اُنهيءَ ۾ ڪهڙو عجب آهي؟ ڇالاءِ جو توکي اها خبر ڪانهي، تہ اُندر جا عضوا، جهڙو جگر يا جيرو ۽ تلي ۽ پِتو ۽ گُردو وغيره ڇو جوڙيا ويا آهن؟ جگر، اِنهيءَ لاءِ آهي تہ معدي مان، طرح طرح جون غذائون جي منجهس اچن، تن سڀني کي هڪجهڙو، رت جي رنگ جهڙو ڪري ڇڏي، تہ هُو ساري بدن جي غذا يا قوت ٿيڻ جو لائق ٿئي. جڏهن رت، جگر ۾ پهچي وجي ٿو، تڏهن اُن جي هيٺان، تَهُہ رهجي وجي ٿو، تہ اُهو سودا ٿي پوي ٿو. تلي اِنهيءَ لاءِ آهي تہ اُن کي جگر مان ڪڍي وٺي ۽ اُن جي مٿان جيڪا پيلي پيلِي ڦيڻ يا گِجي پيدا ٿئي ٿي، سا صفرا آهي. پِتو، اِنهيءَ لاءِ آهي تہ اُنهيءَ کي رت منجهان ڪيي وٺي ۽ رت جڏهن جگر کان ٻاهر نڪري ٿو، تڏهن پَتلو ۽ ڇِنو ٿئي ٿو. گُردو، انهيءَ لاءِ آهي، تہ رت مان پاڻيءَ کي ڇڪي وٺي تہ سوداء ۽ صفرا کانسواءِ قوام ٿي، رتُ، رڳن ۾ وڃي. جيڪڏهن پِتي کي ڪا حرڪت پهچندي، تہ رَتَ ۾، صفرا رهجي ويندو، جنهنڪري صفراوي بيماريون پيدا ٿينديون. جيڪڏهن تِليءَ کي ڪو صدمو پهچندو، تہ رَتَ ۾ سودا مليل رهجي ويندو، جنهنڪري سوداوي بيماريون پيدا ٿينديون. جيڪڏهن گُردي کي ڪا آفت رسندي، تہ رَت ۾ پاڻي رهجي ويندو، جنهنڪري اِستِسقَا يا گهٽي اُڄ جي بيماري پيدا ٿيندي. انهيءَ طرح ماڻهوءَ جي ظاهري

۽ باطني عضون مان هر عضوي کي خدا هڪڙي ڪم لاءِ پيدا ڪيو آهي، جنهن ڪانسواءِ بدن ۾ خلل پيدا ٿي پوي ٿو. بلڪ ماڻهوءَ جو بدن جيتوڻيڪ تمام ننڍو آهي، تہ بہ سڄي عالم جي مثال آهي، ڇالاءِ جو جيڪي جهان ۾ خدا پيدا ڪيو آهي، تنهن سڀ جو نمونو آدميءَ جي بدن ۾ موجود آهي. هڏيون، جبل آهن: پگهر، مينهن آهي: وار، وڻ آهن، دماغ، آسمان، حواس، گويا تارا آهن ۽ اُنهن جو تفصيل تمام وڏو آهي. بلڪ جهان ۾، قسم قسم جا مخلوق آهن. مثلاً سُوئر، ڪُتو، بگهڙ، وهٽ يا چوپايو مال، ديو، پَري، ملائڪ. انهن سڀني جا مثال آدميءَ جي بدن ۾ موجود آهن، جيئن تہ اُن جو بيان مٿي اچي ويو آهي، بلڪ جي ڪاسبي ۽ ڌنڌي وارا، جهان ۾ آهن، اُنهن سڀني جا نمونا انسان جي جسم ۾ موجود آهن. جيڪا طاقت معدي ۾، کاڌو هضم ڪري ٿي، سا گويا بورچي آهي ۽ جيڪا قوت خالص کاڌي کي، جگر ۾ ڦوڳ کي آندي ۾ پهچائي ٿي، سا گويا چاڪي يا تيلي آهي. جيڪا قوت کاڌي کي جگر ۾، رت جهڙو ڳاڙهو ڪري ٿي، سا گويا رنگريز آهي ۽ جا طاقت رَت کي زال جي ڇاتين (ٿڻن) ۾ پهچي، کير ڪري ٿي ۽ مڙس جي خصُين ۾، مَني پيدا ڪري ٿي، سا گويا ڌوٻي آهي ۽ جا طاقت کاڌي کي سيڪنهن عضوي ۾ چڪي پهچائي ٿي، سا گويا جَربي (چوپاين کي وڪڻڻ لاءِ، هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ تي پهچائيندڙ شخص) آهي ۽ جا قوت، پاڻيءَ کي جگر مان چڪي گُردي ۾، مثاني ۾ هاري وجهي ٿي، سا گويا پخالي آهي ۽ جا قوت، ڦوڳ کي پيٽ کان ٻاهر ڪڍي ٿي، سا گويا ڀنگي يا شڪاري آهي ۽ جا قوت سودا ۽ صفرا کي اندر، اِنهيءَ لاءِ پيدا ڪري ٿي تہ بدن تباهہ ۽ خراب نہ ٿئي، سا گويا مڪار يا فسادي آهي ۽ جا قوت صفرا وغيره. بيمارين کي دُور ڪري ٿي، سا گويا مُنصف رئيس آهي، اُن جو تفصيل بہ ڊگهو آهي. اصل مطلب هيءُ آهي تہ توکي اِها ڳالهہ معلوم ٿئي، تہ تو منجهہ ڪيتريون قوّتون، پنهنجي ڪم ۾ مشغول آهن ۽ تون غفلت جي ننڊ ۾ پيو آهين. انهن قوّتن مان ڪا بہ تنهنجي ڪم کان غافل ۽ فارغ نہ ٿي رهي. تون نہ اُنهن کي ڄاڻين ٿو ۽ نہ جنهن اُنهن کي تُنهنجي ڪم لاءِ پيدا ڪيو آهي، تَنهن جو احسان مڃين ٿو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو، پنهنجي غلام کي هڪڙي ڏينهن جي لاءِ تُنهنجيءَ خدمت ڪرڻ واسطي موڪلي تہ جيڪر تون، ساري عمر، هُن جو شڪريو ادا پيو ڪرين: ۽ جنهن تو منجهہ هيترا هزار ڪاسبي، تُنهنجيءَ خدمت لاءِ مقرر ڪيا آهن، جي سڄيءَ عمر ۾ هڪڙو پل بہ تُنهنجي خدمت ۽ چاڪريءَ کان فارغ نہ ٿا ٿين، تنهن کي تون ياد نٿو ڪرين. بدن جي ترڪيب ۽ عضون جي فائدن ڄاڻڻ کي 'علم تشريح' چون ٿا ۽ اِهو وڏو عِلم آهي ۽ خلق، اُنهيءَ کان غافل آهي ۽ اُهو نٿي پڙهي. جنهن پڙهيو آهي، تنهن اِنهيءَ لاءِ پڙهيو آهي، تہ طب جي علم ۾ قابل ٿئي. طب جو علم، خود مختصر ۽ بي حقيقت آهي، جيتوڻيڪ اُن کي گهرج ٿئي ٿي، تڏهن بہ دين جي رستي سان اُن جو

واسطو ڪونهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو، خدا جي عجيب صنعتن ڏسڻ جي نيت سان اهو علم پڙهندو، ته اُن کي خدا جي صفتن مان ٽي صفتون، ضرور معلوم ٿي وينديون- هڪڙي هيءَ ته هن قلب جي جوڙڻ وارو ۽ هن جسم جي پيدا ڪرڻ وارو، اهڙو وڏو قادر آهي، جو اُن جي ڪامل قدرت ۾، نقصان يا عاجزيءَ کي، بلڪل دخل ڪونهي. جيڪي وٽيس سو ڪري سگهي ٿو: ڇالاءِ جو دنيا ۾، ڪوبه ڪم، اُنهيءَ کان عجيب ڪونهي ته هڪڙي ڦطري پاڻيءَ جي مان، اهڙو جسم پيدا ڪري سگهي ٿو، جو اهڙا عجيب ڪم ڪري سگهي، تنهن کي مرڻ کان پوءِ، وري جيئرو ڪرڻ ته تمام آسان ٿيندو! ٻي هيءَ صفت ته اُهو خالق، اهڙو عالم آهي، جو اُن جو علم، سڀني ڪمن کي گهيريو اچي، هن ڪري، جو اِهي سڀ عجائبات اهڙين عُمدين حڪمتن سان، سواءِ ڪمال علم جي ناممڪن آهن. ٽي هيءَ صفت ته خالق جي مهرباني ۽ رحمت، بندن تي، بي نهايت آهي، جو انسان کي، جيڪي ٿيڻ گهُربو هو، تيئن پيدا ڪيائين، بلڪ جنهن شيءِ جي ضرورت هيس، سا ڪيس موجود ڪري ڏنائين. مثلاً جگر، دل ۽ دماغ جي حيوان جو اَصل آهن، سي سڀ به ڏنائينس ۽ جنهن شيءِ جي ضرورت نه هُيس، پر رڳو احتياج هوس، مثلاً هٿ، پير، زبان ۽ اک وغيره، سو به عطا ڪيائينس ۽ جن شين جي نه ضرورت هيس ۽ نه حاجت، مگر جن مان زياده زينت ۽ سُونهن هيس، مثلاً وارن جي ڪاراڻ ۽ چپن جي لالاڻ، ڀرُن جي ڏِنگائي، اکين ۽ پنبڻين جي سنوت ۽ همواري، سي به عنايت ڪيائينس. اِهي شيون اِنهيءَ لاءِ جوڙيائين، ته ماڻهو، چڱو ڏسڻ ۾ اچي ۽ اِها مهرباني، فقط ماڻهوءَ سان نه، پر سڀ مخلوقات سان ڪيائين، حتيٰ ڪه مچر، ڏينيوءَ ۽ مک کي به، جا شيءِ گهربي هئي، سا ڏنائين. اِنهيءَ هوندي به اُنهن جي ظاهري صورت، چڱن نقشن ۽ عُمدن رنگن سان سينگاريائين. تڏهن ماڻهوءَ جي خلقت کي، خيال ۽ غور سان ڏسڻ، خدا جي صفتن سُڃاڻڻ جي ڪُنجي آهي. انهيءَ ڪري، اُنهي علم، يعني علم تشريح جو مانُ آهي ته اُنهيءَ ڪري، اُن جي بزرگي آهي ته طبيب کي اُن جي ضرورت آهي. جهڙيءَ طرح شعر ۽ تصنيف ۽ صنعت جا عجائبات، جيترو زياده تون ڄاڻين ٿو، اوتري زياده اُنهيءَ شاعر ۽ مصنف ۽ صانع جي وڏائي به توکي معلوم ٿئي ٿي. انهيءَ طرح، خدا جون به عجيب و غريب صنعتون به، اُنهيءَ صانع باڪمال جي وڏائيءَ ۽ عظمت معلوم ڪرڻ جي ڪُنجي آهي ۽ هيءُ علم به نفس جي معرفت، يعني پاڻ کي سُڃاڻڻ جو رستو آهي: ليڪن دِل جي علم جي بِنسبت، تنگ ۽ ننڍو آهي، ڇالاءِ جو هيءُ بدن جو علم آهي ۽ بدن، وهٽ وانگي آهي ۽ دل، سواريءَ جي واسطي وهٽ آهي ۽ نه وهٽ جي لاءِ سوار. هيءُ جيڪو بيان ڏنو ويو، سو اِنهيءَ لاءِ آهي ته توکي خبر پوي، ته باوجوديڪ تنهنجي نفس يا ذات کانسواءِ، يعني پنهنجو پاڻ کان زياده نزديڪ، توکي ٻي ڪابه شيءِ ڪانهي: مگر اُنهيءَ هوندي به تون پاڻ کي نٿو

سچائين ۽ ٻين کي سُچائڻ جي دعويٰ ٿو ڪرين، سو اُنهيءَ مفلس ڪنگال جهڙو آهي، جو پاڻ کي ڪاڌو ڏيئي نٿو سگهي ۽ دعويٰ اِها ٿو ڪري ته سڄي شهر جا محتاج، مُنهنجي ماني تا کائين. هُن جو ائين چوڻ ۽ دعويٰ ڪرڻ، محض واهيات ۽ عجب جي ڳالهه آهي!

## فصل اُوٺيهون

هيءَ جيڪي بيان ٿيو، تنهن مان ماڻهوءَ جي دل جي گوهر يا اصل جي بُزرگي، توکي معلوم ٿي. هاڻي ڄاڻ ته خدا، هيءُ گوهر، تمام عمدو توکي ڏنو آهي ۽ توکان مخفي رکيو اٿس. جيڪڏهن تون اُنهيءَ کي نه ڳوليندين، ۽ ان کي ضايع ڪندين، ۽ اُن کان غافل رهندين، ته وڏي نقصان ۽ خساري ۾ پوندين. ڪوشش ڪري، دل کي ڳول ۽ دنيا جي مشغوليءَ مان، اُن کي ڪڍي، بُزرگي جي ڪمال درجي تي پهچاءِ، ته هُن جهان ۾ بزرگي ۽ عزّت ظاهر ٿئي. يعني، خوشي بي ملال ۽ بقاء بي زوال ۽ قدرت بي عجز ۽ معرفت بي شبُه ۽ جمال بي ڪَدُورت ڏسي؛ پر هِن جهان ۾، دل جي بزرگي، اِنهيءَ ڳالهه ۾ آهي، ته هُن جهان ۾، حقيقي عزّت ۽ شرف حاصل ڪرڻ جي لياقت رکجي، نه ته اڄ، اُنهيءَ کان زياده عاجز ۽ ناقص ٻيو ڪوبه ڪونهي، ڇالاءِ جو گرمي ۽ سردي، بُک ۽ اُڃ، بيماري ۽ ڏک، درد ۽ غم ۾ قاتل آهي، ۽ جنهن شيءِ مان اُن کي لذّت ۽ راحت اچي ٿي، انهيءَ مان ئي هُن کي نقصان ۽ جوکو آهي ۽ جا شيءِ هُن کي نفعو ٿي پهچائي، اُها رنج ۽ ڪڙائيءَ کان خالي ناهي. جيڪو ماڻهو بُزرگ ۽ عزّت وارو ٿئي ٿو، اُهو علم يا قدرت ۽ قوّت يا ارادي يا همّت يا چڱي شڪل جي ڪري، مانُ لهي ٿو. ماڻهوءَ جي علم ڏي، جي نگاهه ڪجي، ته هُن کان زياده، ڪوبه جاهل ڪونهي، ڇالاءِ جو جيڪڏهن سندس دماغ ۾، رڳي هڪڙي رڳ ڏنگي ٿي پوي، ته هلاڪت ۽ جُنون جو، هُن کي انديشو آهي ۽ هُن کي، ڪابه خبر نه ٿي پوي، ته اُن جو سبب يا علاج ڪهڙو آهي؟ ۽ اڪثر ائين ٿيندو آهي ته سندس دوا، سندس اکين آڏو هوندي، ته به سُڃاڻي نه سگهندو هوندو، ته هيءَ منهنجي دوا آهي. جيڪڏهن انسان جي قوّت يا قدرت جو خيال ٿو ڪجي، ته هُن کان زياده عاجز ٻيو ڪوبه ڪونه آهي، جو هو هڪڙيءَ مک کان به ڪَٽي نٿو سگهي. جيڪڏهن هڪڙي مڇر کي، خدا مٿس غالب ڪري، ته اُهو ماري وجهيس ۽ جيڪڏهن هڪڙو ڏينيو ڏنگ هڻيس، ته به خراب ۽ بيقرار ٿي وڃي. جيڪڏهن آدميءَ جي همّت ڏي نهارجي ٿو، ته جي چانديءَ جي هڪڙي دانگ يا چِڦَن رَتِيُن جي وزن جيترو نقصان ٿئيس ٿو ته هو اُداس، ملول ۽ پريشان ٿئي ٿو. جيڪڏهن بُک مهل، هڪڙو گرهُه هُن کي نه ٿو ملي ته بدحواس ٿي وڃي ٿو: اُنهيءَ کان زياده ڪنجوس، ٻيو ڪير هوندو؟ جيڪڏهن ماڻهوءَ جي سونهن ۽ صورت جو خيال ڪبو، ته چڻ گندَ جي ڍير تي، هڪڙي چمڙي مڙهيل آهي. جي ماڻهو، ٻه ڏينهن برابر، پنهنجو بُت

نہ ڏوئي، تہ اُن مان ايتريون خرابيون ظاهر ٿين، جو جيڪر هُو پاڻ کان پاڻهي بيزار ٿئي. هُن جي بُت مان باس اچڻ لڳي ۽ تمام خراب حالت ۾ اچي وڃي. ماڻهوءَ کان زياده گندي ٻي شيءِ ڪانهي، هِن لاءِ، جو هُن منجهہ سدائين نجاست ۽ گندگي پريل رهي ٿي ۽ اُها هو پاڻ سان کنيو وتي ۽ ڏهاڙي بہ پيرا، اُها نجاست هُو ڪڍي ٿو ۽ هٿن سان ڌوئي ٿو.

نقل آهي تہ هڪڙي ڏينهن، شيخ ابو سعيد قدس سرّه، پنهنجن صوفين سان گڏ، ڪنهن پاسي ٿي ويو. هڪڙي هنڌ آيا، جتي سندس جاءِ ضرور جي کڏ صاف ٿي ڪيائون. رستي تي گند پيو هو. شيخ جا سڀ سنگتي، هڪ پاسي هٽي، نَڪُ جهلي بيهي رهيا. شيخ اُتي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو تہ يارو! سمجهو ٿا تہ هيءَ گندگي ۽ نجاست مون کي ڇا ٿي چوي؟ هنن چيو تہ سائين! ڇا ٿي چوي؟ چيائين تہ هيءَ چوي ٿي تہ ڪالهہ آءٌ بازار ۾ هُيس، يعني ميوي، مٺائيءَ، جنس وغيره جي دُڪان ۾، تڏهن تہ ماڻهن منهنجي خريداريءَ لاءِ، رُپين جون ٿيلهيون مون تي لُٽايون ٿي. آءٌ اوهان جي پيٽ ۾، رڳي هڪڙي رات رهي آهيان تہ اهڙي نجس ۽ گندي ٿي پيئي آهيان! هاڻي اوهان کي مون کان پري ڀڄڻ مناسب آهي يا مون کي اوهان کان؟ حقيقت جي ڳالهہ بہ ائين آهي تہ ماڻهو، هِن جهان ۾، تمام ناقص، عاجز ۽ بيڪس آهي. قيامت جي ڏينهن، هُن جي گرم بازاري ٿيندي. جيڪڏهن ڪيمياءِ سعادت جو ذرو، دل جي گوهر تي وجهبو، تہ جانورن جي درجي مان نڪري، ماڻهو، ملائڪن جي مرتبي تي پهچندو ۽ جي دنيا ۽ دنيا جي خواهش ڏي متوجه ٿيندو، تہ قيامت جي ڏينهن، ڪُتو ۽ سُوئر بہ انهيءَ کان بهتر هوندو، ڇالاءِ جو اُهي، خاڪ ٿي ويندا ۽ رنج ۽ عذاب کان ڇُٽل رهندا، پر ماڻهو، عذاب ۾ رهندو؛ تنهنڪري ماڻهوءَ، جتي پنهنجي بُزرگي ڄاتي آهي، اتي گهرجيس تہ پنهنجو نقصان ۽ پنهنجي بيڪسي ۽ لاچاري بہ سُڃاڻي ڇڏي، هِن لاءِ تہ پنهنجي نفس کي اهڙيءَ طرح سڃاڻڻ بہ معرفت الاهيءَ، يعني خدا تعاليٰ جي سُڃاڻڻ جي هڪڙي ڪنجي آهي. پاڻ کي سڃاڻڻ جو ايترو بيان بس آهي، ڇالاءِ جو هن ڪتاب ۾، اِنهيءَ کان زيادهہ بيان ڏيڻ ممڪن ناهي.

o

# پيو عنوان- خدا جي معرفت بابت

## فصل پهريون

چاڻ، تہ اڳوڻن پيغمبرن جي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيل آهي تہ انهن کي خدا جو ارشاد آهي تہ:

"اِعرَف نفسَکَ تَعرِف ربّکَ" (يعني، پنهنجي نفس کي سڃاڻ تہ جيئن تون پنهنجي رب کي سڃاڻين).

۽ حديثن ۾ اُصحابن جي قولن ۾ مشهور آهي تہ:

"مَن عَرَفَ نَفسَہ فَقَد عَرَفَ رَبَّہ" (يعني، جنهن پنهنجي نفس کي يا پاڻ کي سڃاتو، تنهن تحقيق، پنهنجي ربّ کي سڃاتو).

انهن ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو تہ ماڻهوءَ جي دل، آرسيءَ وانگي آهي: جيڪو اُن ۾ ڏيان سان نهاريندو، سو حق کي ڏسندو ۽ گهڻي خلق، رڳو پاڻ کي ئي ڏسي ۽ حق کي نٿي سڃاڻي: تنهنڪري جنهن لحاظ سان دل، خدا جي معرفت جي آرسي آهي، انهي لحاظ سان، دل کي ڄاڻڻ ضروري آهي، ۽ اُنهيءَ ڄاڻڻ جون ٻہ صورتون آهن. هڪڙي تمام مشڪل آهي، جنهن کي عام ماڻهو، ڄاڻي نہ سگهندا ۽ اُنهن جي سمجهہ ۾، اُها صورت اچي نٿي سگهي: ۽ جا شيءِ عام ماڻهو سمجهي نٿا سگهن، اُنهيءَ جو بيان ڏيڻ، مناسب ناهي: ليڪن اُها صورت، بيان ڪرڻ گهرجي، جا سڀ سمجهي سگهن. اُها صورت هيءَ آهي تہ ماڻهو، پنهنجي هستيءَ مان، خدا جي ذات جي هستي سُڃاڻي ۽ پنهنجن صفتن مان، خدا جون صفتون ڄاڻي ۽ پنهنجي بادشاهيءَ مان، يعني بدن ۽ عضون تي، جو ماڻهوءَ جو حڪم ۽ قبضو ۽ اِختيار آهي، تنهن مان، خدا جي بادشاهي يا اُن جو اِختيار، جو سڄي عالم تي رهي ٿو، سو سُڃاڻي. اُنهي جو تفصيل هيءُ آهي تہ جڏهن پهرين، ماڻهوءَ، پاڻ کي هستي ڄاتو ۽ ايتري خبر پيس، تہ هاڻي آهيان: ليڪن ڪي ورهيہ اڳي، نيست هوس ۽ مُنهنجو ڪوبہ نالو نشان ڪونہ هو، جيئن حق تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

هَلْ اَتَـى عَلَـى الإنسَـانِ حِيـنٌ مِـنَ الدَّهْـرِ لَـمْ يَكُـنْ شَـيْئًا مَذْكُـورًا(١) إنَّـا خَلَقْـنَا الإنسَانَ مِنْ نُطْفَـةٍ اَمْشَـاجٍ نَبْتَلِيـهِ فَجَعَلْنَـاهُ سَمِـيعًا بَصِـيرًا(٢)

(يعني، ڪڏهن ٿيو آهي ماڻهوءَ تي هڪڙو وقت زماني ۾، جڏهن هو، ڪي بہ ڪين هو، جنهن جو ذڪر ڪجي. اسان ماڻهوءَ کي جوڙيو

(كيترين شين مان) پاڻيءَ جي قطري مان ۽ اُنهيءَ كي آزمائيندا رهيا سين، پوءِ اُنهيءَ كي ٻُڌڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو كيوسين).

جنهن شيءِ مان ماڻهو، پنهنجي اصل خلقت سُجاڻي، ته پنهنجي هستيءَ كان اڳي، آءٌ ڇا هوس، سا نُطفو يا مَني آهي ۽ اُها ناپاك پاڻيءَ جو هكڙو ڦُڙو آهي. جنهن ۾ عقل، ٻُڌڻ ۽ ڏسڻ جي سگهه، مَٿو، هٿَ، پيرَ، زبان، اكيون، نَسون، هَڏيون، گوشت، چَم اُنهن مان كابه شيءِ كانه هئي. فقط لَسو، سُفيد پاڻي هو. پوءِ انهيءَ ۾، اُهي عجائبات ظاهر ٿيا، يعني عقل، مٿو، هٿ، پير وغيره. هُن پاڻ كي پاڻهي پيدا نه كيو، بلك ٻئي كنهن اُن كي پيدا كيو، هِن كري جو جيتوڻيك پاڻ، كمال جي درجي كي پهتو آهي، ته به پك ڇاڻي ٿو ته هكڙي وار جوڙڻ كان به عاجز آهي. تڏهن هي به ڇاڻندو، تہ جڏهن آءٌ، فقط پاڻيءَ جو ڦُڙو هوس، تڏهن ته پاڻ زياده عاجز ۽ ناقص هوندس. پاڻ كي پاڻهي كين پيدا كري سگهندس. انهيءَ كري خواهه مخواهه، ماڻهوءَ كي پنهنجي پيدا هئڻ مان خالق جي ذات جي هستي معلوم ٿيندي ۽ جڏهن پنهنجي بدن جا ظاهري ۽ باطني عجائبات ڏسندو ۽ ڇاڻندو ته منهنجو خالق، وڏو قادر آهي، جيكي وٽيس سو كري ٿو ۽ جيئن وٽيس ٿو تيئن پيدا كري ٿو. سمجهندوَ ته اُنهيءَ كان ٻي وڏي قدرت كهڙي هوندي، كهڙي نه صورت بنائي ٿو ۽ اُنهيءَ صورت ۾ كهڙا نه عجائب غرائب ڏيكاري ٿو؟ ماڻهو، جڏهن پنهنجين عجيب صفتن ۽ پنهنجن عضون جي فائدن كي ڏسي ٿو، ته سيڪو باطني عضوو، مثلاً جِگر، تِلي، پِتو وغيره، خدا تعاليٰ كهڙيءَ حكمت لاءِ پيدا كيو آهي، تڏهن پنهنجي خالق جي علم كي سڃاڻي ٿو ته كهڙو نه عميق علم آهي ۽ كهڙو نه اونهو هيءُ عالم آهي ۽ ماڻهوءَ كي، هيءَ به خبر پوندي، ته اهڙي عالم كان كابه شيءِ ڳُجهي رهي نه سگهندي، جيكڏهن سيني عقلمندن جو عقل كم ۾ لڳائين ۽ اُنهن كي ڊگهي عُمر ڏين ۽ اُهي خيال پَچائين، ته اُنهن عضون مان كنهن هكڙي عضوي جي اهڙي صَوَرت كين، جا هاڻوكي صورت كان بهتر هجي، ته كڏي نه سگهندا، مثلاً: ڏندن جي جيكا صورت، هاڻي موجود آهي، يعني كاڏي جي شيءِ كي وڍڻ لاءِ، اڳيان ڏند تيز آهن، ۽ كاڌي كي پيهي سَنهي كرڻ لاءِ ٻيا ڏند چپترا ۽ موكرا آهن. ڏندن جي ويجهو زبان، اَنَ پيهڻ واري جي پاهوڙيءَ وانگي آهي ۽ جا اَنُ، جَنڊَ ۾ وجهي ٿي ۽ زبان جي هيٺان، جا سگهه آهي، سا اَٽي ڳوهڻ ۽ پاڻي وجهڻ واري جهڙي آهي، جا جڏهن گهرج پوي ٿي ۽ جيتري گهرج ٿئي ٿي، اوترو پاڻي وجهي ٿي، اِنهيءَ لاءِ ته طعام، آلو ٿئي ۽ نڙيءَ كان هيٺ لهي ۽ ڦاسي نه پوي. اِنهيءَ صورت جي برخلاف، ٻي كا اهڙي شكل، جا اِنهيءَ كان بهتر هجي، سا ساري عالم جا عقلمند گڏ ٿي، كڏي كين سگهندا. انهيءَ طرح هٿ ۾ پنج آڱريون آهن، جن مان چار، هكڙيءَ طرح جون آهن ۽ هكڙو آڱوٺو، ٻين آڱرين جي بَنسبت،

پَرِيَرو ۽ قد ۾ ننڍو آهي ۽ سيڪنهن آڱر سان گڏ، ڪم ۾ اچي سگهي ٿو ۽ سيني آڱرين تي ڦري سگهي ٿو ۽ سيني آڱرين ۾، ٽي-ٽي ڏوڏا يا ڳنڍ آهن ۽ آڱوٺي ۾ فقط ٻه آهن. اُهي اهڙا جُڙيل آهن، جو جيڪڏهن ماڻهو گهري، ته اُن مان پيالو بڻائي، وٽيس ته لَپ بڻائي، وٽيس ته مُٺ بند ڪري، گهوسو يا مُڪ بڻائي ۽ ان کي هٿيار وانگي ڪم آڻي، يعني دشمن کي ماري يا وٽيس ته مُٺ پَٽي، چَنبي کي طباق بڻائي ۽ گهڻن ٻين نمونن سان ڪم ۾ آڻي. جيڪڏهن ساري جهان جا عقلمند، آڱرين جي ٻي ڪا ترتيب جوڙين، مثلاً جي سڀ آڱريون هڪجهڙيون ۽ هڪ جيڏيون هجن، يا ٽي هڪڙي پاسي ۽ ٻه ٻئي پاسي هجن، يا پنجن جي بدران ڇهه يا چار هجن، يا ٽن ڏوڏن جي بدران، هرهڪ آڱر ۾ ٻَه يا چار هجن، انهن مان جيڪا به ڳالهه ڪن يا سوچين، سا ناقص آهي ۽ جنهن انداز تي خداوندڪريم، اُهي پيدا ڪيون آهن، سي ئي تمام چڱيون آهن: هن بيان مان معلوم ٿيندو ته خالق جو علم، اُنهيءَ شخص کي گهيري اچي ٿو ۽ سيني شين جي خالق کي خبر آهي ۽ آدميءَ جي سيڪنهن عضوي ۾، اهڙيون حڪمتون آهن، جو جيڪو انهن مان زياده واقف ٿيندو، سو خدا جي علم جي گهڻائيءَ ۽ وڏائيءَ کان، زياده تعجب ۾ پوندو. جڏهن ماڻهو پنهنجن احتياجن ۽ ضرورتن کي ڏسڻ لڳندو، تڏهن پهرين ڏِسندو ته ان کي عضون جو احتياج آهي؛ پوءِ ڄاڻندو ته کاڌي، ڪپڙي ۽ گهر جو به احتياج اٿس: ۽ ان جي کاڌي جي شين کي به مينهن ۽ هوا ۽ گرميءَ ۽ سرديءَ جي ضرورت آهي ۽ جيڪي هنر، اُنهن خوراڪن کائڻ جو لائق ڪن ٿا، اُنهن جي به ضرورت آهي ۽ اُنهن هنرن جي لاءِ وري اوزارن جي گهرج آهي، يعني لوهه، ٽامي، پتل ۽ شيهي جي ۽ اوزار ڪيئن ٺهن ٿا، تنهن جي سمجهائڻ ۽ معلوم هئڻ جا خود اوزار به محتاج آهن. انهن سيني شين جي گهرج ڏسي، ماڻهو ڄاڻندو ته سڀ مخلوقات، تمام چڱي انداز ۽ ترتيب تي جُڙيل آهي ۽ سيني مصنوعات جو تمام چڱي وضع تي بُنياد پيل آهي ۽ سيڪا شيءِ، جنهن جنهن قسم جي خدا جوڙي آهي، سا جي نه جوڙي ها، ته اُنهن جي جوڙڻ جو طرز يا اُنداز، ڪنهن کي به خيال ۾ نه اچي سگهي ها. اوهان سمجهندؤ، ته سڀ مخلوقات ۽ مصنوعات، ري مَگي مُراد آهي ۽ رڳو خدا جي عنايت ۽ مهربانيءَ سان، انهن سيني جا بنياد پيل آهن. اِنهن ڳالهين منجهان ماڻهوءَ کي هيءَ صفت معلوم ٿيندي، ته ساري عالمَ تي، خدا جي مهرباني ۽ عنايت آهي ۽ انهيءَ صفت جي ڪري، سيني اوليائن جي حياتي آهي. جيئن ڪه قُدسي حديث ۾ آيو آهي ته يعني، رسول ﷺ جي واتان، حق تعاليٰ فرمايو آهي ته:

"سَبَقَت رَحمَتي عَليٰ غَضَبيٌ" (يعني، منهنجي رحمت، منهنجيءَ ڪاوڙ تي، اڳرائي ڪري وئي آهي).

۽ جيئن رسول ﷺ فرمايو آهي ته: ڪير پياڪ ٻارن تي، ماءُ جي جيتري

محبت ۽ شفقت آهي، تنهن کان زياده، بندن تي، حق تعاليٰ جي رحمت آهي، جو هو 'اَرحَمُ الرَّاحِمِين' آهي. مطلب تہ جڏهن ماڻهوءَ، پنهنجي پيدا ٿيڻ مان، خدا جي هستي معلوم ڪئي ۽ پنهنجن عضون جي گهٽائيءَ مان، حق تعاليٰ جي ڪمال قدرت کي سڃاتو ۽ عجيب حڪمتن مان ۽ پنهنجن عضون جي فائدن مان، خدا جي ڪمال کي ڏٺو ۽ جن شين جي حاجت يا ضرورت، يا جن مان فقط زيب ۽ زينت آهي، تن کي پاڻ سان گڏ موجود ڏسڻ سان خدا ذوالجلال جي لطف ۽ رحمت کي معلوم ڪيو، تڏهن هُن پنهنجي نفس کي سڃاتو. اهڙي نفس جي سڃاڻپ، حق تعاليٰ جي معرفت جي ڪنجي آهي.

## فصل ٽيون

جهڙيءَ طرح ماڻهوءَ حق تعاليٰ جي صفتن کي، پنهنجين صفتن مان سُڃاتو، ۽ حق تعاليٰ جي ذات کي، پنهنجيءَ ذات مان ڄاتو، تهڙيءَ طرح، حق تعاليٰ جي تنزيه ۽ تقديس، يعني پاڪائي بہ، پنهنجي پاڪائيءَ مان ڄاڻي سگهي ٿو. حق تعاليٰ جي تنزيه ۽ تقديس جي معنيٰ هيءَ آهي تہ جيڪي وهم ۽ خيال ۾ اچي، تنهن کان هُو پاڪ آهي ۽ جيتوڻيڪ، ڪابہ جاءِ حق تعاليٰ جي موجودگيءَ کان خالي ناهي، تڏهن بہ ڪنهن جاءِ سان منسوب ٿي سگهڻ يا ڪنهن هڪڙي هنڌ هئڻ کان، هُو پاڪ آهي ۽ ماڻهو، هن قسم جو نمونو پاڻ ۾ ڏسي ٿو، هن لاءِ جو ساهہ جي حقيقت، جنهن کي اسين دل چئون ٿا، سا بہ اُنهن ڳالهين کان پاڪ آهي، جي وهم ۽ خيال ۾ اچي سگهن ٿيون، هن ڪري جو اُنهن جي لاءِ نہ انداز آهي ۽ نہ مقدار آهي ۽ نہ وراهڻ يا ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ جوڳو آهي. جڏهن دل انداز ۽ وراهڻ کان پري ٿي، تڏهن هن جو بي رنگ هئڻ بہ ضروري آهي ۽ جنهن شيءِ جو، نہ انداز آهي ۽ نہ رنگ، سا ڪڏهن بہ خيال ۾ نہ اچي سگهندي، ڇالاءِ جو خيال ۾ اُها شيءِ اچي ٿي، جنهن کي، يا جنهن جي جنس کي، اک ڏسي سگهي ٿي ۽ رنگ ۽ شڪل ڪانسواءِ، ٻيو ڪي بہ خيال ۽ نظر ۾ نٿو اچي. ماڻهوءَ جي طبيعت، جا هميشه گهرندي آهي تہ معلوم ٿئي، تہ فلاڻي شيءِ ڪهڙي آهي، اُنهيءَ جي بہ اِهائي معنيٰ آهي، تہ اُنهيءَ شيءِ جي ڪهڙي شڪل آهي: ننڍي آهي يا وڏي، ۽ جيڪا شيءِ، انهن صفتن کان پاڪ آهي، يعني صورت ۽ رنگ ۽ قد ۽ انداز کان ٻاهر آهي، اُن بابت پُڇڻ اجايو آهي تہ اُها ڪهڙي شيءِ آهي؟ جنهن شيءِ ۾، ڇڪونڪي يا ڪهڙائيءَ کي دخل ڪونهي، سا جي تون معلوم ڪرڻ گهرين، تہ خود پنهنجيءَ حقيقت ۾ غور ڪري ڏس! تُنهنجي حقيقت جا خدا جي معرفت جي جاءِ آهي ۽ تقسيم يا ورهاڱي جوڳي نہ آهي، نڪي ڪيفيت ۽ ڪميت اٿس، يعني انداز ۽ مقدار بہ ڪونہ اٿس. جيڪڏهن ڪو پُڇي تہ روح ڪهڙي شيءِ آهي؟ تہ اُنهي جو جواب هيءُ ٿيندو، تہ ڪهڙائيءَ جو، اِنهيءَ ۾ ڪوبہ دخل ڪونهي. جڏهن توکي پاڻ بابت معلوم ٿيو، تہ

چگونگيءَ يا کهڙائيءَ کان پاڪ آهي، تڏهن هيءُ بہ ڄاڻ تہ حق تعاليٰ، چگونگيءَ کان پاڪ آهي ۽ پاڪ هئڻ ۾، سڀ کان مٿي آهي. ماڻهو عجب ۾ پون ٿا، تہ بيچون ۽ بيچگون شيءِ، ڪيئن موجود رهي سگهندي ۽ پنهنجيءَ حقيقت کي نٿا سڃاڻن، تہ خود پاڻ بہ بيچون ۽ بيچگون موجود آهن. بلڪہ ماڻهو، جي پاڻ ۾ ڳولي، تہ هزار شيون، بيچون ۽ بيچگون ڏسي. جيئن تہ پاڻ ۾ درد ڏسي، غُصو ڏسي، عشق ڏسي، لذّت ڏسي، ۽ جي پانئي تہ اِنهن شين جي چُوني ۽ چگونگي دريافت ڪري، تہ اِئين ڪري ڪين سگهندو، ڇالاءِ جو انهن شين کي، نہ رنگ آهي نہ صورت. تنهنڪري اَنهن سوالن کي، تہ ڪيئن آهي ۽ ڪهڙو آهي، درد، غصي وغيره ۾، دخل ئي ڪونهي: تنهنڪري معلوم ٿيو تہ، بيچُون ۽ بيچگون شيون، موجود آهن. بلڪہ جي ڪو ماڻهو، آواز يا لذّت يا بوءِ جي حقيقت دريافت ڪرڻ گهرندو، تہ اهي شيون ڪهڙيون آهن، تہ اِئين ڪري ڪين سگهندو. آدمي، انهن جي دريافت ڪرڻ ۾ عاجز آهي ۽ عاجزيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ، ڪيئن ۽ ڪهڙي خيال جي لاءِ گهربل ۽ ضروري آهن ۽ خيال، ڏسڻ جي حواسن سان حاصل ٿو ٿئي. تنهنڪري، سڀ شيءِ ۾ خيال، اک جو حصو ٿو ڳولي ۽ جيڪا شيءِ، ڪنن جي حصي جي آهي، جيئن تہ آواز، انهيءَ ۾ اک جو ڪوبہ حصو ڪونهي، تنهنڪري آواز جي چُوني ۽ چگونگي، دريافت ڪرڻ مُحال آهي، ڇالاءِ جو جهڙيءَ طرح، رنگ ۽ صورت جو، ٻُڌڻ جي حواسن سان ڪو واسطو ڪونهي ۽ نٿو رکي ۽ اُنهن کان پاڪ آهي، تهڙيءَ طرح آواز بہ، ڏسڻ جي حواسن کان پاڪ ۽ بي تعلق آهي. ساڳيءَ طرح، جا شيءِ، دل جي حصي ۾ اچي ٿي ۽ عقل سان معلوم ڪري سگهجي ٿي، اُها ٻين سيني حواسن سان واسطو نٿي رکي ۽ انهن کان پاڪ آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن بہ ٻئي حواس جو حصو ڪونهي. چُوني ۽ چگونگي، محسوسات سان لاڳو آهي. يعني، اُنهن شين سان، جي حواسن جي وسيلي معلوم ٿيڻ جوڳيون آهن. اها ڳالهہ، تحقيقات ۽ غور ڪرڻ جهڙي آهي ۽ انهن جو تفصيل، علم معقولات جي ڪَتابن ۾ لکيل آهي. هن ڪتاب ۾، جيترو بيان ڏنو ويو آهي، سو ڪافي آهي ۽ انهيءَ بيان مان غرض هيءُ آهي تہ اسين پنهنجي بيچوني ۽ بيچگونگي معلوم ڪريون. ڄاڻ تہ ساهہ موجود آهي ۽ بدن جي بادشاهي ۽ بدن ۾، جن شين کي چُوني ۽ چگونگي حاصل آهي، سي اُنهيءَ بادشاهہ، يعني جان يا ساهہ جي قبضي ۾ آهن ۽ ساهہ پاڻ، بيچون ۽ بيچگون آهي. ساڳيءَ طرح عالَم جي بادشاهہ، يعني حق تعاليٰ جي تنزيه يا پاڪائيءَ جو، ٻيءَ طرح هيءُ بيان آهي تہ حق تعاليٰ کي، ڪنهن بہ جاءِ سان، منسوب ڪري نٿو سگهجي، يعني اِئين چئي نٿو سگهجي، تہ خدا هن هنڌ آهي. ساهہ کي بہ ڪنهن عضوي سان منسوب ڪري نٿو سگهجي، يعني چئي نٿو سگهجي، تہ ساهہ، هٿن ۾ آهي يا پيرن ۾ آهي، يا مٿي ۾ آهي يا ڪنهن ٻئي عضوي ۾ آهي، بلڪہ بُت جا سڀ عضوا، تقسيم جوڳا آهن، يعني ورهاڱي، وَڍي ۽ ٽُڪر ٽُڪر ڪري ٿا سگهجن: پر ساهہ، تقسيم جوڳو ناهي، يعني ٽڪر ٿي ڪين سگهندو، ۽ جا شيءِ پاڻ

تقسيم جوڳي ناهي، سا تقسيم جوڳي ٻيءَ ڪنهن به شيءِ ۾ سمائجي ڪين سگهندي: ڇاڪاڻ جو، جي اُها اُن ۾ سمائجي وڃي، ته تقسيم جوڳي ٿي پوي ۽ جيتوڻيڪ ساهه، ڪنهن عضوي سان نسبت نٿو رکي، ته به ڪوبه عضوو، ساهه جي اثر ۽ تصرّف کان خالي ناهي، بلڪه سڀ عضوا، ساهه جي قبضي ۽ حُڪم ۾ آهن ۽ ساهه، سيني عضون جو بادشاهه آهي. ساڳيءَ طرح، سڄو عالم، جهان جي بادشاهه، يعني حق تعاليٰ جي تصرّف ۽ حُڪم ۾ آهي. حق تعاليٰ، اِنهيءَ ڳالهه کان پاڪ آهي، ته ڪنهن خاص جاءِ سان، ڪيس منسوب ڪجي. تقديس ۽ تنزيه جو سارو حال، تڏهن ظاهر ٿئي، جڏهن روح جي خاصيت ۽ اُن جو ڳجهه، بيان ڪرڻ ۾ اچي: پر اُن جي بيان ڪرڻ جي اجازت ڪانهي ۽ "اِن اللهَ خَلَقَ آدَمَ عَليٰ صُورَتِه" (يعني، تحقيق! الله پيدا ڪيو آهي آدم کي، پنهنجيءَ صورت تي).

اُنهيءَ جو سارو حال، اُن مان ظاهر ٿيندو.

## فصل ٽيون

هاڻي تو، حق تعاليٰ جي ذات معلوم ڪئي ۽ سندس صفتن کي ۽ چُوني ۽ چگونگيءَ کان، سندس پاڪائيءَ کي سُڃاتو ۽ ڪنهن جاءِ سان منسوب هئڻ کان هُو پاڪ آهي، تنهن جي به توکي خبر پئي ۽ ويساهه ڄميو ته ماڻهوءَ جو نفس، سڀ معرفت جي ڪُنجي آهي، سو به مقرر ٿيو. هاڻي معرفت جي بابن مان، باقي هڪڙو باب هيءُ آهي، ته حق تعاليٰ جي بادشاهي، ڪهڙيءَ طرح جي آهي ۽ ملائڪن کي حڪم ڪرڻ ۽ ملائڪن جو حڪم بجا آڻڻ ۽ ملائڪن جي هٿان ڪم وٺڻ ۽ آسمان مان، زمين تي حڪم موڪلڻ ۽ آسمان ۽ تارن کي هَلائڻ ۽ زمين جي رهاڪن جو ڪَم، آسمان تي تعلق رکڻ ۽ رزق جي ڪُنجي، آسمان جي حوالي ڪرڻ: اِهي سڀ ڳالهيون، ڪهڙي ڪم لاءِ آهن؟ حق تعاليٰ جي معرفت بابت، اِهو وڏو باب آهي. جهڙيءَ طرح اڳين معرفتن کي، ذات ۽ صفات جي معرفت چون ٿا، تهڙيءَ طرح هن معرفت کي، اَفعالن جي معرفت چون ٿا. نفس جي معرفت هِن معرفت جي ڪُنجي آهي. جي تون اِها ڳالهه نه ڄاڻندين، ته پنهنجي بدن جي بادشاهيءَ ۾ تون، ڪيئن حڪومت هلائين ٿو ۽ ڪيئن حڪم جاري ڪرين ٿو، ته هيءُ به نه ڄاڻندين، ته عالَم جو بادشاهه ڪهڙيءَ طرح بادشاهي ڪري ٿو؟ تنهنڪري گهرجي ته پهرين تون پاڻ کي سُڃاڻين ۽ پنهنجي هڪَ هڪَ ڪم کي ڄاڻين. مثلاً، جڏهن تون ڪاغذ تي بسم الله لکڻ گهرين ٿو، تڏهن پهرين لکڻ جي خواهش ۽ ارادو تو ۾ پيدا ٿئي ٿو. پوءِ، دل ۾ حرڪت ۽ جُنبش پيدا ٿئي ٿي. اِها ڳالهه ظاهر آهي، ته جا دل، گوشت آهي ۽ کٻي پاسي ٽنگيل آهي، اُنهيءَ ۾، ڪا حرڪت پيدا نٿي ٿئي: پر دل مان، هڪڙي لطيف شيءِ، جُنبش ڪري، دماغ ۾ وڃي ٿي ۽ اُنهيءَ لطيف شيءِ يا جسم کي

طبيب 'روح' چون ٿا، جو حِسّ ۽ حرڪت جي قوّتن کي، ڪنيو بيٺو آهي. اِهو روح، ٻئي قسم جو آهي، جو جانورن کي بہ ٿئي ٿو ۽ موت جو منجهس دخل آهي. جنهن روح کي اسين دِل چئون ٿا، اُهو ٻئي قسم جو آهي. اُهو، جانورن کي نٿو ٿئي ۽ اُهو مرڻ جو ناهي، ڇالاءِ جو حق تعاليٰ جي معرفت جي جاءِ، اُهوئي روح آهي، جو جُنبش ڪري ٿو ۽ جڏهن دماغ ۾ وڃي ٿو، تڏهن دماغ جي پهرين ڪوٺي، جا خيال جي قوّت جي جاءِ آهي، تنهن ۾ بسم الله جي صورت پيدا ٿئي ٿي ۽ دماغ جي رڳن ۾، هڪڙو اثر پهچي ٿو. نسون، دماغ مان نڪري، بدن ۾ چوڌاري وڃن ٿيون ۽ آڱرين ۾ بہ، ڌاڳن وانگي ٻَڌل آهن. جيڪو ماٿو، ڌُرو هوندو آهي، انهيءَ جي پاسن ۾ اُهي نَسُون، دماغ مان نڪري، بدن ۾ اچن ٿيون ۽ اُهي نَسون، ظاهر ڏسڻ ۾ اينديون آهن. مطلب تہ انهيءَ اثر کان، اُهي نَسون چُرن ٿيون ۽ آڱرين جون چوٽيون، جنبش وٺن ٿيون ۽ آڱرين جون چوٽيون وري قلم کي چورين ٿيون، تڏهن بسم الله جي صورت، اُنهيءَ صورت موافق، جا خيال جي خزاني يا ڪوٺيءَ ۾ آهي، حواسن جي مدد سان، خاص اک جي واهر سان پيدا ٿئي ٿي، جو اک جي زياده گهرج ٿئي ٿي. جهڙي طرح هن ڪم، يعني لکڻ جي شروعات، رَغَبت يا مرضي آهي، جا پهرين تو ۾ ظاهر ٿئي ٿي، تهڙيءَ طرح، حق تعاليٰ جي سيني ڪمن جي شروعات، سندس صفتن مان هڪڙي صفت اهي، جنهن کي 'ارادو' چئجي ٿو. جيئن اِرادي جو اثر پهرين تنهنجيءَ دل ۾ پيدا ٿئي ٿو، پوءِ دل جي ڀين ڀين جاين تي پهچي ٿو، ۽ جيئن بخارن وانگي، لطيف جسم، دل جي رڳن جي رستي، اِنهيءَ اثر کي تُنهنجي دماغ ۾ پهچائي ٿو، ۽ اُنهيءَ لطيف جسم کي 'روح' چون ٿا، تيئن حق تعاليٰ کي بہ، هڪڙو جوهر آهي، جو سندس اِرادي کي، عرش تائين، ڪرسيءَ تي پهچائي ٿو ۽ اُنهيءَ جوهر کي 'ملائڪ' يا 'روح القدُس' چون ٿا ۽ جهڙيءَ طرح، دِل مان دماغ کي اثر پهچي ٿو ۽ دماغ، دِل جي حڪومت ۽ تصرّف ۾، دِل جي هيٺان آهي، تهڙيءَ طرح حق تعاليٰ جي اِرادي جو اثر، عرش مان پهرين، ڪُرسيءَ کي پهچي ٿو ۽ ڪرسي، عرش جي هيٺان آهي ۽ جهڙي طرح بسم الله، جو تنهنجو مطلب آهي ۽ تنهنجو فعل ٿيندو، تُنهنجي صورت، دماغ جي پهرئين خزاني يا ڪوٺيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ۽ اُن موافق، فعل ظاهر ٿئي ٿو، تهڙيءَ طرح، جنهن شيءِ جي صورت، عالَم ۾ ظاهر ٿيڻي آهي، تُنهنجو نقش، پهرين لوح محفوظ ۾ ظاهر ٿئي ٿو ۽ جيئن تُنهنجي دماغ ۾، لطيف قُوّت آهي، جا رڳن کي چوري ٿي، اِنهيءَ لاءِ تہ رڳون، هٿن ۽ آڱرين کي جُنبش ڏين ۽ آڱريون، قلم کي چورين، تيئن لطيف جواهر، يعني ملائڪ بہ آهن، جي عرش ۽ ڪُرسيءَ تي مقرّر آهن ۽ آسمانن ۽ تارن کي جُنبش ڏين ٿا، جيئن دماغ جي قوّت، رڳن ۽ نسن جي واهر سان، آڱرين کي چوري ٿي، تيئن اِهي جواهر لطيف، جن کي 'ملائڪ' چون ٿا، سي تارن ۽ شعاعي تارن جي وسيلي سان،

هن عالَم سفليءَ، يعني هيٺئين جهان ۾ ، اُمّهات يا اَصلن جي طبعيتن کي، جُنبش ڏين تا. انهن کي 'اربعه عناصر' يا 'چار طبعُون' چون تا. يعني، گرمي، سردي، خشڪي ۽ تَري يا آلائي، ۽ جهڙيءَ طرح، قلم، سياهيءَ کي جُنبش ڏئي ٿو ۽ اُن کي پڪيڙي ۽ گڏ ڪري ٿو، انهيءَ لاءِ تہ بِسم الله جي صورت پيدا ٿئي، تهڙيءَ طرح، اِها گرمي ۽ سردي بہ، مٽيءَ پاڻيءَ ۽ اُنهن مُرڪبن جي اَصلن کي يعني چئن عناصرن کي جُنبش ڏئي ٿي ۽ جهڙيءَ طرح ڪاغذ تي، سياهيءَ کي قلم، جڏهن پڪيڙي ۽ گڏ ڪري ٿو، تڏهن ڪاغذ، اُن کي قبول ڪري ٿو، تهڙيءَ طرح، آلائي، اُنهن مَرڪبن کي، شڪل وٺڻ جوڳي ڪري ٿي ۽ خشڪي، اُنهيءَ شڪل جي نگهباني ڪري ٿي، اِنهيءَ لاءِ تہ اهي مُرڪب، اُنهيءَ شڪل کي قائم رکن ۽ ڇڏي نہ ڏين، ڇالاءِ جو جيڪڏهن تري يا آلائي نہ هوندي، تہ مُرڪب ڪابہ شڪل قبول نہ ڪندا ۽ جيڪڏهن خُشڪي نہ هوندي، تہ شڪل جي حفاظت نہ ٿي سگهندي ۽ جهڙيءَ طرح قلم، جڏهن پنهنجو ڪم پورو ڪري ٿو، ۽ پنهنجيءَ حرڪت کي تمام ڪري ٿو، تڏهن بسم الله جي صورت، اڪ جي مدد سان، اُنهيءَ نقش موجب، جو خيال جي خزاني ۾ هو، پيدا ٿئي ٿي، تهڙيءَ طرح جڏهن گرمي ۽ سردي، اُنهن مرڪبن جي اَصلن کي، حرڪت ڏئي ٿي، تڏهن ملائڪن جي مدد سان، حيوانات ۽ نباتات جي صورت، هن عالَم ۾، لوح محفوظ واري صورت موافق، پيدا ٿئي ٿي ۽ جهڙيءَ طرح، تُنهنجن سيني ڪمن جو اَثر، تُنهنجي دل ۾ پيدا ٿي، سيني عضون ۾ پکڙي وڃي ٿو، تهڙيءَ طرح، جسمن جي عالَم جي شروعات، عرش ۾ ٿئي ٿي ۽ جيئن اُنهيءَ خاصيت کي، پهريائين دل قبول ڪري ٿي، پوءِ عضوا اُن کي قبول ڪن ٿا ۽ ماڻهو، دل کي، توسان نسبت ڏين ٿا ۽ چاڻن ٿا تہ تون، دل ۾ رهڻ وارو آهين، تيئن جڏهن سيني شين تي تصرّف، عرش جي وسيلي آهي، تڏهن ماڻهو ڄاڻن ٿا تہ حق تعاليٰ . عرش اعليٰ ۾ ساڪن آهي جهڙيءَ طرح جڏهن دل تي تون غالب ٿين ٿو ۽ دل جو ڪم درست ٿئي ٿو، تڏهن بدن جي باد شاهيءَ جي تدبير، تون ڪري سگهين ٿو. تهڙيءَ طرح، جڏهن حق سبحانه تعاليٰ، عرش پيدا ڪرڻ سان، عرش تي غالب ٿيو ۽ عرش سنئون ٿي بيٺو ۽ مغلوب ٿي رهيو، تڏهن عالَم جي ساري باد شاهي بنجي ويئي.

"ثُمَّ اسْتَوَى عَلَى الْعَرْشِ يُدَبِّرُ الأمْرَ" (يعني، پوءِ حق تعاليٰ، عرش تي سنئون ٿي بيٺو ۽ ڪمن جي تبدير ڪري ٿو).

اِنهيءَ آيت مان بہ، اِهوئي مطلب نڪري ٿو تہ اي عزيز! تون ڄاڻ تہ اِهو سڀ حق آهي، ۽ جي ماڻهو صاحب بصيرت جا آهن، اُنهن کي ڪشف سان، صاف معلوم ٿيو آهي ۽ في الحقيقت، هُو ڄاڻن ٿا، تہ:

"اِنَّ الله خَلَقَ آدَمَ عليٰ صُورَتِه " (يعني، تحقيق! خدا پيدا ڪيو آدم کي پنهنجيءَ صورت تي).

انهيءَ ڳالهه کي حق ڄاڻ ته بادشاهه کي، بادشاهن کانسواءِ، ڪوئي نٿو ڄاڻي. جيڪڏهن خدا تعاليٰ توکي پنهنجي بادشاهيءَ تي، بادشاهه نه ڪيو هجي، ۽ پنهنجي بادشاهيءَ جو مختصر نمونو يا نسخو، توکي نه ڏيکاريو هجيس ته جيڪر، عالم جي خاوند کي، تون هرگز نه سڃاڻي سگهين. تڏهن اُنهيءَ بادشاهه جو شُڪر ڪر، جنهن توکي پيدا ڪيو، ۽ بادشاهيءَ جو رُتبو ڏنو ۽ پنهنجي بادشاهيءَ جي نموني تي، توکي بادشاهي ڏنائين. دل مان، تُنهنجو عرش ۽ حيواني روح، جنهن جي جاءِ دل آهي، تنهن مان تُنهنجو اسرافيل جوڙيائين ۽ دماغ مان تُنهنجي ڪُرسي، ۽ خيال جي خزاني مان تُنهنجو لوح محفوظ بنايائين. اک، ڪن ۽ ٻين حواسن مان، تُنهنجا ملائڪ ۽ دماغ جو گُنبذ، جو رڱن جو ميڙ آهي، تنهن مان تُنهنجو آسمان ۽ تارا جوڙيائين ۽ آڱر، قلم ۽ مس سان طبعيتون، تُنهنجون تابعدار ڪيائين. تُنهنجيءَ دل کي بيچُون ۽ بيچگون پيدا ڪري، سڀني عضون تي، اُن کيٰ بادشاهه ڪيائين. پوءِ توکي چيائين ته پاڻ کان ۽ پنهنجي بادشاهه کان، ڪڏهن به غافل مَتان رهين، نه ته پنهنجي خالق کان غافل رهندين.

”فَاِنَّ اللهَ خَلَقَ آدَمَ عَليٰ صورته فَاعرِفَ نَفسَڪَ يَا اِنسَانَ تَعرِف رَبَّڪ“

(يعني، پوءِ تحقيق! الله تعاليٰ پيدا ڪيو آدم کي پنهنجيءَ صورت تي. پوءِ اي اِنسان! سڃاڻ تون پنهنجي نفس کي، ته سڃاڻين تون پنهنجي ربَّ کي).

## فصل چوٿون

هيءَ جيڪو بيان ٿيو، ته ماڻهوءَ جي بادشاهي، حضرت مالڪ الملڪ جي بادشاهيءَ جو نمونو آهي، اُنهيءَ مان، ٻن وڏن علمن ڏي اشارو آهي- هڪڙو آدميءَ جي نفس جو علم، اُن جي عضون جو، قوّتن ۽ صفتن سان تعَلق ۽ دل سان، قوّتن ۽ صفتن جو تعلق، جو سڄوئي معلوم ٿيو. اُهو اهڙو ڏکو علم آهي، جنهن جو بيان، هِن ڪتاب ۾ ڏيئي نٿو سگهجي. ٻيو هيءُ احوال معلوم ٿيو، ته عالم جي بادشاهه جي بادشاهيءَ جو، ملائڪن سان، ۽ ملائڪن جو پاڻ ۾ ۽ آسمان، عرش ۽ ڪرسيءَ جو، ملائڪن سان علاقو ۽ ربط آهي. اِهو به وڏو علم آهي. هيتري اِشاري مان، هيءُ مطلب آهي، ته جيڪو ماڻهو، زيرڪ ۽ هوشيار هوندو، سو انهن سڀني ڳالهين تي ويساهه آڻيندو ۽ حق تعاليٰ جي عظمت ۽ وڏائي، انهن سڀني ڳالهين مان ڄاڻندو، ۽ جيڪو، نادان ۽ احمق هوندو، اُنهيءَ کي اِها به خبر نه پوندي، ته آءٌ پاڻ، ڇو غافل ۽ اَڻڄاڻ رهيس ۽ ڇو نقصان ۾ پيس، جو اهڙي بادشاهه ذوالجلال ۽ صاحب حُسن و جمال جي ديدار کان، محروم ۽ محجوب رهيس؟ خلق کي حق تعاليٰ جي جمال جي ڪهڙي خبر هوندي؟ مگر هيترو جو بيان ڪيو ويو، سو فقط اِنهيءَ لاءِ ته ماڻهو، ڪجهه سُڃاڻي ته پاڻ ڇا آهي؟

”ان لله سَبعِينَ اَلفَ حِجَاب مِن نُور لَوكَشَفَهَا لاَحُرقَت سُبحَات وَجهه كُلّ مَن اَدرَكَ بَصرَہٗ“ (يعني، تحقيق! الله جي لاءِ سَتر هزار نُور جا پردا آهن، جيڪڏهن اُنهن کي کڻي، تہ اَلبت جَلاتين تجلا اُنهيءَ جي منهن جا ، اُنهن سيني کي جن جي نظر اُنهن تي پوي).

ڪتاب مشکوات الأنوار ۽ مصباح الاسرار ۾ ، اِنهيءَ مضمون جو تفصيل شرح وار لکيل آهي، جو اُتي ڏسڻ گھرجي. مطلب هيءُ آهي تہ تون اِها ڳالھہ ڄاڻ تہ علم طبيعيءَ جي ويچاري عالِم جو ڪنهن شيءِ کي سرديءَ ۽ گرميءَ جي حوالي ڪيو آهي، سو برابر آهي. جيڪڏهن گرمي ۽ سردي الاهي اَسباب يعني سببن جي وچ ۾ نہ هجي ها تہ علم طب، باطل ٿي وڃي ها؛ ليڪن هُن اِنهيءَ ڪري خطا ڪئي، جو سندس نگاھہ گھٽ ۽ ڇوٽي هئي ۽ هُن کي گھٽي مدد ڪري نہ سگھي ۽ هُو، پھرينءَ منزل ۾ رهجي ويو ۽ گرميءَ ۽ سرديءَ کي اَصل ٺهرايائين ۽ تابعدار نہ سمجھيائين؛ اُنهن کي مالڪ ڄاتائين، نوڪر نہ سمجھيائين؛ مگر حقيقت ڪري، گرمي ۽ سردي اُنهن خسيس نوڪرن وانگي هن جي جُتين واريءَ صف ۾ بيھنديون آهن ۽ نجوميءَ جو ستارن کي الاهي اَسباب ۾ داخل ڪيو، تنهن سچ چيو، ڇالاءِ جو، جي اُهي الاهي اَسباب ۾ نہ هجن ها، تہ ڏينهن ۽ رات هڪجهڙا ٿي پون ها ، هن ڪري جو سج بہ ستارو آهي. هِن جهان ۾ روشنائي ۽ گرمي اُنهيءَ جي سبب ڪان آهي ۽ سيارو ۽ اونهارو بہ جيڪر برابر ٿي پوي، ڇالاءِ جو، اُونهاري ۾ گرمي اِنهيءَ ڪري ٿي ٿئي، جو سج، آسمان جي وچ ڏاري ٿو اچي ۽ سياري ۾، پري ٿيو وڃي ۽ جنهن خدا جي قدرت ۾ اهو آهي، تہ اُن سج کي گرم ۽ روشن بنايو، تنهنجيءَ نسبت ۾ کھڙو عجب تہ زُحل کي سرد خشڪ ۽ زهره کي گرم تر پيدا ڪيو. اِها سمجھہ ايمان ۾ ڪوبہ خلل نٿي ڪري، ليڪن نجوميءَ، هيءَ غلطي ڪئي، جو ستارن کي اَصل سمجھيائين ۽ ڪَمن کي اُنهن تي تعلق ڄاتائين ۽ ستارن جو تابعدار هئڻ نہ ڏنائين.

”وَالشَّمسَ وَالقَمَرَ وَالنُّجُومَ مُسَخَّرَاتٍ بِاَمرِهٖ“ (يعني، سج ۽ چنڊ ۽ تارا، سندس حڪم ۾ ٻڌل آهن).

اِنهيءَ آيت جي معنيٰ نہ سمجھيائين. مُسخر يا تابعدار اُهو آهي، جنهن کي ڪم ۾ لڳائجي. تنهنڪري تارا، ڪم ڪندڙ آهن، پر پنهنجي طرفان پاڻهي ڪم نٿا ڪن. بلڪ جهڙيءَ طرح رڳون ۽ نَسون، عضون کي چورڻ ۾، اُنهيءَ قوّت جي زور سان ڪم ڪن ٿيون، جا دماغ ۾ آهي، اُنهيءَ طرح ستارا بہ اُنهن ملائڪن جي اُپاءَ سان، ڪم ڪن ٿا، جي اُنهن ڪَمن ۾، مشغول رهن ٿا ۽ جيئن تيئن تارا بہ نقيبن جي درجي وارا خسيس نوڪر آهن، تڏهن بہ چار طبيعتون، جي ڪاتب جي قلم وانگي، سڀ ڪان

پوئين درجي جُون فرمانبردار آهن، اُنهن وانگي، ستارا بہ سڀ کان پوئين درجي وارن اُنهن نوڪرن مان آهن، جُتين واريءَ صف ۾ ويهن ٿا.

## فصل ڇهون

ماڻهن ۾، اِهڙا گهڻا اختلاف آهن، جي ڪنهن سبب جي ڪري سيڪنهن جي ڳالهہ سچي ٿئي ٿي؛ ليڪن ماڻهو هڪڙي شيءِ کي ڪجهہ نہ ٿا ڏسن ۽ سمجهن ٿا تہ اسان اُنهيءَ کي پوريءَ طرح ڏٺو. اُنهن ماڻهن جو اهڙو حال آهي، جهڙو انڌن جو، جن جڏهن ٻُڌو تہ شهر ۾ هاٿي آيو آهي، تڏهن اُن کي سُڃاڻڻ لاءِ وڃن ٿا ۽ پاڻئين ٿا تہ اسين اُن کي هٿ لائي (ڇُهي)، سُڃاڻي سگهنداسين. آخر اُن هاٿيءَ کي هَٿُ لائين ٿا. ڪنهن انڌي جو هَٿُ، هاٿيءَ جي ڪَن تي پوي ٿو، تہ ڪنهن جو پير تي، تہ ڪنهن جي ڏند تي. اُهي انڌا پوءِ جڏهن ٻين انڌن وٽ وڃن ٿا ۽ اُهي هُنن کان هاٿيءَ جي وَصف پُڇن ٿا، تڏهن اُنهن مان جنهن انڌي جو هَٿُ هاٿيءَ جي پير (ڄنگهہ) تي پيو هو، سو چوي ٿو تہ هاٿي ٿنڀي وانگر آهي، ۽ جنهن جو هَٿُ ڏند تي پيو، سو چوي ٿو تہ لٺ وانگرَ آهي، ۽ جنهن جو هَٿُ اُن جي ڪَن تي لڳو، سو چوڻ لڳو تہ (هاٿي) ڪَتي جهڙو آهي. اِنهيءَ طرح سڀ هڪڙي رِستي سچ بہ چون ٿا ۽ اُنهيءَ سبب جي ڪري، غلطي بہ ڪن ٿا، جو سَمجهن ٿا تہ اسان (مان هرهڪ)، سڄي هاٿيءَ کي سُڃاڻي ورتو؛ پر حقيقت ڪري اُنهن سڄي هاٿيءَ کي نہ سُڃاتو هو. ساڳيءَ طرح نجوميءَ ۽ طبيعيءَ مان هرهڪ جي اک، حق تعالىٰ جي هڪ هڪ نوڪر يا فرمانبردار تي پيئي، ۽ هُن جي وڏي سلطنت ۽ ڪامل قدرت کان حيرت ۾ پنجي ويا ۽ چيائون تہ هيءُ بادشاهہ آهي "هـٰذا رَبِّي" (يعني، هيءُ اسان جو ربّ آهي). ۽ جنهن کي الله تعالىٰ هدايت ڏني ۽ اُنهيءَ، جنهن کي ربّ سمجهيو هو ۽ اُن جي نقصن کي ڏٺو هو ۽ اُنهيءَ جي بجاءِ، ڪنهن ٻئي کي ڏٺائين تہ چيائين تہ جنهن کي مُون ربّ سمجهيو هو، سو ڪنهن ٻئي جي حڪم جي تابع آهي، ۽ جيڪو (ڪنهن) ٻئي جي حڪم جي تابع هوندو، اُهو خدائيءَ جي لائق نہ آهي: "لَآ اُحِبُّ الاٰفِلِينَ" (يعني، هيٺ لهڻ وارن (زيردستن) کي، اَسان دوست نٿا رکون).

## فصل ستون

تارا ۽ طبعتون ۽ بُرج ۽ تارن جو آسمان جيڪو ٻارهن بُرجن ۾ وراهيل آهي ۽ اُنهن کانسواءِ جو عرش عظيم آهي، اهي سڀئي هڪڙي رستي سان اُنهيءَ بادشاهہ جو مثال آهن، جنهن کي هڪڙو خاص حُجرو هجي ۽ سندس وزير، اُنهيءَ حُجري ۾ ويٺو هجي ۽ اُنهيءَ حُجري جي چوڌاري ٻارهن درن وارو بالاخانو هجي ۽ هرهڪ دروازي ۾ اُنهيءَ وزير جو هڪڙو هڪڙو نائب ويٺو هجي ۽ ست نقيب سوار ٻاهر کان، اُنهن دروازن جي چوگرد ڦرندا هجن ۽ اُنهن نائبن کي وزير جا، جي حڪم ايندا هجن، اُهي هو ٻُڌندا

هجن ۽ اُنهن ستن سوارن کان پري چار پيادا بيٺا هجن ۽ اُنهن سوارن کي ڏسندا هجن، تہ حضور مان اُنهن کي ڪهڙو حُڪم ٿو ملي ۽ اُنهن چئن پيادن جي هٿ ۾، چار ڪَمند هجن، جي ڪِن ماڻهن کي وجهي، گهلي، حڪم موجب حضور ۾ حاضر ڪندا هجن ۽ ڪِن کي هَٿائي پري ڪَن ۽ ڪِن کي انعام ڏين ۽ ڪِن کي سزا ۽ ايذاءُ ڏين. عرش اُهو خاص حُجرو آهي، جنهن ۾ بادشاهہ جو وزير ويهي ٿو ۽ اُهو وزير هڪڙو وڏو مقرب ملائڪ آهي ۽ تارن وارو آسمان، بالاخانو آهي ۽ ٻارهن بُرج ٻارهن دروازا آهن ۽ اُنهيءَ وزير جا نائب ٻيا ملائڪ آهن، ۽ جن جو درجو اُنهيءَ مقرّب ملائڪ جي درجي کان گهٽ آهي ۽ هرهڪ ملائڪ کي هڪڙو ڪم سپرد ٿيل آهي ۽ ست ستارا ۽ ست سوار آهن، جي نقيبن وانگي اُنهن دروازن جي چوڌاري ٻيا ڦرن ۽ هرهڪ دروازي مان هڪ هڪ قسم جوحڪم، اُنهن کي پيو پهچي ۽ چار عناصر، يعني باهہ، پاڻي، مٽي ۽ هوا، چئن پيادن جي مثال آهن، جي پنهنجي وطن کان ٻاهر نٿا وڃن ۽ چار طبيعتون يعني گرمي، سردي، خشڪي ۽ تَري، چار ڪَمند آهن، جي اُنهن چئن پيادن جي هٿ ۾ آهن. مثلاً جڏهن ڪنهن جو حال بدل ٿئي ٿو، يعني دنيا کان هُو پنهنجو مُنهن ڦيرائي ٿو ۽ رنج ۽ درد اُن تي غالب ٿئي ۽ دنيا جون نعمتون اُن جي دل کي خراب لڳن ۽ آخرڪار، فڪر ۽ ڳڻتي اچي ورائيس، تڏهن طبيب چوندو تہ هيءُ بيمار آهي ۽ انهيءَ بيماريءَ کي، ماليخوليا چون ٿا ۽ اَفتيمون جو ڪاڙهو، اُنهيءَ جو علاج آهي. علم طبيعي جو عالم چوندو تہ خُشڪي، دماغ ۾ تي ٿئي، تڏهن اِها بيماري پيدا ٿئي ٿي ۽ سياري جي هوا، اُنهيءَ خشڪيءَ جو سبب آهي. جيسين، بهاريءَ جي موسم نہ ايندي ۽ هوا ۾ رطوبت نہ ايندي، تيسين هيءُ بيمار، چڱو ڀلو نہ ٿيندو ۽ نجومي چوندو تہ هن شخص کي، سودا آهي ۽ سودا، عطارد مان اُٿندو آهي، جڏهن اُن جي مريخ سان نحس مشاڪلت ٿئي ٿي ۽ جيسين عطارد، سعدين جي مقابلي يا تثليث جي ويجهو نہ ايندو، تيسين هِن ماڻهوءَ جو حال بهتر نہ ٿيندو. هاڻي طبيب، طبيعي ۽ نجومي، سڀ سچ ٿا چون:

"وَلَڪِن ذَالِڪَ مَبلَغُهُمُ مِن العلم (يعني اهو، هنن جو وڏو رُتبو آهي علم جي ڪري)

پر الله جي درگاهہ مان، اُن مريض جي سَعادت جو حڪم ٿئي ٿو ۽ ٻين آزمودگار نقيبن، يعني عطارد ۽ مريخ کي، انهيءَ لاءِ موڪليو ويو تہ درگاهہ الاهيءَ جي پيادن مان هڪڙو، يعني هوا، خشڪيءَ جو ڪَمند هٿي ۽ اُنهيءَ ماڻهوءَ جي دماغ ۾ خشڪي وجهي ۽ دنيا جي لذتن کان، اُن جو مُنهن ڦيري ۽ رنج جو چابڪ هٿي، قصد ۽ طلب جي مُهار ڦيرائي، درگاهہ الاهي ۾ سڏي وٺي. اِها ڳالهہ، نہ علم طب ۾ آهي، نہ علم طبيعيءَ ۽ نجوم ۾. هيءُ آبدار گوهر، تہ رڳو علم نبوت جي عالم کان معلوم

ٿئي ٿو، جو بادشاهيءَ جي چوڌاري ۽ جناب اَحديت جي سيني عالمن ۽ نقيبن ۽ نوڪرن کي چوگرد ڦري آيو آهي ۽ اُهو سڄاڻي ٿو ته سڀ عامل وغيره، ڪهڙي شغل لاءِ آهن ۽ ڪنهن جي حڪم سان، حرڪت ڪن ٿا ۽ خلق کي ڪيڏي ٿا سڏين ۽ ڪٿان ٿا منع ڪن؟ تنهن ڪري، جيڪي هرهڪ عالم چيو، سو سچ چيو، ليڪن بادشاهه ۽ سپهه سالارن جي ڳجهه جي، اُنهن کي خبر نه پئي. اِنهيءَ طرح، حق تعاليٰ بيماري، سودا ۽ محنت ڪان سواءِ، خلق کي پنهنجي حضور ۾ سڏي ٿو ۽ فرمائي ٿو ته هيءَ بيماري ناهي، هي، اسان جي مهربانيءَ جو ڪَمند آهي، جنهن جي وسيلي اَسين، پنهنجن دوستن کي، پاڻ ڏانهن سڏيندا آهيون.

”اِن البَلاءَ مُوڪّل بِالاَنبياءِ ثُمّ الاَولياءِ ثُمّ الاَمَثَلُ فَالاَمثَل“ (يعني تحقيق! بَلا، مقرر ڪئي ويئي آهي نبين تي، پوءِ اوليائن تي، پوءِ اُنهن کان درجي وار بُزرگن تي، پوءِ اُنهن بزرگن تي، جيڪي خاص بندا آهن.)

اُنهن کي بيمار نه سمجهه، جو اُهي منهنجا خاص ٻانها آهن. ”مَرِضتُ فَلَم تعدني“ (يعني آءٌ بيمار ٿيس، تو منهنجي عيادت نه ڪئي، يعني مون کي نه پُڇيئي). اُنهن جي شان ۾ آيو آهي. ماٿهوءَ جي بادشاهي، جا سندس بدن جي اندر آهي، اُن جو حالُ، پهرئين مثال مان معلوم ٿيو ۽ ماٿهوءَ جي بادشاهي، جا سندس بدن کان ٻاهر آهي، اُن جو حالُ، ٻئي مثال مان ظاهر ٿيو ۽ انهيءَ ڪري، بدن ڪانُ ٻاهر واري بادشاهيءَ جي سُڃاڻپ به، پاڻ کي سڃاڻڻ مان حاصل ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري، نفس جي معرفت کي، اسان پهريون عنوان ڪيو ۽ اُن جو بيان، پهريائين ڪيوسين.

## فصل اٺون

هاڻي، سُبحَانَ الله ۽ اَلحمدلله ۽ لا الـٰه الاّالله ۽ الله اڪبر جي معنيٰ، توکي معلوم ڪرڻ گهرجي، جو اِهي ننڍا چار ڪلما، معرفت الاهيءَ جا جامع آهن. جڏهن پنهنجي تنزيه ۽ پاڪائيءَ مان، حق تعاليٰ جي پاڪائي تو سُڃاتي، تڏهن سُبحان الله جي معنيٰ تو سُڃاتي ۽ جڏهن پنهنجي بادشاهيءَ مان، خدا تعاليٰ جي بادشاهي، تو مفصل معلوم ڪئي ۽ ڄاتي ته سڀ درمياني اَسباب، اُنهيءَ جي تابع آهن، جهڙي طرح ڪاتب جي هٿ ۾ قلم، ته تو الحمد جي معنيٰ کي سڃاتو ته جيئن اُن کان سواءِ ڪوبه نعمت ڏيڻ وارو ڪونهي ۽ حمد ۽ شڪر، ٻئي ڪنهن جي لاءِ به نهي ٿو سگهي ۽ جڏهن توکي هي معلوم ٿي ويو ته سواءِ اُن جي، ڪوبه نعمت ڏيڻ وارو ڪونهي ته حمد ۽ شڪر، ٻئي ڪنهن جي لاءِ به زيبا ٿي نٿو سگهي. ۽ جڏهن توکي هي معلوم ٿي ويو ته سواءِ اُن جي، ڪوبه خودمختار حاڪم ڪونهي ته ته لا الـٰه الاّ الله جي مطلب کي سمجهيو ۽ هاڻي موقعو آهي ته تون الله اڪبر جي معنيٰ کي سمجهين ۽ هي ڄاڻين، ته جيڪي ڪجهه تو سمجهيو يا ڄاتو آهي، الله تبارڪ وتعاليٰ جي متعلق تو ڪجهه به نه

سمجهيو، ڇو جو الله تبارڪ و تعاليٰ جي ذات، وڏي بزرگتر آهي ۽ هُو اهڙو آهي جو ماڻهو، اُن کي قياس سان بہ سڃاڻي نٿا سگهن ۽ هن جي معنيٰ اِها ڪانهي تہ هُو، ٻين کان بزرگ تر آهي، بلڪ اُن سان گڏ ٻي ڪابہ اهڙي شيءِ موجود ئي ناهي، جو هُو، اُن کان بزرگ هجي، ڇالاءِ جو سڀئي موجودات، انهيءَ جي ئي وجود جو نُور آهن ۽ سج جو نُور، سج کان جدا، ڪابہ شيءِ نہ آهي، جو چئي سگهجي تہ سج، پنهنجي نُور کان خود بزرگتر آهي، بلڪ الله اَڪبر جي هيءَ معنيٰ آهي تہ هُو، هر ڪنهن شيءِ کان بزرگ آهي، جو عقل جي قياس سان اُن کي سُڃاڻي سگهجي. معاذالله! ڇا ، حق تعاليٰ جي پاڪائي ۽ تنزيه، ماڻهوءَ جي پاڪائيءَ ۽ تنزيه وانگي آهي؟ ماڻهو ڪهڙي شيءِ آهي؟ هُو ساري مخلوقات جي مشابهت کان پاڪ آهي. معاذالله! ڇا ، هن جي بادشاهي، ماڻهوءَ جي بادشاهيءَ وانگر آهي، جا ماڻهوءَ کي پنهنجي بدن جي متعلق حاصل آهي؟ ۽ ڇا ، هن جو علم ۽ قدرت، ماڻهوءَ جي صفتن وانگر آهي؟ نعوذبالله! هرگز نہ ، هرگز نہ! بلڪ هي سڀ ڪجهہ ، هڪ شائبي وانگر آهي، تاڪہ توکي انساني عجز جي باوجود ، حضرت الاهيءَ جي جمال مان ڪجهہ حاصل ٿي وڃي ۽ انهيءَ نموني يا شائبي جو مثال هن ريت آهي، جيئن ڪو ڇوڪرو، اسان کان پُڇي تہ رياست ۽ بادشاهيءَ ۾ ڪهڙي لذت آهي؟ ۽ اسان، هن کي چئون جيئن بيٽ ۽ بال کيڏڻ ۾ لذت آهي، ڇا لاءِ جو هو، اُن کان سواءِ، ٻي ڪنهن بہ شيءِ جو مزو چاکي نٿو سگهي ۽ جنهن مزي جي بَنسبت، هن کي ڪجهہ معلوم ئي ڪونهي، اُنهيءَ متعلق هُو، ڪجهہ قياس بہ ڪري نٿو سگهي. البت، اُهو مزو هُو چاکي سگهندو، جنهن جو هن کي ڪجهہ شائبو يا نمونو حاصل هوندو ۽ هي ظاهر آهي تہ سلطنت جي لذت کي، کيڏبازيءَ سان ڪابہ نسبت ڪانهي. فقط لذت ۽ شاديءَ جي نالي جو اطلاق، ٻنهي تي ٿئي ٿو ۽ فقط نالي جي سبب برابر آهن. ۽ انهيءَ سبب ڪري، هيءُ معرفت جو شائبو، ڇوڪرن کي جڳائي. اهڙيءَ ريت، جيڪو بيان، معرفت الاهيءَ جي متعلق بيان ڪيو ويو آهي، اُن کي بہ اهڙو ئي سمجهہ ، ڇالاءِ جو الله تعاليٰ کان سواءِ، الله پاڪ جي حقيقت ۽ ڪمال کي، ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٿو چاڻي.

## فصل نائون

الله تعاليٰ جي معرفت جي شرح ڏگهي آهي ۽ هن ڪتاب ۾ پوري بيان ٿي نٿي سگهي. اِن ڪري، جيڪي ڪجهہ بيانَ ڪيو ويو آهي، سو ڪافي آهي تہ جيئن ماڻهو واقف ٿي وڃن ۽ حتي المقدور، معرفت جي ڳولا ڪن، ڇالاءِ جو ماڻهوءَ جي سعادت، الله تعاليٰ جي معرفت، بندگيءَ ۽ عبادت ۾ آهي ۽ اُن جو اِهو سبب، تہ ماڻهوءَ جي سعادت، الله تعاليٰ جي معرفت ۾ آهي، پهرين بيان ڪيو ويو آهي، پر بندگيءَ ۽ عبادت ۾ پڻ، ماڻهوءَ جي سعادت جي هئڻ جو سبب هيءُ آهي تہ جڏهن ماڻهو مرندو،

تہ اُن جو واسطو الله تعاليٰ سان رهندو. "وَاِليهِ المرجعِ والمَصيرُ" (۽ خدا ڏانهن موٽڻ ۽ ڦرڻ آهي). ۽ جنهن کي بہ ڪنهن سان رهڻو هجي، تہ اُن جي سعادت، اِنهيءَ ۾ آهي تہ هُو، اُن کي پنهنجو دوست رکي ۽ جيتري قدر، هن سان محبت رکندو، اوتري قدر هن جي لاءِ سعادت جو سبب بڻبو، ڇا لاءِ جو لذت ۽ راحت، محبوب جي مشاهدي کان وڌيڪ ٿي ٿئي ۽ الله تعاليٰ جي دوستي ۽ محبت، ماڻهوءَ جي دل تي، معرفت ۽ ذڪر سان غالب ٿئي ٿي، ۽ جيڪو ڪنهن جو دوست ٿو ٿئي، اُهو، اُن جو ذڪر، زياده ٿو ڪري. انهيءَ ڪري، جيڪو الله تعاليٰ جو دوست ٿو ٿئي، سو اُن جو گهڻو ذڪر ڪري ٿو ۽ اِهوئي سبب هو، جو الله تعاليٰ، حضرت داؤد عليه السلام تي وحي فرمائي "اَنّا يدڪ اَللازم فَالزم يُدڪ" (يعني، آءٌ ئي تنهنجو چاره ساز آهيان ۽ تنهنجو واسطو مون سان ئي آهي. هڪڙو دم بہ منهنجي ذڪر کان غافل نہ رهہ) ۽ الله تعاليٰ جو ذڪر، الله تعاليٰ جي دائمي عبادت سان ئي پيدا ٿئي ٿو ۽ عبادت ۾ فراغت، خواهش کي ترڪ ڪرڻ سان ئي پيدا ٿئي ٿي ۽ خواهشون، تڏهن ئي ترڪ ڪري سگهجن ٿيون، جڏهن گناهن کان پرهيز ڪئي وڃي. تنهن ڪري گناهن کان بچڻ ئي، دل جي فراغت جو سبب آهي ۽ اُن جي اطاعت جو بجا آڻڻ، ذڪر جي غالب هئڻ جو سبب آهي ۽ اِهي ٻئي، جمعيت جو سبب آهن، جو سعادت جو ٻج آهي ۽ اُن جو مطلب، نجات حاصل ڪرڻ آهي. جيئن تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

"قَد اَفلَحَ المؤمِنونَ" (يعني، بيشڪ ايماندار، ڇوٽڪارو حاصل ڪن ٿا) "وقد افلح من تزڪري وذڪر اسم ربه فصلي" (يعني بيشڪ، نجات پاتي اُنهيءَ، جو پاڪ ٿيو ۽ پنهنجي رب جو نالو ياد ڪيو.) ۽ جيئن تہ سڀ عمل، عبادت تي نٿا سگهن، ڪي عبادت ۾ داخل آهن ۽ ڪي نہ آهن. اهڙيءَ ريت، سيني خواهشن کان پڻ علحدگي ٿي نٿي سگهي ۽ نہ انهيءَ طريقي سان جائز آهي. جيئن تہ ڪاڌو نہ کائيندو، تہ مري ويندو. جيڪڏهن مباشرت نہ ڪندو، تہ نسل ختم ٿي ويندو. انهيءَ ڪري، ڪي خواهشون اهڙيون آهن، جن کي ڇڏي ڏنو وڃي ۽ ڪي اهڙيون آهن جي ڇڏي نہ ٿيون سگهجن. تنهن ڪري ڪا حد مقرر ڪرڻ گهرجي، جا اِنهن ٻنهي کي جُدا ڪري ۽ انهيءَ حد جو مقرر ڪرڻ، ٻن حدن کان خالي نہ ٿيندو يا تہ ماڻهو عقل سان حد مقرر ڪري ۽ پنهنجي غور ۽ فڪر سان اُن کي اختيار ڪري يا ڪنهن ٻئي کان حد مقرر ڪرائي ۽ اُها ڳالهہ ڏکي آهي تہ ماڻهوءَ کي، پنهنجي حد ٻُڌڻ جو اختيار ڏئي ڇڏيو وڃي، ڇوجو خواهش مٿس غالب ٿئي ٿي ۽ هميشہ سڌي راهہ کي، هُن کان لڪل ٿي رکي ۽ جنهن ۾ هُن جو پنهنجو مطلب ٿئي ٿو، اُها شيءِ، هن کي چڱي نظر اچي ٿي. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ اختيار جي واڳ، ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪجي ۽ هر شخص، مشابهت جي قابل نہ آهي، بلڪ نهايت دورانديش ماڻهوءَ جي ضرورت آهي ۽ اُهي، انبياءَ

عليھم السلام آھن. تنھن ڪري ضروري آھي تہ شريعت جي متابعت ڪجي ۽ اُن جي حُڪمن ۽ حدن کي لازم ڄاڻي، ڇالاءِ جو اِھائي سعادت جي واٽ آھي ۽ بندگيءَ جي اِھائي معنيٰ آھي ۽ جيڪو شريعت جون حدون اورانگھيندو يا ٽپندو، پنھنجي مرضيءَ سان وڃي موت جي مُنھن ۾ پوندو ۽ انھيءَ ڪري ئي، الله تعاليٰ فرمايو آھي تہ:

"وَمَنْ يَتَعَدَّ حُدُودَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهُ" (يعني، جيڪو الله تعاليٰ جون حدون ٽپيو، اُن پنھنجي نفس تي ظلم ڪيو).

## فصل ڏھون

جيڪي اھل اباحت منجھان آھن، يعني غير مباح کي مباح ڄاڻندڙ آھن ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ جي حُڪمن کي اورانگھي ويا، اُنھن جي غلطي ۽ جھالت، ستن سببن ڪري آھي. پھرين جھالت، انھيءَ گروھہ جي ھيءَ آھي، جو اُھي الله تعاليٰ تي ايمان نٿا رکن ۽ اُن کي وھم ۽ خيال جي خزاني مان ڳولين ٿا ۽ اُن جي ڇگونگيءَ کي تلاش ڪندڙ آھن ۽ جڏھن اِنھن ڳالھين جي رستي، اُن تائين نٿا پھچن تہ انڪار ڪيو ڇڏين ۽ سڀ ڪاروبار جو حصو، طبيعت ۽ نجوم تي ڪٽيو اچن ۽ اِھو خيال ٿا ڪن تہ ماڻھو ۽ ٻيا حيوان ۽ ھي سڀو عجيب ۽ غريب عالم، تربيت ۽ حڪمت سميت، پنھنجو پاڻ يا از خود پيدا ٿي ويا آھن يا پاڻ، ھميشہ يا اصل کان ھلندا پيا اچن يا اِھو سڀو طبيعت جو فعل آھي، پر طبيعي خود، پنھنجو پاڻ کان بيخبر آھي، سو ٻين شين کي ڇا ڄاڻي يا سمجھي سگھندو؟ ۽ اُن جو مثال، انھيءَ شخص جھڙو آھي، جو ڪجھہ چڱو لکيل ڏسي ۽ خيال ڪري تہ ھيءَ لکيت، ڪاتب کان سواءِ ئي لکيل آھي ۽ ڪاتب يا لکندڙ جي علم، طاقت ۽ ارادي جو اُن ۾ ڪوبہ دخل ڪونھي يا اُھي اکر ھميشہ کان لکيل ھئا. جنھن جي انڌائي، اِنھيءَ حد ھوندي، اُھو بدبختيءَ ۽ گمراھيءَ جي واٽ کان ڪڏھن بہ پوئتي نہ موٽندو. نجوميءَ ۽ طبيعيءَ جي غلطي تہ اڳي ئي بيان ٿي چُڪي آھي. ٻيو سبب، اُنھيءَ جماعت جي جھل ۽ ناداniءَ جو ھيءُ آھي، جو اُھي آخرت جا متعقد نہ ٿيا، ڇالاءِ جو ھُنن سمجھيو تہ ماڻھو، اوڙن وانگي يا حيوانن وانگي آھن. جڏھن مرندو، تڏھن نيست ۽ نابود ٿي ويندو. نڪو مٿس ڪو عتاب آھي، نڪو حساب، ۽ نڪو مٿس ڪو عذاب آھي ۽ نہ ثواب آھي. پنھنجي نفس کي نہ ڄاڻڻ، انھيءَ جھل جو سبب آھي، جو ھُو پاڻ کي گڏھہ يا ڏڳو يا اوڙ ڄاڻي ٿو ۽ روح، جو آدميءَ جي حقيقت آھي، سو نٿو سُڃاڻي تہ ھميشہ رھڻ وارو آھي ۽ ڪڏھن بہ ڪين مرندو؛ ليڪن ھن جو قالب، سو ڪانئس وري موٽائي وٺندا ۽ اُنھيءَ کي "موت" ٿا چون. موت جي حقيقت، چوٿين عنوان ۾ ڏني ويندي. ٽيون سبب، اُنھيءَ گروھہ جي جھل ۽ نادانيءَ جو آھي، جي حق تعاليٰ ۽ قيامت ۾ ايمان تہ رکن ٿا، مگر ضعيف، ۽ شريعت جي معنيٰ نٿا سڃاڻن ۽ چون ٿا تہ حق تعاليٰ کي، اسان جي عبادت جي ڪھڙي گھرج آھي ۽ اسان

جي گناهن مان اُن کي، ڪهڙو رنج ۽ ايذاءُ ٿو پهچي. ڇالاءِ جو هُو بادشاهه آهي ۽ اسان جي عبادت کان بيپرواهه آهي. هن جي اڳيان، عبادت ۽ گناهه، سڀ برابر آهن. هنن جاهلن، قرآن ۾ نه ڏٺو آهي ته حق تعاليٰ، هڪڙي هنڌ فرمائي ٿو ته:

"وَمَنْ تَزَكَّى فَإِنَّمَا يَتَزَكَّى لِنَفْسِهِ" (يعني، جنهن پاڪائي ڪئي، تنهن پاڪ ڪيو پنهنجي نفس کي).

۽ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

"وَمَنْ جَاهَدَ فَإِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفْسِهِ" (يعني، ۽ جنهن مجاهدو ۽ سعيو ڪيو، تنهن تحقيق، مجاهدو ڪيو پنهنجي لاءِ).

"مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهِ" (يعني، جنهن ڪا چڱائي ڪئي، تنهن چڱائي ڪئي پنهنجي لاءِ).

هي بدبخت، شريعت کان غير واقف آهن ۽ نٿا ڄاڻن ته شريعت اها آهي ته خدا جي واسطي ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ نه پنهنجي واسطي ۽ هيءَ به اهڙي ڳالهه آهي، جيئن ڪو بيمار، پرهيز نه ڪري ۽ چوي ته طبيب جو ان ۾ ڇا ، ته آءٌ سندس حڪم مڃان يا نه مڃان؟ هُن جو اهو چوڻ برابر آهي، ليڪن هُو پاڻ، سو مري ويندو. هُن جو مرڻ، طبيب جي گهرج جي ڪري نه ٿيندو، ليڪن انهيءَ سبب ته هُن، پرهيز نه ڪئي. طبيب ته هُن کي چڱيلائيءَ جو رستو ڏيکاريو ته پرهيز ڪر، پر هُن ائين نه ڪيو، تنهن ۾ رستي ڏيکارڻ واري جو ڪهڙو نقصان، ليڪن هُو پاڻ مري ويو. جهڙيءَ طرح بدن جي بيماري، هن جهان ۾ هلاڪت جو سبب آهي، تيئن دل جي بيماري، هن جهان ۾ بدبختيءَ جو سبب آهي. ۽ جيئن دوا ۽ پرهيز، بدبختيءَ، تندرستي ۽ سلامتيءَ جو سبب آهي، تيئن عبادت، معرفت ۽ گناهن کان پرهيز ڪرڻ، دل جي سلامتيءَ جو سبب آهي:

"ولا ينجوا إلاَّ مَنْ اَتَى اللَّهَ بِقَلْبٍ سَلِيمٍ" (يعني، ڪوبه نجات نه پائيندو، مگر اُهو شخص، خدا وٽ دل، گناهن کان آجي يا بچيل آڻيندو).

چوٿون سبب، اُنهن ماڻهن جي جهل ۽ ناداني جو آهي، جي ٻين سببن ڪري، شريعت کان بيخبر رهي، چون ٿا ته شرع جو حڪم آهي ته شهوت، غصي ۽ ريا کان دل کي پاڪ ڪريو ۽ اها ڳالهه ممڪن ناهي، ڇا لاءِ جو خدا تعاليٰ ماڻهوءَ کي، انهن ئي شين مان پيدا ڪيو آهي ۽ اُن جو مثال اهڙو آهي، جيئن ڪو چاهي ته ڪاري کي اُڇو ڪيو وڃي، حالانڪه ائين ڪرڻ محال آهي ۽ اُهي اَحمق، ائين نٿا سمجهن ته شرع، اِهو حڪم نه ڪيو آهي ته غُصي ۽ شهوت کي دُور ڪريو، پر شريعت جو حڪم، اُنهن کي اعتدال تي رکڻ آهي، جيئن اُهي عقل ۽ شريعت تي غالب نه پئجي وڃن ۽ سرڪشي نه ڪن ۽ شريعت جي حدن جو خيال رکن ۽ وڏن گناهن کان بچن ته جيئن غفور الرحيم ، سندن ننڍا گناهه

بخشي ڇڏي ۽ اِنهيءَ ئي ريت، غصي ۽ شهوت کي قبضي ۾ رکڻ ممڪن آهي ۽ گهٽڻ ماڻهن ائين ڪيو آهي ۽ چيا، رسول الله صلي الله عليه وسلم جن نہ فرمايو آهي تہ غصي ۽ شهوت جو مغلوب ٿيڻ نہ جڳائي؟ جيتوڻيڪ ڪين، نو (9) آهليہ هيون، ۽ آنحضرت ﷺ جن فرمايو آهي تہ آءُ، اوهان جهڙو ماڻهو آهيان، ۽

"أغضَبُ كَمَا يَغضَبُ البَشَرُ" (يعني ماڻهوءَ وانگي، مون کي بہ ڪاوڙ اچي ٿي.)

۽ حق تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

"وَالْكَاظِمِينَ الْغَيْظَ" يعني، اُنهيءَ شخص جي تعريف ڪرڻ فرمائي آهي، جو غصو ڪائي ۽ اُنهيءَ شخص جي تعريف ڪرڻ نہ فرمائي آهي، جنهن کي اَصل ڪاوڙ اچي ئي ڪانہ.

پنجون سبب، اُنهن ماڻهن جي جهل ۽ ناداني‌ءَ جو آهي، جي حق تعاليٰ جي صفتن کان بيخبر رهي، چون ٿا تہ خدا، ڪريم ۽ رحيم آهي، جهڙي بہ حال ۾ هوندا سين، تنهن ۾ هُو اسان تي رحم ڪندو ۽ ايترو نٿا ڄاڻن تہ جهڙيءَ طرح هُو، ڪريم آهي، تهڙيءَ طرح، هُو 'شديد العقاب' بہ آهي، يعني سخت سزا ڏيڻ وارو. هُو، ائين نٿا چون تہ جيتوڻيڪ هُو، رحيم ۽ ڪريم آهي، تڏهن بہ هن جهان ۾ اڪثر، خلق کي بيماريءَ کان سواءِ، بُک ۾ رکي ٿو ۽ ايترو نٿا ڏسن تہ جيسين ماڻهو، پوک يا واپار نہ ڪندا، تيسين مال هٿ نہ ايندن ۽ جيسين محنت نہ ڪندا، تيسين علم نہ سکندا. دنيا جي تلاش ۾ تہ اُهي ماڻهو، بلڪل ڪوبہ قصور نٿا ڪن. هُو، ائين نٿا چون تہ خدا، ڪريم ۽ رحيم آهي. پوک ۽ واپار کان سواءِ، پاڻيهي روزي ڏئي ٿو، جو خدا تعاليٰ، رزق پهچائڻ جو ذمو ڪنيو آهي ۽ فرمايو اٿس تہ:

"وَمَا مِنْ دَابَّةٍ فِي الاَرْضِ إلاَّ عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا" (يعني، زمين تي هلڻ وارو ڪوبہ ڪونهي، مگر خدا تي ئي، اُن جي روزيءَ جو ذمو آهي).

۽ آخرت جو ڪم حق تعاليٰ، عمل تي تعلق ڪيو آهي ۽ فرمايو آهي تہ: "وَاَنْ لَيْسَ لِلْاِنسَانِ إلاَّ مَا سَعَى" (يعني، انسان لاءِ ٻيو ڪي ڪينهي، سواءِ اُنهيءَ جي، جيڪي هُن ڪوشش ۽ محنت ڪئي).

جڏهن ماڻهو، اُنهيءَ جي ڪرم تي ايمان نٿا رکن ۽ رزق ڳولڻ کان هٿ نٿا جهلين، تڏهن آخرت بابت، جيڪي چون ٿا، سو فقط زبان سان ٿا چون ۽ اها، شيطاني نصيحت آهي. اُنهيءَ جي ڪابہ اصليت ڪانهي. ڇهون سبب، اُنهن ماڻهن جي جهالت ۽ ناداني‌ءَ جو آهي، جي غرور کان، پنهنجي نالي چون ٿا تہ اسين، اهڙي درجي تي وڃي پهتا آهيون، جو گناهہ ڪرڻ ڪري، اسان کي ڪوبہ نقصان نہ پهچي سگهندو ۽ چون ٿا تہ اسان جو دين، مُبين (عالي ظرف) آهي، جو گناهہ جي نجاست سبب، ناپاڪ ۽ پليد نٿو ٿئي.

اڪثر اُهي اَحمق، اهڙا هلڪا ٿيندا آهن، جو جيڪڏهن ڪو شخص ساڻن بي اَدبيءَ جهڙي ڪا ڳالهہ ڪٿي ڪري ۽ هنن جو هَٺ يا رِيا ڀَڃي، تہ سڄي عُمر، جيڪر اُنهيءَ سان دشمني رکن ۽ جنهن هڪڙي گرنهہ جي لالچ، هُنن کي رهي ٿي، سو جيڪڏهن هُنن کي نہ ملي تہ جيڪر سارو جهان، هنن جي اکين ۾ تنگ ۽ تاريڪ ٿي وڃي. اَحمق، اَجا انسانيت ۽ ماڻهپي ۾ عالي ظرف نہ ٿيا آهن، جو اهڙيءَ شيءِ جي پرواهہ نہ رهين. اُنهن جي هيءَ دعويٰ، ڪيئن مڃي سگهجي ٿي؟ ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙو بہ هجي، جو دشمني، غصو، شهوت ۽ رِيا، اُن جي ويجهو نہ اَچي سگهن، پر هُو، انهيءَ ڳالهہ تي غرور ڪري، تہ اُن جو درجو، انبياءَ عليهمُ السلام ڪان وڌي نہ ويندو، ڇالاءِ جو انبياءَ عليهم السلام، تہ پنهنجن گناهن تي روئيندا هئا ۽ توبهہ ڪندا هئا. الله تعاليٰ جي دربار ۾ معذرت ڪندا هئا، ۽ وڏا وڏا جليل القدر صحابي پڻ، ننڍن ننڍن گناهن ڪان حذر ڪندا هئا، بلڪہ ڪڏهن ڪڏهن، شڪ شبهي جي سبب، حلال شين ڪان بہ پرهيز ڪندا هئا؛ ۽ هِن احمق، ڪيئن سمجهيو آهي تہ هُو، شيطان جي مَڪر ۽ فريب جو شڪار نہ بڻيو، ۽ هُن جو درجو، انبياءَ عليهم السلام جي درجي ڪان بہ بلند ٿي ويو آهي؟ ۽ جيڪڏهن هيءُ احمق چوي تہ پيغمبر بہ اهڙائي هئا، جن تي گناهہ ڪو بہ اثر نہ ڪندو هو ۽ اُهي، جيڪا بہ توبہ استغفار ڪندا هئا، رڳو ماڻهن جي تعليم لاءِ ڪندا هئا، تہ هيءُ احمق بہ ڇو اِنهيءَ طرح، ماڻهن جي فائدي جي لاءِ نٿو ڪري، جيتوڻيڪ هُو ڏسي ٿو تہ جيڪو بہ هُن جي حالت کي ڏسي ٿو، سو تباهہ ٿي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن هُو ائين چوي تہ ماڻهن جي تباهي، منهنجي لاءِ نقصان جو ڪارڻ نہ آهي تہ رسول الله ﷺ جن جو، ماڻهن جي تباهيءَ کان، ڪهڙو نقصان هو، جو حضور جن، حد درجي جي تقويٰ لاءِ، پنهنجيءَ جان کي، مصيبت ۾ وجهندا، ۽ هڪ داڻو ڪجور جو، جيڪو صدقي جو هو، تنهن کي پنهنجي وات مان ڪيڍي، اُڇلائي ڇڏيو؟ جيڪڏهن اُهو کائين ها تہ ماڻهن جو، انهيءَ ۾ ڪهڙو نقصان هو؟ بلڪہ اُن جو کائڻ، سيني جي لاءِ جائز ٿي وڃي ها. ۽ جيڪڏهن ڪجور جي هڪ داڻي سبب، رسول الله صلي الله عليه وسلم جي لاءِ نقصان هو تہ ڇا، هنن اَحقن جي لاءِ، شراب جو پيالو، ڪو بہ نقصان نٿو رکي؟ آخر، هن احمق جو مرتبو، رسول الله صلي الله عليه وسلم ڪان وڌيڪ تہ ناهي ۽ جيڪڏهن شراب جي سؤ پيالن جو درجو، ڪجور جي هڪ داڻي ڪان وڌيڪ آهي، تہ ڇا، هيءُ احمق، پنهنجو پاڻ کي درياهہ سمجهي ٿو، جو شراب جا سؤ پيالا، هُن کي نہ بگاڙيندا ۽ (نعوذ بالله) رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي هُو، پاڻيءَ جو ننڍو پيالو ٿو سمجهي، جو ڪجور جو هڪ داڻو، کين بگاڙي ها؟ انهيءَ اَحمق جي لاءِ اهڙو وقت آهي تہ شيطان، اُنهيءَ احمق جون مُڇون مروڙي ۽ جهان جا بيوقوف، هُن کي مسخرو بنائين، ڇا لاءِ جو عقل وارن کي، هُن جي ڳالهہ ڪرڻ ۾، افسوس ۽ انڪار آهي ۽ هن جي ڪلُ ٺٺولي ڪرڻ ۾ ننگ ۽ عار آهي. دين جا بزرگ، اُهي ماڻهو آهن، جي ڄاڻن ٿا تہ جنهن، شهوت

کي پنهنجو ٻانهي ۽ زيردست نہ ڪيو، سو آدمي ناهي، بلڪہ جانور آهي. تڏهن ڄاڻڻ گهرجي تہ ماڻهوءَ جو نفس، مڪار ۽ دغاباز آهي ۽ ڪُوڙي دعويٰ ڪري ٿو ۽ ٻٽاڪ هڻي ٿو ۽ ٻٽاڪ هڻي چوي ٿو تہ آءٌ نهايت زبردست آهيان. تنهن ڪري جڳائي تہ ماڻهو، پنهنجي نفس کان، سندس دعويٰ جو دليل گهري ۽ هُن جي سچائيءَ جو ٻيو ڪو بہ دليل ڪونهي، سواءِ انهيءَ جي تہ هُو، پنهنجي حڪم نہ ۾ هجي، پر شرع جي حڪم ۾ هجي. جيڪڏهن شرع جي فرمانبرداريءَ ۾ هميشه، خوشيءَ سان ڪم ڪري ٿو تہ سچو آهي ۽ جي شرع جي حڪم ۾، حيلا ۽ بهانا ڳولي ٿو تہ هُو، شيطان جو غُلام آهي ۽ ولايت جي دعويٰ ٿو ڪري. آخرين دم تائين، نفس کان، اِهو دليل گهرندو رهجي، نہ تہ دنيا تي نڱجي ۽ مغرور ٿي هلاڪ ٿيندو. ماڻهو ايترو نٿو ڄاڻي تہ شرع جي تابعداريءَ ۾، نفس جو محو ٿي وڃڻ، مسلمانيءَ جو پهريون درجو آهي. ستون سبب، غفلت ۽ شهوت جي ڪري پيدا ٿئي ٿو، جهالت ۽ ناداني‌ءَ جي ڪري پيدا نٿو ٿئي ۽ هي، غير مُباح کي مُباح نهرائڻ وارو اُهو فرقو آهي، جنهن مٿي ذڪر ڪيل سببن بابت ڪي بہ نہ ٻُڌو هجي، ليڪن ڪن ماڻهن کي ڏٺو هُجين تہ اَباحت جو رستو هلن ٿا ۽ فساد وجهن ٿا ۽ سهڻيون سهڻيون ڳالهيون ٻڌائين ٿا ۽ صوفين جو لباس پهري، تصوف ۽ ولايت جي دعويٰ ڪن ٿا، تہ اهڙي گروهہ کي اهڙيون ڳالهيون پسند ٿيون اچن، ڇالاءِ جو اُنهن جي دلين ۾ شهوت ۽ بيهودگي غالب ٿي ٿئي ۽ اُها هُنن کي، فساد ڪرڻ جي اجازت ٿي ڏئي ۽ هُن کي اها خبر نٿي پوي، تہ انهيءَ فساد جي ڪري، هُن تي عذاب ايندو، جنهن ڪري فساد ڪرڻ، هُن جي طبيعت کي ناگوار لڳندو، بلڪہ چوي ٿو تہ هيءُ فساد نہ آهي، اُن کي فساد چوڻ، اجائي تهمت ۽ ناهيل ڳالهہ آهي ۽ هُو، تهمت جي معنيٰ ئي نٿو ڄاڻي. اهڙو ماڻهو، غافل ۽ شهوت پرست ٿئي ٿو ۽ شيطان، اُنهيءَ تي غالب رهي ٿو. اهڙو ماڻهو، سمجهائڻ سان سُڌري نٿو، ڇالاءِ جو هُن کي، پنهنجن فعلن ۾ ڪو بہ شڪ شبهو نٿو ٿئي ۽ اڪثر هيءُ گروهہ، اُنهن ماڻهن مان آهي، جن لاءِ حق تعالىٰ فرمايو آهي:

> "إِنَّا جَعَلْنَا عَلَى قُلُوبِهِمْ اَكِنَّةً أَنْ يَفْقَهُوهُ وَفِي آذَانِهِمْ وَقْرًا وَإِنْ تَدْعُهُمْ إِلَى الْهُدَى فَلَنْ يَهْتَدُوا إِذًا اَبَدًا" (يعني، ۽ بيشڪ اهڙن ماڻهن جي دلين تي اسان پردا وڌا آهن. تہ اُهي، هن کي نہ سمجهن ۽ اُهڙن ماڻهن جي ڪنن ۾ بار آهي ۽ جيڪڏهن اي محمد! تون اُنهن کي هدايت جي طرف سڏيندين تہ اُهي، ڪڏهن بہ هدايت نہ وٺندا).

اهڙن ماڻهن سان، ترار جي زبان سان ڳالهائڻ گهرجي ۽ نہ حجت ۽ تقرير سان. هن عنوان ۾، هر شيءِ کي مُباح سمجهڻ وارن جي غلطيءَ بابت، ايترو بيان ڪافي آهي، جيترو ڏنو ويو آهي. انهيءَ غلطيءَ ۽ گمراهيءَ جو سبب يا هيءُ آهي تہ هُن، پنهنجي نفس کي نہ سُڃاتو آهي، يا هيءُ آهي، تہ شريعت کي نہ سمجهيو اٿس. جڏهن ماڻهوءَ کي انهيءَ

کم ي اڻڄاڻائي هوندي، جو هُن جي طبيعت موافق هوندو، تہ اُنهيءَ گمراهيءَ جو برطرف ٿيڻ مشڪل آهي، اِنهيءَ ڪري ماڻهو، ڪو شڪ شبهو نٿا ڪن ۽ ڪنهن تڪلف کان سواءِ اباحت جو رستو هلن ٿا، يعني هر شيءِ کي مباح سمجهن ٿا ۽ چون ٿا تہ اسان کي حيرت آهي! جيڪڏهن اُنهن کان پُڇبو تہ اوهان کي ڇا جي حيرت آهي؟ تہ جواب ڏيئي نہ سگهندا، ڇالاءِ جو هُنن کي، نہ طلب آهي ۽ نہ شبهو. اُنهن ماڻهن جو اهڙو مثال آهي، جهڙو ڪو شخص، طبيب کي چوي، تہ مون کي بيماريءَ جو خلل آهي، پر اُها بيماري نہ ٻڌائي، تنهن ڪري جيسين طبيب، اُن جي بيماري معلوم نہ ڪندو، تيسين اُن جو علاج ڪري نہ سگهندو. اهڙي ماڻهوءَ جو اهوئي جواب آهي، تہ جنهن شيءِ جي توکي دل چوي، تنهن جي حيرت ۾ پئو، ليڪن انهيءَ ڳالهہ ۾ شڪ نہ ڪر تہ تون بندو آهين ۽ تنهنجو خالق، قادر ۽ عالم آهي، جيڪي وٽيس ٿو، سو ڪري سگهي ٿو. ۽ اِها ڳالهہ، هُن کي دليلن سان سمجهڻ گهرجي، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

# ٽيون عنوان - دنيا جي معرفت بابت

## فصل پهريون

جاڻڻ گهرجي ته دنيا ، دين جي رستي وارين منزلن مان هڪڙي منزل آهي ۽ الله جي درگاهه جي مسافرن جو رستو آهي ۽ مسافرن جي سمر ڪٽڻ واسطي، معرفت جي بيابان جي ڪناري تي، هڪڙي سينگاريل بازار آهي. دنيا ۽ آخرت ۾، ٻه حالتون آهن، جيڪا حالت، موت کان اڳي ۽ ماڻهوءَ کي تمام ويجهي آهي، اُنهيءَ کي "دنيا" ٿا چون ۽ جا حالت، موت کان پوءِ اچي ٿي، اُنهيءَ کي "آخرت" چون ٿا ۽ دنيا مان مراد آهي آخرت جو سمر يا توشو، ڇالاءِ جو خالق، ماڻهوءَ کي خلقت جي شروع ۾، سادو ۽ ناقص پيدا ڪيو آهي، ليڪن هُن کي اِها لياقت ڏني آهي ته اهڙو ڪمال حاصل ڪري ۽ مَلڪن جي صورت کي، اهڙو پنهنجيءَ دل جو نقش ڪري، جو درگاهه الاهيءَ جو لائق ٿي وڃي، يعني وڃي انهيءَ درگاهه ۾ داخل ٿئي ۽ حضرت رب الارباب جي نظاري ۾ مشغول ٿئي. اِهائي ڳالهه، هُن جو بهشت آهي ۽ هُن جي سعادت جي اِنتها آهي ۽ خالق به هن کي، انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي. سو جيسين، هُن جي اک نه کلندي ۽ اُنهيءَ جمال لازوال کي نه سُڃاڻندو، تيسين اُنهيءَ نظاري مان ڇا تيندو؟ اِها سُڃاڻپ، معرفت مان حاصل ٿي ٿئي ۽ خدا جي عجيب غريب صنعتن ۾ سُڃاڻپ، حضرت اِلاهيءَ جي جمال جي سڃاڻپ يا معرفت جي ڪُنجي آهي. هيءَ قالب يا بوتو، جو پاڻيءَ ۽ مٽيءَ مان جُڙيو آهي، اُنهيءَ کان سواءِ، حواس ممڪن نه هئا، تنهن ڪري ته ماڻهو، هِن مٽيءَ ۽ پاڻيءَ جي عالم ۾ اچي پيو ته اُنهيءَ مان، پنهنجو سَمَر يا توشو هٿ ڪري ۽ پنهنجي نفس جي معرفت جي ڪُنجي، توڙي سارو جهان، حواسن سان ٿو معلوم ٿئي. اِنهيءَ معرفت جي ڪُنجيءَ سان، حق تعاليٰ جي معرفت حاصل ڪري. جيسين هي حواس، ماڻهوءَ سان رهن ٿا ۽ هُن جي جاسوسي ۽ مُخبري ڪن ٿا، تيسين ماڻهو چون ٿا ته آدمي، دنيا ۾ آهي ۽ جڏهن اِهي حواس بند ٿين ٿا ۽ آدمي پاڻ ۽ فقط سندس ذاتي صفتون رهجي وڃن ٿيون، تڏهن چون ٿا ته هو، آخرت ڏي روانو ٿيو. تڏهن دنيا ۾، ماڻهوءَ جي رهڻ جو سبب اِهوئي آهي، جنهن جو بيان ٿيو.

## فصل ٻيون

ماڻهوءَ کي دنيا ۾ ٽن شين جي ضرورت آهي. هڪڙي هيءَ، ته دل کي هلاڪت جي سببن کان بچائي ۽ دل جي غذا حاصل ڪري. ٻيءَ هيءَ ته بدن کي، هلاڪ ڪرڻ وارين شين

کان بچائي ۽ اُن جي غذا حاصل ڪري. دل جي غذا تہ خدا جي معرفت ۽ محبت آهي، ڇالاءِ جو سڀ ڪنهن شيءِ جي غذا، اُهائي آهي، جا اُن جي طبيعت جي خواهش موافق آهي ۽ اُن جي خاصيت آهي. آدميءَ جي خاصيت جو بيان، اڳي ئي گذريو آهي ۽ حق تعاليٰ کان سواءِ، ٻي ڪنهن بہ شيءِ جي محبت ۾ غرق رهڻ، آدميءَ جي دل جي هلاڪت جو سبب آهي ۽ بدن جي سنڀال، دل جي ئي واسطي گهرجي، ڇالاءِ جو بدن، فنا ٿي ويندو ۽ دل، باقي رهندي. دل جي واسطي بدن، ائين آهي، جيئن ڪعبي جي واٽ ۾، حاجيءَ جي لاءِ اُٺ. اُٺ، حاجيءَ لاءِ آهي ۽ نہ، اُٺ لاءِ حاجي! جيسين حاجي، ڪعبي ۾ نہ پهچي ۽ اُٺ کان بي فڪر ۽ بيپرواهہ نہ ٿئي، تيسين حاجيءَ کي اُٺ جي چاري ۽ ڍَڪَ جي سنڀال ڪرڻ ضروري آهي، ليڪن سنڀال، گهرج آهر ڪرڻ گهرجي. جي حاجي، رات- ڏينهن، اُٺ کي چاري ڏيڻ ۽ سينگارڻ ۾ مشغول رهندو ۽ ترسي پوندو تہ قافلو هليو ويندو ۽ هُو، پُٺتي رهجي ويندو ۽ هلاڪ ٿيندو. اِنهيءَ طرح، جيڪڏهن ماڻهو، رات- ڏينهن، بدن جي سنڀال ڪندو رهندو، يعني اُن کي، غذا ڏيندو رهندو ۽ اُن کي هلاڪت جي سببن کان بچائيندو رهندو تہ پنهنجيءَ سعادت کان محروم رهندو. بدن کي، دنيا ۾ فقط ٽن شين جي گهرج آهي- کاڌو، ڪپڙو ۽ گهر. کاڌو، غذا آهي ۽ ڪپڙو، ڍَڪ آهي ۽ گهر، گرميءَ ۽ سرديءَ جي هلاڪت جي سببن کان، اُن کي بچائي ٿو. اُنهن کان سواءِ، دنيا ۾، بدن جي لاءِ ماڻهوءَ کي، ٻيو ڪي بہ ڪين گهرجي، بلڪ اِهي ئي شيون، خود دنيا جو اصل اصول آهن. دل جي غذا، معرفت آهي، اُها جيتري زيادہ هوندي، اوتري بهتر آهي ۽ بدن جي غذا، کاڌو آهي. اُهو جي حد کان زيادہ هوندو تہ هلاڪت جو سبب ٿيندو، ليڪن حق تعاليٰ، شهوت کي، ماڻهوءَ تي انهيءَ لاءِ مقرر ڪيو آهي تہ جيئن هو کاڌي، ڪپڙي ۽ گهر جي ڪشش ڪري، اِنهيءَ لاءِ تہ بدن، جو سندس سواريءَ جو وهڻ آهي، سو هلاڪ نہ ٿئي. انهيءَ شهوت يا خواهش جي اهڙي خلقت آهي، جو هڪڙيءَ حد تي ٺهڻ جي ناهي، هميشہ زيادتي پئي گهرندي آهي. خدا تعاليٰ عقل کي اِنهيءَ واسطي پيدا ڪيو تہ شهوت کي، پوريءَ حد تي رکي ۽ پيغمبرن جي واتان شريعت، انهيءَ ڪري مقرر فرمايائين تہ شهوت جي لاءِ، حد ظاهر ڪري، ليڪن شهوت جي گهرج هئي، تنهن ڪري خدا اُها ننڍي هوندي کان، ماڻهوءَ ۾ پيدا ڪئي. تنهن کان پوءِ عقل پيدا ڪيائين، پر شهوت تہ اڳ ئي جاءِ وٺي ويهي رهي ۽ غالب ٿي وئي. عقل ۽ شرع، جي پوءِ پيدا ٿيا آهن، تن سان شهوت سَرڪشي ٿي ڪري، اِنهيءَ لاءِ تہ ماڻهوءَ کي کاڌي، پيتي ۽ ڪپڙي ۽ رهڻ جي جاءِ جي تلاش ۾ مشغول رکي. انهيءَ ڪري ماڻهو اڪثر، پاڻ کي وساريو ٿو ڇڏي ۽ ايترو نٿو ڄاڻي، تہ اِهو کاڌو پيتو، ڪپڙو ۽ گهر، ڇالاءِ آهي ۽ خود پاڻ دنيا ۾ ڇو آيو آهي؟ ۽ دل جي غذا، جا آخرت جو

توشو آهي، انهيءَ کي اَصل وساريو تو ڇڏي. اِنهن سيني ڳالهين مان، دنيا جي ساري حقيقت ۽ دنيا جي آفت ۽ دنيا جو غرض، تو معلوم ڪيو. هاڻي گهرجي ته تون، دنيا جي شاخن کي سُڃاڻين ۽ دنيا ۾، جو شغل ڪرڻ گهرجي، سو معلوم ڪرين.

## فصل ٽيون

ڄاڻڻ گهرجي ته جيڪڏهن دنيا جي تفصيل ۾ تون غور ڪندين، ته توکي معلوم ٿيندو ته دنيا، ٽن شين کي تو چئجي- هڪڙيون ذاتيون، جي زمين تي پيدا ٿيون آهن، يعني نباتات، معدنيات ۽ حيوانات، ڇالاءِ جو اَصل زمين، رهڻ ۽ نفعي ۽ پوک لاءِ گهرجي ۽ معدنيات، يعني لوهه، ٽامو، پتل وغيره، اوزارن جي واسطي آهن ۽ حيوانات، سواريءَ ۽ کائڻ جي لاءِ آهن. ماڻهو، پنهنجيءَ دل ۽ بدن کي، اِنهن شين ۾ مشغول رکي ٿو. دل کي، انهن شين جي خواهش ۽ محبت ۾، ۽ هٿن- پيرن کي، انهن جي دُرستيءَ ۽ ڪارسازيءَ ۾ لڳائي ٿو ۽ دل کي، اِنهن شين سان اٽڪائڻ ڪري، دل ۾ اَهڙيون صفتون پيدا ٿين ٿيون، جي هلاڪت جو سبب آهن، جيئن ته حرص، بُخل، عداوت وغيره ۽ هٿن- پيرن کي، اِنهن شين ۾ لڳائڻ سان، دل بہ اِنهن ۾ اٽڪي وڃي ٿي ۽ ماڻهو، پاڻ کي وساري دنيا جي ڪمن ۾ همت ٻڌي ٿو ۽ جهڙيءَ طرح، دنيا ۾ اَصل ٽي شيون آهن- ڪاڌو، ڪپڙو ۽ گهر، تهڙيءَ طرح، جن هنرن ۽ شغلن جي ماڻهوءَ کي گهرج ٿئي ٿي، اُهي بہ ٽي آهن- سوناري جو هنر، ڪوريءَ جو هنر ۽ رازي جو هنر، ليڪن انهن مان، هرهڪ جون شاخون آهن، ڪي تہ سامان موجود تا ڪن، جيئن تہ پڃارو ۽ سُٽ ڪتڻ وارو، ڪوريءَ جو سامان موجود ٿو ڪري ۽ ڪي وري اُنهن جي ڪم کي پورو تا ڪن، جيئن تہ درزي، جو ڪوريءَ جي ڪم کي پورو ڪري ٿو، ۽ اُنهن سيني کي، ڪاٺ، لوهہ ۽ چم وغيره جي اوزان جي ضرورت ٿئي ٿي. تنهن ڪري، لوهار، واڍو ۽ چم رڱڻ وارو پيدا ٿيا ۽ هرهڪ کي ٻئي کان، مدد وٺڻ جو احتياج ٿيو، ڇالاءِ جو سڀ ڪو ڪاسبي، پنهنجو ڪم، سمورو ئي پاڻ پورو ڪري نٿو سگهي، تنهن ڪري اِنهن سيني ۾ معاملو ۽ ڏيتي ليتي پيدا ٿي، تنهن مان وري تڪرار ۽ دشمني پيدا ٿي ۽ سڀ ڪو ماڻهو، پنهنجو حق، ٻئي کي ڏيڻ تي راضي نہ ٿيو ۽ هڪ ٻئي جي پٺيان پيو، تہ اُنهيءَ مان وري، ٻين ٽن شين جي گهرج ٿي- هڪڙي سياست يا سلطنت، ٻي قضا يا حڪمراني ۽ ٽي فقہ جو علم، جنهن جي واهر سان، خلق ۾ سلطنت يا ملڪرانيءَ جا قاعدا معلوم ڪن. جيتوڻيڪ هُنن ٽن مان هرهڪ هنر، ڪاسبين وانگي، هٿن سان واسطو نٿو رکي، تڏهن بہ آخر، هنر يا پيشو آهي. انهيءَ ڪري دنيا جا شغل يا ڌنڌا، گهڻا ٿي پيا ۽ هڪ ٻئي سان گڏجي، مُنجهي پيا ۽ خلق، پاڻ کي اُن ۾ گم ڪري ڇڏيو ۽ ايترو نہ سمجهيو، تہ انهن سيني جو اصل، فقط اِهي ٽي شيون

آهن. يعني خوراڪ، پوشاڪ ۽ گهر. ساري دنيا جا ڌنڌا ۽ شغل، اِنهن ٽن شين جي لاءِ آهن ۽ اِهي ٽئي شيون، بدن جي لاءِ آهن ۽ بدن، دل جي لاءِ آهي، اِنهيءَ لاءِ تہ دل، اُن تي سواري ڪري ۽ دل، حق تعاليٰ جي لاءِ آهي. پوءِ ماڻهوءَ، پاڻ کي ۽ خدا کي وساري ڇڏيو، جهڙيءَ طرح حاجي، پاڻ کي ۽ ڪعبي کي ۽ سفر کي وساري ڇڏي، ۽ اُٺ جي سنڀال ۾، پنهنجو سڄو وقت وڃائي. دنيا ۽ دنيا جي حقيقت، اِهائي هئي، جا بيان ٿي. جيڪو دنيا ۾ سفر جي لاءِ تيار نہ رهندو ۽ آخرت تي هُن جي سموري نظر نہ هوندي ۽ جيڪو احتياج کان زياده، دنيا جو ڌنڌو اختيار ڪندو، تنهن جڻ تہ دنيا کي نہ سڃاتو. اُنهيءَ جهل ۽ نادانيءَ جو سبب اِهو آهي، جو رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي تہ: دنيا، هاروت ۽ ماروت کان زياده جادوگر آهي، تنهن کان ڊڄو ۽ پاسو ڪريو. جڏهن دنيا جو جادو، اهڙو وڏو آهي، تڏهن ضرور ٿيو تہ اُنهيءَ جا مڪر ۽ فريب ڄاڻجن ۽ مثال ڏيڻ سان، اُن جو ڪم، ماڻهن کي ظاهر ڪري ٻُڌائجي. هاڻي، اُن جي مثال ٻُڌڻ جو وقت آهي.

## فصل چوٿون

پهريون مثال، هيءَ ڳالهہ ڄاڻ ۽ هيءُ نُڪتو سڃاڻ تہ دنيا جو پهريون جادو هيءُ آهي تہ هُوءَ توکي، اهڙيءَ طرح پاڻ ڏيکاري ڏئي ٿي، جو تون سمجهين ٿو تہ هوءَ، تو سان، نهي وئي آهي، پر حقيقت ڪري، اِئين ناهي. هوءَ تہ هميشہ توکان پڇنڌڙ آهي، ليڪن هوءَ، هوريان هوريان ۽ ٿورو ٿورو ڪري، هٽندي ٿي وڃي. هُن جو حال، پاڇولي جهڙو آهي. جڏهن پاڇولي کي ڏسبو آهي، تڏهن پاڻئبو آهي تہ بيٺو آهي، پر هميشہ کسڪندو وڃي ۽ توکي خبر آهي تہ تنهنجي عمر، هميشہ گذرندي وڃي ۽ توکان موڪلائيندي وڃي ۽ توکي، انهيءَ جي ڪابہ خبر نٿي پوي. ٻيو مثال، دنيا جو ٻيو جادو هيءُ آهي، تہ اُها، پاڻ کي تو وٽ، تُنهنجو اهڙو دوست ۽ سڄڻ بنائي ٿي، جڻ تہ تو سان وفا ڪندي ۽ ٻئي ڪنهن وٽ بہ نہ ويندي، پر هوءَ، اوچتو توکي ڇڏي، تُنهنجي دشمن ڏي هليو وڃي ٿي. هن جو مثال، هڪڙيءَ خراب ڏائڻ رَن جهڙو آهي، جا مڙس کي نڳي، پنهنجو عاشق بنائي ٿي، پوءِ هُن کي، پنهنجي گهر وٺي وڃي ٿي ۽ اُتي، انهيءَ کي ماري کپائي ڇڏي ٿي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام، ڪشف جي حالت ۾، دنيا کي، هڪڙي پوڙهيءَ زال جي صورت ۾ ڏٺو ۽ پڇيائينس تہ تو ڪيترا مڙس ڪيا؟ هُن چيو تہ ڳڻڻ کان ٻاهر! پوءِ پڇيائينس تہ اُهي سڀ مري ويا يا اُنهن توکي طلاق ڏني؟ هُن چيو تہ مون، سڀني کي ماري رکيو. حضرت عيسيٰ فرمايو تہ عجب آهي اُنهن اَحمقن تي، جي ڏسن ٿا، تہ ٻين سان تو ڇا ڪيو، پوءِ بہ توڏي رغبت ٿا ڪن ۽ عبرت نٿا وٺن؟!

"اللهم اعصمنا من سحرها" (يعني، يا الله! اسان کي پناهہ ڏي، هن جي جادوگريءَ کان.)

ٽيون مثال، دنيا جي جادوءَ جو هيءُ آهي تہ هوءَ، پنهنجي ظاهري صورت سينگاري ٿي ۽ اُن ۾، جا بلا ۽ تڪليف آهي، سا لڪايو ڇڏي، انهيءَ لاءِ تہ نادان، پلي تہ سندس ظاهر تي ٺڳجن. جهڙيءَ طرح، ڪا ڪُراڙي زال، پنهنجو مُنهن لڪائي ۽ پاهران چڱا ڪپڙا ۽ زيور ڍڪي، انهيءَ لاءِ تہ جيڪو پري کان ڏسيس، سو مٿس عاشق ٿي پوي ۽ جڏهن سندس مُنهن تان برقعو لاهي، تڏهن شرمندو ۽ بيزار ٿي، هٽي وڃي. حديث ۾ آيو آهي، تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ قيامت جي ڏينهن ملائڪ، دنيا کي بدشڪل، پوڙهيءَ زال جي صورت ۾ وٺي ايندا. هُن جون اکيون سايون ۽ ڏندوڏا ۽ وات کان ٻاهر نڪتل هوندا. جڏهن خلق، اُن کي ڏسندي، تڏهن چوندي تہ نعوذ بالله! هيءَ بدشڪل ڏائڻ ڪير آهي؟ ملائڪ چوندا تہ اها، اُهائي دنيا آهي، جنهن جي لاءِ اوهين، پاڻ ۾ وڙهندا هئا ۽ جهيڙا ڪندا هئا ۽ عزيزي خويشي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ اُنهيءَ تي عاشق ٿيندا هئا. پوءِ، دنيا کي دوزخ ۾ ڪٽي وجهندا. هوءَ چوندي، تہ خدايا! جيڪي مُنهنجا دوست هوندا هئا، اُهي ڪٿي آهن؟ حق تعاليٰ فرمائيندو تہ اُنهن کي بہ، هِن سان گڏ دوزخ ۾ وجهو. نعوذ بالله منها!

چوٿون مثال، جيڪڏهن ڪو ماڻهو، حساب ڪري، تہ ازل کان وٺي ڪيترو وقت گذريو آهي، جڏهن دنيا اصل ڪا نہ هئي ۽ ابد تائين ڪيترو وقت آهي، جڏهن دنيا ڪا نہ هوندي تہ معلوم ٿيندو تہ دنيا جو مثال اهڙو آهي، جهڙو مسافر جو، ڇالاءِ جو اُن جو مُن پينگهو آهي ۽ پڇاڙي قبر ۽ وچ ۾ ڪي ڳاڻ ڳڻيون منزلون آهن ۽ هرهڪ ڏينهن، هڪڙو ميل آهي ۽ هرهڪ دم، گويا هڪڙو قدم آهي، اُهو هميشہ پيو هلي. ڪنهن جو پنڌ فرسنگ تائين آهي ۽ ڪنهن جو گهٽ تہ ڪنهن جو وڌ، پر هو، هتي اهڙو ساڪن ٿيو وينو آهي، جو ڄڻ، اُن کي هميشہ اُتي ئي رهڻو آهي، ۽ دنيا جي ڪمن جي اهڙي رٿ ڪري ٿو، جو ورهين ڏهن ورهين تائين، اُنهن ڪمن جي گهرج نہ رهيس، پر ڏهن ڏينهن جي اندر، پاڻ خاڪ ٿي ويندو. پنجون مثال، جاڻ ۽ يقين ڪري مڃ، تہ دنيا جا ماڻهو، جي دنيا مان لذت حاصل ڪن ٿا ۽ اُن جي عيوض آخرت ۾، خواري ۽ مصيبت ڪڻن ٿا، تن جو مثال، اُنهيءَ لذت ۽ مصيبت حاصل ڪرڻ بابت اهڙو آهي، جهڙو ڪو ماڻهو، عمدو ۽ سٺيو ۽ مٺو طعام کائي، جو سندس معدو خراب ٿي پوي ۽ قي ڪري، اُهو ڪيڏي ڇڏي ۽ دست ٿينس ۽ شرمندو ۽ پشيمان ٿئي، جنهن مان لذت وڃي ۽ ذلت رهي ۽ جهڙيءَ طرح، طعام، جيترو وڌيڪ عمدو ۽ سٺيو هوندو آهي، اوترو، اُن جو پيٽ مان نڪتل گند، وڌيڪ ڪِنو ۽

غليظ ٿيندو آهي، تهڙيءَ طرح، دنيا جي به جيتري زياده لذت هوندي آهي، اُها ڳالهه، ساهه نڪرڻ مهل، پاڻهي ظاهر ٿيندي آهي، ڇالاءِ جو جنهن جي دولت ۽ نعمت زياده هوندي آهي، يعني، جنهن جا باغ ۽ پانهيون ۽ غلام ۽ سونُ رُپو زياده هوندو آهي، اوترو ساهه نڪرڻ مهل، اُنهن جي جدائي، مفلس ماڻهوءَ جي بنسبت زياده ڳري ۽ ڏکي لڳندي آهي. اُهو رنج ۽ عذاب، موت سان گم تي نٿو وڃي، پاڻ زياده ٿو ٿئي، ڇالاءِ جو دنيا جي دوستي، دل جي صفت ٿيو ٿو وڃي ۽ موت کان پوءِ دل، برقرار رهي ٿي. ڇهون مثال، دنيا جو جيڪو گهٽ ڏسجي ٿو، سو ڏسڻ ۾ ٿورو آهي ۽ ماڻهو ڄاڻن ٿا ته هن ڪم جو شغل گهڻو نه ٿيندو، پر اڪثر ائين ٿيندو آهي ته اڪثر اُنهيءَ ڪم سان، سؤ ٻيا ڪم نڪري پوندا آهن ۽ ماڻهوءَ جي سڄي عمر، اُنهيءَ ۾ گذري ويندي آهي. حضرت عيسيٰ عليه السلام فرمايو آهي ته دنيا جو طالب، اهڙو آهي، جهڙو سمنڊ جي پاڻيءَ پيئڻ وارو، جو جيترو وڌيڪ پيئندو، اوترو وڌيڪ اُڃ لڳنديس ۽ اوترو پي ويندو، جو مري ويندو، ته به سندس اُڃ نه لهندي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته اهو ممڪن ناهي ته ڪو ماڻهو، پاڻيءَ ۾ وڃي ۽ پِجي نه. اِنهيءَ طرح ممڪن ناهي ته ڪو ماڻهو، دنيا جي ڪمن ۾ مشغول ٿئي ۽ آلودو نه ٿئي. سَتون مثال، جيڪو ماڻهو، دنيا ۾ اَچي ٿو، سو اهڙو آهي، جهڙو ڪو مهمان، ڪنهن وٽ اچي ۽ اُنهيءَ ميزبان جي اِها عادت هُجي ته هميشه مهمانن جي لاءِ جاءِ سينگاريو ويٺو هجي ۽ عُود ۽ ٻي خوشبوءِ، چانديءَ جي ٿانو ۾ دُکائي، اُنهن جي اڳيان رکي، اِنهيءَ لاءِ ته ماني کائي ۽ خوشبوءِ وٺي، ٿانو ڇڏي هليا وڃن ته وري ٻيا اچن. جيڪو مهمان، اُنهيءَ ميزبان جي رسم مان واقف هوندو ۽ عقل وارو هوندو، سو اَچي ماني کائي، خوشبوءِ وٺي، وري ٿانو اُتي ڇڏي هليو ويندو ۽ شڪر بجا آڻيندو، ۽ جيڪو مهمان، احمق هوندو، سو ڀائيندو ته اهي سڀ ٿانو ۽ عُود ۽ خوشبويون ميزبان، مون کي ڏيئي ڇڏيون آهن، سي آءٌ پاڻ سان کڻي وڃان. جڏهن هلڻ مهل ماڻهو، اُهي ڪانئس وري وٺن ٿا، تڏهن ڏاڍو شرمندو ۽ پشيمان ٿو ٿئي ۽ دانهون ٿو ڪري. دنيا به گويا هڪڙي مهمانسراءِ آهي ۽ مسافرن جي لاءِ، وقف جي جاءِ آهي، اِنهيءَ لاءِ ته اُن مان هُو، پنهنجي سَمر ۽ توشو کڻن ۽ جيڪي سراءِ ۾ رکيو آهي، تنهنجي طمع ۽ لالچ نه ڪن.

اَٺون مثال، دنيا جي ڪمن ۾، ماڻهن جو مشغول رهڻ ۽ آخرت کي وساري ڇڏڻ اهڙو آهي، جهڙو ڪا ماڻهن جي جماعت، جهاز ۾ هُجي ۽ اُهو جهاز، سمنڊ جي ڪنهن ٻيٽ تي اَچي پهچي. ماڻهو، حاجت پوري ڪرڻ ۽ وهنجڻ سهنجڻ لاءِ لهي پون ۽ جهاز وارن، منادي ڪري، سڀني کي خبر ڏني هُجي ته ڪو به دير نه ڪري ۽ جلدي ڪم لاهي،

وري اچي چڙهي ۽ ٻئي ڪنهن گهٽي ڪم ۾ مشغول نہ ٿئي، ڇو جو جهاز وري جلد لنگر کڻندو. پوءِ اهي ماڻهو لهي، ٻيٽ تي پکڙجي ويا، هڪڙا جي تمام ڏاها ۽ سمجهہ وارا هئا، سي جلديءَ ۾، ضروري ڪم لاهي، وهنجي سهنجي، وري آيا ۽ جهاز خالي ڏسي، جيڪا جاءِ پسند آين، سا وٺي ويهي رهيا، ٻيا جيڪي، انهيءَ ٻيٽ جي عجائبات ڏسڻ لاءِ ويا هئا، سي خوش رنگ گُل ۽ خوش آواز پکي ۽ سهڻا نقشدار پهڻ ڏسي، ٿوري دير سان آيا ۽ جاءِ تنگ ڏسي، سوڙها سگهڙا تي ويهي رهيا ۽ تڪليف ۾ پيا. ٽيون وري انهيءَ عجائبات جي ڏسڻ تي ڪفايت نہ ڪئي، پر سهڻا سهڻا پهڻ چونڊي، پريون ٻڌي ڪُٺي آيا، پر دير سان اچڻ ڪري، هڪ تہ جاءِ چڱي نہ ملين، ٻيو وري انهن پَرين جي رکڻ جي جاءِ نہ ڏسي، اهي پنهنجن مٿن تي رکي ويهي رهيا. پر ڏينهن ڪان پوءِ، انهن پهڻن جو سُهڻو رنگ بدلجي ڪارو ٿي پيو ۽ انهن مان، خراب باس اچڻ لڳي. پوءِ تہ انهن بد رنگ ۽ بدبودار پهڻن جي پري لاهي رکڻ يا اُڇلائڻ جي جاءِ بہ نہ ملين، تنهن ڪري ڏاڍا پشيمان ٿيا ۽ اهو بار ۽ رنج، گردن تي لاچار کڻڻو پين. ڪي وري انهيءَ ٻيٽ جا عجائبات ڏسي، اهڙا حيران ٿي ويا، جو اُتي، اُهي ڏسنديءَ رهجي ويا جو اُتان جهاز هليو ويو. جهاز وارن جي پهرين ڳالهہ، هُنن خيال سان نہ ٻُڌي، تنهن ڪري هو پري وڃي نڪتا ۽ انهيءَ ٻيٽ ۾ رهجي ويا، انهن مان ڪي تہ بُک وگهي مري ويا ۽ ڪن کي جهنگلي جانورن، ڦاڙي وڌو. پهريان ماڻهو، جي عقلمند ۽ سياڻا هئا، سي پرهيزگار مسلمانن جي مثال آهن ۽ پويان ماڻهو، جي هلاڪ ٿيا، سي ڪافرن جي مثال آهن، جي پاڻ کي، توڙي خدا ۽ آخرت کي وساري، سارو ئي وقت دنيا جي خيال ۾ رهيا.

"اسْتَحَبُّوا الْحَيَاةَ الدُّنْيَا عَلَى الآخِرَةِ" (يعني، هنن دنيا جي حياتيءَ کي، آخرت کان زياده پسند ڪيو ۽ دوست رکيو).

وچ واريون ٻئي جماعتون، گنهگارن جو مثال آهن، جن پهريائين ايمان سنڀاليو، پر پوءِ، دنيا تان هٿ نہ کنيائون. هڪڙيءَ جماعت، مفلسيءَ سان، دنيا جي سير مان لذت حاصل ڪئي ۽ ٻيءَ، سير ڪري، پهڻ مَٿي تي کڻي، پاڻ کي رنج ۽ تڪليف ۾ وڌو.

## فصل پنجون

مٿي، جيڪا دنيا جي بُرائي ۽ خرابي بيان ڪئي وئي، تنهن مان اِهو گمان نہ ڪرڻ گهرجي تہ جيڪي دنيا ۾ آهي، سو سڀ خراب آهي. دنيا ۾ گهڻيون اهڙيون شيون آهن، جي دنيا جون نہ آهن. مثلاً علم ۽ عمل، دنيا ۾ آهن، ليڪن دنيا جا نہ آهن، ڇالاءِ جو اُهي، ماڻهوءَ سان گڏ، آخرت تائين ويندا. علم، تہ جيسين ماڻهوءَ سان رهي ٿو ۽ عمل، جيتوڻيڪ جنسي نٿو رهي، مگر اُن جو اثر رهي ٿو ۽ اُن جي اثر جا بہ قسم آهن. هڪڙو دل

جي گوهر جي پاڪائي ۽ صفائي، جا گناهن ڇڏڻ ڪري حاصل ٿئي ٿي ۽ ٻيو، حق تعاليٰ جي محبت، جا هميشہ عبادت ڪرڻ مان حاصل ٿئي ٿي. اِهي سڀ باقيات صالحات آهن. جيئن تہ حق تعاليٰ فرمايو آهي:

"اَلْبَاقِيَاتُ الصَّالِحَاتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ" (يعني، نيڪ ڪمايون، جي باقي رهي ٿيون، سي تنهنجي رب جي اڳيان چڱيون آهن).

علم ۽ مناجات جي لذت ۽ حق تعاليٰ جي ذڪر يا يادگيريءَ جي محبت، سيني لذتن کان زياده آهي. اُها دنيا ۾ آهي، دنيا جي يا دنيا مان ناهي. تنهن ڪري چئبو تہ دنيا جون سڀ لذتون خراب ناهن، بلڪ جي لذتون، فنا ٿي وڃن ٿيون ۽ باقي نٿيون رهن، سي بہ سڀ خراب ناهن، بلڪہ اُنهن جا بہ ٻہ قسم آهن- هڪڙي، اُها لذت، جا دنيا جي آهي ۽ مرڻ کان پوءِ، فنا ٿي وڃي ٿي، ليڪن آخرت جي ڪمن، علم ۽ عمل ۾ مسلمانن جي ترقيءَ ۾ مددگار رهي ٿي. جهڙيءَ طرح کائڻ، پيئڻ، ڪپڙو ڍڪڻ ۽ شادي ڪرڻ، جو ضرورت آهر هجي ۽ آخرت جي لائق گهربل هُجي. جيڪو دنيا ۾ ايتري تي قناعت ڪندو ۽ فراغت سان، دين جي ڪم ڪرڻ جي نيت ڪندو، اُهو شخص، دنيا جو ماٺهو ناهي. خراب اُها دنيا آهي، جنهن مان دين جو ڪم حاصل نہ ٿئي، بلڪہ اُهو هِن جهان ۾، غفلت ۽ وڏائيءَ ۽ دل لڳائڻ جو سبب ٿئي ۽ هُن جهان کان نفرت جو ڪارڻ ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ:

"اَلدُّنيا مَلعُونة و مَلعُون مَا فِيهَا الا ذِڪرُالله وَمَاوَالاَهُ" (يعني، دنيا پاڻ، لعنت ڪيل آهي، سواءِ ذڪر الله جي ۽ جيڪي اُن کي مدد ڪري).

دنيا جي حقيقت جو تفصيل ۽ دنيا مان جيڪو مقصدو آهي، اُنهيءَ جو ايترو بيان، هِتي ڪافي آهي. وڌيڪ بيان، معاملي يا ڏيتي ليتيءَ جي رُڪنن جي ٽنين قسم ۾ ڏنو ويندو، جنهن کي دين جي رستي جون اَٽڪون يا عقبات چون ٿا. انشاءَالله تعاليٰ.

# چوٿون عنوان- آخرت جي معرفت بابت

## فصل پهريون

ڄاڻ گهرجي ته ڪو به ماڻهو، آخرت جي حقيقت نه سُڃاڻندو، جيسين موت جي حقيقت نه ڄاڻندو ۽ موت جي حقيقت، تيسين نه ڄاڻندو، جيسين حياتيءَ ۽ روح جي حقيقت نه سمجهندو، ۽ روح جي حقيقت سُڃاڻڻ، پنهنجي نفس جي حقيقت سڃاڻڻ آهي ۽ جنهن جو ٿورو بيان، مٿي ڏنو ويو آهي. اسان مٿي چيو آهي ته آدمي، ٻن شين مان جڙيل آهي. هڪڙو روح مان ۽ ٻيو قالب يا بدن مان. روح، سوار آهي ۽ بدن، گويا اُن جو وهٽ آهي ۽ اُنهيءَ روح کي، بدن جي ڪري، آخرت ۾، هڪڙي حالت حاصل ٿيندي، اُها بهشت يا دوزخ جي هوندي ۽ سواءِ شراڪت ۽ دخل بدن جي به، روح کي، فقط پنهنجيءَ ذات ڪري به، هڪڙي حالت هوندي ۽ اُها بهشت ۽ دوزخ ۽ سعادت يا شقاوت هوندي. دل جي انهن لذتن ۽ نعمتن کي، جي بدن جي واسطي يا وسيلي سان نه آهن، اسين "بهشت روحاني" سڏيون ٿا ۽ دل جي انهيءَ عذات ۽ رنج کي، جو بدن جي وسيلي کان سواءِ آهي، اسين "دوزخ روحاني" ٿا سڏيون، ليڪن اِهو بهشت ۽ دوزخ، جنهن ۾ بدن جو واسطو رهي ٿو، اُهو ته بالڪل ظاهر آهي ۽ سڀ ڪنهن کي معلوم آهي. باغ، نهرون، حورون، وڏيون وڏيون محلاتون، کاڌو پيتو وغيره، بهشت يا جنت مان حاصل آهن ۽ باهه ۽ نانگ، وڇون، ڪنڊن وارا وڻ وغيره، دوزخ مان حاصل آهن ۽ اُنهيءَ بهشت ۽ دوزخ جو بيان، قرآن ۽ حديث ۾ مشهور آهي ۽ سيني جي سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو ۽ اُن جو تفصيل، ڪتاب "احياءالعلوم" جي بابت "ذڪرالموت" لکيل آهي. هتي، اسين رڳو هيترو چوندا سين، ته روحاني بهشت ۽ دوزخ جو ذڪر، رڳو اشاري سان ڪندا سين ۽ موت جي حقيقت جو ذڪر، مفصل ڪندا سين، ڇالاءِ جو انهيءَ جي سڀ ڪنهن کي خبر ڪانهي، جهڙو تهڙو ماڻهو، اِهو سُڃاڻي نه سگهندو ۽ هي، جو قدُسي حديث ۾ آيو آهي، يعني حق تعاليٰ، رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي زباني فرمايو آهي ته:

> "أُعدَّت لعبَادِي الصَّالـحِينَ مَالاَ عَين رَات ولاَ أذن سَمعَت ولاَ خَطَرَ عليٰ قلب بَشَر." (يعني، موجود ڪئي ويئي آهي، منجهن نيڪ ٻانهن جي لاءِ اُها شيءِ، جا نه ڪنهن اک ڏٺي آهي ۽ نه ڪنهن ڪَن ٻُڌي آهي ۽ نه ڪنهن جيءَ دل ۾ آئي).

اِهو روحاني بهشت ۾ هوندو. دل ۾، هڪڙي دري آهي، جا عالم ملڪوت ڏي کُلي

تي. اُنهيءَ مان ئي اِهو اسرار معلوم ٿئي ٿو ۽ جنهن ۾ ڪو بہ شڪ شبهو نٿو رهي. جنهن جي دل جي دري، عالمِ ملڪوت ڏانهن کُليل آهي، اُنهيءَ کي آخرت جي سعادت ۽ شقاوت جو ڪامل يقين ٿئي ٿو، نہ رڳو ٻُڌي مڃڻ سان، پر مشاهدي ۽ ڏسڻ سان ويساهہ جمي ٿو. جهڙيءَ طرح طبيب، اِها ڳالهہ معلوم ڪري ٿو تہ هِن جهان ۾، بدن جي واسطي، سعادت ۽ شقاوت، يعني سُک ۽ ڏک آهي، جنهن کي تندرستي ۽ بيماري چون ٿا ۽ اُن جا گهٽائي سبب ٿين ٿا، جيئن تہ دوا پيئڻ ۽ پرهيز ڪرڻ، بدن جي سعادت جو سبب آهي ۽ گهڻو کائڻ ۽ پرهيز نہ ڪرڻ، بدن جي شقاوت جو سبب آهي، تهڙيءَ طرح، اُنهيءَ شخص کي بہ، مشاهدي مان معلوم ٿئي ٿو، تہ دل جي لاءِ يعني، آدميءَ جي روح جي لاءِ پڻ، سعادت ۽ شقاوت آهي ۽ اُنهيءَ سعادت جي دوا، يعني جنهن شيءِ مان سعادت حاصل ٿئي ٿي، سا معرفت ۽ عبادت آهي ۽ اُن جو زهر، يعني جنهن شيءِ ڪري، سعادت زائل ٿي ٿئي، سا جهل ۽ گنهگاري آهي. ايترو ڄاڻڻ، وڏو شريف علم آهي. گهڻا ماڻهو، جي علماءَ سڏائين ٿا، سي اِنهيءَ علم کان غافل آهن، بلڪ منڪر آهن. اُهي رڳو بدن، بهشت ۽ دوزخ کي مڃين ٿا ۽ آخرت تي رڳو ٻُڌڻ ۽ تقليد سان ويساهہ آڻين ٿا ۽ ا سان دلين سان، اِنهيءَ مضمون جي تحقيق ۽ تشريح ۾، عربي ڪتاب لکيا آهن. هن ڪتاب ۾، فقط هيترو چئجي ٿو تہ جو شخص، سياڻو ۽ چالاڪ آهي ۽ جنهن جو اندر، تعصب ۽ تقليد جي آلائش کان پاڪ آهي، اُهو، اِهو رستو لهندو ۽ آخرت جو حال بہ اُنهيءَ جي دل ۾ ثابت ۽ محڪم ٿي ويندو، جو آخرت جي نسبت ۾، اڪثر ماڻهن جو ايمان، ضعيف ۽ ڪچو آهي.

## فصل پيون

جيڪڏهن تون ڄاڻئين تہ توکي موت جي ڪجهہ حقيقت معلوم ٿئي ۽ اُن جي معنيٰ سمجهڻ ۾ اچي، تہ هيءَ ڳالهہ ڄاڻ ۽ مڃ، تہ هرهڪ آدميءَ کي، ٻہ روح ٿيندا آهن. هڪڙو حيوان جي جنس جو آهي، جنهن جو نالو "حيواني روح" آهي ۽ ٻيو، ملائڪن جي جنس جو، جنهن جو نالو "انساني روح" آهي. حيواني روح جي جاءِ، دل آهي يعني اُهو گوشت جو ٽڪر، جو سيني ۾ کٻي پاسي لڙڪيل آهي. اُهو روح حيوانيءَ جي باطني خِلطن جو، هڪڙو لطيف بخار آهي. اُن جو مزاج، معتدل آهي. دل مان، رڳن جي وسيلي نِڪري، دماغ ۾، توڙي ٻين سيني عضون ۾ وڃي ٿو. اُهو روح، حِس ۽ حرڪت، يعني ڇهڻ ۽ چُرڻ جي قوت، پاڻ سان کنيو وتي، سو جڏهن دماغ ۾ اچي ٿو، تڏهن اُن جي گرمي، گهٽ ٿيو وڃي ۽ نهايت درجي جو اعتدال وٺي ٿو. اکين کي، اُنهيءَ مان ڏسڻ جي سگهہ ملي ٿي ۽ ڪَنن کي اُن مان، ٻُڌڻ جي طاقت حاصل ٿئي ٿي. اِنهيءَ طرح، سڀ حواس حاصل ٿا ٿين.

اِهو روح، ڏِيئي يا بتيءَ جي مثال آهي، جو جڏهن گهر ۾ اچي ٿو، تڏهن جيڏانهن وڃي ٿو، اوڏانهن پٽين تي سوجهرو پوي ٿو. جهڙيءَ طرح، ڏِئي جي ڪري، پٽين تي سوجهرو پيدا ٿيندو آهي، تهڙيءَ طرح، خدا جي قدرت سان، روح جي ڪري، اکين ۾ نُور ۽ ڪَنن ۾ ٻُڌڻ جي سگهه ۽ ٻيا سڀ حواس پيدا ٿين ٿا. جيڪڏهن ڪنهن رڳ ۾ ڳنڍ پئجي وڃي ٿي، ته جيڪو عضوو، اُنهيءَ ڳنڍ کان هيٺ آهي، سو نڪمو ۽ بي طاقت ٿي وڃي ٿو ۽ اُنهيءَ ۾، ڪا به حِس ۽ حرڪت جي قوت نه رهندي آهي، جيئن فالج ۾ ٿيندو آهي. طبيب، اهڙيءَ حالت ۾، ڪوشش ڪندو آهي ته اُها ڳنڍ ڪڍي. روح، ڳويا ڏيئي جي لاٽ آهي ۽ دل، ڏِيئو يا بتي آهي ۽ غذا يا ڪاڏو، تيل آهي. جي تيل نه پوندو، ته ڏِيئو اُجهامي ويندو. تهڙيءَ طرح، جي ڪاڏو نه ڏبو، ته روح جي معتدل مزاجي ويندي رهندي ۽ حيوان مري ويندو. جيڪڏهن تيل هوندو ۽ بتي زياده تيل چڪيندي ته گهٽجي پوندي ۽ وري تيل نه پيئندي. اهڙيءَ طرح، گهٽي وقت گذرڻ کان پوءِ، دل به اهڙي ٿي وڃي ٿي، جو غذا قبول نٿي ڪري ۽ جيئن ڏِيئي تي ڪا شيءِ هٽجي ٿي، ته وَٽ ۽ تيل هوندي به، ڏيئو اُجهامي وڃي ٿو. جڏهن ڪنهن حيوان کي سخت زخم رسي ٿو، تڏهن مري پوي ٿو ۽ اُنهيءَ روح جو مزاج، جهڙو معتدل هئڻ کپي، اهڙو جيسين رهي ٿو، تيسين خدا جي حڪم سان، آسمان جي ملائڪن جي نور مان، حِس ۽ حرڪت جي قوت جهڙي لطيف اثر کي قبول ڪري ٿو. جڏهن اُن جو مزاج، گرميءَ يا سرديءَ جي گهٽائيءَ کان يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري بگڙي وڃي ٿو، تڏهن روح، آرسي، جنهن جو پاهريون پاسو، جيسين برابر صاف آهي، تيسين اُها، صورت وارين شين جي شڪل قبول ڪري ٿي، يعني اُن ۾، صورتون نظر اچن ٿيون ۽ جڏهن خراب ٿي، ڪٽجي پوي ٿي، تڏهن صورت قبول نٿي ڪري، يعني اُن ۾ عڪس نظر نٿو اچي. اُها حالت، انهيءَ ڪري ني ٿئي، ته صورتون، گُم يا غائب ٿي وڃن ٿيون، پر هن ڪري، ته آرسي، صورتن قبول ڪرڻ جي لائق نه آهي. اهڙيءَ طرح، اُنهيءَ معتدل، لطيف بخار، يعني حيواني روح ۾، حِس ۽ حرڪت وغيره قبول ڪرڻ جي لياقت، اُن جي مزاج جي اعتدال تي تعلق آهي. جڏهن اُهو اعتدال، زائل ٿئي ٿو، تڏهن روح به حِس ۽ حرڪت وغيره جي قوت قبول نٿو ڪري. جڏهن قبول نٿو ڪري، تڏهن عضوا، اُن جي نُور کان محروم رهن ٿا ۽ بي حس ۽ بي حرڪت ٿين ٿا، تڏهن ماڻهو چون ٿا ته هيءُ حيوان، مري ويو. حيواني موت جي، اِهائي معنيٰ آهي. جو شخص، حيواني روح جي اعتدال گُم ڪرڻ جو اَسباب جمع ڪرڻ وارو آهي، اُهو، خدا جي بندن مان هڪڙو بندو آهي ۽ اُنهيءَ کي، "ملڪ الموت" چون ٿا. ماڻهن کي، اُنهيءَ جي نالي جي خبر آهي، ليڪن اُنهيءَ جي حقيقت جي خبر ڪانهي. اُنهيءَ کي سڃاڻڻ، ڏاڍو مشڪل آهي. حيوانن جي موت جو

اِهوئي مطلب آهي. آدميءَ جو موت، ٻيءَ طرح جو ٿو ٿئي، ڇالاءِ جو اُنهيءَ ۾ حيواني روح، جو حيوانات ۾ رهي ٿو، سو ته آهي، پر انهيءَ کان سواءِ ٻيو به روح آهي، جنهن جو نالو "انساني روح" آهي ۽ "دل" به آهي. مٿي، ڪن فصلن ۾، اُنهيءَ جو ذڪر ٿي چڪو آهي. اِهو روح، هن حيواني روح جي جنس مان نا هي، جو جسم آهي ۽ لطيف هوا وانگر، پختہ (پَڪل) ۽ صاف ٿيو ۽ واضح بڻيو. هيءُ انساني روح، جسم نہ آهي، ڇالاءِ جو تقسيم ٿيڻ جوڳو نہ آهي. تهڙيءَ طرح، اُن جي معرفت بہ هڪ آهي ۽ تقسيم ٿيڻ جوڳي نا هي. تنهن ڪري معرفت، ڪنهن قسمت پذير جسم ۾ نٿي سمائجي، پر اُنهيءَ شيءِ ۾ ٿي سمائجي، جا هڪڙي آهي ۽ قسمت پذير نا هي. انسان ۾ بہ ڏيئو لاٽ ۽ روشني، ٽيئي شيون، فرض ڪري وٺ. ڏيئو، گويا قالب يا بدن آهي ۽ لاٽ يا شعلو، حيواني روح آهي، ۽ سوجهرو يا روشني، انساني روح آهي، جهڙيءَ طرح، ڏيئي جي روشني، ڏيئي کان لطيف ٿي ٿئي ۽ روشنيءَ ڏي چڻ تہ ڪو بہ اشارو نٿو ڪجي، تهڙيءَ طرح، انساني روح بہ، حيواني روح جي بَنسبت، گويا لطيف آهي ۽ اُنهيءَ ڏي بہ اشارو ڪري نٿو سگهجي. جيڪڏهن لطافت جي نظر تي خيال ڪبو تہ اِهو مثال، بالڪل پورو آهي، ليڪن ٻيءَ طرح پورو نا هي، ڇا لاءِ جو بتيءَ جي روشني، جا بتيءَ تي تعلق آهي ۽ انهيءَ جي تابع نہ آهي، بلڪ انساني روح، اصل آهي ۽ حيواني روح جي زائل ٿيڻ ڪري، اُهو زائل نٿو ٿئي. جيڪڏهن تو ڪي، اُنهيءَ جو مثال گهرجي تہ هڪڙو نُور يا سوجهرو، فرض ڪري وٺ، جو ڏيئي يا بتيءَ کان گهڻو لطيف آهي ۽ بتيءَ جي بيهڪ، اُنهيءَ کان آهي ۽ اُنهيءَ جي بيهڪ، بتيءَ جي ڪري نا هي، جنهن ڪري هيءُ مثال، لاڳو ٿي اچي ۽ حيواني روح، هڪڙي رستي سان، انساني روح جي گويا سواري آهي، يعني سواريءَ جي لاءِ وهٽ آهي ۽ ٻئي رستي سان، گويا اُن جو هٿيار آهي. جڏهن حيواني روح جو مزاج، زائل ٿي وڃي ٿو، تڏهن قالب يا بدن، مُردو ٿي پوي ٿو، ۽ انساني روح، اُهڙي جو اُهڙو برقرار رهي ٿو، رڳو سندس وهٽ يا هٿيار، ڪانئس کسجي وڃي ٿو. سواريءَ يا وهٽ جي تباهہ ٿيڻ ڪري، سوار ڪو نيست يا نابود نٿو ٿئي، پر بي هٿيار ٿو ٿئي، ۽ اِهو هٿيار، هُنن کي انهيءَ لاءِ عطا ٿيو آهي تہ معرفت الاهيءَ جي عُنقا ۽ محبت جي هُما کي شڪار ڪري. جيڪڏهن هن، اهو شڪار ڪري ورتو آهي، تہ پوءِ هٿيار جو گم ٿيڻ، پاڻ هُن جي لاءِ بهتر آهي، جو انهيءَ ڪري، بار هلڪو ٿيس ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن، جو فرمايو آهي تہ موت، مومن جو تحفو يا هديو آهي، سو انهيءَ ڪري ئي آهي، جنهن ماڻهوءَ، شڪار ڪرڻ لاءِ دام ڪنيو آهي، ۽ بارُ، پاڻ تي گوارا ڪيو آهي، تنهن جي لاءِ، شڪار هٿ اچڻ کان پوءِ، دام جو گم يا ضايع ٿيڻ، پاڻ غنيمت آهي، پر جي معاذالله! شڪار هٿ اچڻ کان اڳي، دام ضايع ٿي وڃي ٿو تہ شڪاري، گهڻو پشيمان ٿئي ٿو ۽ گهڻي مصيبت سَهي ٿو ۽ اِها پشيماني ۽ مصيبت، پهريائين قِري، قبر جو عذاب بنجي ٿو.

## فصل ٽيون

تڏهن ڄاڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جا هٿ ۽ پير نستا ٿي پون، ته هُو پاڻ سلامت رهي ٿو، ڇالاءِ جو هُو پاڻ، نه هَٿُ آهي ۽ نه پيرُ، بلڪ هَٿَ ۽ پيرَ، هُن جا هٿيار آهن ۽ هُو، اُنهن کي، پنهنجي ڪم ۾ آڻي ٿو. جهڙيءَ طرح، هٿ ۽ پير، تُنهنجي حقيقت نه آهن، تهڙيءَ طرح، پُٺ، پيٽ، مٿو بلڪ تُنهنجو سڄو بدن، تنهنجي اصل ماهيت نه آهي. جيڪڏهن اِهي سڀ تُنهنجا عضوا شل ۽ بي طاقت ٿي پون، ته به تُنهنجو قائم ۽ برقرار رهڻ ممڪن آهي ۽ موت جي به اِهائي معنيٰ آهي ته سارو بدن، شل ۽ بي طاقت ۽ ساڻو ٿي پوي. ۽ هٿ جي ساڻي ٿي پوڻ جي اِهائي معنيٰ آهي، ته هُو، تنهنجي اطاعت نه ڪري، ۽ هٿ جو اطاعت ڪرڻ، هڪَ صفت جي سبب آهي، ۽ اُنهيءَ کي، قدرت يا طاقت چون ٿا ۽ اِها صفت، نُور آهي، جيڪو نُور حيوانيءَ جي ڏيئي کان، هٿ کي پهچي ٿو ۽ جڏهن رڳن ۾، حيواني روح جي رستي ۾، ڪا ڳنڍ يا رڪاوٽ پئجو وڃي، تڏهن حيواني روح جي روشني، اُتي نٿي پهچي. اِن ڪري، اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي طاقت، متاثر ٿئي ٿي. اِنهيءَ طرح سڄو جسم، جيڪو تُنهنجي اطاعت ڪري ٿو، سو رڳو حيواني روح جي سبب ڪري ٿو ۽ جڏهن حيواني روح جو مزاج، تباهه ٿي وڃي ٿو، تڏهن بدن اطاعت نٿو ڪري، اُنهيءَ کي موت چئجي ٿو، حالانڪ تون، زنده هوندو آهين، ته پوءِ، تُنهنجي حقيقت، هيءُ تُنهنجو بدن، ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ جيڪڏهن تون غور ۽ فڪر کان ڪم وٺين، ته هڪدم سمجهي وڃين، ته تنهنجا هي عضوا، اُهي عضوا نه آهن، جيڪي ننڍپڻ ۾ هُئا. ڇوته اُهي سڀ، بُخارات کان، ڳري ويا آهن ۽ غذا مان، اُنهن جي جاءِ تي، ٻيا پيدا ٿي ويا آهن، ته پوءِ تُنهنجو بدن، اُهو نه آهي، پر تون اُهوئي آهين ۽ تُنهنجي هستي، هِن جسم کان نه آهي. جيڪڏهن بدن، تباهه ٿي وڃي، ته ٿي وڃي، تون هِن طرح زنده آهين. پر تنهنجون صفتون، ٻن قسمن جون آهن. هڪ ۾ جسم شريڪ آهي، جيئن ته بُک، اُڃ ۽ ننڊ ۽ اُهي، بنا ڪنهن مادي ۽ جسم جي ظاهر نٿا ٿين ۽ موت کان فنا ٿي وڃن ٿا ۽ هڪڙا اُهي، جن ۾ جسم شريڪ نه آهي، جيئن ته معرفت حق تعاليٰ جي ۽ اُن جي جمال جو نظارو ۽ اُن جي خوشي. هيءَ تنهنجي ذاتي صفت آهي ۽ توسان گڏ رهندي ۽ باقيات الصالحات جي اِهائي معنيٰ آهي، ۽ جيڪڏهن اُن جي بجاءِ، يعني حق تعاليٰ جي معرفت وغيره، جي جهالت آهي، ته اُها به تُنهنجي ذاتي صفت آهي، جيڪا توسان گڏ رهندي. ۽ اِها جهالت، تُنهنجي روح لاءِ اُنڌهه ۽ بدبختيءَ جو ٻج ٿيندي.

"مَن ڪَان في هـٰذه أعميٰ فَهُوَ في الاخرة أعميٰ وَاَضَلّ سبيلاً" (۽ جيڪو هن دنيا ۾ اَنڌو آهي (راهه، صواب کان) اُهو آخرت ۾ به اَنڌو آهي ۽ رستي

هلڻ ۾ گمراهہ آهي.)

تہ پوءِ، ڪڏهن بہ موت جي حقيقت کي نہ سمجهندين، جيستائين، اُنهن ٻن روحن کي نہ سمجهندين، ۽ ٻنهي جي فرق ۽ پاڻ ۾ تعلق کي نہ سڃاڻندين.

## فصل چوٿون

هاڻي سمجهہ تہ حيواني روح، عالم سفليءَ مان آهي ۽ خِلطن جي بخارات جي هلڪائيءَ (لطافت) جو مجموعو آهي. خِلطن جا چار قسم آهن- رت، بلغم، سودا ۽ صفرا. ۽ انهن چئن جا، چار بنياد آهن- پاڻي، باهہ، مٽي ۽ هوا. ۽ انهن جي مزاج جو اختلاف ۽ اعتدال گرمي، سردي، خشڪي ۽ تريءَ جي گهٽ- وڌائيءَ تي آهي. ۽ علم طب جو رڳو اِهو مقصد آهي تہ اِنهن چئن طبيعتن ۽ روح جي اعتدال جي حفاظت ڪري، جيسين حيواني روح، انساني روح جي سواريءَ ۽ هٿيار بنجڻ جي قابل ٿي وڃي. اُهو انساني روح، هن عالم مان نہ آهي، بلڪ عالم علويءَ مان آهي ۽ ملائڪن جي جوهر مان آهي ۽ اُن جو، هن جهان ۾ اچڻ، فقط مسافراڻو طريقو آهي ۽ اُهو، پنهنجيءَ ذاتي خواهش سان نہ آيو آهي، بلڪ اُن جو هيءُ سفر، فقط اِن لاءِ آهي، تہ هُو، هدايت سان، پنهنجو زاد راه، يعني واٽ لاءِ توشو وٺي جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

> قُلْنَا اهْبِطُوا مِنْهَا جَمِيعًا فَإِمَّا يَأْتِيَنَّكُمْ مِنِّي هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَايَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُونَ (يعني، اسان فرمايو تہ هيٺ لهو اتان، اوهان مان سڀئي، جيڪڏهن مونِ کان، اوهان کي ڪا هدايت اچي تہ (پوءِ)، جنهن منهنجي هدايت جي پيروي ڪئي، ڪوبہ ترس ڪونهي اُن جماعت تي ۽ نہ اُهي، ڪو ڏک ڪندا)

۽ فرمايو حق تعاليٰ تہ:

> "إِنِّي خَالِقٌ بَشَرًا مِنْ طِينٍ فَإِذَا سَوَّيْتُهُ وَنَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُوحِي" (يعني، آءٌ انسان کي مٽيءَ مان پيدا ڪندڙ آهيان. جڏهن اُن کي جوڙي راس ڪيم، سڏهن پنهنجي روح مان، اُن جي اندر ڦوڪيم).

هن آيت ۾، ٻن روحن جي مختلف هئڻ جي طرف اشارو آهي. هڪ کي مٽيءَ جي حوالي ڪيو ۽ اُن جي مزاج جي اعتدال کي، هن سان تعبير ڪيو. فرمايو "سويته" يعني، مون هن کي تيار ڪيو ۽ مهيا ڪيو ۽ اِهوئي اعتدال هو. وري ارشاد فرمايو "نفخت فِيهِ مِن رّوحي" ۽ اُنهيءَ کي، پاڻ سان نسبت ڏني ۽ اُن جو مثال اهڙو آهي، جيئن ڪو اچي چولي کي ساڙي، جيئن اُهو باهہ کي قبول ڪرڻ جي قابل ٿي وڃي، تڏهن هُو، باهہ جي ويجهو وڃي ۽ اُن کي ڦوڪ ڏئي، جيئن باهہ لڳي وڃي. ۽ جهڙيءَ طرح، روح حيواني،

سفليءَ جي لاءِ اعتدال آهي ۽ علم طب، اُن جي اعتدال کي ڄاڻي ٿو، جيئن بيماري انهيءَ کي دفع ڪري ۽ هلاڪت کان بچائي. هن طرح، روح انساني علوي، جيڪو دل جي حقيقت آهي، اُن جي لاءِ بہ اعتدال آهي ۽ علم اخلاق ۽ رياضت، جيڪو شريعت جي مطابق آهي، اُن کي اعتدال تي رکي ٿو ۽ اُن جي صحت جو سبب آهي. تنهن ڪري، مسلمانيءَ جي ارڪان جي بيان ۾ اُن جو ذڪر ڪيو ويندو. معلوم ٿيو تہ ماڻهوءَ جي ارواح جي حقيقت کي ڄاڻڻ کان سواءِ، آخرت کي سُڃاڻي نٿو سگهجي، جيئن پنهنجيءَ حقيقت کي ڄاڻڻ جي بغير، الله تعاليٰ جي حقيقت، سمجهہ ۾ اچي نٿي سگهي. تنهن ڪري، پنهنجي نفس کي ڄاڻڻ، الله تعاليٰ جي معرفت (ڄاڻ) جي ڪُنجي آهي ۽ ارواح جي حقيقت کي ڄاڻڻ، آخرت کي ڄاڻڻ جي ڪُنجي آهي ۽ اصل دين، الله تعاليٰ ۽ آخرت تي ايمان آڻڻ آهي، انهيءَ ڪري ئي اسان، اُن جي ڄاڻڻ کي مقدم رکيو. ليڪن الله تعاليٰ جي اوصافن جي رازن مان هڪُ راز، اسان بيان نہ ڪيو، ڇوجو اُن جي بيان ڪرڻ جي اجازت نہ آهي، ۽ هرڪو ماڻهو، اُن کي سمجهي نہ سگهندو. ۽ الله تعاليٰ ۽ آخرت جي سچي معرفت، اُنهيءَ تي موقوف آهي. تون، اُن جي ڪوشش ڪر تہ جيئن رياضت ۽ عبادت سان، اُن کي ڄاڻي سگهين ۽ جيڪڏهن تون، ڪنهن کان ٻُڌندين، تہ ٻڌڻ جي طاقت نہ رکندين، ڇوجو گهڻن ماڻهن، الله تعاليٰ جي انهيءَ صفت کي ٻُڌو، پر يقين نہ ڪيو ۽ اُن جي ٻُڌڻ جي طاقت حاصل نہ ڪئي. اِن ڪري انڪار ڪري ڇڏيائون ۽ چيائون تہ خود ممڪن نہ آهي ۽ اِها تنزيہ ۽ پاڪائي نہ آهي، بلڪ تعطيل ۽ بيڪاري آهي. تنهن ڪري تون، ماڻهوءَ جي حق ۾، انيئن ٻُڌڻ جي طاقت، ڪيئن تو رکي سگهين، جڏهن تہ اُها صفت، الله تعاليٰ جي شان ۾، نہ قرآن شريف ۾، صاف طريقي تي آهي ۽ نہ حديث ۾؟ اِهوئي سبب آهي جو ماڻهو، ٻُڌڻ کان انڪار ڪريو ڇڏين. انهيءَ ڪري، اَنبياءَ عليهمُ السّلام کي ارشاد ٿيو تہ "تَڪَلَّمُوا النَّاس عَليٰ قَدرِ عُقُولِهِم" (يعني، ماڻهن سان، اُنهن جي عقل مطابق، گفتگو ڪريو) ۽ ڪن انبياءَ عليهمُ السلام تي، وحي ٿي آهي تہ اسانجن، اُنهن صفتن جو بيان نہ ڪن، جن کي ماڻهو، سمجهي نہ سگهن، ڇوجو جيڪڏهن هُو نہ سمجهندا، تہ انڪار ڪري ڇڏيندا ۽ انڪار، اُنهن لاءِ نقصانڪار آهي.

## فصل پنجون

هنن سيني ڳالهين مان تو ڄاتو، تہ ماڻهوءَ جي جان جي حقيقت، اُن جي پنهنجيءَ ذات سان قائم آهي ۽ هُو، پنهنجي خاص صفتن ۽ ذات جي قيام جي لحاظ کان مستغني آهي ۽ موت جي معنيٰ، هُن جو، يعني ماڻهوءَ جو، فنا ٿي وڃڻ نہ آهي، پر اُن جي معنيٰ اُن جي تصرف جو، اُن جي جسم کان جدا ٿي وڃڻ آهي ۽ حشر ۽ بعث ۽ اعادت جي معنيٰ هيءَ نہ آهي تہ اُن جي فنا ٿي وڃڻ کان پوءِ، اُن کي وجود ۾ آڻين، پر اُن جي معنيٰ هيءَ آهي تہ

اُنهن کي، قالب ڏنو ويندو، اهڙيءَ طرح، جو هڪ پيرو وري، قالب اُن جي تصرفات کي قبول ڪري، جيئن پهرين ڪيو ويو هو ۽ اهو نهايت آسان ٿيندو، ڇوجو پهريون پيرو ته روح ۽ جسم ٻنهي کي پيدا ڪرڻو هو ۽ هاڻي روح موجود آهي، پر انساني روح ۽ اُن جي جسم جا جزا به موجود آهن ۽ اُنهن جو گڏ ڪرڻ آسان ٿيندو، بنسبت پيدا ڪرڻ جي. پر جنهن هنڌ حقيقت آهي، اُتي آسانيءَ کي، الاهي فضل سان، ڪو به تعلق نه آهي، ڇوجو جنهن هنڌ دشواري نه آهي، اُنهيءَ هنڌ آساني به نه آهي. ۽ ماڻهوءَ کي، ٻئي پيري زنده ڪرڻ جي اها معنيٰ نه آهي، ته اُهوئي جسم، هُن کي ٻيو پيرو پڻ ڏنو وڃي، ڇوجو جسم، هڪ سواري آهي. جيئن ڪ ٽيڪ، گهوڙو، تبديل ڪيو وڃي، تڏهن به سواري ته ساڳي آهي! ۽ ننڍپڻ کان پيدا ٿيڻ تائين ماڻهوءَ جا جزا ٻي غذا جي جزن سان بدلبا رهن ٿا، ليڪن اُهو خود، ساڳيو ئي ٿو رهي. جن ماڻهن، ائين سمجهيو، ته قيامت ۾، اِهوئي وجود ڏنو ويندو، اُنهن تي اهڙا اعتراض ٿيا، جو اُهي، اُنهن جا ڪمزور جواب ڏئي سگهيا ۽ حالانڪ اُهي، هن تڪلف کان، مستغني هئا. اُنهن کان پڇيو ويو، ته جيڪڏهن هڪُ ماڻهو، ٻئي ماڻهوءَ کي کائي وڃي، ۽ اُنهن ٻنهي جا جُزا، هڪُ ٿي وڃن ته وري حشر ۾، ٻيو پيرو، جُزا (عضوا) ڪيئن گڏبا؟ ۽ جيڪڏهن، ڪنهن ماڻهوءَ جو هڪ عضوو، ڪَپي ڇڏجي، ۽ پوءِ اُهو ماڻهو، الله تعاليٰ جي عبادت ڪري ۽ جڏهن هن کي ثواب ملندو، ته اُن جو اُهو ڪپيل عضوو، اُن سان گڏ هوندو يا نه هوندو؟ ۽ جيڪڏهن اُهو عضوو، اُن سان گڏ نه هوندو، ته پوءِ هُو، بهشت ۾ هٿن، پيرن ۽ اک کان سواءِ ڪيئن هوندو؟ ۽ جيڪڏهن اُهو عضوو، هُن سان گڏ هوندو ته، اُهو، هن نيڪيءَ ۽ ثواب ۾، ٻين عضون سان ڪهڙي ريت شريڪ ٿيندو، جڏهن ته اُهو (عضوو)، عبادت ۾، اُنهن (عضون) سان عمل ۾ شريڪ نه هو. ماڻهو، هن قسم جا واهيات اعتراض ڪن ٿا ۽ ٻيا، يعني طرف ثاني، جي قيامت ۾، اِنهيءَ ئي وجود جو هئڻ بيان ڪن ٿا، سي نهايت تڪلف سان اُن جو جواب ڏين ٿا، ۽ جڏهن تو، ٻيو پيرو زنده ٿيڻ جي حقيقت کي سمجهي ورتو، ته توکي، اُهڙين ڳالهين سان ڪو سروڪار يا واسطو نه آهي. ڇالاءِ جو تون، هن قالب (بوتي) جو محتاج نه آهين ۽ اِهي اعتراض، فقط اِنهيءَ ڪري پيدا ٿيا، جو ماڻهن سمجهي ته نور ۽ تُنهنجي حقيقت، اِهوئي قالب آهي ۽ جڏهن اُهو نس پس، اِنهيءَ شڪل تي نه هوندو، ته تون به نه هوندين ۽ اِنهيءَ ڪري ئي اُهي، بحث ۾ اَچي پيا ۽ جيئن ته ٽيڪ اِنهيءَ ڳالهه جي اصليت (بنياد) ۾ خلل آهي، يعني ڪمزور آهي.

## فصل ڇهون

جيڪڏهن تون اِئين چوين ته فقيهن ۽ مُتڪلمين جو مشهور مذهب هيءُ آهي، ته

ماڻھن جو روح، موت جي ڪري، فنا تي وڃي ٿو ۽ وري اُن کي وجود ۾ آڻين ٿا، ۽ هيءُ جو ڪجھہ بيان ٿيو آھي، اُن جي خلاف آھي، تہ پوءِ سمجھہ، تہ جيڪو بين جي ڳالھين تي لڳي ٿو، اُهو اَنڌو ٿي وڃي ٿو ۽ جيڪو هيئن چوي ٿو تہ نہ، اُهو مقلد آهي ۽ نہ اَهل، بصيرت. جيڪڏهن هُو، اَهل، بصيرت مان هجي ها تہ سمجهي وڃي ها تہ جسم جو موت، ماڻهوءَ جي حقيقت کي فنا نہ ٿو ڪري ۽ جيڪڏهن هُو مقلد هجي ها، تہ قرآن شريف ۽ احاديث نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم مان سمجهي وڃي ها تہ ماڻهوءَ جو روح، مرڻ کان پوءِ بہ سلامت يا باقي رهي ٿو ۽ مرڻ کان پوءِ، روحن جا ٻہ طبقا آهن. هڪڙا شقين يا بدبختن جا ۽ ٻيا، نيڪ بختن يا سعيدن جا. سعيدن جي روح متعلق، الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ:

”وَلاَ تَحْسَبَنَّ الَّذِينَ قُتِلُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ اَمْوَاتًا بَلْ اَحْيَاءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُونَ ۝ فَرِحِينَ بِمَا آتَاهُمُ اللَّهُ مِنْ فَضْلِهِ“ (يعني، اُهي ماڻهو، جيڪي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ ماريا ويا آهن، تن کي مُردو نہ چئو، بلڪہ اُهي زندهہ آهن ۽ الله تعاليٰ جي درگاهہ مان، هُنن کي، روزي ملي ٿي، جنهن جي ڪري هُو خوش آهن، سندس فضل سان).

جنگ بدر جي شقين ۽ ڪافرن کي، جڏهن پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جن ماريو ۽ قتل ڪيو، تڏهن هِڪ هِڪ جو نالو وٺي، کين سڏيو تہ اَي فلاڻا! پُٽ فلاڻي جا! حق تعاليٰ جيڪي وعدا، دشمنن جي عذاب متعلق ڪيا هئا، مون اُنهن کي سچو پاتو ۽ چيا، توهان بہ اُنهن کي سچو پاتو، جيڪي مرڻ کان پوءِ، عذاب متعلق، توهان سان ڪيا ويا هئا؟ ماڻهن چيو، يا رسول الله صلي الله عليه وسلم! اِهي تہ مُردا آهن! اَوهين، اُنهن سان ڪيئن ٿا ڳالهايو؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ اُنهيءَ خدا جو قسم! جنهن جي قدرت جي قبضي ۾ محمد (ﷺ) جو ساهہ آهي، تہ هي ماڻهو، منهنجي اِها ڳالهہ، اوهان کان زياده ٿا ٻُڌن، مگر جواب ڏيئي نٿا سگهن. جيڪو ماڻهو قرآن تي ۽ اُنهن حديثن تي غور ۽ ويچار ڪندڙن جي مُردن جي حق ۾ وارد ٿيون آهن ۽ جن جو مضمون اِهو آهي تہ مُردا، ماتم ڪندڙن، توڙي سندن قبرن جي زيارت ڪرڻ وارن کان، بلڪہ جيڪي هن عالم ۾ آهي، تنهن کان واقف آهن، سو ضرور ڄاڻندو ۽ يقين سان مڃيندو تہ مُردن جو بالڪل فنا ۽ ست تي وڃڻ، شروع ۾، ڪٿي بہ ڪين آيو آهي، بلڪہ هيئن آيو آهي تہ صفت، بَدل تي وڃي ٿي ۽ گهر، بدل ٿي وڃي ٿو. قبر، دوزخ جي غارن مان هڪڙو غار آهي يا بهشت جي باغن ۽ گلزارن مان هڪڙو گلزار آهي. تڏهن يقين ڄاڻ، تہ مرڻ ڪري، تُنهنجي ذات ۽ تنهنجون خاص يا ذاتي صفتون، زائل تي نہ ونديون، پر رڳو تُنهنجا حواس ۽ حرڪات ۽ خيالات، جي دماغ ۽ عضون جي واسطي سان آهن، سي زائل تي ويندا ۽ تون، جهڙو هتان

ويو آهين، اَهڙو چڙهو ۽ اَڪيلو رهندين. چاڻ، تہ جيڪڏهن گهوڙو مري ويندو تہ سُار، جيڪڏهن ڪوري يا ڄٽ هوندو، تہ عالم نہ ٿي پوندو ۽ جي اَنڌو هوندو، تہ سجو نہ ٿيندو، پر پيادو سو ضرور ٿي پوندو. قالب يا بدن، گهوڙو آهي ۽ تون، سوار آهين. اِهو، انهيءَ ڪري ٿئي ٿو تہ جي ماڻهو، پاڻ کان ۽ محسوسات کان غائب ٿي وڃن تا ۽ پنهنجي اندر ۾ گهڙي وڃن تا ۽ تصوف جي اصولن مطابق، خدا جي يادگيريءَ ۾ غرق ٿين تا، يعني مراقبو ڪن تا، تن کي قيامت جو حال نظر اچي ٿو، هن ڪري، جو اُنهن جي حيواني روح، جيتوڻيڪ اعتدال کان نڪري نٿو وڃي، تڏهن بہ سُست ٿي وڃي ٿو. تنهن ڪري جڏهن خدا جو خوف ۽ آخرت جو انديشو، اُنهن ۾ پيدا ٿئي ٿو، تڏهن حيواني روح، اُنهن جي ذات کي، پاڻ ڏي بالڪل مشغول نٿو رکي، تڏهن اُنهن ماڻهن جو حال، مُردي جي حال جهڙو ٿو ٿئي، سو اُنهن کي، هتي ئي معلوم ٿو ٿئي ۽ جڏهن وري هو پاڻ سنڀالين تا ۽ عالم محسوسات ۾ پون تا، تڏهن گهٽن کي، اُن مان ڪي بہ ياد نٿو رهي، ليڪن اُن جو ٿورو اثر باقي رهي ٿو. جيڪڏهن اُنهيءَ حالت ۾ هن کي، بهشت جي حقيقت ڏيکاري وئي آهي تہ اُن جي خوشي ۽ راحت، هُن سان باقي رهي ٿي ۽ جيڪڏهن هن کي، دوزخ جي حقيقت ڏيکاري وئي آهي تہ، اُن جي خستگي ۽ ڀِڳتي، هُن سان رهجي ٿي وڃي. جيڪڏهن اُنهيءَ مان ڪي ڪجهہ ياد رهيس ٿو تہ هُو، اُن جي خبر ڏئي ٿو ۽ جي خيال جي خزاني، هُن کي، ڪنهن مثال سان، حقيقت جو تعبير ڪيو آهي تہ امڪان آهي تہ اُهو مثال، هُن کي چڱيءَ طرح ياد رهي ۽ هُو، اُنهيءَ جي پوري خبر ڏئي. جهڙيءَ طرح هڪڙي ڀيري، رسول الله صلي الله عليه وسلم جن، نماز ۾ هَٿُ ڊگهو ڪيو ۽ چيائون تہ بهشت جي انگور جو هڪڙو ڇڳو، مون کي ڏيکاريائون ۽ مون پاتئيو تہ اُهو آءٌ، هن جهان ۾ آڻيان. اِهو گمان متان ڪرين تہ انگور جو ڇُڳو، جنهن حقيقت جو مثال هو، اُهو هن جهان ۾ آڻي سگهيا ٿي! اِهو بالڪل محال آهي، ڇالاءِ جو جيڪڏهن اِهو ممڪن هجي ها، تہ رسول الله جن اُن کي، هن جهان ۾ آڻين ها. انهيءَ ڳالهہ جو محال هئڻ جو سمجهڻ مشڪل آهي ۽ انهيءَ مشڪلات جي تلاش ڪرڻ جي توکي ضرورت ڪانهي ۽ عالمن جي درجن جو بہ اهڙو فرق آهي، جو ڪنهن کي تہ بالڪل اِهائي سمجهہ اچي ٿي، تہ بهشت جي انگور جو ڇڳو، ڇا آهي ۽ ڪهڙو هو، جو حضرت جن ڏٺو ۽ ٻين نہ ڏٺو ۽ ڪنهن کي انهيءَ ڳالهہ بابت هيترو چوڻ مناسب ٿئي ٿو تہ حضرت جن، هٿ ڇوريو، تہ "الفِعلُ القَلِيلُ لاَ يُبطِلُ الصّلٰوات" (يعني، ٿورو ڪم، نماز کي، باطل نٿو ڪري).

انهيءَ ڳالهہ جي تفصيل بابت اُهو ماڻهو، پُورو غور تو ڪري، جو سمجهي ٿو تہ اولين ۽ آخرين علم، اُهوئي ظاهري علم آهي. جنهن ايترو ڄاتو ۽ اُنهيءَ ظاهري علم تي

قناعت ڪئي ۽ هُن ٻئي باطني علم، يعني علم تصوف ۾ مشغول نہ ٿيو، تہ اهو بيڪار آهي ۽ اُنهيءَ ڪي، شرع جي علم کان انڪار آهي. هن بيان مان مطلب اهو آهي تہ اهڙو گمان نہ ڪر، تہ رسول صلي الله عليه وسلم جن، جيڪو بهشت جو حال ٻڌايو، جبرائيل عليه السلام جي تقليد ۽ اُن کان ٻُڌل ڳالهہ آهي، جهڙيءَ طرح، جبرائيل عليه السلام کان ٻُڌڻ جي معنيٰ تون سمجهين ٿو، جو انهيءَ ڪم ڪي بہ، ٻين ڪمن وانگر ڄاڻين ٿو، پر رسول الله صلي الله عليه وسلم جن، خود بهشت کي ڏٺو ۽ بهشت جي حقيقت، هن جهان ۾ ڪوبہ ڪونہ ٿو ڏسي سگهي، بلڪ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن، هُن جهان ۾ ويا ۽ هِن جهان کان غائب ٿي ويا، ۽ هيءُ غائب ٿيڻ بہ سندن معراج جو هڪڙو قسم هو. غائب ٿيڻ، ٻن طرحن جو آهي- هڪڙو، حيواني روح جي مرڻ سان ۽ ٻيو، اُن جي طاقتور ٿيڻ سان. پر هِن جهان ۾ بهشت، ڏسي نٿو سگهجي ۽ جنهن نموني سان ست آسمان ۽ ست زمينون، پستي جي ڪل ۾ سمائجي نہ ٿيون سگهن، تنهن نموني سان، بهشت جو هڪ ذرو پڻ، هن جهان ۾ سمائجي نٿو سگهي ۽ جنهن ريت، ٻُڌڻ جي سگهہ، هن اَمر کان مجبور آهي تہ آسمان ۽ زمين جي شڪل، اُنهيءَ ۾ ظاهر ٿئي، جهڙيءَ ريت اک ۾ ظاهر ٿئي ٿي، انهيءَ طرح، هن جهان جون سڀئي حياتيون يعني حواس، بهشت جي سڀني ذرن کان ردي ۽ نڪما آهن ۽ هن جهان جا حواس، بجاءِ خود ٻيا آهن (جو، هُن جهان جا حواس، اصل ٻئي قسم جا آهن).

## فصل ستون

هاڻي، وقت آهي تہ قبر جي عذاب جي معنيٰ کي سمجهين. قبر جي عذاب جا بہ بہ قسم آهن. هڪڙو روحاني ۽ ٻيو جسماني. جسماني عذاب جي تہ سڀ ڪنهن کي خبر آهي، ليڪن روحاني عذاب جي، ڪنهن کي بہ خبر ڪانهي، مگر اُنهيءَ شخص کي، جنهن پاڻ کي پاڻهي سُڃاتو هوندو ۽ پنهنجي روح جي حقيقت ڄاتي هوندي تہ هو پاڻ، پنهنجيءَ ذات جي ڪري قائم آهي ۽ پنهنجي قائم هئڻ ۾، قالب يا بدن کان، بالڪل بي پرواهہ آهي، يعني روح، هُن کان پوءِ بہ باقي رهندو ۽ موت جي ڪري، نيست نابود ٿي نہ ويندو، ليڪن هٿ، پير، اکيون، ڪَن ۽ ٻيا سڀ حواس، هُن کان وري وٺندا ۽ جڏهن حواس اُن کان وري وٺڻ ۾ آيا، تڏهن زال، ٻار ٻچا، مال، ٻني، ٻانهيون، غلام، ڳئون، ڍڳا، گهر ٻار، عزيز خويش، بلڪ زمين آسمان ۽ جيڪي شيون، اُنهن حواسن سان معلوم ٿين ٿيون، سي سڀ، هُن کان وري کَسي وٺندا. جيڪڏهن اُنهن شين سان هُن جي محبت هوندي ۽ پاڻ کي سڄوئي اُنهن جي حوالي ڪيو هوندائين، تہ ضرور، موت کان پوءِ بہ، اُنهن شين جي جُدائيءَ جي ڏک ۽ عذاب ۾ رهندو، ۽ جي اُنهن سڀني کان آزاد ۽ فارغ البال

هوندو ۽ هِن جهان ۾ ڪنهن بہ شيءِ سان دل، نہ ٻَڌي هوندائين ۽ محبت نہ رکي هوندائين، بلڪہ موت جو خواهشمند رهيو هوندو، تہ راحت ۽ آرام ۾ رهندو ۽ جيڪڏهن خدا جي دوستي، هُن، حاصل ڪئي هوندي ۽ الله جي يادگيريءَ سان محبت ۽ اُنس جو درجو پاتو هوندائين ۽ پاڻ کي سچوئي اُن جي محو رکيو هوندائين ۽ دنيا جي اَسباب کان بيزار رهيو هوندو تہ جڏهن مرندو، تڏهن پنهنجي محبوب وٽ پهچندو. روڪ ڪرڻ ۽ انتظار ۽ اَرمان ڏيڻ واري شيءِ، يعني دنيا جو اَسباب، وچ مان، چڻ تہ نڪري ويو. هُو، پنهنجيءَ سعادت کي وڃي پهچندو. هاڻي غور ڪر تہ جنهن کي پڪ هوندي تہ مرڻ کان پوءِ بہ آءٌ باقي رهندس ۽ جن شين سان مُنهنجي رغبت ۽ محبت هوندي هئي، سي اِئين دنيا ۾ رهجي وينديون، تڏهن ضرور، اُن کي يقين ٿيندو تہ جڏهن آءٌ، دنيا مان ويندس، تڏهن اُنهن وٺندڙ شين جي جُدائيءَ جو رنج ۽ عذاب سهندس، جيئن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ:

"اُحبَبُ مَا اَحببَتَ فَانّـڪ مُفَارِقُہ" (يعني، دوست رک، جنهن کي تون دوست رکين ٿو. پوءِ بيشڪ تون، انهيءَ کي ڇڏي وڃڻ وارو آهين).

جڏهن ڪو ماڻهو ڄاڻندو تہ منهنجو محبوب، حق تعاليٰ آهي ۽ پنهنجي سمر يا توشي جيترو، دنيا مان ڪٽندو، ۽ باقي دنيا ۽ مافيها سان دشمني رکندو، تنهن کي ضرور خاطري هوندي تہ جڏهن آءٌ دنيا مان ويندس، تڏهن رنج ۽ عذاب کان ڇُٽل هوندس ۽ راحت ۽ آرام پائيندس. جيڪو اِها ڳالهہ سمجهندو، تنهن کي قبر جي عذاب بابت، ڪوبہ شڪ شبهو ڪونہ رهندو. انهيءَ کي يقين ٿيندو تہ قبر جو عذاب، حق آهي ۽ اُهو، پرهيزگارن جي لاءِ نا هي، پر دنيا وارن جي لاءِ آهي. بيو اُنهن جي لاءِ آهي، جن پاڻ کي سمورو، دنيا جي حوالي ڪيو آهي. هيءَ بہ معلوم ٿيندو تہ هيءَ حديث، انهيءَ مضمون بابت آهي:

"اَلدّنيَا سِجنُ المؤمنِينَ وَجَنّـۃُاُلڪَافِرِين" (يعني، دنيا مومنن جي لاءِ قيدخانو، ۽ ڪافرن جي لاءِ بهشت آهي).

## فصل اٺون

قبر جي عذاب جي اصل حقيقت، توکي معلوم ٿي، تہ اُنهيءَ جو سبب، دنيا جي دوستي آهي. هاڻي ڄاڻ، تہ اُنهيءَ عذاب ۾ بہ فرق رهي ٿو. ڪنهن کي گهٽ تو ٿئي تہ ڪنهن کي ٿورو. دنيا جي محبت آهر، گهٽ يا وڌ عذاب ۽ مصيبت اَچي ٿي. تنهن ڪري جنهن شخص کي، دنيا ۾ فقط هڪڙي شيءِ هوندي ۽ اُنهيءَ کي، دل سان عزيز رکندو هوندو، تہ اُنهيءَ کي ايترو عذاب نہ ايندو، جيترو انهيءَ کي، جنهن کي ٻانهيون، ٻانها، هاٿي، گهوڙا ۽ ٻي سڀ طرح جي دولت هوندي ۽ انهيءَ سان وابستگي ۽ محبت هونديس،

بلڪ جيڪڏهن هِن جهان ۾ ماڻهو، ڪنهن کي چَون تہ تنهنجو هڪڙو گهوڙو، چور کا هي ويا تہ هُن کي، ڏک ۽ اُرمان ٿيندو ۽ جيڪڏهن چوندس تہ تنهنجا ڏهہ گهوڙا، چور کا هي ويا تہ پهرئين ڏک جي بنسبت، هُن کي زياده ڏک ۽ اُرمان ٿيندو. جيڪڏهن هُن جي اُڌ ملڪيت، ماڻهو ڪَسي وٺندا تہ هُن کي رنج ٿيندو ۽ جي سڀ مال کانئس ڪسي وٺندا، تہ تمام گهڻو رنج ٿيندس ۽ جي انهيءَ مال سان گڏ، سندس زال ۽ ٻار ٻچا بہ لُٽي ۽ ڪسي وٺندا ۽ حڪومت کان بہ موقوف ٿيندو ۽ مال توڙي اهل ۽ عيال ۽ جيڪي دنيا ۾ هوندس، سو سڀ غارت ٿي ويندو ۽ هو، بي يار ۽ بي مددگار ۽ اڪيلو رهجي ويندو، تہ اُنهيءَ جو غم ۽ رنج، نهايت گهڻو ۽ سيني کان وڌيڪ ٿيندو. حياتيءَ جي پڇاڙي اِهائي آهي ۽ اُنهيءَ جو نالو "موت" آهي. تنهن ڪري سڀ ڪنهن ماڻهوءَ کي، ايتري راحت يا تڪليف ٿيندي، جيتري هُن جي، دنيا سان عداوت يا محبت هوندي ۽ جنهن سان دُنيا، هر طرح موافقت ڪئي ۽ جنهن پاڻ کي، دنيا جي حوالي ڪيو. جيئن حق تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي تہ:

"ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيَاةَ الدُّنْيَا عَلَى الْآخِرَةِ" (يعني، اهو غصو، انهيءَ سببان آهي تہ هُنن، دنيا جي حياتيءَ کي، آخرت کان زياده دوست رکيو).

انهيءَ تي وڏو عذاب ايندو. اُنهيءَ عذاب جو تعبير، هن طرح ڪيل آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن، اصحابن کان پڇيو، تہ اوهين ڄاڻو ٿا، تہ هيءَ آيت، ڪهڙيءَ معنيٰ سان نازل ٿي آهي تہ:

"مَن اعرض عَن ذڪري فانّ له معيشة ضَنڪا" (يعني، جنهن منهنجي ذڪر يا يادگيريءَ کان مُنهن ڦيرايو، تحقيق اُن لاءِ گذران تنگ آهي).

اُصحابن عرض ڪيو تہ انهيءَ جو مطلب، خدا ۽ خدا جو رسول، چڱو ٿو ڄاڻي. پاڻ فرمايائون تہ قبر ۾، ڪافر تي عذاب، هيئن ٿو ٿئي تہ نوانوي ازدهائون، مٿس مقرر ٿيون ٿين ۽ هرهڪ کي، نَو نَو سِسيون آهن. اُهي، انهيءَ ڪافر کي، قيامت تائين پيون چَڪين ۽ چڪ هڻن ۽ ڦُوڪارين. جيڪي ماڻهو اُهل نظر آهن، تن مڪاشفي ۾، اُنهن ازدهائن کي، دل جي اکين سان ڏٺو آهي ۽ نادان ۽ احمق ماڻهو، جي بيَ نگاهہ ۽ اَنڌا آهن، سي چون ٿا تہ اسين، ڪافرن جي قبرن ۾ نهاريون ٿا تہ اُتي تہ ڪِي بہ ڪين آهي! جيڪڏهن ازدهائون يا پيون بلائون هجن ها، تہ اسان جون اکيون، چڱيون ڀليون آهن، اَسين بہ اُنهن کي ڏسون ها. اُنهن اَحمقن کي گهرجي تہ ڄاڻن، تہ اُهي ازدهائون، خود مُردن جي روح ۾ آهن، اُنهن کان ٻاهر ناهن، جو ٻيو ڪو ڏسي سگهي. بلڪ اُهي بلائون،

اُن جي مرڻ کان اڳي، اُن ۾ پيون هيون، پر اُنهن جي خبر، اُن کي نہ ٿي پيئي. اُنهن احمقن کي چاٺڻ گهرجي تہ اُهي ازدهائون، انهن ڪافر جي صفتن مان جڙيون آهن ۽ اُنهن جي سِسين جو تعداد، هُن جي خراب اخلاقن جي شاخن جي تعداد جي برابر آهي. دنيا جي دوستي، اُنهن ازدهائن جو اصلي خمير آهي ۽ اُنهن ازدهائن کي ايترين سِسيون پيدا ٿيون ٿين، جيترين خراب عادتون، دنيا جي دوستيءَ مان، انهيءَ ڪافر ۾ پيدا ٿيون هونديون. مثلاً حسد، ڪينو، ريا، تڪبر، حرص، مڪر، فريب ۽ دنيا جي وڏائي ۽ ڏيک سان محبت. اِنهن سيني ازدهائن جو اَصل ۽ اُنهن جي سِرن جي گهٽائي، بصيرت جي نور سان، ماڻهو ڏسي سگهي ٿو ۽ اُنهن جو تعداد، نبوت جي نُور سان ڄاڻي سگهي ٿو، تہ جيترا بداخلاق آهن، اوترين ازدهائون آهن. اَسان کي خبر نہ ٿي پوي، تہ بداخلاق ڪيترا آهن؟ اُهي ازدهائون، ڪافر جي روح ۾، لڪيون پيون آهن. اُنهن جو سبب اِهو ناهي، تہ اُهو ڪافر، خدا ۽ رسول کان واقف ناهي، پر اهو سبب آهي تہ اُنهيءَ ڪافر، پاڻ کي سمورو دنيا جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. جيئن حق تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

"ذَلِكَ بِاَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيَاةَ الدُّنْيَا عَلَى الآخِرَةِ" (يعني، اِهو غصو، انهيءَ سببان آهي تہ هُنن، دنيا جي حياتيءَ تي، آخرت کي زياده دوست رکيو).

۽ ٻيو فرمايو آهي تہ:

"اَذْهَبْتُمْ طَيِّبَاتِكُمْ فِي حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا" (يعني، ڇا پنهنجي دنياوي زندگيءَ ۾، پنهنجون نعمتون، اوهان ضايع ڪيون ۽ اُنهن مان اوهان بهره مند ٿيؤ)

جيڪڏهن اِهي ازدهائون ۽ بلائون، ڪافر جي روح کان ٻاهر هجن ها، جيئن ماڻهو سمجهن ٿا تہ ڪافر تي جيڪر، ڏاڍي آساني هجي ها، ڇالاءِ جو تڏهن نيٺ اُهي ازدهائون، ڪا گهڙي تہ بس بہ ڪن ها! جڏهن هُن جي روح جي اَندر آهن، تڏهن هُن جون ذاتي صفتون آهن. اُنهيءَ کان ڪافر، ڀلا ڪٿان ڀڄي ۽ ڇُٽي سگهي ٿو. جهڙيءَ طرح، ڪنهن ماڻهوءَ، ڪا ٻانهي وِڪڻي ڇڏي هُجي ۽ پاڻ مَٿس عاشق هجي، تہ جيڪا بلا، هُن کي ڏنگي ٿي، سا اُها محبت آهي، جا اُنهيءَ ٻانهيءَ سان هيس ۽ سندس دل ۾ لِڪي پئي هئي. جيسين اُها بلا يا ازدها، کيس ڏنگڻ لاءِ تيار نہ هئي، تيسين اُنهيءَ عاشق کي، اُنهيءَ جي ڪا بہ خبر ڪانہ هئي. اِنهيءَ طرح، اِهي نوانوي ازدهائون، انهيءَ ڪافر جي روح ۾، موت کان اڳي لِڪيون پيون هيون ۽ اُنهيءَ ڪافر کي، اُنهن جي خبر ئي ڪانہ هئي. هاڻي، جڏهن چڪ هڻڻ لڳيون اَٿس، تڏهن خبر پئي اَٿس. جيسين هُو، پنهنجي محبوب

سان گڏ هو، اُنهيءَ جي محبت مان، جيتري لذت ۽ راحت، هُن کي ايندي هئي، اوتري هُن جي جدائيءَ ۾، مصيبت ۽ رنج، اُنهيءَ مان تو رَسيس. جيڪڏهن هُن جي محبت، نه هُجيس ها، ته جدائيءَ ۾، عذاب نه اچيس ها. انهيءَ طرح، دنيا جي محبت، جا حياتيءَ ۾ راحت جو سبب آهي، اُهائي موت کان پوءِ، مصيبت ۽ عذاب جو سبب آهي. دنيا ۽ دولت جي محبت، ازدها وانگي آهي ۽ مال جي محبت، بلا وانگر آهي ۽ گهربار جي محبت، وڇونءَ وانگي آهي. عليٰ هـٰـذا القياس. هن پانهيءَ جو عاشق، جيئن پنهنجيءَ محبوبه جي فراق ۾ پانئين ته پاڻ کي وجي درياهه ۾ ٻوڙي يا باهه ۾ ساڙي يا پانئين ته مون کي، بلا يا وڇون کائي، ته آءٌ مري وڃان ۽ جدائيءَ جي عذاب کان ڇُٽان. جنهن کي قبر جو عذاب تو اچي، سو به ائين تو گهري ته جي مون کي، اندر جي ازدهائن جي بدران، دنيا وارا نانگ ۽ وڇون کائين ها ته چڱو هو. جو اُهي بدن ۾ پاهران زخم ڪن ها ۽ هنن ازدهائن کي، ڪو به ماڻهو، اکين سان ڏسي نٿو سگهي. تڏهن حقيقت ڪري، سڀ ڪو ماڻهو، پنهنجي عذاب جو ٻج يا سبب، هتان ئي پاڻ سان ڪنيو تو وڃي ۽ اِهو عذاب جو سبب، اُن جي اندر ۾ ئي آهي. اِنهيءَ ڪري، رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته:

"اِنَّما هِيَ اَعمَالُکُم تُرَدُ اِلَيکُم" (يعني، اِهي عذاب، اوهان جا عمل ئي آهن، جيڪي (عذاب جي صورت ۾) اوهان ڏانهن موٽايا ويندا.)

۽ انهيءَ ڪري، حق تعاليٰ فرمايو آهي ته:

"ڪَلاَّ لَوْ تَعْلَمُونَ عِلْمَ الْيَقِينِ ۝ لَتَرَوُنَّ الْجَحِيمَ ۝ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِينِ ۝" (يعني، جيڪڏهن علم اليقين ڄاڻو ها ته چڱو هو. قسم آهي ته دوزخ کي ضرور ڏسندؤ. پوءِ اُن کي يقيني طرح ڏسندؤ).

هيءُ به فرمايل آهي ته:

"وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيطَةٌ بِالْکَافِرِينَ" (يعني، دوزخ ڪافرن کي چوڌاري قِريل آهي).

يعني دوزخ، ڪافرن سان لڳو وتي. اِئين چيل نه آهي ته ڦري ايندو.

## فصل نائون

شايد تون چوندين، ته ظاهري شرع مان معلوم تو ٿئي، ته اُنهن ازدهائن کي، ظاهري اکين سان ڏسندا آهن ۽ جي ازدهائون، جان ۾ آهن، سي ڏسڻ ۾ نٿيون اچن. انهيءَ جو جواب هيءُ آهي ته اُنهن ازدهائن جو ڏسڻ، ممڪن آهي، ليڪن مئل ماڻهو ئي، اُهي ڏسي سگهندو، هن جهان جا ماڻهو، ڏسي ڪين سگهندا ۽ اُهي بلائون، مُئي کي، اهڙيءَ شڪل ۾ ڏسڻ ۾ اينديون، جهڙو جڻ ته هُن، هِن جهان ۾ ڏٺيون هيون، ليڪن تون

ڏسي ڪين سگهندين. جهڙيءَ طرح، ماڻهو، ننڊ ۾ ڏسي ٿو ته مون کي نانگ ڏنگي ٿو ۽ جيڪو، سندس پاسي ۾ وينو آهي، سو نٿو ڏسي ۽ اُهو نانگ، اُنهيءَ ستل ماڻهوءَ وٽ موجود آهي ۽ اُنهيءَ جي ڪري، هُن کي درد ۽ عذاب ٿئي ٿو ۽ جاڳندڙ جي لاءِ اُهو نانگ، بنھ آهي ئي ڪونه. ليڪن اُنهيءَ جاڳندڙ جي نانگ نه ڏسڻ ڪري، ڪو اُنهيءَ ستل ماڻهوءَ جو درد ۽ عذاب، گهٽ نٿو ٿئي. جيڪو ماڻهو، خواب ۾ ڏسي، ته مون کي بلا ڪاڌو آهي، ته اُنهيءَ جو تعبير اِهو آهي، ته دشمن، مٿس فتحياب ٿيندو ۽ زخم رسائيندس. خواب ۾ بلا کائڻ جو رنج، روحاني تو ٿئي، جو اُها حالت، دل تي تي گذري ۽ اُنهيءَ جو مثال، هن جهان ۾ جيڪڏهن گهرجي، ته نانگ يا بلا جو چڪ آهي. اِئين ٿيندو آهي ته جڏهن دُشمن، اُنهيءَ خواب ڏسڻ واري تي فتحياب ٿيندو آهي، تڏهن هو چوندو آهي ته مون، پنهنجي خواب جو تعبير لڌو، پر جي نانگ ڏنگي ها، ته چڱو هو، پر هيءُ دشمن، مون تي فتحياب نه ٿئي ها، ڇالاءِ جو هيءُ رنج، جو دل ۾ آهي، سو انهيءَ رنج کان گهڻو وڏو آهي، جو نانگ ڏنگڻ ڪري، بدن تي ٿئي ٿو. جيڪڏهن چوندين ته اهو نانگ ته آهي ئي ڪونه ۽ خواب ڏسڻ واري تي جيڪا حالت گذري ٿي، سا رڳو خيال آهي ته جاڻ، ته اِهو تنهنجو چوڻ غلط آهي. اُهو نانگ موجود آهي، ڇالاءِ جو موجود شيءِ معلوم ٿي سگهي ٿي ۽ جا معلوم يا ناموجود آهي، اُها معلوم ٿي نٿي سگهي. جيڪا شيءِ تو خواب ۾ ڏٺي يا توکي معلوم ٿي، سا تنهنجي لاءِ موجود آهي، جيتوڻيڪ ٻي خلق، اُها ڏسي نه سگهي ۽ جيڪا تون ڏسي يا معلوم ڪري نه سگهندين، سا تُنهنجي لاءِ موجود يا ناموجود آهي، پوءِ ڀلي ساري خلق، اُها پئي ڏسي. جڏهن عذاب ۽ عذاب جو سبب، ٻيئي مُئل ۽ ستل ماڻهوءَ جي معلوم ڪرڻ جا آهن، تڏهن ٻين جي نه ڏسي سگهڻ ۾ ڪهڙي حرڪت آهي؟ ليڪن ايترو آهي، ته سُتل ماڻهو سگهوئي جاڳي پوي ٿو ۽ اُنهيءَ رنج ۽ عذاب کان ڇُٽي پوي ٿو، ۽ ماڻهو چون ٿا ته هن کي، خواب هو يا خيال هو، پر مُئل ماڻهو، هميشہ، رنج ۽ عذاب ۾ قائل ٿو رهي، ڇالاءِ جو، موت جي ڪا پُڄاڻي ڪانهي. تنهن ڪري چئبو، ته عذاب، مئل ساڻ آهي ۽ هن جهان جي محسوسات وانگي، ڏسڻ يا معلوم ڪرڻ جو ناهي. شريعت ۾، ائين ناهي ته جيڪي اژدهائون يا نانگ يا وڇون، قبر ۾ آهن، سي عام ماڻهو، ظاهري اکين ساں ڏسي سگهن ٿا، ليڪن جيڪو، هِن عالم کان پري نڪري ويندو، يعني سمهي پوندو ۽ اُنهيءَ مئل ماڻهوءَ جو حال، مَٿن ڪٿي ظاهر ٿيندو ته هُو، انهيءَ کي نانگن ۽ وڇن ساں ڏسندو. انبياءَ ۽ اولياءَ جاڳندي به ڏسي سگهن ٿا، ڇالاءِ جو عالم محسوسات، يعني هيءَ دنيا، هن جهان جي معاملن ڏسڻ لاءِ، هُنن جي واسطي، ڪا اٽڪ ناهي. هيترو ڊگهو بيان، رڳو انهيءَ ڪري ڪرڻ ۾ آيو، جو ڪي

نادان ماڻهو، قبرن ۾ نهارين ٿا ۽ اُنهن کي، ظاهري اک سان، اُتي ڪي به ڏسڻ ۾ نٿو اچي. تنهن ڪري، قبر جي عذاب کان انڪار ڪن ٿا. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي، ته اُنهن کي، هُن جهان جي معاملن ڏسڻ جو رستو معلوم نه آهي.

## فصل ڏهون

شايد تون چوندين ته جيڪڏهن قبر جو عذاب انهيءَ ڪري ٿو ٿئي، جو دل جو، هن جهان سان واسطو ۽ تعلق آهي، ته انهيءَ کان خالي ڪو به ڪونه هوندو، جو عزت، مال ۽ اَهل و عيال سان محبت نه رکندو هوندو. تڏهن سڀني کي قبر جو عذاب هوندو ۽ ڪو به انهيءَ کان نه ڇُٽندو. انهيءَ جو جواب هيءُ آهي، ته ائين نه آهي، ڇالاءِ جو گهڻا ئي ماڻهو اهڙا آهن، جي دنيا کان آسودا ٿي وينا آهن ۽ اُنهن کي، دنيا ۾، خوشي ۽ آسائش جي ڪا به جاءِ، باقي نه بچي آهي ۽ هُو هميشه، موت جا خواهشمند رهن ٿا. گهڻا مسلمان، جي فقير ٿين ٿا، اُهي اهڙا ٿا ٿين، ليڪن جيڪي دولتمند آهن، تن جا به قسم آهن. هڪڙا اُهي، جي دنيا جي اسباب کي، دوست رکن ٿا، مگر اُن سان گڏ، خدا کي به دوست رکن ٿا. پوءِ جي ائين ٿيو، ته خدا کي، دنيا کان وڌيڪ دوست رکندا هوندا، ته انهن تي به قبر جو عذاب نه ٿيندو. انهيءَ جو مثال هيءُ آهي ته ڪنهن شخص جو، ڪنهن شهر ۾ هڪڙو گهر هجي، جو هُن کي تمام گهڻو پسند هجي، ليڪن رياست، بادشاهي ۽ محلات ۽ باغ کي، اُنهيءَ گهر کان زياده دوست رکندو هجي. پوءِ جڏهن ٻئي ڪنهن شهر جي حڪومت جو هُن کي، بادشاهي حُڪم ايندو، تڏهن هن کي، وطن مان نڪرڻ ڪري، ڪو رنج نه ٿيندو، ڇالاءِ جو حڪومت ۽ رياست جي محبت، جا هن کي حد کان گهڻي آهي، اُن جي مقابلي ۾ گهرَ ۽ شهر جي محبت، ناچيز ٿي وڃي ٿي، ۽ اُن جي ڪا به نشاني نٿي بچي. تنهن ڪري، انبيائن، اوليائن ۽ پرهيزگار مسلمانن جي دل کي جيتوڻيڪ، اولاد ۽ وطن سان ٿوري محبت آهي، ۽ خدا جي محبت جي مقابلي ۾، ٻيون محبتون، اُنهيءَ جي اڳيان ناچيز آهن ۽ گم ٿيو وڃن ۽ اُها لذت، مرڻ يا موت اچڻ ڪري پيدا ٿئي ٿي، تنهن ڪري اِهي ماڻهو، قبر جي عذاب کان بي خوف آهن، پر جي ماڻهو، دنيا جي خواهشن کي دوست رکن ٿا، اُهي، اُنهيءَ عذاب کان نه ڇُٽندا، ۽ اهڙا ماڻهو گهڻا آهن. انهيءَ ڪري، حق تعاليٰ فرمايو آهي ته:

”وَإِنْ مِنْكُمْ إِلَّا وَارِدُهَا كَانَ عَلَى رَبِّكَ حَتْمًا مَقْضِيًّا ۝ ثُمَّ نُنَجِّي الَّذِينَ اتَّقَوْا“
(يعني، ۽ اوهان مان ڪو به ڪونهي، جنهن ۾ اِهو امر پهچڻ وارو ناهي، اِهو تنهجي رب تي ضرور مقرر ٿيو آهي. پوءِ نجات ڏينداسين اُنهن کي، جي ڊڄندا رهيا يا جن پرهيزگاري ڪئي).

اُهي ماڻهو، ڪنهن مُدت تائين، عذاب ۾ رهندا. پوءِ جڏهن اُنهن کي، دنيا مان وڃي گهڻو عرصو گذرندو ۽ دنيا جي لذت وساري ڇڏيندا، تڏهن خدا جي اصل محبت، جا انهن جي دل ۾ لڪيل هئي، سا وري ظاهر ٿيندي، اُنهن ماڻهن جو مثال، اُنهيءَ شخص جهڙو آهي، جو هڪڙي گهر کي، ٻئي گهر جي بنسبت، يا هڪڙي شهر کي، ٻئي شهر جي بنسبت، يا هڪڙي زال کي ٻيءَ زال جي بنسبت، زياده دوست رکي، ليڪن هُن ٻئي گهر يا شهر يا زال کي بہ ٿورو گهڻو پسند ڪندو هُجي ۽ جڏهن هُن کي، اُنهيءَ گهر يا شهر يا زال کان جُدا ڪن، جنهن کي هُو دوست تو رکي، ۽ اُنهيءَ ٻئي وٽ آڻين، جنهن کي ٿورو گهڻو دوست تو رکي، تڏهن هُن پهرئين جي فرق ۾، ڪجهہ مدت تائين رنج ۾ رهي، پوءِ جڏهن اُنهيءَ کي وساري ڇڏي ۽ هُن ٻئي سان هري وڃي، تڏهن اصل محبت، جا هُن ٻئي محبوب سان هُيس، سا وري هُن جي دل ۾ جاڳي ۽ زور وٺي، ليڪن جي ماڻهو، حق تعاليٰ کي اصل دوست نٿا رکن، سي هميشہ، اُنهيءَ عذاب ۾ رهندا، ڇالاءِ جو اُنهن کي، رڳو اُنهيءَ شيءِ سان محبت هئي، جا هُنن کان کسي وئي، يعني دنيا. تڏهن ڪهڙيءَ طرح اُهي، اُنهيءَ عذاب کان ڇُٽندا؟ ڪافر، جيڪي هميشہ عذاب ۾ رهندا، اُنهيءَ جو هڪڙو سبب اِهو بہ آهي، جنهن جو بيان ٿي چڪو. جاڻ، تہ جيڪو اِها دعويٰ ڪري ٿو تہ آءٌ، رڳو خدا سان محبت تو رکان، يا خدا کي، دنيا کان زياده دوست تو رکان ۽ ساري جهان جو، اُهوئي رباني مذهب آهي، تہ اُنهيءَ جي آزمائش لاءِ، هڪڙي ڳالهہ ڪسوٽي آهي، اُها هيءَ، تہ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو نفس، حڪم ڪري ۽ سندس ڪا خواهش ٿئي ۽ خدا جو حڪم اُنهيءَ جي برخلاف هجي، تڏهن جي هُو، پنهنجيءَ دل کي، خدا جي حڪم ڏي زياده مائل ڏسي، تہ ڄاڻبو، تہ هُو، حق تعاليٰ کي زياده دوست رکي ٿو، جهڙيءَ طرح، ڪو شخص، ٻن ماڻهن کي دوست رکندو هجي، هڪڙي کي وڌيڪ ۽ ٻئي کي گهٽ. پوءِ جڏهن اُنهن ٻنهي ۾ ڪو جهيڙو ٿي پوي، تہ هُو، پاڻ کي، اُنهيءَ ڏي مائل ٿو ڏسي، جنهن سان گهڻو پيار اٿس. اُنهيءَ مان معلوم ڪري ٿو تہ جنهن ڏانهن دل جو ميل اٿس، اُهو وڌيڪ پيارو اٿس. جي اِئين نہ هجي، تہ فقط زبان سان چوڻ، تہ آءٌ، هن کي گهڻو دوست تو رکان، تنهن مان ڪهڙو فائدو آهي، جو ائين چوڻ في الحقيقت، ڪوڙ آهي. انهيءَ ڪري، رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ "لا اله الاالله" چوڻوارا جيڪڏهن دنيا جي معاملن کي، دين جي معاملن کان زياده پسند نہ ڪن، تہ هُو پاڻ کي، خدا جي عذاب کان بچائين ٿا. جي اِئين ڪيائون، يعني دنيا جي ڪم ڪار کي، دين جي ڪم ڪار کان وڌيڪ پسند ڪيائون، تہ حق تعاليٰ اُنهن کي چوي ٿو، تہ اوهين ڪوڙ ٿا ڳالهايو، ڇالاءِ جو دنيا جي معاملن سان، "لا اله الاالله" چوڻ، ڪوڙ آهي. اِهي سڀ ڳالهيون، جي توکي

معلوم ٿيون، تنهن مان تو ڄاتو، ته بصيرت ۽ نظر وارا ، باطني مُشاهدي سان ڏسن ٿا ، ته ڪهڙو ماڻهو، قبر جي عذاب کان ڇُٽندو ، ۽ ڄاڻن ٿا ، ته گهٽي خلقت، نه ڇُٽندي، پر جهڙيءَ طرح، دنيا جي تعلق ۾ گهڻو تفاوت آهي، ڪنهن کي گهٽ آهي ته ڪنهن کي وڌ ، تهڙيءَ طرح، عذاب جي مدت ۽ شدت ۾ به تفاوت آهي.

## فصل يارهون

شايد تون چوندين، ته ڪي احمق چون ٿا ته جيڪڏهن ، اِهوئي قبر جو عذاب آهي، ته اسان کي، انهيءَ جو ڪو خوف خطرو ڪونهي، ڇالاءِ جو اسان جو، دنيا سان ڪو به علاقو ڪونهي. اسان جي اڳيان، دنيا جو هئڻ ۽ نه هئڻ، هڪ جهڙو آهي. اُنهن احمقن جي اها دعويٰ محال آهي، جيسين هُو، پاڻ کي نتا آزمائين، تيسين نادان آهن. جيڪڏهن اِهو شخص اهڙو آهي، جو جيڪي وٽس آهي، سو سڀ چور کڻي وڃن ۽ جيڪو مانُ ۽ شانُ اُتس، سو سندس ڪنهن همعصر کي ملي ۽ سندس جيڪي مريد آهن، سي ڪانئس ڦري وڃن ۽ سندس گلا ڪرڻ لڳن ۽ اُنهيءَ هوندي به سندس دل ۾، ڪو ارمان يا رنج نه هجي ۽ هُو، اهڙو رهي، جهڙو جڏهن ته ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جو مال چوري ٿي ويو آهي يا ڪنهن ٻئي جو مانُ ۽ شانُ، گم ٿيو آهي ۽ سندس ڪو به نقصان نه ٿيو آهي، ته پوءِ، اُنهيءَ جي اِها دعويٰ سچي آهي ته آءٌ، اهڙيءَ صفت جو ماڻهو آهيان، جو دنيا جو هئڻ ۽ نه هئڻ، منهنجي اڳيان برابر آهي. جيسين هُن جو مال چور نه چورائين ۽ هُن جا مريد ڦري نه وڃن، تيسين هو، معذور ۽ نادان آهي. هن کي گهرجي ته پنهنجو مال، پاڻان پري ڪري، ۽ پنهنجي عزت آبروءَ کان پري ڀڄي. پنهنجو اِمتحان وٺي. پوءِ، اِنهيءَ صفت تي ويساهه رکي، ڇالاءِ جو گهڻا ماڻهو، ڄاڻن ٿا ، ته اسان جو، زال ۽ ٻانهيءَ سان، ڪو به علاقو ڪونهي، مگر جڏهن زال کي طلاق ڏين ٿا يا ٻانهيءَ کي وڪڻي ڇڏين ٿا ، تڏهن عشق جي باهه، جا هُنن جي دل ۾ دٻي، لِڪي پئي هئي، سا ڀڙڪي اُٿي ٿي ۽ هُو، چريا ٿيو پون. تنهن ڪري، جيڪو پاڻ ائين ته قبر جي عذاب کان آزاد رهي، ته اُنهيءَ کي گهرجي، ته دنيا جي ڪنهن به شيءِ سان علاقو نه رکي، مگر جيتري ضرورت هجي. جيئن ڪ پائخاني جي ضرورت ٿئي ٿي ۽ ماڻهوءَ کي، وڏيڪ ويهڻ نٿو وڻي، ۽ پاڻ ائين ته اُتان جلد نڪري وڃان. تنهن ڪري گهرجي، ته جيئن ماڻهو، خوشيءَ کان سواءِ، فقط پيٽ خالي ڪرڻ جي لاچار کان، پائخاني تو وڃي، تيئن کاڌي جي لالچ به ، فقط پيٽ ڀرڻ جي نيت سان ڪري، جو اِهي ٻئي ڪم، ضرورت ۽ لاچاريءَ کان ٿا ڪجن. دنيا جي سڀني ڪمن جو، ساڳيو اِهو حال آهي. جيڪڏهن، دنيا جي اِنهن تعلقن کان ماڻهو، دل واندي نه ڪري سگهي، ته گهرجي، ته عبادت ۽ خدا جي يادگيري سان، محبت ۽ ونڊر رکي ۽ اُنهيءَ جي عبادت

ڪري ۽ پنهنجيءَ دل تي، خدا جي يادگيري، ايتري غالب ڪري، جو اُها، دنيا جي محبت تي، غالب پئجي وڃي ۽ اُنهيءَ بابت، پاڻ ڪان اهڙو دليل طلب ڪندو رهي، جو سڀ ڪنهن اَمر ۾، شرع جي تابعداري ڪري ۽ نفس جي حڪم تي، حق جو حڪم مقدم رکي. جيڪڏهن انهيءَ ڳالهہ ۾ نفس، سندس فرمانبرداري نہ ڪري، تہ پوءِ هُو، پنهنجو بدن، قبر جي عذاب کي سونپي ڇڏي، سواءِ انهيءَ جي، تہ ارحم الراحمين جي رحمت، جيڪڏهن شامل حال رهي، تہ پوءِ البتہ، ڇوٽڪارو حاصل ٿيندس.

## فصل ٻارهون

هاڻي اسين روحاني دوزخ جو بيان ڏسندا سين. روحانيءَ مان اسان جو مطلب آهي تہ اُهو دوزخ، جو خاص روح جي لاءِ آهي. بدن جو، انهيءَ سان ڪوبہ واسطو ڪونهي.

"نَارُ اللّٰهِ الْمُوقَدَةُ۔ الَّتِي تَطَّلِعُ عَلَى الأَفْئِدَةِ۔" (يعني، الله جي ٻاريل باهہ آهي، جا دلين تي ظاهر ٿي ٿئي).

اِهو روحاني دوزخ آهي، جنهن جي باهہ، دل کي گهيريو بيٺي آهي. جيڪا باهہ، بدن کي لڳي ٿي، تنهن کي جسماني دوزخ چون ٿا. جاڻ تہ روحاني دوزخ ۾، ٽن قسمن جي باهہ ٿي ٿئي. هڪڙي دنيا جي خواهشن جي باهہ، ٻي خوارين ۽ رُسوائين کان شرمندگيءَ جي باهہ ۽ ٽي، حق تعاليٰ جي جمال لازوال کان نا اُميديءَ جي باهہ ۽ اِنهن ٽنهي باهين جو، روح ۽ دل سان ڪم آهي، بدن سان، اُنهن جو ڪوبہ واسطو ڪونهي. انهن ٽنهي باهين جي اسباب جو، هن جهان مان هڪڙو مثال وٺي، اُنهيءَ ۾ اُن جي معنيٰ، اسين سمجهايون ٿا، اِنهيءَ لاءِ تہ اُها چڱيءَ طرح معلوم ٿئي.

پهرئين قسم جي باهہ- دُنيا جي خواهشن کان جُدائي جي باهہ آهي. اُنهيءَ جو سبب، قبر جي عذاب جي بيان ۾ ڏنو ويو آهي تہ جيسين ماڻهو، پنهنجي محبوب ساڻ آهي، تيسين، محبت ۽ دل جي رغبت، بهشت آهي ۽ جڏهن محبوب کان ڌار ٿو ٿئي، تڏهن دوزخ آهي. تنهن ڪري جيسين، دنيا جو عاشق، دنيا آهي، تيسين هو بهشت ۾ آهي. "اَلدّنيا جَنّـةُ الكَافِر" (يعني، دنيا ڪافر جي لاءِ بهشت آهي). ۽ جڏهن هُو، آخرت ۾ وڃي ٿو، تنهن ڪري هڪڙي شيءِ، ٻن مختلف حالتن ۾، راحت جو بہ سبب آهي ۽ مصيبت جو بہ سبب آهي. اِنهيءَ باهہ جو مثال، دنيا ۾ هيءُ آهي، تہ ڪو بادشاهہ هجي، جنهن جي فرمان ۽ حُڪم ۾، ساري دنيا هجي ۽ هميشہ خوبصورت ٻانهن ۽ ٻانهين سان گذاريندو هجي ۽ عاليشان عمارتن ۽ عمدن باغن جو سير ڪندو هجي. اوچتو ڪو دشمن ڪاهي اَچي ۽ هُن کي گرفتار ڪري ۽ غلام بنائي ۽ سندس رعيت جي روبرو، هُن کان، پنهنجن ڪُتن جي خدمت ڪرائي ۽ سندس اڱيان، سندس زالن ۽ ٻانهين کي، پنهنجي ڪم

۾ آڻي ۽ غلامن کي چوي تہ اُوهين بہ اُنهن زالن کي، پنهنجي هٿ آڻيو ۽ سندس خزاني ۾، جي قيمتي شيون هجن، سي سندس دشمن کي ڏئي ڇڏي. اهڙيءَ اوچتي آفت ۽ مصيبت مان، اُنهيءَ باد شاهہ کي، ڪهڙو نہ رنج پهچندو ۽ ڪيترو نہ عذاب رسندو؟ اِتي، باد شاهي ۽ زال ۽ اولاد ۽ خزاني ۽ غلامن ۽ باغن ۽ ٻين نعمتن کان جدائيءَ جي باهہ، هن جي جان ۾ لڳي تي ۽ هُن کي، اهڙو جلائي ٿي، جو هُو، پاڻهي چوي ٿو تہ مون کي ماٿهو، هڪدم ماري ڇڏين. تہ چڱو. يا مُنهنجي بدن کي، اهڙو سخت عذاب ڏين، جنهن ۾ آءٌ، هن عذاب کان ڇُٽي پوان. اِهو، هڪڙيءَ باهہ جو مثال آهي ۽ نعمت، جيترو زياده هوندي ۽ باد شاهي، جيترو چڱي ۽ زرخيز هوندي، اوترو اُنهيءَ جي جدائيءَ ۾، هيءَ باهہ، روح ۾ زياده تيز ٻرندڙ ٿيندي. تنهن ڪري جنهن کي، دنيا ۾ فائدو ۽ ڪاميابي زياده هوندي، ۽ جنهن سان دنيا، زياده موافقت ڪندي هوندي، اوتري دنيا جي محبت بہ، ان کي زياده هوندي ۽ اوتروئي هُن جي جدائيءَ جي باهہ، هُن جي جان ۾، زياده ٻرندي. اِنهيءَ باهہ جو مثال، هِن جهان ۾ محال آهي، ڇالاءِ جو هِن جهان ۾، دل کي رنج تو ٿئي، ليڪن سڄوئي دل ۾ قائم نٿو رهي. انهيءَ ڪري، اِئين ٿيندو آهي، تہ بيمار، جڏهن پنهنجي اک ۽ ڪَنُ، ڪنهن شيءِ ۾ مشغول رکندو آهي، تڏهن، سندس درد گهٽ تو ٿئي ۽ جڏهن هُو، مشغولي ڇڏي تو، تڏهن وري، درد زياده ٿئيس تو ۽ هي بہ انهيءَ ڪري ٿو ٿئي، جو جڏهن ڪو مصيبت زده ماڻهو، سُمهي، اُٿي تو، تڏهن سندس مصيبت جو رنج، سندس دل تي گهٽو تو ٿئي، ڇالاءِ جو سندس روح، سُمهڻ جي ڪري، شغل ۽ حواس جي ڪدورت کان صاف تو ٿئي. محسوسات جي اثر کان، دل جو صاف ۽ خالي رهڻ، اُن جي زياده اثر هئڻ جو باعث آهي ۽ هن جهان ۾، اهڙي صفائي ڪامل نٿي ٿئي، ليڪن ماڻهو جڏهن مري تو، تڏهن محسوسات جو اثر، بالڪل گم ٿيو وڃي ۽ روح، صاف ٿيو پوي. اُنهيءَ مهل، اُن جي دل ۾، گهٽي راحت يا عذاب قائم ٿئي تو. اِهو خيال نہ ڪر، تہ اُها باهہ، دنيا جي باهہ جهڙي آهي. بلڪ انهيءَ باهہ کي، ستر ڀاڱين مان ڌوئي، پوءِ دنيا ۾ موڪليو اٿن.

ٻيون قسم – هيءَ، خوارين ۽ رسوائين کان شرمندگيءَ ۽ پشيمانيءَ جي باهہ آهي. اُنهيءَ جو هيءُ مثال آهي، تہ باد شاهہ، ڪنهن ڪميني ماڻهوءَ کي عزت ڏئي ۽ پنهنجي باد شاهيءَ جي نائبي ڏئي ۽ پنهنجي حرمسرا ۾ وڃڻ جي موڪل ڏئي، جنهن ڪري، ڪو بہ اُن کان پردو نہ ڪري، ۽ پنهنجو خزانو، هُن جي حوالي ڪري، ۽ سڀني ڪمن ۾، هُن تي ويساهہ رکي. جڏهن اُهو نائب يا وزير، اِهي نعمتون ۽ راحتون حاصل ڪري، تڏهن دل ۾ سَرڪش ۽ باغي ٿي پوي ۽ باد شاهي خزانو، پنهنجي قبضي ۾ آڻي، ۽ حرمخاني ۽ محلات ۾ خيانت ۽ فساد ڪري ۽ ظاهر وري، باد شاهہ کي، پنهنجي ايمانداري ۽ امانت

ڏيکاري. آخر، هڪڙي ڏينهن بادشاهه، پنهنجي حرم ۾، انهيءَ نائب کي، خيانت ۽ فساد ڪندي ڏسي ٿو ورتي، جو محلات جي دريءَ مان وينو ڏسندو هجيس ۽ اُئين ڄاڻي ته شايد ڏهاڙي، انهيءَ طرح، بادشاهه هُن کي پي ڏٺو آهي ۽ اِنهيءَ ڪري، پي صبر ڪيو اٿس ته پلي، مُنهنجي خيانت وڌي، ته جيئن اوچتو، مون کي عذاب ڏيئي مارائي. اي عزيز! هاڻي خيال ڪر ته اُنهيءَ مهل، اُنهيءَ وزير جي جان ۽ دل ۾، انهيءَ خواريءَ ۽ ذلت جي ڪري، ڪهڙي نه باهه لڳندي! پر سندس بدن، سلامت رهندو. اُنهيءَ مهل، اُهو وزير پائنيندو ته مون کي، زمين ڳهي وڃي ته چڱو، جيئن اِنهيءَ خواريءَ ۽ فضيحت جي باهه کان ته ڇُٽان! اِنهيءَ طرح، تون به هن جهان ۾، عادت جي موافق، اهڙا ڪم ڪرين ٿو، جن جو ظاهر، چڱو معلوم ٿئي ٿو، پر اُنهن جو باطن، خراب آهي، يعني، حقيقت ۾، اُهي ڪم، خواريءَ جهڙا آهن. جڏهن قيامت ۾، اُنهن ڪمن جي حقيقت توتي کُلندي، تڏهن تنهنجي خواري ۽ رسوائي ظاهر ٿيندي، اِنهيءَ حد تائين، جو پشيمانيءَ جي باهه ۾، تون سڙي ويندين. تون اهڙو ڏسندين، جهڙو هن جهان ۾، ڪو پنهنجي پاءُ جو ماس کائي ۽ سمجهي، ته ڪو پکل پکي آهي، پر جڏهن ڏسندو، ته مُئل پاءُ جو گوشت ٿو کان، تڏهن هو، ڪهڙو نه پشيمان ٿيندو؟ ۽ ڪهڙي نه سندس دل ۾ باهه لڳندي؟! غيبت يا گلا جو روح ۽ حقيقت، اِها آهي. اُها توکان هِتي لڪيل آهي، پر قيامت جي ڏينهن، اُها ظاهر ٿيندي. اِنهيءَ ڪري ئي جيڪو ماڻهو، خواب ۾ ڏسي، ته مُردي جو ماس ٿو کان، ته اُنهيءَ جو تعبير هيءَ آهي، ته گلا ڪئي اٿس. جيڪڏهن اَج تون، ڪنهن پِٽ تي پَهڻ هٽي ۽ ڪو توکي اَچي چئي، ته اِهي پهڻ، تنهنجي گهر ۾ پيا ڪرن ۽ تُنهنجن ٻارن جون اکيون پيا ڪڍن ۽ تون، پنهنجي گهر وڃي ڏسين ته برابر، تُنهنجن پيارن ٻارن جون اکيون، تنهنجن پهڻن ڪڍي وِڌيون آهن، ته توکي خبر آهي ته ڪهڙي نه باهه، تُنهنجيءَ دل ۾ لڳندي ۽ تون ڪهڙو نه رُسوا ٿيندين؟! هن جهان ۾، جيڪو ماڻهو، ڪنهن مسلمان سان حسد ڪندو، سو قيامت جي ڏينهن، پاڻ کي، اهڙيءَ حالت ۾ ڏسندو. حسد جو روح، يعني حقيقت، اِهائي آهي ته تون، دُشمن جي نقصان جو قصد ٿو ڪرين، پر هُن جو نقصان، ڪو به ڪو نه ٿو ٿئي. اُٽلندو، توکي نقصان پيو پهچي ۽ تُنهنجو دين، زيان پيو ٿئي ۽ تُنهنجي عبادت، جا هُن جهان ۾، تُنهنجين اکين جو نُور ٿيندي، سا جنهن تي تون حسد ڪرين ٿو، اُن جي اعمال نامي ۾ ملائڪ، نقل ڪري، لکي ڇڏيندا ۽ تون، بي عبادت رَهجي ويندين ۽ اَج، ٻارن جون اکيون، جيترو تُنهنجي ڪم ٿيون اچن، تنهن کان زياده، تُنهنجي عبادت، توکي ڪم ايندي، ڇا لاءِ جو عبادت، تُنهنجيءَ سعادت جو سبب آهي ۽ اولاد، تُنهنجيءَ سعادت جو سبب نه آهي. قيامت جي ڏينهن صورتون، روحن ۽ حقيقتن جي تابع ٿينديون ۽ ماڻهو،

جيڪا شيءِ ڏسندو، سا اُنهيءَ صورت تي ڏسندو، جنهن جي معنيٰ يا حقيقت، اُن ۾ هوندي. فضيحتِ ۽ رُسوائي درپيش ٿيندي، اِن ڪري جو ننڊ، اُنهيءَ جهان کي نزديڪ آهي. تنهن ڪري خواب ۾ شيون، اُنهيءَ صورت ۾ ڏيکائي ڏين ٿيون، جا معنيٰ يا حقيقت جي موافق ٿئي ٿي. هڪڙو شخص، اِبن سيرين وٽ ويو ۽ چيائينس ته مون، خواب ۾ ڏٺو آهي ته هڪڙي مُندي، منهنجي هَٿ ۾ آهي ۽ اُنهيءَ سان آءٌ، مڙسن جي وات تي ۽ زالن جي اوگهڙ تي، مُهر ٿو ڪريان. فرمايائون ته تون، موذن يا بانگو آهين، ۽ رمضان جي مهيني ۾، صبح کان اڳي، بانگ ڏيندو آهين. هُن چيو، ته برابر، ائين ئي آهي. هاڻي ڏس! ته خواب ۾، هُن جي معاملي جي حقيقت، هُن ڪهڙيءَ طرح بيان ڪئي؟ آذان، رمضان ۾ آواز يا ذڪر جي صورت تي آهي ڪاڌي ۽ جماع جي روڪ، اُنهيءَ جي حقيقت آهي. عجب جي ڳالهہ اها آهي ته قيامت جو اُهو سڀ نمونو، خواب ۾ توکي ڏيکائي ٿو ڏئي ۽ توکي، ڪنهن به ڳالهہ جي خبر ڪونهي ۽ اِهوئي مضمون آهي، جو حديث ۾ آيو آهي، ته قيامت جي ڏينهن، دنيا کي اهڙيءَ بدشڪل ڪراڙيءَ زال جي صورت ۾ آڻيندا، جو ماڻهو، اُنهيءَ کي ڏسي، چوندا ته "نَعُوذُبالله منکَ" (يعني، خدا کان پناهہ ٿا گهرون اُسين توکان)" ملائڪ چوندا ته هيءَ اُهائي دنيا آهي، جنهن جي پُنيان اُوهين، جان ڏيندا هئا. تڏهن اُنهيءَ مهل ماڻهو، اهڙو پشيمان ٿيندا، جو پاڻ ٿيندا، ته جي اسان کي باهہ ۾ وجهي وجهن ته چڱو، ته مَنَ، انهيءَ شرم کان اسين، ڇوٽڪارو لهون ۽ اِنهيءَ خواريءَ جو مثال اهڙو آهي، جهڙو هيٺينءَ ڳالهہ مان معلوم ٿو ٿئي.

**ڳالهہ**- هڪڙي بادشاهہ، پنهنجي پُٽ جي شادي ڪئي. جنهن رات شاهزادي پانيو ته پنهنجيءَ ڪنوار وٽ وڃان، انهيءَ رات، گهڻو شراب پيتائين. جڏهن خوب نشو چڙهيس، تڏهن ڪنوار جي تلاش ۾ نڪتو. خلوتخاني ۾ وڃڻ جو قصد ڪيائين، پر رستو ڀُلجي، گهر کان ٻاهر نڪري ويو ۽ هليو ويو، تان ڪو وجي هڪڙي هنڌ نڪتو. هڪڙو گهر ڏٺائين، جنهن ۾ هڪڙو ڏيئو ٻرندو نظر آيس. پانيائين ته ڪنوار جي جاءِ اها آهي. جڏهن اندر ويو، تڏهن ڪي ماڻهو، اُتي سُتل ڏٺائين. گهڻو ئي سڏيائين، پر ڪنهن جواب ڪونه ڏنس. پانيائين ته سڀ گهريءَ ننڊ ۾ سُتا پيا آهن. هڪڙو ماڻهو ڏسڻ ۾ آيس، جو مٿان، اَڇو نئون ڪپڙو تاڻيو، سُتو پيو هو. دل ۾ چيائين ته ڪنوار اِها آهي. وڃي پاسي ۾ سُتس ۽ مٿانئس چادر لاٿائين، ته ڏاڍي خوشبوءِ دماغ ۾ آيس. پڪ ٿيس ته ڪنوار برابر اها آهي، جنهن کي خوشبوءِ لڳل آهي. اُنهيءَ سان محبت ڪرڻ لڳو ۽ پيار ڪان، پنهنجي زبان، هن جي وات ۾ وجهڻ لڳو. هُن جي وات جو پاڻي لڳس، سو پانيائين ته هوءَ، پاڻ، مون کي پيار تي ڪري ۽ گُلاب تي هٽي. پوءِ ته سُمهي پيو. صبح جو جڏهن

شاهزادو جاڳيو ۽ هوش ۾ آيو، تڏهن ڏسي ته اُها جاءِ، ڪن آتش پرستن جو قبرستان آهي. جي ماڻهو، نشي ۾ ستل سمجهيا هئائين، سي حقيقت ڪري، مُردا هئا ۽ جنهن جي مٿان، نئين چادر پيئي هئي ۽ جنهن کي پنهنجي ڪنوار سمجهو هئائين، سا هڪڙي ڪراڙي، هيبتناڪ زال جي لاش هئي، جا ٻن- ٽن ڏينهن کان مُئي هئي ۽ اُها خوشبوءِ، ڪافور وغيره جي هئي ۽ جيڪا رطوبت، شاهزادي کي رسي هئي، سا اُنهيءَ زال جي نجاست يا پليدي نڪتل هئي. شاهزادي به پاڻ کي، اُنهيءَ نجاست ۾ پريل ڏٺو، ۽ اُن جي وات جي پاڻيءَ کي، سندس وات، ڪوڙو تي پيو هو. پانيائين، ته اُنهيءَ خواريءَ ۽ پشيماني ۽ پليتيءَ کان، مري وڃان ته چڱو! اهو به ڊپ ٿيس، ته متان مُنهنجي پيءُ، بادشاهه کي خبر پوي ۽ اُنهيءَ حالت ۾ لشڪر سميت، اچي منهنجي مٿان بيهي. هُو، اجان انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ هو، ته سچ پچ بادشاهه، اميرن ۽ وزيرن ۽ لشڪر سوڌو، سندس تلاش ۾ اَچي نڪتو ۽ هن کي انهيءَ خراب حالت ۾ ڏٺائون. شاهزادو، پشيمان ٿيو ۽ پانيائين ته زمين ڦاٽي، ته اندر گهڙي وڃان ته جيئن انهيءَ خواريءَ کان ته ڇُٽان!

اي عزيز! قيامت جي ڏينهن سيئي دنيادار، دنيا جي لذتن ۽ خواهشن کي، ساڳيءَ اهڙيءَ صورت ۾ ڏسندا. دنيائي خواهشن سان گڏ رهڻ ڪري، اُنهن جي دل ۾ جو اَثر رهيو هوندو، سو به اُنهيءَ نجاست ۽ ڪوڙائيءَ جهڙو هوندو، جا انهيءَ شاهزادي جي بدن ۽ وات ۾ لڳي ويئي هئي. دنيادار، اُنهيءَ کان به زياده خوار ۽ رُسوا ٿيندا ۽ سخت عذاب ۾ گرفتار ٿيندا، ڇالاءِ جو، هن جهان جي ڪمن جي ڪمال سختيءَ جو مثال، هن جهان جي شين سان ڏيئي نٿو سگهجي. هيءُ جيڪو ذڪر ڪيو ويو، سو فقط هڪڙي قسم جي باهه جو مثال يا نمونو هو، انهن جو قالب يا بدن سان، ڪو به واسطو ڪونهي. رڳو دل ۽ جان سان يا روح سان آهي. انهيءَ جو نالو، ذلت يا پشيمانيءَ جي ڪري آهي.

**قسم ٽيون-** جناب الاهيءَ جي جمال بي مثال کان نا اُميد رهڻ جي باهه آهي. ماڻهو، هن جهان مان جيڪا انڌائي ۽ ناداني ساڻ وٺي وڃي ٿو، اُها اُنهيءَ باهه جو سبب ٿئي ٿي. يعني، هِن جهان ۾، جنهن حق تعاليٰ جي معرفت حاصل نه ڪئي هوندي ۽ تعليم ۽ مجاهدي سان، دل به صاف نه ڪئي هوندائين، جنهن ڪري مرڻ کان پوءِ، اُنهيءَ ۾ جناب الاهيءَ جو جمال، اهڙو ڏسڻ ۾ اَچي، جهڙو صاف آرسيءَ ۾ عڪس، بلڪ گناهه ۽ دنيا جي خواهشن جي ڪَٽ، هُن جي دل کي ڪارو ۽ اَنڌو ڪري ڇڏيو هوندو، سو هُتي به اَنڌو رهندو. اُنهيءَ باهه جو مثال اهو آهي ته تون، فرض ڪري وٺ، ته ڪن ماڻهن سان گڏ، تون اونداهيءَ رات جو، ڪٿي وڃي رهيو آهين ۽ اُتي، گهڻيون پهڻيون پيون آهن، پر رات جي ڪري تون، هنن جو رنگ نٿو ڏسين. تُنهنجا سنگتي، توکي چون ٿا ته هنن پهڻين مان

جيتريون ڪٽي سگهين، اوتريون ڪٺ، جو اسان ٻڌو آهي، ته اهي ڏاڍيون فائدي واريون آهن. ٻيا سڀ، جيتريون پٿيون ڪٽي سگهن ٿا، اوتريون ڪٺن ٿا ۽ تون ڪا به ڪانه ٿو ڪٽين ۽ چوين ٿو ته اِها بيوقوفي آهي، جو آءٌ پنهنجي هَٿين، پنهنجي سر تي بار ڪٽان. الاجي سُياٽي، اُهي ڪم اچن يا نه؟ پوءِ تُنهنجا سنگتي، پنهنجو بار ٻَڌي ڪٺن ۽ اُتي هلن ۽ تون هٿ ٺوڪيندو، هُنن سان گڏيو هلين ۽ هُنن تي کِلندو هلين ۽ اُنهن کي احمق سمجهي، اُنهن تي افسوس ڪائين ۽ چوين ته جنهن ڪنهن کي عقل ۽ سمجهه آهي، سو مون وانگر، آرام ۽ فرحت سان هلي ٿو ۽ جيڪو احمق آهي، سو پاڻ کي گڏهه بنائي ٿو ۽ ڪُوڙي طمع تي، بار ڪٽي ٿو. نيٺ جڏهن هُو، سوجهري ۾ اچن ٿا ۽ ڏسن ٿا ته اُهي پٿيون، سڀ ڳاڙها ياقوت ۽ آبدار موتي آهن ۽ هڪ- هڪ داڻي جو مُلهه، لک- لک اشرفيون آهن، تڏهن هُو ٻيا ماٺهو افسوس ڪندا ته اسان ناحق، وڌيڪ پٿيون نه کنيون ۽ تون، انهيءَ نڳيءَ ۽ دغا جي ڪري، هلاڪ ٿيندين ۽ تُنهنجيءَ جان ۾، اُنهيءَ پشيماني جي باهه لڳندي ته ناحق، مون کي به ڪين کنيو. پوءِ، اُهي ماڻهو، اُهي جواهر وڪٽي، دنيا جون باد شاهيون وٺن ۽ جهڙيون نعمتون ڪين وٺن، اهڙيون پوڳين ۽ جتي وٺين، اُتي رهن ۽ توکي بُکيو ۽ اگهاڙو رکن ۽ پنهنجو غلام بنائين، ۽ پنهنجي ڪم ڪرڻ لاءِ، توکي حڪم ڏين. تون گهٽو ئي چوين ته انهن نعمتن مان، ڪي ته مون کي به ڏيو، جيئن حق تعالىٰ جو قول آهي ته:

"اَفِيضُوا عَلَينَا مِنَ المَاءِ اَو مِمَّا رَزَقَكُمُ اللهُ قَالُوا اِنَّ اللهَ حَرَّمَهُمَا عَلَي الكَافِرِين." (يعني، دوزخي، بهشتين جي خوشامد ڪندا ۽ ائين چوندا ته وَهايو اسان تي ٿورو پاڻي، يا جيڪي خدا، اوهان جي روزي ڪئي آهي. هُو جواب ڏيندا ته تحقيق، الله تعالىٰ هي ٻئي شيون، ڪافرن تي حرام ڪيون آهن).

هو چوندا ته ڪالهه، تون اسان تي کِلئين ٿي، اڄ اسين توتي ٿا کلون.

"اِن تَسخَرُوا مِنَّا فَاِنَّا تَسخَرُ مِنكُم كَمَا تَسخَرُون" (يعني، جي اوهين اسان تي ٺٺولي ڪندؤ ته اسين به اوهان تي اهڙيءَ طرح ٺٺولي ڪنداسين، جهڙيءَ طرح اوهان ٺٺولي ڪريو ٿا).

اِها آهي بهشت جي نعمت ۽ حق تعالىٰ جي ديدار، فوت ٿيڻ ۽ اُنهيءَ ڪان نااُميد ٿيڻ جي پشيمانيءَ جو مثال. جن ماڻهن، عبادت جا جواهرات، دنيا مان نه کنيا ۽ چوڻ لڳا ته آئندي جي دلاسي تي، هتي جي تڪليف، اسين ڇو ڪٽون؟ سي قيامت جي ڏينهن، رڙيون ڪري چوندا ته "اَفِيضُوا عَلَينا مِنَ المَاءِ" (يعني، ڏيو اسان کي اِن مان ٿورو پاڻي). چونه ٻلا هنن کي افسوس ۽ پشيماني ٿيندي، جو قيامت ۾، عارفن ۽ عابدن تي، قسمين قسمين سعادتون، ايتري قدر نازل ٿينديون، جو دنيا جي سڄيءَ عمر جون نعمتون، اُنهن جي هڪڙي گهڙيءَ جي مقابلي ۾، ڪي به ڪين هونديون، بلڪ سڀ ڪان پوءِ، جنهن کي

دوزخ مان ڪيندا، اُنهيءَ ڪي بہ دنيا ڪان ڏهوڻيون نعمتون زياده ڏيندا. اُنهن نعمتن جي، دنيا سان ڪا بہ مشابهت يا ماپ يا اندازو ڪونهي، بلڪ نعمت جي، روح تي مشابهت آهي، ۽ خوشي ۽ لذت، نعمت جو روح آهي. جيئن چوندا آهن تہ قيمت ۾ هڪڙو موتي، ڏهن اَشرفين جي برابر آهي ۽ روح، مال آهي، نہ ماپ يا پيمائش.

## فصل تيرهون

تو، روحاني باهہ جا ٽيئي قسم معلوم ڪيا. هاڻي، ڄاڻ، تہ اِها باهہ، جسماني باهہ کان گهڻو تيز آهي، ڇالاءِ جو جيسين، تڪليف ۽ درد جو اَثر، روح يا جان کي نٿو پهچي، تيسين بدن کي، اُنهيءَ جي خبر ڪانہ ٿي پوي. تنهن ڪري، بدن جي حقيقت جي تڪليف، جان ۾ پهچڻ ڪري، زياده ٿي ٿئي. جا باهہ ۽ تڪليف، جان منجهان ٻاهر ٿي اَچي، سا ضرور جسماني باهہ کان تيز هوندي. هيءَ باهہ، جان جي اندر ئي اندر لڳي ٿي، ٻاهران اندر نٿي وڃي. طبيعت جي خواهش جي برخلاف، اُن تي ڪنهن بہ شيءِ جو غالب ٿيڻ، تڪليف جو سبب ٿو ٿئي ۽ بدن جي طبعي خاصيت اِها آهي، تہ اُن جي ترڪيب، اُن سان رهي ۽ اُن جا عضوا، سڀ گڏ رهن. جڏهن زخم جي ڪري، هڪڙو عضوو، ٻئي کان ڌار ٿيندو، تڏهن اِها ڳالهہ، بدن جي طبعي خاصيت جي برخلاف ٿيندي، تنهن ڪري بدن ۾ درد ٿيندو ۽ زخم، هڪڙي عضوي کي، ٻئي کان جدا ڪري ٿو. انهيءَ طرح، باهہ بہ سڀني عضون ۾ گهڙي وڃي ٿي ۽ هڪڙي کي، ٻئي کان ڌار ڪري ٿي، تنهن ڪري هر هڪ عضوي ۾، ڌار ڌار درد ٿو ٿئي. انهيءَ ڪري، باهہ جو درد، تمام سخت آهي. تنهن ڪري جا شيءِ، دل جي طبعي خاصيت آهي، اُنهيءَ جو ضد، جڏهن جاءِ وٺندو، تڏهن روح کي، ڏاڍو درد يا عذاب ٿيندو. خدا جو ديدار ۽ خدا جي معرفت، دل جي طبيعي خاصيت آهي. اَنڌائي ۽ جهل، اُن جو ضد آهي. اُهو جڏهن ٿالب ٿيندو، تڏهن دل کي، نهايت گهڻو عذاب ۽ درد پهچندو. جيڪڏهن ماڻهن جي دل، هِن جهان ۾ بيمار نہ ٿئي ها، تہ موت کان پهرين، اَنڌائيءَ جي تڪليف ڪٿن ها. جڏهن هٿ پير، بيڪار ۽ نستا ٿي پون ٿا، تڏهن اُنهن کي، باهہ لڳڻ ڪري، ماڻهوءَ کي ڪا بہ خبر نٿي پوي. جڏهن اُها ساڻائي، نڪري وڃي ٿي ۽ بدن ۾ باهہ ڇُهتي ٿي ۽ معلوم ٿئي ٿو، تڏهن هڪدم، ماڻهوءَ کي ڏاڍو عذاب ٿو اچي. انهيءَ طرح، دنيا ۾ دل، بيڪار ۽ ساڻي ٿي پوي ٿي، ۽ موت جي ڪري، اُن جي ساڻائي، نڪري وڃي ٿي. تنهن ڪري، هڪدم اُها باهہ، جان مان نڪري، ظاهر ٿئي ٿي، ٻاهران، ڪٿان بہ نٿي اچي، ڇالاءِ جو اُها باهہ، دل جي دل ۾ هئي. ماڻهو، اُها پاڻ سان کنيو وتيو. هُن کي، علم اليقين نہ هو، تنهن ڪري باهہ کي نٿي ڏٺائين. هاڻي جڏهن علم اليقين حاصل ٿيس، تڏهن اُنهيءَ باهہ جي خبر پيس.

"ڪَلاّ لَو تَعلَمُون عِلمَ اليَقِينِ لَتَرَوُنَّ الجَحِيمَ" (يعني، جيڪڏهن علم يقين ڄاڻو ها تہ بهتر هو، جو دوزخ تہ ڏسو ها! پوءِ اوهان کي، پورو يقين ٿئي ها).

اُن جي به اِهائي معنيٰ آهي ۽ شرع ۾ اڪثر، جسماني بهشت ۽ دوزخ جو بيان آهي. اُنهيءَ جو سبب هيءُ آهي، ته اُهي سڀ، ماڻهو معلوم ڪري سگهن ٿا ۽ روحاني دوزخ جو، جنهن جي اڳيان تون بيان ڪرين ٿو، اُهو، اُن کي خسيس ڄاڻي ٿو ۽ اُن جي سختيءَ ۽ گهڻائيءَ کي نٿو سڃاڻي. جهڙيءَ طرح، ڪنهن ڇوڪر کي تون چوين، ته لکڻ پڙهڻ سک، نه ته تنهنجي رياست ۽ تُنهنجي پيءُ جي دولت، توکي نه ملندي ۽ تون، اُنهيءَ سعادت کان نا اُميد رهجي ويندين، پر ڇوڪر، اُهو تنهنجو چوڻ نه سمجهندو ۽ اِنهيءَ ڳالهه جو، هُن جي دل تي ڪو به اثر نه ٿيندو. ليڪن جيڪڏهن تون، اُنهيءَ ڇوڪر کي چوندين ته جي تون نه پڙهندين ته اُستاد، تُنهنجا ڪن مروڙيندا، ته اِنهيءَ ڳالهه کان ڇوڪر، البته ڊڄندو، ڇالاءِ جو اُها سزا، هو چڱيءَ طرح سمجهي ٿو. انهيءَ طرح، جسماني دوزخ، حق آهي ۽ خداوند ڪريم جي درگاهه کان نا اُميدي جي باهه به حق آهي. جهڙيءَ طرح گوشمالي، رياست ۽ دولت کان نا اُميد ٿيڻ جي مقابلي ۾ ڪي به ڪين آهي ۽ تمام خسيس سزا آهي، تهڙيءَ طرح جسماني دوزخ به، روحاني دوزخ جي مقابلي ۾، تمام هلڪو عذاب آهي.

## فصل چوڏهون

شايد تون چوندين، ته جيڪي عالمن چيو آهي، ۽ پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو آهي، اُنهيءَ جي برخلاف، هيءُ بيان آهي، ڇا لاءِ جو، هُنن چيو آهي، ته فقط تقليد ۽ ٻُڌڻ ۽ وسهڻ سان ماڻهو، هي ڳالهيون معلوم ڪري سگهي ٿو. عقل ۽ بصيرت جو، اُنهيءَ ۾ ڪو به دخل ڪونهي. اُنهيءَ جو جواب هيءُ آهي، ته عالمن جو عذر، جيڪو اسين اڳئي بيان ڪري چڪا آهيون ۽ هيءَ ڳالهه، انهيءَ جي برخلاف ناهي، ڇالاءِ جو آخرت جي بيان ۾، جيڪي عالمن چيو آهي، سو سچ آهي، ليڪن هُو، محسوسات يا ظاهري اَسباب ۾ رهيا آهن. روحانيات کي هُنن، نه سُڃاتو آهي، يا جي سُڃاتو اٿن، ته انهن جو بيان نه ڪيو اٿن، جو اڪثر ماڻهو، اُهو نه سمجهندا آهن ۽ جيڪي جسماني حالتون آهن، سي شرع وارن جي تقليد ۽ اُنهن جي بيان ٻُڌڻ کان سواءِ، معلوم ٿي نه سگهنديون، ليڪن هيءُ ٻيو قسم، روح جي حقيقت جي معرفت جي شاخ آهي. انهيءَ جو ڄاڻڻ به، بصيرت ۽ باطني مشاهدي جي رستي ٿيندو آهي. اِنهيءَ جي مرتبي کي، اُهو سڃاڻي ٿو، جو پنهنجي وطن کان نڪري، پنهنجي جمڻ جي جاءِ ۾ نه رهي ۽ دين جي واٽ جو سفر اختيار ڪري. هتي، وطن ۽ جمڻ جي جاءِ مان، شهر ۽ گهر مراد ناهي، ڇالاءِ جو اُهو، بدن جو وطن آهي ۽ بدن جو سفر، ڪي به ڪين آهي، ليڪن روح، جو آدميءَ جي حقيقت آهي، تنهن جو به هڪڙو رهڻ جو هنڌ آهي، يعني جتان هو آيو آهي، اُهوئي اُن جو وطن آهي. اُتان روح، سفر ڪري آيو آهي، ۽ رستي ۾ اُن کي گهٽيون ئي منزلون ڪرڻيون ٿيون پون. هرهڪ منزل هڪڙو علحده عالم آهي. پهرين منزل، عالم محسوسات (يعني حواسن جو آهي) پوءِ عالم مخيلات (يعني، خيال) جو آهي، پوءِ عالم موهومات (يعني وهم جو)

آهي، پوءِ عالم معقولات (يعني عقل) جو آهي. انهيءَ چوٿينءَ منزل يا عالم ۾، روح کي، پنهنجيءَ حقيقت جي خبر تي پوي. تنهن کان اڳتي، هُن کي، ٻي ڪابہ خبر نٿي پوي. هيٺئين هڪڙي ئي مثال مان، ماڻهوءَ کي، اُنهن چئني عالمن جي سمجهاڻي ملي سگهي ٿي.

**مثال:** جيسين ماڻهو، عالمِ محسوسات ۾ آهي، تيسين پروانن يا پتنگن جي درجي تي آهي، جي ڀاڻ کي، شمع تي ڪيرائيندا آهن، ڇالاءِ جو، پرواني کي، ڏسڻ جي سگهہ آهي، ليڪن خيال، يا ياد رکڻ جي قوت نہ اٿس، جو اُونڌائيءَ کان بچڻ جي ڳڙکي ڳولي ٿو ۽ شمع يا بتيءَ کي، ڳڙکي يا دري سمجهي، اُن تي ڪري ٿو. اُن ۾ باهہ ڏسي ٿو، پر اُها تڪليف، اُن کي، ياد نٿي رهي ۽ اُن جو ڪوبہ خيال نٿو رهيس، هن ڪري جو هن کي خيال ۽ يادگيريءَ جي قوت ڪانهي ۽ اُنهيءَ بتيءَ تي، اُهو پهتو ئي نہ آهي، تنهن ڪري، بتيءَ تي، ذري ذري ڪري ٿو يا مري پوي ٿو. جيڪڏهن اُن کي، خيال ۽ يادگيريءَ جي قوت هُجي ها، تہ هڪڙي ڀيري، جڏهن تڪليف پهتي هيس، تڏهن وري، بتيءَ وٽ نہ اچي ها، ڇالاءِ جو، ٻيا جانور، جڏهن هڪ دفعي مار کائين ٿا، تڏهن هُو ياد رکن ٿا ۽ ٻيو ڀيرو، لڪڻ ڏسي، ڀڄي وڃن ٿا. ماڻهوءَ جي پهرين منزل، عالم محسوسات آهي.

**ٻي منزل:** عالم مخيلات يا خيالات جو عالم آهي. جيستائين ماڻهو، هن درجي تي رهي ٿو، تيسين مرُن ۽ حيوانن جي برابر آهي. جن شين مان اُن کي ايذاءُ پهچي، تنهن جي پهرين تہ خبر ڪانہ ٿي پويس تہ اُنهيءَ کان ڀڄڻ گهرجي، پر جڏهن هڪڙو ڀيرو ايذاءُ سهي ٿو، تڏهن ٻيو ڀيرو انهيءَ کان ڀڄي ٿو.

**ٽين منزل:** عالم موهومات آهي. جڏهن اُنهيءَ درجي تي ماڻهو اچي ٿو، تڏهن، ٻڪريءَ ۽ گهوڙي جي برابر ٿئي ٿو، سواءِ ايذاءُ سهڻ جي ڀڄي ٿو ۽ پريندئي، پنهنجن دشمنن کي سڃاڻي ٿو، هن ڪري، جو جنهن ٻڪريءَ يا رڍ، بگهڙ کي ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي ۽ جنهن گهوڙي، ڪڏهن شينهن نہ ڏٺو آهي، سي جڏهن پريندي، بگهڙ ۽ شينهن ڏسن ٿا، تڏهن اُنهن کان ڀڄن ٿا ۽ اُنهن کي، پنهنجو دشمن سمجهن ٿا، ليڪن ڏاند، اُٺ ۽ هاٿي، جي بگهڙ ۽ شينهن کان قد ۾ تمام وڏا آهن، سي اُنهن کان نٿا ڀڄن. اها سمجهہ، خُدا، اُنهن کي باطن ۾ ڏني آهي. اُنهيءَ هوندي، بہ، جا شيءِ، سڀاڻي ٿيڻ واري آهي، تنهن کان نٿا ڀڄن، جو اِهو رُتبو چوٿينءَ منزل ۾ حاصل ٿو ٿئي.

**چوٿين منزل:** عالم معقولات جي منزل آهي. هيستائين ماڻهو، جانورن جي قطار آهي. جڏهن هن منزل تي پهچي ٿو، تڏهن جانورن جي حد کان لنگهي وڃي ٿو. حقيقت ڪري ماڻهو هِتي، عالمِ انسانيت جي شروعات ۾ پهچي ٿو، ۽ اهڙيون شيون ڏسي ٿو، جن ۾ خيال ۽ وهم جو ڪوبہ دخل ڪونهي ۽ جيڪي آئيندي ٿيڻو آهي، اُنهيءَ کان گوشو ڪري ٿو ۽ ڪمن جي حقيقت کي، انهن جي صورت کان ڌار ڪري ٿو ۽ سڀ شيءِ جي حقيقت، جا سڀني صورتن سان شامل رهي ٿي، تنهن کي پهچي ٿو. ۽ جيڪي شيون، هِن

عالم ۾ ڏيکائي ڏين ٿيون، سي ڳڻتيون نہ آهن، ڇالاءِ جو جيڪا شيءِ، مُحسوس آهي يا حواسن سان معلوم ٿي سگهي ٿي، سا جسم ڪان ٻاهر ناهي ۽ جسمن کي، نهايت ننڍي پڇاڙي آهي. عالم، محسوسات ۾، ماڻهوءَ جو مورتڻ ۽ هلڻ، اهڙو آهي، جهڙو زمين تي هلڻ، ڇالاءِ جو سڀ ڪو، انهن ڪري سگهي ٿو ۽ گهمي ڦري سگهي ٿو ۽ چوٿين عالم ۾، يعني معقولات جي عالم ۾ ماڻهوءَ جو هلڻ، شين جي حقيقتن ۽ روحن جي تلاش جي لاءِ تو ٿئي، ۽ اُهو، اهڙو آهي، جهڙو ٻيڙيءَ ۾ ويهڻ. جو پاڻيءَ ۽ مٽيءَ ۾ اُن جو درجو آهي. معقولات جي درجي جي پريان، ٻيو هڪڙو درجو يا منزل آهي، جتي انبياءَ ۽ اولياءَ ۽ صوفي رهن ٿا. اُنهيءَ جو مثال اهڙو آهي، جهڙو هوا ۾ پرواز ڪرڻ ۽ سير ڪرڻ. اهوئي مضمون هو، جنهن بابت، رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي ماڻهن عرض ڪيو تہ عيسيٰ عليه السلام، پاڻيءَ تي هلندو هو ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ هائو! "وَلَو ازدَادَ يَقيناً لَمشيٰ في الهَوَاءِ" (يعني، جيڪڏهن هُن جو يقين، اڃا بہ زياده هُجي ها تہ جيڪر هُو، هوا تي بہ هلي ها). تنهن ڪري ماڻهوءَ جي سفر جون منزلون، عالم، ادراڪ ۾ آهن. جڏهن آخرين منزل تي پهچي ٿو، تڏهن، ملائڪن جي مرتبي تي رسي ٿو. تنهن ڪري چوپائي جانورن جو جيڪو آخرين يا هيٺيون درجو آهي، اُنهيءَ کان وٺي، ملائڪن جي اعليٰ درجي تائين، ماڻهوءَ جي معراج يا چڙهڻ جون منزلون آهن ۽ هيٺ مٿي اُچڻ وڃڻ، سڀ هُن جو ڪم آهي ۽ هُو، انهيءَ خطري ۾ آهي، تہ اسفل السافلين ۾ ڪري ٿو يا اعليٰ عليين تي چڙهي ٿو. انهيءَ خطري جو، قرآن شريف ۾ حق تعاليٰ هن طرح ارشاد فرمايو آهي تہ:

"اَنّا عَرَضنَا الاَمَانَةَ عَلَي السمٰوات وَالاَرض وَالجبَال فَابَينَ اَن يَحملنَهَا وَاَشفَقنَ منهَا وَحَملَهَا الانسَانُ اِنَّـهُ كَانَ ظَلُوماً جَهُولا" (يعني، اسان ڏيکاري اَمانت آسمان ۽ زمين ۽ جبلن کي، تہ سڀني اُن جي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ اُنن کان ڊڄي ويا ۽ اُنسان، اُها کڻي ويو. تحقيق! هو نهايت ظالم ۽ جاهل آهي).

هن ڪري، جو جيڪي جمادات آهن، اُنهن جو درجو، نٿو بدلجي، جو اُهي بي خبر آهن. تنهن ڪري، جمادات کي خطرو نہ آهي ۽ ملائڪ، اعليٰ عليين ۾ آهن. اُنهن جو، انهيءَ درجي کان لهڻ ممڪن ناهي، بلڪ سڀ ڪنهن جو درجو، اُنهيءَ تي تعلق آهي، جيئن قرآن ۾ آيو آهي، جو حق تعاليٰ ملائڪن جو قول نقل ڪيو آهي تہ:

"وَمَامِنّا اِلاّ لَهُ مَقَام مَعلُوم" (يعني، نہ آهي اسان مان ڪو، مگر اُن جي لاءِ مقام مقرر آهي).

۽ چوپايا جانور، اسفل السافلين ۾ آهن ۽ اُنهن جو چڙهڻ ممڪن ناهي ۽ انسان ٻنهي درجن جي وچ ۾ آهي ۽ خطري جي جاءِ ۾ آهي، ڇالاءِ جو هن کي، ملائڪن جي درجي تي چڙهڻو آهي ۽ جانورن جي درجي تي لهڻو آهي. ٻيئي، هن جي لاءِ ممڪن آهن، ۽ امانت کڻڻ جي اهائي معنيٰ آهي تہ خطري وارو ڪم، هُن پنهنجي ذمي ڪيو آهي. تنهن

ڪري ممڪن نا هي تہ ماڻهوءَ کان سواءِ، اُنهيءَ اَمانت جو بار، ٻيو ڪو کڻي سگهي. هن بيان مان، مطلب هيءُ آهي تہ هو، جو تو چيو ٿي تہ اڪثر ماڻهو، اِئين نٿا چون، تنهنجو حال توکي معلوم ٿئي تہ هنن جو ائين چوڻ، ڪا عجب جي ڳالهہ نا هي، ڇالاءِ جو مسافر هميشہ، مقيم جو ضد آهي. مقيم گهڻا آهن، ليڪن مسافر ٿورا آهن. محسوسات ۽ مخيلات، جي پهريون منزلون آهن، سي جو شخص، پنهنجو وطن بنائيندو ۽ اُتي ئي جاءِ ڪري ويهي رهندو تہ اُنهيءَ کي، ڪمن جي حقيقت بالڪل معلوم نہ ٿيندي ۽ اُهو شخص، ڪڏهن بہ روحاني نہ ٿيندو ۽ ڪمن جي روحن ۽ روحانيات کي، ڪڏهن بہ نہ ڄاڻندو. انهيءَ ڪري، اُنهيءَ جو بيان، ڪتابن ۾ تمام گهڻ آيل آهي. آخرت جي معرفت بابت، اِيتري بيان تي، اسين ڪفايت ڪريون ٿا . اُنهيءَ کان وڌيڪ، ماڻهن کي، اُنهيءَ جي سمجهہ بہ نہ پوندي.

## فصل پندرهون

گهڻا احمق ماڻهو، جن کي نہ اها قوت آهي، تہ ڪَمن کي، پنهنجيءَ بصيرت سان سڃاڻن ۽ نہ اها توفيق آهي تہ شريعت سان اهي مڃن. اُهي، آخرت جي ڪمن ۾، موڙهل آهن ۽ مٿن، شڪ غالب آهي ۽ ٿئي اِئين ٿو، تہ جڏهن خواهش، مٿن غالب ٿئي ٿي ۽ آخرت کان انڪار ڪرڻ، اُنهن کي پسند اچي ٿو، تڏهن هُنن جي دل ۾، اهو انڪار پيدا ٿئي ٿو ۽ اُنهيءَ کي شيطان پيو ذائي ۽ هُو سمجهن ٿا تہ دوزخ بابت جيڪي چيل آهي. سو فقط ڊيڄارڻ لاءِ آهي ۽ بهشت جي لاءِ، شريعت ۾ جيڪي چيل آهي، سو فقط نڱارڻ لاءِ آهي. انهيءَ ڪري، خواهشن جي پيروي ڪرڻ ۾ مشغول ٿا رهن ۽ شريعت کان انڪار ٿا ڪن، ۽ شرع وارن کي، حقارت جي نظر سان ٿا ڏسن. هي احمق سمجهن ٿا ۽ چون ٿا تہ اُهي ماڻهو، اَڻ ڄاڻ ۽ مست آهن. اهڙن نادانن کي، اها طاقت ڪٿي آهي، تہ اهڙين ڳجهين ڳالهين کي، حجت ۽ دليل سان سمجهي سگهن؟ اهڙي هڪڙي احمق کي، هڪڙيءَ ظاهريءَ ڳالهہ بابت ويچار ڪرڻ لاءِ سڏڻ گهرجي ۽ چوڻ گهرجي، تہ جيتوڻيڪ توکي اهو پڪو شڪ آهي، تہ هڪ لک چوويهہ هزار پيغمبر ۽ سڀ حڪيم ۽ علماءَ ۽ اولياءَ غلط آهن ۽ سڀ نڳجي ويا آهن ۽ تون، ايتري ناداني ۽ هَٺ هوندي، اِهو راز سمجهين ٿو، تڏهن بہ امڪان آهي، تہ تون ئي غلط هجين ۽ نڳيو هجين ۽ آخرت جي حقيقت کي، تون نہ ڄاڻتو هجي ۽ روحاني عذاب کي، نہ سمجهيو هُجيئي ۽ عالم محسوسات مان، روحانيت جي مثال جو طرز، تو معلوم نہ ڪيو هجي. جيڪڏهن هُو، اَهڙو نادان آهي، جو ڪنهن بہ طرح، پنهنجي غلطي نہ قبولي ۽ چوي تہ جهڙيءَ طرح، آءٌ، ٻن کي هڪڙي کان زياده ٿو ڄاڻان، تهڙيءَ طرح، هيءُ بہ ٿو ڄاڻان، تہ روح، ڪي بہ ڪين آهي ۽ اُنهيءَ کي، ڪو بہ بقا نا هي ۽ روحاني توڙي جسماني رنج جو امڪان ڪونهي. تہ اهڙي شخص جي طبيعت، بگڙي وئي آهي، ۽ اُنهيءَ کان، نااُميد ٿيڻ گهرجي. اُهو، اُنهن ماڻهن مان آهي، جن بابت حق تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

"وَاَن تَدعُهُم اِلَي الهُدَيٰ فَلَن يَّـهتَدَوا اِذاً اَبَداً" (يعني، جيڪڏهن تون هُنن کي هدايت ۽ سنئين رستي ڏانهن سڏيندين ته هُو، ڪڏهن به ڪين ايندا.)

۽ جيڪڏهن هُو چوي ته، جي ڪمن جي محال هئڻ جو مون کي يقين ڪونهي، اگرچه ممڪن آهي، ته به عقل کان بعيد آهي ۽ جڏهن اِنهيءَ ڳالهه جي مون کي پڪ ڪانهي ته اُن جو پڪ شڪ آهي، تڏهن پنهنجي سڄي عمر، پاڻ کي پرهيزگاريءَ جي ڪوٺيءَ ۾، چو بند ڪريان ۽ دنيا جي لذتن کان چو پاڻ کي روڪيان؟ ته اُنهيءَ کي، اسين هيءُ جواب ڏينداسين ته هاڻي، تو ايترو قبول ڪيو، تنهن ڪري توتي عقل جي رستي واجب ٿيو، ته شريعت جي واٽ وٺين، ڇالاءِ جو جڏهن گهٽي خوف خطري جو گمان ضعيف هجي، ته به ماڻهوءَ انهيءَ کان پري ڀڄندا آهن. مثلاً جيڪڏهن تون کو طعام کائڻ گهرين ۽ کو چوي ته اُنهيءَ ۾ نانگ، واتُ وڌو آهي، ته هڪدم تون هٿ روڪي وٺندين. جيتوڻيڪ اهو گمان گذري تو، ته اُنهيءَ ماڻهوءَ، ڪوڙ ڳالهايو هوندو، اِنهيءَ لاءِ، ته جي تون نه کائين ته پوءِ، هُو پاڻ کائي. تڏهن به اِها ڳالهه ممڪن آهي، ته هُن سچ چيو هجي. تنهن ڪري تون پنهنجيءَ دل ۾ ويچار ڪرين تو، ته اُهو طعام نه کان، انهيءَ کان، بُک ۾ رهڻ جي تڪليف ڪٽڻ آسان آهي. جو متان آءٌ کان ۽ سچ هجي ۽ آءٌ مري پوان. ساڳيءَ طرح، جي تون بيمار هجين ۽ مري وڃڻ جو خطرو هجيئي ۽ تعويذ لکڻ وارو چوي، ته هڪڙي روپيه جيتري چاندي ڏي، ته تنهنجي چڱي ڀلي ٿيڻ لاءِ، ڪاغذ تي، توکي هڪڙو تعويذ لکي ڏيان ۽ نقش ڪڍي ڏيان. هاڻي، جيتوڻيڪ توکي پڪو گمان به هجي ته نقش جو تندرستيءَ سان ڪهڙو واسطو آهي، تڏهن به تون، دل ۾ چوندين، ته شايد، هيءُ سچ به چوندو هجي ۽ هڪڙو رُپيو ڏيڻ سولو آهي. يا جيڪڏهن نجومي چوي، ته جڏهن فلاڻيءَ جاءِ تي چنڊ اَچي، تڏهن فلاڻي دوا کاءُ، ته چڱو ڀلو ٿيين. هُن جي چوڻ تي، اونهيءَ دوا پيئڻ جي تڪليف، تون ڪٽندين. دل ۾ چوندين ته شايد، هيءُ سچ چوندو هوندو ۽ جيڪڏهن ڪُوڙ به ڪٿي چوندو هجي، ته به دوا پيئڻ جي تڪليف آسان آهي. هاڻي، هڪ لک چوويهه هزارن پيغمبرن جو قول ۽ دنيا جي هيترن بزرگن، يعني حڪيمن ۽ عالمن ۽ اوليائن جو، انهيءَ قول تي اعتبار وارو ٿيڻ، ڪنهن عقل واري جي اڳيان، نجوم يا تعويذ لکڻ واري يا هڪڙي آتش پرست طبيب جي قول کان گهٽ نه هوندو! هُن جي چوڻ تي، تون ٿوري تڪليف ۾ پاڻ تي هموار ڪرين تو، انهيءَ لاءِ ته جيڪا به وڏي تڪليف آهي، تنهن کان ڇُٽين ۽ ٿورو رنج ۽ نقصان، گهڻي رنج ۽ نقصان جي بنسبت، گهڻو گهٽ معلوم ٿو ٿئي. جيڪڏهن کو حساب ڪري، ته دنيا جي عمر ڪيتري آهي، ته معلوم ٿيندس، ته دنيا ۾، شريعت تي هلڻ جي ٿوري تڪليف ڪڍڻ، انهيءَ وڏي خطري کان گهڻو گهٽ آهي، جنهن جي خيال کان تون، پنهنجيءَ دل ۾ چوين تو ته نبي (صلي الله عليه وسلم) ۽ ٻيا بزرگ ماڻهو، سچ چوندا هجن ۽ آءٌ، اهڙي ئي سخت عذاب ۾، جهڙو هُو چون ٿا، هميشه لاءِ گرفتار ٿي پوان، ته پوءِ ڪيئن ڪندس؟ ۽ دنيا جي ٿوري وقت جي راحت مان، مون کي ڪهڙو فائدو پهچندو؟ ۽ اِمڪان آهي ته اُهي بزرگ، سچ چوندا هجن "ابد" جي هيءَ معنيٰ آهي، ته جيڪڏهن

ساري جهان کي، ٻاجهريءَ (چيٽي) جي داڻن سان ڪٽي ڀرجي ۽ هڪڙيءَ جهرڪي کي چئجي، تہ هزار هزار ورهيہ ۾، هڪڙو هڪڙو داڻو چُڳنديو وڃي، تہ اُهي سڀ داڻا کُٽي ويندا، پر اَبد مان، ڪجهہ بہ گهٽ نہ ٿيندو. جيڪڏهن ايتري مدت، خواه روحاني خواه جسماني، خواه خيالي عذاب هجي، تہ ڪهڙيءَ طرح برداشت ڪري سگهجي ٿو ۽ دنيا، اُن جي مقابلي ۾ ڪهڙي شيءِ آهي؟ ڪو بہ عقلمند اهڙو نہ هوندو، جو هن بابت غور ڪري ۽ ايترو نہ سمجهندو هجي تہ هيءَ ڳالهہ، ڪٿي وهم نہ هجي، ۽ اُنهيءَ کان بچڻ ۾ بالفعل، تڪليف جي پَڪ آهي، تڏهن بہ اهڙي وڏي خطري کان بچڻ يا احتياط ڪرڻ واجب آهي. هن ڪري، جيڪي ماڻهو واپار جي لاءِ، جهاز ۾ ويهن ٿا، ايتري محنت ۽ مصيبت فقط نفعي جي گمان ۽ اُميد تي ٿا ڪن. تڏهن جيتوڻيڪ، اُنهيءَ احمق کي، آخرت جي عذاب جي پَڪ نہ آهي تہ بہ تمام ضعيف گمان تہ اٿس! تہ پوءِ، جيڪڏهن پنهنجي حال تي ذرو زياده مهرباني ڪندو تہ پرهيزگاري جو بار ڪُٽي ويندو. انهيءَ ڪري حضرت علي عليه السلام، هڪڙي ڏينهن، هڪ ملحد، يعني خدا جي منڪر سان بحث ڪيو ۽ فرمايو تہ جي ائين ئي آهي، جيئن تون ٿو چوين، يعني (نعوذ بالله) خدا، آهي ئي ڪونہ، تہ پوءِ، تون بہ بچي وئين ۽ آءٌ بہ بچي ويس. پر جي ائين ئي آهي، جيئن آءٌ ٿو چوان، يعني ذات باريءَ جو وجود بيشڪ آهي، تہ پوءِ آءٌ يقيناً بچي ويس ۽ تون ڦاسجي وئين ۽ هميشہ جي عذاب ۾ رهئين. هيءَ ڳالهہ، جيڪا امير المومنين حضرت علي عليه السلام جن فرمائي، سا هن ڪري نہ هئي، تہ ڪين، جناب باريءَ جي ذات ۾ ڪو شڪ هو، بلڪ ائين چوڻ ان ملحد جي عقل مطابق هو، ڇو جو پاڻ سمجهي ويا هئا، تہ يقين جي راهہ هن ملحد جي سمجهہ ۾ نٿي اچي سگهي. انهيءَ بيان مان ايترو معلوم ٿيو، تہ جو شخص دنيا ۾ آخرت جي ثمر کان سواءِ، ٻيءَ ڪنهن شيءِ سان مشغول آهي تہ هُو، وڏو احمق آهي. غفلت ڪرڻ ۽ آخرت جي ڪمن ۾ فڪر نہ ڪرڻ، اُنهيءَ احمقائيءَ جو سبب آهي، ڇالاءِ جو، دنيا جي خواهش، هُن کي ايتري مهلت ئي نٿي ڏئي تہ هُو، آخرت جي ڪمن بابت ڪو فڪر ڪري، نہ تہ جنهن کي آخرت جي عذاب جو يقين آهي ۽ جنهن کي، پڪو گمان آهي ۽ جنهن جو ايمان ضعيف آهي، انهن سڀني تي عقل جي ڪري، واجب آهي تہ هن وڏي خطري کان ڊڄن ۽ احتياط جو رستو وٺن. "والسَّلَامُ عَلَىٰ مَنِ اتَّبَعَ الهُدَىٰ" (يعني جيڪو پيروي ڪندو هدايت جي، انهيءَ تي سلامتي ۽ سلام آهي.)

مسلمانيءَ جي عنوان جو بيان پورو ٿيو ۽ نفس جي معرفت، حق جي معرفت، دنيا جي معرفت ۽ آخرت جي معرفت جو ذڪر، هاڻي انشاءَالله تعاليٰ اسين مسلمانيءَ جي معاملات جي ارڪانن جو بيان، هن ڪتاب جي ٻئي پاڱي ۾ شروع ڪندا سين.

☆